سائين جي ايم سيد جون تحريرون

ڀاڱو 8

# پيغامِ لطيف

۽

## شاه جون وايون ۽ ڪافيون



جي ايم سيد

# سائين جي. ايم. سيد
# جون تحريرون

[پاڳوانون]

(1) پيغام لطيف
(2) شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جون وايون ۽ ڪافيون

## جي. ايم. سيد

مرتب
**ناز سنائي**

جي. ايم. سيد اڪيڊمي
سن، ضلع ڄامشورو
2012ع

# انتساب

اُن شاعر جي نالي
جنهن جون سوچون، جنهن جون سٽون،
جنهن جا ٻول،
اندر ۾ آزاديءَ جون
اُمنگون اُياريندا.

پوئينءَ ويلَ ٻـ وڙهـ وبريءَ سان وجود جي!

ـ غلام مرتضيٰ

# ٻه اکر

لطيف سائين پنهنجي زماني ۾ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي جيڪا خدمت ڪئي ۽ پنهنجي ڪلام ذريعي وطن دوستي ۽ قومپرستيءَ جو جيڪو درس ڏنو اهو نظريو جيڪو هن پيش ڪيو اهو لازوال ۽ لاثاني هو ۽ آهي. ان جي ڪيتري تشريح ڪئي وئي آهي ۽ ڪيترن تشريح ڪندڙن ان جي لازوال پيغام کي مسخ ڪري، ڀٽائيءَ کي مُلو صوفي ۽ اهڙي رنگ ۾ پيش ڪيو جو ان جي ڪلام جو اصل مقصد فوت ٿيڻ لڳو. ڇاڪاڻ ته اهو نظريو انهن ماڻهن جي راهن ۾ وڏي رڪاوٽ هو جيڪي هن وطن جي ماڻهن کي سدائين پنهنجي غلاميءَ هيٺ رکڻ جا خواهشمند هئا. ڀٽائيءَ جو اصل فڪر ۽ پيغام جي ماڻهن تائين ٿو پهچي ته پوءِ انهن ڌرين جو ته موت آهي، جيڪي واڳونءَ جيان وات ڦاڙيو ويٺيون آهن ۽ انهن ڌرين ئي ڀٽائيءَ جي ڪلام کي اهڙو رنگ ڏيڻ شروع ڪيو ۽ اهڙي تشريح ڪئي جو ڀٽائيءَ رڳو شاعر ئي رهجي ويو، ان آڏو ٻيو ڪو مقصد ڪونه هو.

سائين جي ايم سيد، سنڌ جو اهو پهريون دانشور هو جنهن ڀٽائيءَ جي پهريون دفعو جداگانه قسم جي تشريح ڪئي ۽ ”پيغام لطيف“ جهڙو شاهڪار ڪتاب لکي، ڀٽائي جي اصل صورت ڏيکاري.

سائين جي. ايم. سيد پنهنجي سڄي ڪتاب جو محور ان ڳالهه تي رکيو ۽ ان لاءِ ئي دليل ڏنا ته ڀٽائي سنڌ جو قومي شاعر هو. سندس اڳيان سنڌ ملڪ جو خاص تخيل هو. اُن آڏو سنڌي قوم جو به خاص تخيل هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ هڪڙو خاص پيغام ڏنو آهي. جنهن پيغام تي عمل ڪري، اسان هڪڙو خاص ڪم ڪري سگهون ٿا ۽ سنڌ ۽ سنڌين معرفت عالم انسان جي رهبري ۽ رهنمائي ڪري سگهون ٿا. ڀٽائيءَ جي جڏهن پهريون ڀيرو اهڙي تشريح ميدان ۾ آئي ته ان هڪڙي قسم جي هلچل پيدا ڪري ڇڏي، ڇاڪاڻ ته سائين جي ايم. سيد. پنهنجي ان ڪتاب ۾ واضح ڪيو ته:

تصوف جي نقطہ نگاهہ سان شاهہ صاحب جي ڪلام کي ڏسڻ وارن، معرفت کي روح سان، عمر کي نفس سان، ملير کي وحدانيت جي واديءَ سان،

عمر کي مادي دنيا جي بندن ۽ رڪاوٽن سان تشبيهه ڏني آهي ۽ ظاهر ڪيو اٿن تہ انهيءَ طريقي شاهہ صاحب روحن جي اصليت ۽ انجام جو قصو ٻڌائي، ڪل شي يربع اليٰ اصل، جو تفسير بيان ڪيو آهي.

منهنجي نظر ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام مان صرف اهڙي معنيٰ ڪڍڻ ساڻس سراسر بي انصافي ڪرڻ جي برابر ٿيندو. آخر هن بزرگ جو ساري زندگي، عوام جي ڏک ڏاکڙا ڏسي ساڻن گڏ گذاريو سو مٿس اثر ڪرڻ کان رهي نہ سگهيو هوندو. شاهہ صاحب نِلهو راهب نہ هو ليڪن سياست ۾ حب الوطنيءَ جي نظريي جو حامي ۽ سنڌ جو خاص تخيل رکندڙ هو.

۽ ان طرح سچي ڪتاب ۾ سائين جي ايم سيد، لطيف سائينءَ جي فڪر کي پنهنجي اصلي صورتڻ ظاهر ڪري، علمي ۽ ادبي دنيا ۾ هڪ قسم جو انقلاب آڻي وڌو ۽ سچ تہ سائين جي ايم سيد جيڪي بہ خدمتون ڪيون انهن ۾ سندس هيءَ ”پيغام لطيف“ وارو پورهيو گهڻن ڪمن تي ڀاري هو ۽ آهي. ڇو تہ واضح لفظن ۾ هن لطيف سائينءَ جي فلاسافيءَ کي ماڻهن آڏو آندو ۽ ڪلي طرح هن قسم جي ڳالهہ ڪئي.

”شاهہ صاحب جي ساري فلاسافي وطن جي بنياد تي بيهاريل هئي، وطن جي حب کي هن ايمان جو جزو ڪري ٿي سمجهيو هن کي ذاتي تجربي ۽ تواريخ جي معلومات مان پروڙ پئجي چڪي هئي تہ اعتماد جي بنياد تي قوم جو نهڻ انهيءَ وقت جي ماڻهن جي ذهني معيار جي مطابق نہ هو ۽ انهيءَ قسم جي خيالات هوا ۾ ڪوٽ اڏڻ برابر هئا.“

۽ اهو ئي سبب آهي جو سائين جي. ايم. سيد جي هن ڪتاب کي هڪ شاهڪار ۽ لازوال ڪتاب واري اهميت حاصل ٿي چڪي آهي ۽ پڙهندڙن ان کي اڄ تائين ساڳي خلوص ۽ پيار مان پڙهڻ ٿا چاهين.

سائينءَ جي اُن ڪتاب سان گڏ لطيف سائينءَ جي حوالي سان سندس ٻيو ڪتاب ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جون وايون ۽ ڪافيون“ بہ شامل ڪري، ٻنهي ڪتابن کي سائين جي. ايم. سيد جون تحريرون جلد انون ڪري ڇاپيو ويو وڃي.

**ناز سنائي**

حيدرآباد، سنڌ.
16 مارچ 2012ع

# فهرست

## [پيغام لطيف]

**فصل پهريون:**
شاهه صاحب جي زندگيءَ جو مختصر احوال

**فصل ٻيو:**
شاهه صاحب جو زمانو ۽ ان وقت جو ماحول

**فصل ٽيون:**
شاهه صاحب سنڌ جو قومي شاعر

**فصل چوٿون:**
شاهه صاحب جي تخيل واري سنڌ

**فصل پنجون:**
شاهه صاحب جي قوميت تخيل

**فصل ڇهون:**
شاهه صاحب ۽ ڊاڪٽر محمد اقبال جي نظرين تي هڪ نظر

**فصل ستون:**
شاهه جا مذهبي رايا

**فصل اٺون:**
شاهه صاحب جي ڪلام جون خصوصيتون

**فصل نائون:**
شاهه صاحب جو سنڌين لاءِ سنيهو

**فصل ڏهون:**
شاهه صاحب ۽ سياسي نظريا

**فصل يارهون:**
شاهه صاحب ۽ اسان جون جوابداريون

**فصل ٻارهون:**
شاهه صاحب جا مختلف مضمونن تي چونڊيل بيت

فصل پهريون

# شاهہ صاحب جي زندگيءَ جو مختصر احوال

سنڌ جي مشهور درويش، صوفي ۽ قومي شاعر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي حياتيءَ جو احوال جيتوڻيڪ پوري تسلي بخش تفصيل سان اڃان تائين نہ لکيو ويو آهي، پر تنهن هوندي بہ ڪيترن ئي مصنفن ان طرف توجهہ ڏنو آهي، جن مان هيٺين صاحبن جا نالا قابل ذڪر آهن:

’مير عبدالحسين خان ٽالپر‘، ’مرزا قليچ بيگ‘، ’ليلا رام وطن مل‘، ’ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي‘، ’مسٽر جيٺمل پرسرام‘، ’ڊاڪٽر سورلي‘ ۽ ’مولوي دين محمد وفائي‘.

انهن صاحبن شاهہ صاحب جي زندگيءَ جي احوال يا ڪلام جي تشريح ڪي حتي الامڪان دائره تحرير ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

جيئن تہ هن ڪتاب جو مقصد صرف شاهہ صاحب جي حياتيءَ جو احوال پيش ڪرڻ نہ آهي، بلڪ سندس پيغام جي سياسي مقصد ۽ مرادن جي سمجهڻ لاءِ ڪوشش آهي، ان ڪري شاهہ صاحب جي زندگيءَ جي سمورن قصن ۽ ڪهاڻين ڪي بيان ڪرڻ مناسب نہ سمجهي هِت فقط تعارف طور سندن مختصر احوال پيش ڪجي ٿو:

پاڻ سيد مير علي هراتيءَ جي فرزند سيد حيدر عليہ جي اولاد مان، جي سنڌ ۾ مٽياري سيدن جي نالي سان سڏجن ٿا، جي جرار پوٽا قبيلي مان آهن. اهي سيد پنهنجي نسبت امام موسيٰ ڪاظمي جي صاحبزادي جعفر (ثاني) الحواري سان ڪن ٿا.

سيد حيدر بابت تاريخي شجرن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو امير تيمور جي هندستان اچڻ جي زماني (801هہ کان 806هہ) ۾ سنڌ ۾ آيل ٿو ڏسجي. سيد صاحب سنڌ جو سير ڪندي، هالا ڪنڊيءَ ۾ آيو، جو شهر هاڻ هالن جي

نالي سان سڏجي ٿو. اتي ڪجهه وقت رهي پيو ۽ ارباب شاهه محمد هالي جي نياڻيءَ سان شادي ڪيائين. جنهن مان ڪيس سيد مير علي پيدا ٿيو. اُنهيءَ کي ٽي پٽ ٿيا: 1. سيد شرف الدين، 2. سيد احمد، 3. سيد مرتضيٰ. پهرئين جو اولاد ”شرف پوٽا“ سڏجڻ لڳا، ٻئي جو اولاد سندس فرزند سيد مير جي نالي ”ميرڻ پوٽا“ جي نالي سان مشهور ٿيو ٽئين سيد مرتضيٰ کي ڪو اولاد نه ٿيو هو ”شاهه پريا“ جي نالي سان مشهور ٿيو سندس مقبرو مانجهندن جي اُتر ۾ آهي.

مٿي ذڪر ڪيل سيدن جي اولاد جو گهڻو حصو ڪجهه وقت هالن ۾ رهڻ بعد اتان لڏي ڪجهه پنڌ تي رستي جي لڳ هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ وڃي وينو جنهن ڳوٺ جو نالو اتي جي هڪ مٽي پريندڙ فقير، جو رستي تي مسافرن جي پيئڻ لاءِ پاڻيءَ جو مٽ پريو وينو هوندو هو جي ڪري مَٽَ وارو ڳوٺ پئجي ويو. جو اڳتي هلي ڦير گهير بعد مٽياري ٿي ويو. سيدن پنهنجي عروج جي زماني ۾ ان ڳوٺ جو نالو بدلائي ”مٽ علوي“ رکڻ جي ڪوشش ڪئي. جيئن ان وقت سنڌ جي رسم الخط پارسي هئي ۽ ان ۾ ’ٽ‘ اکر نه هئڻ ڪري اهو نالو متعلوي ٿي لکڻ ۾ آيو. ان ڪري اهي سيد مٽياري يا متعلوي سيدن جي نالي سان مشهور ٿي ويا. ساڳي نموني تي لکيءَ جي ڳوٺ، وارا سيد لکياري يا لڪعلوي جي نالي سان مشهور ٿي ويا هئا. پڳي ٽوڙي جبل جي پر واري ڳوٺ جو جنهن ۾ سيد رهندا هئا، لڪ واري ڳوٺ يا لڪي نالو پئجي ويو. جنهن تي سيدن پنهنجي عروج جي زماني ۾ لڪعلوي نالو رکيو هو. ان ڪري اهي سيد به لکياريءَ يا لڪعلوي سيد سڏجڻ لڳا.

مٿي ذڪر ڪيل سيدن جي هالن مان لڏي مٽياري وڃي ويهڻ جو پورو زمانو معلوم ٿي نه ٿو سگهي. ليڪن قديم روايات مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته هو 830 هه کان 840هه جي وچ ڏاري اوڏانهين لڏي ويل ٿا ڏسجن. مٽيارين ۾ گهڻي وقت رهڻ بعد جڏهن سندن اولاد گهڻو ٿيو ۽ وڌيا ويجهيا، تڏهن گذر جي تنگي، باهمي تعصب، ۽ گهرو جهيڙن، رسم رواج جي خرابين ۽ خامين ڪري هنن مان ڪيترن مٽيارن کي ڇڏي وڃي، ٻاهر ٻين ڳوٺن ۾ پنهنجي سهوليت خاطر رهڻ شروع ڪيو.

مٽيارين جي رهائش جي دوران ۾ سيدن جو خاندان ڇئن مکيه قبيلن ۾ ورهائجي ويو:

## الف: جرار پوٽا:

هي سيد جلال عرف جرار جو اولاد هئا. انهيءَ قبيليءَ چار مکيہ درويش پيدا ڪيا. هن وقت مٽيارين جي شهر ۾ انهيءَ قبيلي جو "ڄاموٽ" سيد عالي شير آهي.

## 1. سيد شاهہ رڪن الدين:

هي صاحب پير طريقت هو. ڪيس فيض, مخدوم بلاول رحمت اللہ عليہ جي خليفي مخدوم ساهڙ (سوائي) لنجار کان مليو. شاهہ رڪن الدين جو مقبرو مٽيارين جي شهر ۾ آهي, سندس وفات جي پوري تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي آهي, ليڪن معلوم ائين ٿئي ٿو تہ 950 هہ ۽ 980 هہ جي وچ ڌاري وفات ڪئي ٿي ڏسجين.

مخدوم ساهڙ جو مقبرو انڙپور اسٽيشن جي ڀر ۾ ٽڪريءَ تي آهي.

## 2. سيد هاشم شاهہ (سخي):

هي صاحب سندس پڙڏاڏي شاهہ رڪن الدين رحمت الله عليہ جو سلسليوار فيض يافتہ هو. پاڻ 14 ربيع الاول 1100هہ ۾ وفات ڪيائون, سندن مزار مٽيارين ۾ شاهہ رڪن الدين جي قبي جي ڀر ۾ آهي, جتي سال بسال مٿين تاريخ تي ميلو لڳندو آهي ۽ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو زيارت لاءِ گڏ ٿيندا آهن.

سندن اولاد مان هن وقت مسند نشين پير حاجي بقادار شاهہ آهي. سخي هاشم شاهہ ڪيترن مٽياري سيدن جو 'ڏاڏو' پير آهي.

## 3. سيد شاهہ عبدالڪريم:

هي صاحب مٽيارين جي شهر ۾ 944هہ ۾ ڄائو ۽ وڏي ٿيڻ بعد اتان لڏي ٺٽڏي محمد خان (گوني) تعلقي جي بلڙي ڳوٺ ۾ وڃي سڪونت پذير ٿيو. هن سيد عبدالقدوس يا شاهہ ابراهيم بخاريءَ کان فيض طريقت حاصل ڪيو جو صاحب قادري طريقي جو بزرگ هو. سندس ملاقاتون مخدوم نوح ؒ سان بہ گهڻيون ٿيون هيون ۽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ انهيءَ صحبت ۾ بہ مٿس گهڻو اثر ٿيو. هو صاحب ناميارو شاعر ٿي گذريو آهي. صبر ۽ ڪانڌ ۾ خاص شهرت حاصل ڪيائين, جنهن بابت ڪيئي قصا مشهور آهي. پاڻ 1030هہ

۾ بلڙي جي ڳوٺ ۾ وفات ڪيائون، سندن مقبرو بہ اتي آهي. سندن وفات جي تاريخ 5 ذوالقعد تي سال بسال اتي ميلو لڳندو آهي، جتي هزارين معتقد زيارت لاءِ ايندا آهن. جتي ذڪر، سماع ۽ راڳ ٿيندو آهي. سندن درگاهہ جو مسند نشين هن وقت پير ميان غلام حيدر شاهہ آهي.

### 4. سيد شاهہ عبداللطيف ڀٽائي:

جنهن جي حياتيءَ جو احوال مختصر طرح هيٺ ڏنو ويندو ۽ جنهن جي پيغام جي تشريح لاءِ هي ڪتاب لکيو ويو آهي.

### ب: باقيل پوٽا:

هن قبيلي جا فرد سيد محمد باقر جي اولاد مان آهن. هن پاڙي مان ڪيترا درويش ۽ عالم تي گذريا آهن. سيد شهمير شاهہ مشهور عالم ۽ صاحب شريعت بزرگ (جو مولوي محمد هاشم ٺٽوي جي گروهہ جو هو) بہ ان قبيلي مان هو. انهيءَ پاڙي جو "چاموٺ" هن وقت سيد حاجي محمد شاهہ هڪ ديندار شخص ۽ آزاد خيال وڏو زميندار آهي.

### ج: موسيٰ پوٽا:

هن پاڙي وارا سيد محمد موسيٰ شاهہ جي اولاد مان آهن. هن خاندان مان ڪيترا وڏا زميندار بااثر شخص تي گذريا آهن. هن قبيلي جو وڏو سيد طيب شاهہ مخدوم نوحؒ جي مکيہ خليفن مان هو ۽ اجا تائين انهيءَ خاندان جو تعلق، مخدوم هالن وارن سان هليو اچي. هن وقت انهيءَ قبيلي جو چاموٺ سيد محمد علي شاهہ هڪ بااثر، سمجهدار ۽ وڏو زميندار آهي.

### د: ميئن پوٽا:

هن پاڙي وارا سيد، سيد مئينڏني شاهہ ولد سيد محمد جي اولاد مان آهن. سيد ميئنڏني شاهہ جي فرزند سيد احمد کي بہ پٽ ٿيا، هڪ سيد اشرف شاهہ جنهن جي اولاد سعيد پور نالي ڳوٺ، گوني تعلقي ۾ هڏايو جن مان سيد محمد ڪامل شاهہ مشهور معروف تي گذريو آهي ۽ ان جا پائيتا اجا اتي رهن ٿا.

ميئنڏنو شاهه جي فرزند سيد احمد کي ٻيو پٽ سيد ڏٽي ڏنو شاهه هو. جنهن جو فرزند سيد ابراهيم شاهه ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي سمي سنڌ جي حاڪم جي وزيراعظم دريا خان جو دوست هو ۽ ان وقت چانگن جي بغاوت کي ختم ڪرڻ جي مهم ۾ هو شهيد ٿي ويو. سندس مزار خانوٽ تعلقه ڪوٽڙي جي پر ۾ آهي. سيد ابراهيم شاهه کي ٻه فرزند هئا. هڪ سيد بدر الدين شاهه هو جنهن جو پوٽو سيد حيدرؒ هڪ مشهور معروف سنڌ جو عالم حاجي حافظ ۽ صاحب طريقت بزرگ هو ۽ هو مخدوم بلاولؒ جي خاص خليفن مان هو.

سيد حيدرؒ مخدوم بلاول سان گڏ. سمي گهراڻي جي سنڌي حاڪمن جي اقتدار کي لڏندڙ ڏسي، شاهه بيگ ارغون جي مخالفت ۾ آخري ڪوشش ڪئي. سيد محمد ميران جونپوري جڏهن افغانستان ڏي سنڌ مان لنگهي وڃي رهيو هو ۽ پنهنجي مهدوي طريقي جي اشاعت به ڪندو ٿي ويو. تڏهن شاهه حيدرؒ طرفان ان جي کلي مخالفت ٿي، جنهن ۾ چوڻ اچي ٿو ته مخدوم صاحب جي رسد جي هڪ ٻيڙي به ٻڏي ويئي.

سيد صاحب انهيءَ تحريڪ ۾ سنڌي اقتدار لاءِ خطرو محسوس ڪيو هو. ان ڪري ئي ان جي مخالفت ٿي ڪيائون. سيد حيدرؒ سن جي ڳوٺ ۾ 4 شعبان بروز سومر 937هه ۾ وفات ڪئي، ۽ سندس مزار به اتي آهي. جتي سال به سال انهيءَ تاريخ تي سندس ميلو ٿئي ٿو جنهن ۾ آس پاس جا هزارها ماڻهو زيارت لاءِ اچي ختمي ۾ شريڪ ٿين ٿا. سندن مسند جو هاڻوڪو جاءِ نشين هن ڪتاب جو لکندڙ آهي.

سيد ابراهيم شاهه جو ٻيو فرزند سيد ڏٽي ڏنو شاهه هو جنهن جي اولاد کي ڳاڙها سيد ڪري سڏيندا آهن. هنن جا پويان لڏي وڃي ڪوٽڙيءَ ۾ ويٺا، جن منجهان سيد علي اڪبر شاهه مشهور معروف ٿي گذريو آهي. انهن مان سيد ڪبير شاهه لسٻيلي وارو مشهور شاعر به پيدا ٿيو جنهن جي مزار اٿل جي ڳوٺ لسٻيلي رياست ۾ آهي. مٿي ذڪر ڪيل مختصر تاريخ مٽياري خاندان جي سيدن جي پڙهندڙن جي واقفيت لاءِ تعارف طور پيش ڪئي ويئي آهي، شاهه عبداللطيف پڻ انهيءَ خاندان جو فرد هو. هو صاحب، سيد شاهه حبيب جو فرزند هو ۽ 1102هه مطابق 1690ع ۾ تعلقي هالا جي ڳوٺ ڀئي پور ۾ ڄائو هو. جو ڳوٺ هن وقت شاهه جي ڀٽ کان 9 ميل پري ويران

پيو آهي. سندس جمڻ واري هنڌ پراڻي نصير واهہ جي ڪپ تي لونگ فقير خيرپور رياست واري جي نهرايل مسجد موجود آهي.

شاهہ صاحب، شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي فرزند شاهہ جمال جو پڙپوٽو آهي. هن ابتدائي تعليم ۽ تربيت پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي. جڏهن مڪاني ملان ۽ مولوي، پير ۽ فقير سندس علمي ۽ روحاني اُڃ کي سيراب نہ ڪري سگهيا، تڏهن فقيري ويس ڪري، سنڌ جي سير تي نڪري پيو ۽ جهنگ، جبل، درياءَ، برپٽ، ٿر ۽ بَر ڏوري ۽ جهاڳي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گهميو جنهن ڪري هن طبقي جي ماڻهن سان ملڻ ۽ رهڻ جو موقعو مليس ۽ سندس حالات، جذبات ۽ روايات مان پوريءَ طرح واقف ٿي سگهيو. انهيءَ دوران ۾ سنڌ جي مکيہ عالمن، فقيرن، صوفين، جوڳين، بيراڳين جي صحبت بہ حاصل ڪيائين.جن درويشن جي صحبت ۾ گذارڻ جو موقعو مليس، تن مان مکيہ هينيان هئا:

### 1. شاهہ عنايت صوفي (شهيد)

سندس رهائش جهوڪ تعلقي ميرپور بنوري ۾ هئي، سندس مقبرو بہ اتي آهي. پاڻ 1130هہ ۾ شهيد ڪيا ويا. سندس شهادت جي ڏينهن 17 صفر تي ميلو لڳندو آهي. جتي هزارها ماڻهو زيارت لاءِ ايندا آهن. هو وڏو باڪمال ۽ صاحب اثر بزرگ هو سندس مفصل احوال ٻئي فصل ۾ ايندو.

### 2. مخدوم محمد معين ٺٽوي

هي بزرگ ٺٽي شهر جو رهاڪو وڏو عالم ۽ درويش هو هو شاهہ ولي الله دهلويءَ جي مکيہ شاگردن مان هو. شاهہ صاحب سان خاص دوستي هيس، 1160 هہ ۾ وفات ڪيائين.

### 3. شاهہ عنايت الله رضوي

هي صاحب نصرپور جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. سيد نصير الدين ولد سيد خير الدين شاهہ بکريءَ جي اولاد مان هو.

شاهہ صاحب جي زماني ۾ پير مرد ٿي چڪو هو. سنڌيءَ جو عمدو شاعر هو سندس قلمي رسالو اڄ بہ موجود آهي. نصرپور ۾ سندس مزار آهي. سندس خاندان مان مصري شاهہ سنڌ جو نامورَ شاعر تازو ٿي گذريو آهي.

**4. مخدوم محمدي**

خيرپور رياست جي کهڙن جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. هڪ وڏو ديندار ۽ درويش شخص هو. 1171هه ۾ وفات ڪيائين.

**5. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي**

هي ٺٽي جي شهر ۾ مشهور عالم ۽ شريعت جو پابند ۽ پرهيزگار شخص هو. سندس فتوائون مشهور آهن. 1172هه ۾ وفات ڪيائين.

**6. سيد شهمير شاهه**

باقيل پوٽا مٽياري سيدن مان هڪ وڏو عالم ۽ شريعت جو پابند شخص هو. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي مکيه شاگردن مان هو. شاهه صاحب جون ان سان گهڻيون ملاقاتون ٿينديون هيون.

**7. مخدوم صابر ولهاري**

انهيءَ وقت جي وڏن عالمن مان هڪ درويش صفت نقشبندي طريقي جو مرشد هو. سندس مقبرو تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ آهي.

**8. مخدوم محمد زمان لنواري**

هڪ وڏو اهل الله نقشبندي طريقي جو مرشد ۽ عالم فاضل شخص هو. سندس مزار ڳوٺ لنواري تعلقي بدين ۾ آهي. پاڻ 1184ع ۾ وفات ڪيائين.

**9. صاحب ڏنو فقير فاروقي**

خيرپور رياست جي درازن جي ڳوٺ ۾ رهندو هو اُتي ئي سندس مزار آهي. صوفي طريقي جو بزرگ، هو. سچل فقير سنڌ جي مشهور معروف شاعر جو ڏاڏو هو. 1192هه ۾ وفات ڪيائين.

**10. مخدوم دين محمد سيوهاڻي**

سيوهڻ جي شهر جو هڪ وڏو عالم، صوفي ۽ سهروردي طريقي جو بزرگ هو. هي صاحب شرعي فيصلن جو ايڏو ماهر هو جو ميان نور محمد ڪلهوڙو به شرعي معاملن ۾ ڪانئن مشورو وٺندو هو.

## 11. سيد محمد بقا لکياري

سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحمت الله عليہ سندس فرزند هو جو سيني راشدي سيدن جو ڏاڏو هو جنهن جا سنڌ ۾ لکها مريد ٿيا. پير پاڳارو ۽ جهنڊي وارو ان جي اولاد مان آهن. شاهہ صاحب سان واٽ ويندي ملاقات ٿي هيس. نهايت سادي زندگي گذاريندو هو سندس مزار قبرستان شيخ طيب ۾ آهي. 1192هہ ۾ وفات ڪيائين.

## 12. مخدوم عبدالرحيم گروهڙي

هي صاحب ڳوٺ گروهڙ تعلقي ڪپري جو وينل هو. ذات جو مگريو وڏو مجذوب، عالم، مناظري ۾ مباحثي جو ماهر هو. مخدوم محمد زمان لنواريءَ جي مکيہ خليفن مان هو. نقشبندي طريقو هئس. 1192هہ ۾ شهيد ٿيو.

## 13. مدن ڀڳت

هي هڪ هندو درويش هو. شاعر بہ هو شاهہ صاحب سان خاص رستو هوس. سندس شاهہ صاحب سان رهاڻين ۽ ملاقات جا قصا گهڻو مشهور آهن. هو سندس ڳوٺ جو وينل هو. سندس ڪجهہ ڪلام سنڌ جا قديم هندو ڀڳت شاهہ صاحب جي ڪلام سان گڏ ڳائيندا هئا.

ازانسواءِ شاهہ صاحب ڪيترن ئي هندو فقيرن جي صحبت مان مستفيد ٿيو جهڙوڪ: جوڳي، ويراڳي، آڌوتي، ڪاپڙي، سامي، سنياسي ۽ نانگا وغيره. ساڻن گڏجي پاڻ سندن مندرن ۽ تيرٿ ياترائن جا سير ڪيائين ۽ سندن متن، طريقن، رسمن ۽ رواجن مان بخوبي واقف ٿيو. غالباً هندو ويدانيت جو خاص اڀياس ڪيائين. شاهہ صاحب جي گڏ ڪيل ڪلام سان گڏ سندس رسالي ۾ ڪيترن هندو درويشن جا بيت بيراڳ هنديءَ جي سر ۾ ڏنل آهن. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهڙي قسم جا بيت ۽ ڪلام سندس مجلس ۾ عام طرح ڳايا يا پڙهيا ويندا هئا. جنهن ڪري اُهي شاهہ صاحب جي ڪلام سان گڏجي ويا آهن.

شايد نوجوانيءَ ۾ سنڌ جي جدا جدا طرفن ۾ سير ڪيا هئائون. اتر طرف رياست بهاولپور مان لنگهي ملتان تائين ويل ٿو ڏسجي. هڪ دفعي شاهہ عبدالڪريم جي قبي لاءِ اُتان بيڙين رستي ڪا شيءِ بہ آندي هئائين. الهندي طرف ڏسجي ٿو تہ لسٻيلي ۽ هنگلاج ويل هو. ڏکڻ طرف سمنڊ جو

ڪنارو ڏيئي ابراهيم حيدري، ريڙهي، ڪارو ڇاڻ، پوربندر ۽ ڪڇ يج جا ڪي حصا ڏٺل ٿا ڏسجنس. ابراهيم حيدري، ريڙهي ڪاري ڇاڻ طرف شاهه عبدالڪريم ۽ سندس لسبيلي جا مريد هئڻ، انهيءَ ڳالهه جا ثابتي ٿا ڏين. ڪڇ رياست جي رهاڪن جي رسمن، رواجن ۽ قديم حڪايتن ڪي رسالي ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جنهن مان ائين معلوم ٿو ٿئي ته ڪيس ان ملڪ جو به چڱو اڀياس آهي. سر سريراڳ ۽ ساموندڙيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته شايد سمنڊ جي ڪنارن وارن ملڪن ۾ ماڻهن سان به ڪجهه وقت گذاريو اٿس.

شاهه صاحب ڪاٺياواڙ طرف به ويل ٿو ڏسجي. جهونا ڳڙهه جي سير وقت راءِ ڏياچ ۽ چارڻ جو احوال معلوم ڪري، انهيءَ کي پنهنجي ڪلام ۾ آندو اٿس. تر ۾ خاصو وقت رهيو آهي، جو مارئي جي سر ۾ اهڙو احوال اوريو اٿس، جو جڻ اتان ويهي ڪلام پيو چوي. شاهه صاحب کي جيسلمير سان به دلچسپي رهي آهي. جو چوي ٿو ته:

"جيسلمير اٽين جس، جي الله ڪارڻ لنڊيون."

شڪارپور جي طرف، نوشهري ابڙي ۽ ترائي ابڙي جي پاسي به ويل آهي، جو اتي شاهه صاحب جو اوتارو آهي ۽ چوڻ ۾ اچي ٿو ته شاهه صاحب اتي اچي رهيو هو.

درياءَ جي پير ۾ رهڻ ڪري مينهن، ڪانهن، درياءَ جي ڪنن ۽ بيٽن جو ذڪر سهڻيءَ جي سر ۾ چڱيءَ طرح بيان ڪري سگهيو آهي. زندگيءَ جو اول حصو سير ۽ سفر، ملاقاتن ۽ صحبتن ۾ گذارڻ ڪري، هن ملڪ جي ماڻهن جي حالات کان پوري واقفيت حاصل ڪئي. سنڌين جي خانه بدوش زندگي، دهقاني عادتن ۽ سادگيءَ مٿس گهڻو اثر ڪيو ٿو ڏسجي. سنڌ جي زميندارن، مولوين، پيرن ۽ حاڪمن جي صحبت مان خوش نه ٿيڻ ڪري، هن گهڻو ڪري عوام سان لاڳاپو ۽ تعلق رکيو. تصوف جي علم جو مٿس گهڻو اثر پيو. حياتيءَ جا آخري ڏينهن، ڏهاڪو کن سال هو ڀٽ تي آستان ناهي وينو ۽ پنهنجي صحبتين ۽ فقيرن سان گڏ. پنهنجي حاصل ڪيل معلومات مطابق زندگي گذارڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ ڪافي ڪلام چئي چڪو هو سو پنهنجي مجلس ۾ راڳ جي ذريعي چوائڻ شروع ڪيائين. راڳ سرود سان ڳائڻ جو مذهبي مخالفت هوندي به دستور وڌائين. چوڻ ۾ اچي ٿو ته اول سندس ڪلام به سنڌ جي بين بزرگن جي طرز تي ڳايو ويندو هو جو ڏوهيڙن ۽ لوڙائو جو نمونو هو. مخدوم نوح ؒ، غوث بهاوالحق ؒ ۽ پير پنو وغيره درويشن

جا ڪلام پڻ انهيءَ طريقي تي ڳائبا آهن. سنڌ ۾ بيت، وايون ۽ گيت نڙ، دِلي، يڪتاري يا دُهل تي ڳايا ويندا هئا يا سماع ۾ چيا ويندا هئا. ليڪن شاهه صاحب وٽ دهليءَ جي ٻن ڳوين اٽل فقير ۽ چنچل فقير نالي اچڻ بعد سندس راڳ هندستاني طريقي راڳ مطابق ڀهريون دفعو طنبور تي ڳائڻ جو رواج پيو.

شاهه صاحب کان اڳ ۾ ڪيترا شاعر سنڌ ۾ ٿي گذريا آهن ۽ پوءِ به گهڻائي ٿيا آهن. پر شاهه صاحب پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سندس مرتبو دنيا جي مکيه قومي شاعرن سان شمار ڪري ٿو سگهجي. جهڙيءَ طرح امر والقيس اسلام کان اڳ عرب جو وڏو قومي شاعر هو ۽ فردوسي ايرانين جو ۽ شيڪسپيئر انگلنڊ جو. اهڙيءَ طرح شاهه کي بجا طور سنڌ جو قومي شاعر سڏي سگهجي ٿو. چيو ته شاهه صاحب کي سنڌ جي شاعرن ۾ خاص فوقيت حاصل آهي.

هي جو چوڻ ۾ اچي ٿو ته شاهه صاحب اڻ پڙهيل آهي سو پوريءَ طرح صحيح نه آهي، چوڻ ۾ اچي ٿو ته هو سفر ۽ حضر ۾ هميشه پاڻ سان گڏ قرآن شريف، مثنوي مولانا روم ۽ شاهه عبدالڪريم جو رسالو رکندو هو جنهن مان معلوم ٿي سگهي ٿو ته هو ان وقت جي علم مان چڱي واقفيت رکندو هو. البت سَنَد يافته عالم نه هئڻ ڪري، هن کي علمي ماهرن مان شمار نٿو ڪري سگهجي. سندس ڪلام ۾ خيالات مان سندس مختلف ذريعن سان، حاصل ڪيل معلومات جو پتو پئجي سگهي ٿو. سندن وفات به عين جذب جي حالات ۾ ٿي. چيو وڃي ٿو ته هڪ دفعو وٽس راڳ ٿي رهيو هو. جڏهن مجلس متي، تڏهن مٿن اچي جذب ۽ وجد طاري ٿيو عين انهيءَ حالت ۾ سندن روح پرواز ڪري ويو. سندس وفات جي تاريخ 14 صفر 1165ھ مطابق سن 1752ع آهي. سندن مزار ڀٽ جي ڳوٺ ۾، هالن جي شهر کان 4 ميل اوير طرف آهي. سندن مقبرو غلام شاهه ڪلهوڙي ٺهرايو. ڪانئس پوءِ سندن ڀائٽئي جو پٽ سيد جمال سجاده نشين ٿيو اول ۾ گاديءَ تي تڪرار هو پر آخر ميان نور محمد ڪلهوڙي جي فيصلي مطابق سيد جمال سجاده نشين ٿيو. هن وقت سندس اولاد مان سيد پير شاهه ڏنو شاهه سجاده نشين آهي، جو فقير تن ۽ درويش منش بزرگ آهي. سندن درگاهه تي هر جمع جي رات راڳ ٿيندو آهي ۽ هر سال تاريخ 14، 15، 16 صفر جو ميلو لڳندو آهي. سندن سلسله طريقت جا مريد ۽ معتقد سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل آهن.

فصل ٻيو

# شاهه صاحب جو زمانو ۽ ان وقت جو ماحَول

شاهه صاحب ٻارهين صدي هجريءَ جي اول ۽ سترهين صدي عيسويءَ جي آخر ۾ پيدا ٿيو. سندن ماحول ۽ ان وقت جي ملڪي حالتن کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ، اهو ضروري آهي ته ان زماني کان اڳ وارين ٻن صدين اندر سنڌ ۽ ان جي آسپاس جيڪي ٿي گذريو آهي، ان جي حالتن کان واقف ٿجي. انهيءَ لاءِ ته شاهه صاحب جي نظريه زندگيءَ تي جن واقعن ۽ حالتن اثر ڪيو، تن جو پسِ منظر پوريءَ طرح معلوم ٿي سگهي تنهن ڪري آئون هن فصل ۾ هيٺين حقيقتن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس.

1. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جي اندروني سياست حالت.
2. انهيءَ وقت ڌاري سنڌ کان ٻاهر جا سياسي حالات ۽ انهن جو سنڌ جي مڪاني حالت تي اثر.
3. سنڌ جي اندر يا ٻاهر ان وقت جي سياسي يا مذهبي نظرين جو سنڌي زندگيءَ تي اثر.
4. جن بزرگن سان شاهه صاحب مليو ۽ جن جي پوئلڳن سان صحبتون ڪيائون، انهن جي حالات ۽ طريقن جو مختصر احوال.

آءٌ سمجهان ٿو ته انهن حقيقتن معلوم ڪرڻ بعد پڙهندڙن کي شاهه صاحب جي قومي پيغام. فلسفه زندگي ۽ مذهبي رجحانات جو سولائيءَ سان پتو پئجي سگهي ٿو.

### 1. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جي اندروني سياست حالت:

ڏهين صديءَ هجري جي شروعات مطابق 15 صديءَ عيسويءَ ۾ سنڌ اندر "سمن" (خالص سنڌي خاندان) جي حڪومت هئي، ۽ وقت جو

حڪمران ڄام نظام الدين عرف ڄام ننده هو. جيڪو وڏو عالم، پرهيزگار ۽ عادل حاڪم هو. سندس ڏينهن ۾ سنڌ ٻاهرين اثر کان ذري گهٽ آزاد هئي. هن صاحب جي ڏينهن ۾ ٺٽي شهر جي نئين سر تعمير ٿي، جتي ٿوري وقت اندر دور دراز ملڪن کان وڏا عالم، شاعر، درويش ۽ هنرن جا ماهر اچي ويا. جنهن ڪري ٺٽي جو شهر ستت ئي تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز ٿي پيو. ٺٽي کان سواءِ ان وقت سنڌ اندر، نصرپور، مٽياري، درٻيلو بکر، روهڙي، پاٽ، باغبان، سيوهڻ ۽ سن جا شهر پڻ تمدني ۽ تجارتي مرڪز هئا. سنڌ ان وقت دهليءَ جي مرڪزي تسلط کان مس جان ڇڏائي، مڪاني خودمختياري حاصل ڪري، پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي لائق ٿي هئي. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جي عالمن ۽ درويشن ۾ نظرين جي نقطہ نگاهہ کان ٻہ مکيہ گروهہ ٿي پيا.

**پهريون گروهہ:**

هي سنڌي تهذيب، سياسي اقتدار ۽ اندروني خودمختياريءَ ۽ ترقيءَ جو قائل هو. انهيءَ گروهہ جو اڳواڻ مخدوم بلاولؒ هو. جو سمي قوم جي شاهي گهراڻي جو فرد هو. سندس رفيق ٻہ مکيہ خليفہ سيد حيدرؒ سن وارو ۽ مخدوم ساهڙ لنجار (جنهن جو مقبرو انڙ پور جي مٿان آهي) هئا. انهن بزرگن جو موجوده دادو سيوهڻ، ڪوٽڙي تعلقن جي جبل ۽ درياءَ جي ڪنڌيءَ وارن رهاڪن تي گهڻو اثر هو. هن گروهہ کي ڄام ننڌي جي وزير ميان دريا خان (جنهن کي مبارڪ خان بہ ڪري سڏيندا هئا) جي سرپرستي نصيب هئي.

**ٻيو گروهہ:**

هي وطني ۽ نسلي بنيادن تي قومي تسلط ۽ سياسي اقتدار کي ختم ڪري، غلبہ اسلام قائم ڪرڻ جو قائل هو. انهيءَ گروهہ جو اڳواڻ ٺٽي شهر جو مکيہ عالم قاضي قاضن هو. جو پوءِ شاهہ بيگ ارغون جي ڏينهن ۾ بکر جو قاضي مقرر ٿيو. هو مخدوم محمد ميران جونپوريءَ جي مهدوي فرقي جو پوئلڳ هو. مخدوم صاحب افغانستان وڃڻ کان اڳ 993هہ ڌاري سنڌ ۾ آيو ۽ انهيءَ وقت جي ڪيترن عالمن ۽ اميرن تي سندس تعليم جو اَثر پيل هو. شاهہ بيگ ارغون بہ سندس پوئلڳن مان هو. سنڌ جي حاڪم ڄام ننڌي جي درٻار ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ڪن اميرن جي ان تحريڪ سان همدردي هئي. ٻائنجي ٿو تہ نظرين جي انهيءَ اختلاف، ڄام ننڌي جي درٻارين ۾ اندروني

اختلاف پيدا ڪري ڇڏيا هئا ۽ اهو ٻيو گروهه دريا خان جي انهيءَ پاليسيءَ ڪري سندس برخلاف ٿي پيو.

جيستائين ڄام ننڍو حيات هو تيستائين ٻنهي ڌرين وارن جو زور ڍرو هو. ليڪن سن 914هه ۾ ڄام صاحب جي وفات ڪري، حالتون بدلجڻ لڳيون. انهيءَ وقت ڏاري افغانستان ۾ مغلن جي قبيلن ۾، طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ خانه جنگيون ٿيون ۽ امير ذوالنون جي پٽ شاهه بيگ ارغون کي مرزا - بابر آهستي آهستي ڪري ڪابل ۽ قنڌار جي تسلط کان نيڪالي ڏئي ڇڏي، جنهن ڪري ان کي پنهنجي لاءِ ڪ نئون ملڪ تاڙڻو پيو. انهيءَ وقت سنڌ ۾ ڄام ننڍي جي وفات بعد سندس پٽ ڄام فيروز حڪمران هو. سندس وڏي ڀاءُ جي پٽ ڄام صلاح الدين سندس برخلاف حڪومت لاءِ دعويداري شروع ڪئي، ٻئي طرف وري درٻاري سازشن ۽ سندس سياسي غلطين حڪومت کي ڪافي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. سنڌ جي گهڻن حصن ۾ مڪاني حاڪم خود سري ڏيکارڻ لڳا. ڄام فيروز کي افغان گهرائي، پنهنجي درٻار ۾ امير ڪري رکيا هئا. جن مڪاني حڪومت جي ڪمزوريءَ بابت، شاهه بيگ ارغون کي اطلاع ڏئي، خواهش ظاهر ڪئي ته جيڪڏهن هو ڪاهه ڪندو ته حالتون گهڻيون سازگار اٿس. ان تي هن ٻه دفعا پنهنجي ڀائرن مرزا آبو محمد ۽ سلطان محمد جي سرڪردگيءَ هيٺ سنڌ تي فوجون چاڙهي موڪليون، پر دريا خان جي همت ۽ ڪوشش سان ٻئي دفعا کين شڪستون نصيب ٿيون ۽ مرزا شاهه بيگ ارغون جا ٻئي ڀائر انهن جنگين ۾ مارجي ويا.

ان تي مڪاني مخالف گروهه وارن محسوس ڪيو ته جيستائين دريا خان حڪومت ۾ اقتدار رکي ٿو ان وقت تائين سندن مرادون بر ثواب ٿي ڪين سگهنديون. جنهن ڪري هنن اهڙيءَ طرح سازشون شروع ڪيون جو ڄام فيروز ۽ دريا خان جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيو ۽ دريا خان گگهڙ ٿي وزارت تان استعيفيٰ ڏئي، پنهنجي جاگير ڪاهان ۾ گوشه نشين ٿي زندگي گذارڻ لڳو ان کانپوءِ ته حالتو وڌيڪ خراب ٿي ويون. مرزا شاهه بيگ ٻئي وجهه ڳوليا، سو اها حالت ڏسي سنڌ تي سن 923هه ۾ ڪاهي آيو ۽ سيوهڻ تائين ملڪ فتح ڪري وري موٽي ويو. ڳچ وقت گذرڻ بعد 926هه ۾ وري هو ڪاهي آيو. ڄام فيروز جڏهن اهي حالتون ڏٺيون، تڏهن دريا خان جي مدد

طلب ڪيائين، پر هاڻي حالتون دريا خان جي وس کان ٻاهر ٿي ويون هيون، تنهن هوندي بہ دريا خان سنڌ کي ٻاهرين تسلط کان بچائڻ خاطر ڄام فيروز جي طرفان سنڌي لشڪر وٺي، شاهہ بيگ جي فوج جي مقابلي لاءِ نڪتو. ٺٽي جي ٻاهران ساموئيءَ وٽ سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ دريا خان نهايت بهادريءَ سان مقابلو ڪيو. تان جو پاڻ وڙهندي وڙهندي ميدان جنگ ۾ شهيد ٿيو. پويان ڄام فيروز ۾ اڳيئي لچڻ ڪونہ هئو سو ٺٽو ڇڏي وٺي پڳو ۽ وڃي پير پٺي جي درگاهہ ۾ لِڪو.

شاهہ بيگ ارغون آسانيءَ سان اچي سنڌ جي تخت تي قبضو ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح سڄي سنڌ مرزا شاهہ بيگ ارغون جي تسلط هيٺ آئي. مرزا صاحب قاضي قاضن پنهنجي مرشد پائي ۽ طرفدار جي سفارش تي، گهڻن ماڻهن کي امن ڏنو ۽ آخر ۾ قاضي قاضن کي بکر جو قاضي مقرر ڪري نوازيائين.

ان وقت کان وٺي، سنڌ تي مخدوم محمد ميران جونپوريءَ جي نظريہ سياست جي مڃيندڙ جو تسلط ٿي ويو ۽ سنڌ جي قومي سياست جي حامين کي، آهستي آهستي ختم ڪيو ويو. دريا خان ٺٽي جي لڙائيءَ ۾ شهيد ٿي چڪو هو ان ڪانپوءِ سندس بہ پٽ پڻ باغبان جي پرواري لڙائيءَ ۾ مارجي ويا.

مخدوم بلاول جنهن جي اخلاقي همدردي ان تحريڪ سان هئي، ان کي ڪنهن بهاني تي سرڪاري طرفدار مولوين کان فتوي وٺي گهاڻي ۾ پيڙائي شهيد ڪرايو ويو. سيد حيدر تي سخت نظرداري ڪرڻ لاءِ، ارغون گهراڻي وارن پنهنجي ڇانوڻي ڪٽي سن شهر ۾ رکي، اها نظرداري ان وقت تائين هلي آئي، تان جو سيد حيدرؒ تاريخ 4 شعبان 937هہ ۾ وفات ڪئي.

سنڌي قوميت جي بانيڪارن جي ڪمزور ٿيڻ ڪري، سنڌ ڌارين جي سياسي ۽ ذهني اقتدار هيٺ آئي ۽ اهو سلسلو تقريباً ستر ورهيہ ڪن هليو. ان بعد سن 1000هہ مطابق 1591ع ۾ نواب خان خانان، اڪبر بادشاهہ جي حڪم موجب، اچي سنڌ کي فتح ڪري، دهليءَ جي مغل حڪومت سان ملائي ڇڏيو. ان وقت کان وٺي شاهہ جهان بادشاهہ جي وچ حڪومت تائين، سڄي سنڌ دهلي حڪومت جي مقرر ڪيل نوابن جي هٿ هيٺ رهي. 1641ع کان وٺي 1651ع تائين تہ سنڌ ۽ ملتان جو گورنر خود اورنگزيب پاڻ رهيو.

انهيءَ وقت ميان آدم شاهہ ڪلهوڙو جو پيري مريدي هلائيندو هو، مڪاني طرح طاقت وٺڻ لڳو. هو بہ مخدوم محمد ميران جونپوريءَ جي

اصولن جو پوئلڳ هو. هن 1068هه مطابق 1558ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس جاءِ نشين ميان نصر محمد ڪلهوڙو ٿيو. سنڌ اگرچه دهليءَ جي بادشاهن جي قبضي هيٺ هئي، ليڪن مڪاني اختيارن ۾ سنڌ جي ڳچ ڀاڱي تي، ميان نصير محمد پنهنجي طاقت گهٽي قدر وڌائي جا آهستي آهستي وڌندي رهي، تان جو ميان يار محمد ڪلهوڙي کي دهليءَ طرفان خدا يار خان جو لقب مليو ۽ ڪانئس پوءِ سندس پٽ ميان نور محمد کي به ساڳيو خطاب مليو ۽ بعد ۾ محمد شاهه جي آخري ڏينهن ۾، ڪيس دهليءَ جي حڪومت طرفان سال 1135هه مطابق 1722ع ۾، باضابطه نواب مقرر ڪيو ويو جنهن بعد سنڌ رڳو نالي خاطر دهليءَ جي زيردست رهي. ميان نور محمد جي وفات بعد سندس جاءِ نشين ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، انهيءَ قسم جو ٿورو گهڻو تعلق به دهليءَ سان ختم ڪري، پاڻ کي ۽ پنهنجي ملڪ کي، مڪمل طرح آزاد ڪري ڇڏيو. سندس تخت نشينيءَ جو سال 1168هه مطابق 1755ع آهي ۽ اهو ئي سال سنڌ جي آزاديءَ جو پهريون سال ٿيو.

ڪلهوڙن جي خاندان بعد ٽالپر گهراڻو سال 1158هه مطابق 1772ع ۾ مسند تي حڪمران ٿيو. انهيءَ گهراڻي جي دؤر ۾ به سنڌ غيرن جي دخل، قبضي ۽ تسلط کان آزاد رهي.

مخدوم بلاولؒ واري سنڌ جي قومي تحريڪ ڪانپوءِ، سنڌ جي اڪثر بزرگن سياسي ڳالهين کان گوشو اختيار ڪري، پنهنجي اندر اجارڻ ۽ اخلاقي اصلاح طرف توجهه ڏنو. مخدوم نوحؒ، شاهه عبدالڪريمؒ، سيد رڪن الدين، سخي هاشم شاهه وغيره انهيءَ پاليسي تي هليا. ليڪن شاهه صاحب جي ابتدا کان، وري نئون دؤر شروع ٿيو جيئن مخدوم عبدالرحمان ڪهڙن وارو، شاهه عنايت صوفي سياسي اختلافن ڪري شهيد ڪرايا ويا هئا.

## 2. سنڌ کان ٻاهر جا سياسي، مذهبي رجحانات ۽ حالات ۽ انهن جو سنڌي زندگيءَ تي اثر:

ڏهين صدي هجري مطابق 15 صدي عسويءَ جي اوائل ۾ دهليءَ ۾ لوڌي گهراڻي جو راڄ هو. ان جي بادشاهه ابراهيم شاهه لوڌيءَ جي ڪمزوريءَ ڪري، سندس ڪن اميرن پنجاب جي حاڪم دولت خان سان صلاح ڪري، مرزا بابر کي (جو سلطان تيمور لنگ جي ڇهين پيڙهيءَ مان هو)

هندستان تي ڪاهه ڪرائڻ لاءِ سڏايو. جنهن لڙايون لڙي 1526ع سال ۾ دهليءَ تي قبضو ڪري مغل سلطنتن جو پايو وڌو.

1530ع ۾ وفات ڪرڻ بعد ان جو پٽ همايون جاءِ نشين ٿيو پر اهو گهڻو عرصو حڪومت سنڀالي نه سگهيو ۽ پٺاڻ گهراڻي جي بادشاهه شير شاهه کيس شڪست ڏيئي، دهليءَ مان 1940ع ۾ ڪڍي ڇڏيو. 55 سالن ڪانپوءِ هن ايران جي بادشاهه جي مدد سان وري هندستان جي حڪومت هٿ ڪئي ۽ هڪ سال جي حڪمرانيءَ بعد وفات ڪيائين. ان ڪانپوءِ سندس فرزند اڪبر چوڏهن ورهين جي ڄمار ۾ 1556ع ۾ حڪومت شروع ڪئي.

اڪبر گهڻي تجربي ۽ مکيه صلاحڪارن جي مشوري بعد هن راءِ تي پهتو ته، هندستان جيڏي، برصغير جي حڪومت صرف زور زبردستيءَ سان گهڻي وقت تائين هلائي ڪانه سگهبي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته ڪنهن نظريي جي بنياد تي، آئين ٿاهي حڪومت هلائي وڃي. انهيءَ خيال سان هن پنهنجي صلاحڪارن جي مشوري سان حڪومت لاءِ پاليسي ۽ پروگرام مقرر ڪيو جنهن جا مکيه جزا هيٺيان هئا:

1. برصغير هندستان جي مختلف مذهب رکندڙ باشندن ۾ يڪجهتي ۽ اتحاد آڻڻ لاءِ، اهو امر ضروري هو ته، اتي جي رهاڪن جي مذهبي اختلافن کي دور ڪري، ڪن متحد اصولي بنيادن تي کين گڏ ڪجي.
2. اهڙيءَ طرح کين هڪ متحد قوم بنائي، ڪاروبار حڪومت ۾ شامل ڪري، گڏيل جوابداريءَ سان ملڪي ڪم هلائجي.
3. حڪومت هلائڻ لاءِ، هڪ عوام پسند آئين جو هئڻ ضروري آهي.
4. هندستان جي حڪومت جي خارجي پاليسي مذهبي خواه سياسي ڳالهين ۾ بيروني اثرن کان آزاد رکجي.

اها ڳالهه ظاهر هئي ته هندستان ۾ جتي 25 يا 30 ڪروڙ ماڻهو رهندڙ هجن، اتي ٻه ٽي ڪروڙ مسلمان، سي به ذاتي تعصبن ۽ خود مطلبين ۾ ورهايل، گهڻي وقت تائين، فقط طاقت جي زور تي غير مسلم رعيت جي رضامنديءَ کانسواءِ، حڪومت هلائي ڪين سگهندا. تنهنڪري حالتن جي تقاضا اها هئي ته پائيدار حڪومت بنائڻ لاءِ، هڪ اهڙي پاليسي [illegible] ڪرڻ گهربي هئي، جنهن ۾ هندو مسلم گڏجي باهمي مشوري سان حڪومت [illegible]

هلائين، تجربي اڪبر کي محسوس ڪرايو تہ انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ وڏي رنڊڪ جهڙي ڳالهہ مختلف مذهبن جا اختلاف هئا. تنهن ڪري هو انهن اختلافن کي دور ڪري ڪن بنيادي اصولن تي هندستان جي باشندن کي آڻڻ واسطي طريقا سوچڻ لڳو. انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ چشتي طريقي جي بزرگن (جي مسئلہ وحدت الوجود (همہ اوست) عقيدي جي قائل هئڻ ڪري، مذهبي تعصب کان آزاد هئا) ۽ ملا مبارڪ سنڌي ۽ ان جي ٻن فرزندن ابو الفضل ۽ فيضي کان کيس گهڻي مدد ۽ رهبري ملي. انهي ئي مقصد خاطر هن هندستان جي مکيہ مذهبن جا قابل عالم پاڻ وٽ گهرائي، هندستان ۾ هڪ خيال ۽ هڪ عقيدي جي مسئلي تي غور ۽ فڪر ڪرڻ لاءِ کين ڪٺو ڪيو. سندس دربار ۾ مسلمان، عيسائي، هندو ۽ پارسي مذهبن جا عالم، پادري، پنڊت ۽ مريد اچي گڏ ٿيا. جن جي مشوري بعد هڪ گڏيل خيالن جو مذهب ايجاد ڪيو ويو، جنهن تي "دين الاهي" نالو رکيو ويو ۽ آهستي آهستي ڪري انهيءَ جي تبليغ شروع ڪئي وئي. انهن سيني ڳالهين مان سندن مقصد اتحاد هند هئو. انهيءَ مطابق بادشاهہ جي روحاني پيشوا جي عقيدي کي جاري ڪرڻو پيس. انهيءَ تجويز پٽاندر هندستان جي سيني رهاڪن کي هڪ يڪي قومي شيرازي ۾ آڻڻ جو مقصد رکيل هو. ان ڪري ملڪ جي حڪومت جي ڪاروبار ۾ بنا تميز مذهب ۽ عقيدي جي، هرهڪ باشندي کي، شريڪ ڪرڻ جو اصول قبول ڪيو ويو. جنهن ڪري ڪيترا هندو وزير يا گورنر جهڙن اعليٰ عهدن تي مقرر ڪيا ويا. هندن سان سڱابندي (بنا ڪنهن جي مذهب بدلائڻ جي) جو رواج وڌو ويو. حڪومت جو ڪاروبار بجاءِ اسلامي شريعت جي "آئين اڪبري" مطابق هلائڻ شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح سان خود مسلمانن جي مذهبي معاملن ۾ پاڻ کي، عراق ۽ بخارا جي اثر کان آزاد ڪري، مذهبي رهبريءَ جو مرڪز هندستان اندر قائم ڪيو ويو. بادشاهہ جي رهبريءَ هيٺ انهيءَ تجويز جو لازمي نتيجو اهو نڪتو تہ اسلام جي بنيادي اصولن طرف توجهہ گهٽو ڏنو ويو ۽ ان جي فروعاتي مسئلن طرف گهٽ توجهہ ٿيڻ لڳو. ڪيترن مسلمان عالمن کي خوف پيدا ٿيڻ لڳو تہ ان پاليسيءَ ڪري اسلام دين، منظم جي حيثيت وڃائي ويهندو. ازانسواءِ عالمن جو هڪ گروهہ، جو گهڻي وقت کان اڳين مسلمان حاڪمن يا خود مغلن جي حڪومت ۾، ملڪي ڪاروبار جو روح

روان ۾ عدالتي ڪاتي جو مکيه هلائيندڙ هو سو پنهنجي طاقت ۾ اقتدار کي گهٽ ٿيندو ڏسي، ناراض ٿيڻ لڳو. اهڙيءَ طرح سان مسلمان، جو اڳي سموري حڪومتي ڪاروبار جو عملدار هو سو پاڻ سان هندن کي (جن کي هن وقت تائين رعيت سمجهندا هئا) شريڪ ٿيندو ڏسي، پڻ ناراض ٿيو. اگرچه ظاهر ۾ هو متان مقرر ٿيل پاليسيءَ مطابق ڪم هلائيندا رهيا. ليڪن انهن ٻنهين گروهن پنهنجي وڃايل اقتدار کي وري حاصل ڪرڻ لاءِ، حڪومت جي انهيءَ پاليسيءَ جي برخلاف سازش شروع ڪئي ۽ پروپيگنڊه ڪرڻ لڳا. جنهن جا مکيه جزا هينيان هئا:

1. اڪبر بادشاهه جي دين الاهي واري تحريڪ ۾ هندستانين جي متحده قوميت لاءِ ڪوشش سبب اسلامي شريعت جي ڪمزور ٿيڻ جو امڪان هو ۽ ان ڪري مسلمانن جي جداگانه هستي ختم ٿيڻ جو انديشو هو.
2. غير مسلمانن کي حڪومتي ڪاروبار ۾ شريڪ ڪرڻ ڪري منجهن برابري ۽ همسريءَ جو مادو پيدا ٿيندو ۽ مسلمانن جو اثر ۽ رعب متن لهي ويندو ۽ غير مسلمن جو حوصلو وڌي ويندو.
3. اسلام ڪان سواءِ ٻين مذهبن جي سچ تي هئڻ کي تسليم ڪرڻ، اسلام جي ترقيءَ ۾ واڌاري ۾ رڪاوٽ وجهندو. ان ڪري اسلام جي دين مڪمل ۽ آخري هئڻ جي دعويٰ ٽٽي پوندي.
4. خدائي آئين (قرآن) ۾ دستور سنت جي هوندي، ڪنهن قومي آئين کي لاڳو ڪرڻ، اسلام جي ديني نظام قائم ڪرڻ جي برخلاف آهي.

انهن ٻنهي گروهن جي باوجود، اڪبر ۽ جهانگير جي دؤر حڪومت ۾ گهٽو ڪجهه تي سگهيو. مگر آهسته آهسته انهن مذهبن مهندارن ۾ مسلم امير طبقي جي ڪوشش هٽي وڃي هنڌ ڪيو ۽ خود مغلن جي شاهي گهراڻي ۾ به گروهه ٿي پيا.

شريعت نظام جي طرفدارن جڏهن ڏٺو ته چشتي طريقي واري مسئلي وحدت الوجود سندن سياسي اقتدار ۾ اثر کي هڪ طرف ڪمزور ڪري ڇڏيو هو ته ٻئي طرف ماڻهن تان شرعي احڪامن جي پابندي ۾ ديني دستورن جا اثر گهٽ ٿيڻ لڳا هئا، جنهن ڪري سندن غلبي اسلام ۾ شرعي حڪومت جا خواب بنا تعبير جي رهجي ويا. سي فڪر ڪرڻ لڳا ته وحدت

الوجود جي مقابلي ۾ ڪو موزون فلسفو هٿ اچين تہ انهيءَ تي پنهنجي تجويزن ۽ پاليسيءَ جو بنياد رکي، پنهنجن ارادن ۾ ڪامياب ٿي سگهن.
بالآخر اڪبر بادشاھ جي حڪومت جي پڇاڙيءَ ڌاري دهليءَ ۾ هڪ وڏو عالم، صاحب شريعت ۽ تقوي جو بزرگ پيدا ٿيو جنهن جو نالو خواجہ باالله هو ۽ هو نقشبندي طريقي جو مرشد هو. دهليءَ جي اميرن ۽ علماءِ دين، هن جي تقوي ۽ تقدس جي شهرت جو فائدو ورتو، هن جي چوڌاري گڏ ٿي پنهنجي تجويزن کي مڪمل ڪرڻ گهريو. انهيءَ وقت هن صاحب جي خدمت ۾ هڪ نوجوان خواجہ احمد فاروقي حاضر ٿي سندس فيض مان فيضياب ٿيو. هن جي اچڻ کي غنيمت سمجهي، مٿين گروھ انهيءَ طرف پنهنجو توجهہ ڪيو. اهو صاحب ٿوري وقت ۾ ترقي ڪري امام رباني مجدد الف ثاني جي لقب سان مشهور ٿيو ۽ انهيءَ جي احياءِ دين (دين کي وري اوج تي آڻڻ) جون اُميدون وابستہ ڪيون ويون. هن صاحب مسئلہ وحدت الوجود جي مقابلي ۾ وحدت الشهود جي نظريي کي پيش ڪري شريعت اسلام کي ضعيف ۽ خاتمي کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. امام رباني جي طريقيڪار ۽ نظريي مان جهانگير بادشاھ کي سندن طريقي حڪومت ۽ پاليسيءَ جي برخلافيءَ جا ڪي شڪ پيدا ٿيا، جنهن ڪري ڪيس بہ سال کن نظربند رکيائين، ليڪن آخر ۾ آزاد ڪيائينس.

شاهجهان جو سمورو توجهہ ملڪ جي اڏاوت ۽ سينگار تي صرف پي ٿيو جنهن ڪري هو ملڪ ۾ پيدا ٿيل سياسي اختلافن طرف گهڻو ڌيان نہ ڏيئي سگهيو. نتيجو اهو نڪتو تہ خود سندس پٽن ۾ بن راين جا خيال پيدا ٿي پيا ۽ ساري دربار ۽ امير طبقو انهن گروهن ۾ ورهائجي ويا. شهزادو دارا شڪوه، حضرت چشتي، ميان مير سنڌي بزرگ سرمد شهيد ۽ هندو يوگين جي صحبت ۽ اثر ڪري مسئلي وحدت الوجود جو پوئڳ ٿي پيو. تنهن ڪري اڪبري سياست قائم رکڻ جو حامي هو. ٻئي طرف وري شهزادو اورنگزيب مسئلہ وحدت الشهود جي پيرويءَ ۾ علماءِ دين ۽ مسلم اميرن جي ڪثرت جي سياسي نظريي جو حامي بڻجي پيو. انهيءَ نظريہ سياست جا مکيہ جزا هينيان هئا:

1. هندستان جي مختلف مذهبن جي پيروڪارن کي ڪنهن هڪ تجويز جي بنياد تي گڏي، متحده قوم بنائڻ جو خيال ناقابلِ عمل ۽

شريعت اسلامي جي خلاف هو. ان ڪري صحيح سياست جي تقاضا اها هئي تہ مسلمانن جي جدا قومي حيثيت برقرار رکي، انهيءَ جي تحفظ، تنظيم ۽ ترقيءَ لاءِ هر ممڪن طريقي سان ڪوشش ڪئي وڃي.

2. اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن مسلمانن جي جماعتي زندگيءَ کي نئين سر شريعت اسلام جي نظام موجب هلائي، انهن کي صحيح مسلمان بڻايو وڃي. ان لاءِ شريعت اسلام جي هر حڪم جي عملي پابنديءَ جو لاڳو ڪرڻ ضروري ۽ مسلمانن جي سياسي، اخلاقي ۽ مذهبي اصلاح ڪرڻ لازمي هئي.

3. حڪومت کي قومي سياسي نظريي (آئين اڪبري) جي بنياد تي هلائڻ جي عيوض شريعت اسلام جي طريقي تي هلايو وڃي.

جنهن جو لازمي نتيجو اهو نڪرڻ وارو هو تہ حڪومت جي پاليسي مقرر ڪرڻ جي واڳ ديني عالمن جي هٿ ۾ اچڻ واري هئي. هندو امير طبقي جڏهن مسلمان اميرن ۽ عالمن کي غلبہ اسلام جي تحريڪ کي زور وٺائڻ جي ڪوشش ۾ محو ڏٺو تہ انهن ۾ بہ هن جي رد عمل طور هندو اقتدار کي نئين سر زندهہ ڪرڻ ۽ زور وٺائڻ جي هلچل شروع ٿي. مرهٽن ۽ راجپوتن ان ۾ خاص دلچسپي ورتي، شيوا جي انهيءَ هلچل جو مکيہ اڳواڻ هو.

آخرڪار امير ۽ عالم طبقي جي منصوبن هيٺ وجي هنڌ ڪيو ۽ سن 1067هہ مطابق سن 1658ع ۾ شاهجهان جي بيماريءَ وقت اورنگزيب پيءُ کي قيد ڪري پاڻ حڪمران ٿيو. دارا شڪوه ۽ ٻين ڀائرن کي مارائي ڇڏيائين. انهيءَ سلسلي ۾ سرمد صوفيءَ کي بہ قتل ڪرايائين، جو دارا شڪوه جو طرفدار هو. اورنگزيب تخت تي ويهڻ شرط رٿيل پاليسيءَ مطابق مسلمانن جي جدا قوميت جي اصول جي بنياد تي حڪومت کي خاص طرح مسلمانن جي هٿن ۾ آڻڻ جي پاليسي اختيار ڪئي

شريعت اسلامي جي تجديد جي سلسلي ۾ فتوٰي عالمگيري نهيو. تبليغ إسلامي شروع ٿي ۽ هندن سان حاڪم محڪوم وارو برتاءُ ٿيڻ لڳو. هر معاملي کي ملڪ ۽ هندستانين جي نقطهٔ نگاهہ بجاءِ مسلماني نقطهٔ نگاهہ سان ڏسڻ شروع ٿيو.

اورنگزيب شخصي طرح پرهيزگار، عالم ۽ متقي هو پر سندس طرفدارن اهڙي پاليسي اختيار ڪئي، جو ملڪي سياست مذهبي رنگ ۾

رڳجي ويئي ۽ تعصب وڌندو ويو جنهن ڪري انهيءَ پاليسيءَ جي رِدعمل ۾ مرهٽن بغاوت ڪئي ۽ راجپوتن ۾ ناراضپو پيدا ٿيو.

## 3. سنڌ جي اندر ٻاهروارن سياسي ۽ مذهبي نظرين جو سنڌ تي اثر:

ٻارهين صدي هجري جي اول ۾، شاهه صاحب جي پيدائش جي وقت ڌاري جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. سنڌ تي ٽن سياسي نظرين جو اثر هو ۽ ڪيترائي ماڻهو انهيءَ رجحانات جا هئا.

جن ٽن سياسي نظرين جو اثر هو سي هيٺيان هئا:

1. سنڌ جي جدا قوميت، خود ارادي، سياسي اقتدار ۽ ترقيءَ جو نظريو.
2. هندستان جي متحده قوميت، اقتدار ۽ ترقيءَ جو نظريو.
3. مسلمانن جي جدا قوميت، مذهبي نظام، اقتدار ۽ ترقيءَ جو نظريو.

## 1. سنڌ جي جداگانہ قوم جو نظريو:

انهيءَ خيال جا ماڻهو تہ سنڌ ۾ گهڻي وقت کان پئي رهيا: اهو انهيءَ جذبي جو ئي جو اثر هو جو سنڌ جي حاڪم دودي سومري سڄي قوم سوڌو دهليءَ جي حاڪمن جي برخلاف لڙي فنا ٿيڻ قبوليو. ليڪن آڻ نہ مڃي، جيتوڻيڪ اندروني اختلاف هوندي، دهليءَ جي حاڪمن جي زبردست طاقت اڳيان هو ست جهلي ڪين سگهيو تہ بہ سنڌ جي سرزمين تي پنهنجي بهادريءَ ۽ حب الوطنيءَ جو اهڙو غير فاني مثال ڇڏي ويو جو اڄا تائين ڳوٺن ۾ سندس ڪهاڻيون، ڀٽ ۽ مڱڻهار ڳائيندا ٿا رهن.

سومرن کان پوءِ حڪومت سمن جي هٿ ۾ آئي، جي پنهنجي ابتدائي دؤر ۾ دهليءَ جي حاڪمن جي اثر هيٺ هئا، پر هو آهستي آهستي سندن آخري حاڪمن جي حڪمرانيءَ ۾ اندروني آزادي حاصل ڪري چڪا هئا. انهيءَ دؤر ۾ سنڌ اندر علم، هنر ۽ سلامتيءَ جي واڌاري ڪري، سنڌين ۾ سندن زبان، تهذيب، تمدن جي ترقيءَ ۽ سياسي آزاديءَ جو جذبو پيدا ٿي چڪا هئا.

ڄام نظام الدين جي عام ۾ شهرت ۽ مقبوليت جو وجهہ وٺي، سندس وزير دريا خان سنڌ جي قومي تحريڪ جي سرپرستي ڪئي، مخدوم بلاولؒ جهڙي زبردست عالم ۽ پير طريقت سندس پن خليفن سيد حيدرؒ ۽ مخدوم ساهڙ (جنهن جو شاهہ رڪن الدين جي معرفت سنياري ساداتن تي اثر پيو)

سميت انهيءَ تحريڪ جي واڌاري لاءِ خاص دلچسپي ورتي، سندن ساري تحريڪ جو بنياد هيٺين مکيہ ڳالهين تي هو:

1. ڪين تاريخ اسلام جي مطالع ۽ ذاتي تجربي مان بخوبي معلوم ٿي چڪو هو تہ ملڪ جي حاڪمن جي سياست هميشہ خود غرضي ۽ طبقاتي مفاد جي بنياد تي ٻڌي هلي آهي.

عوام جي اڪثريت کي ڪڏهن بہ ان مان فائدو نہ پهتو آهي، تنهنڪري عام ماڻهن هميشہ حڪومت کي ناپسنديده نگاهن سان ئي ڏٺو آهي. اسلام جي واڌاري ۽ ساري انسانذات جي سڌاري جهڙا وڏا مقصد، حاڪمن جي حڪومت جي ذريعي حاصل ڪرڻ خام خيال هو. اهو ڪم بهتر نموني تي درويشن ۽ عالمن جي تزڪيہ نفس ۽ اخلاقن جي درستيءَ واري تعليم ذريعي زياده آسانيءَ سان حاصل ٿي سگهندو، ان ڪري هنن سياست کي مذهب کان الڳ رکڻ مناسب ٿي سمجهيو.

2. سنڌ جي زبان، تهذيب، تمدن ۽ سياسي آزاديءَ جي حفاظت ۽ بچاءَ لاءِ اهو امر نهايت ضروري هو تہ سنڌ جي جملي باشندن جي بنا تميز مذهب جي، انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، همدردي ۽ مدد ورتي وڃي، تنهن ڪري سنڌ جي رهاڪن کي هڪ قوم ڪري شمار ڪرڻ ضروري هو

3. هر اها سياسي تحريڪ جا مذهب جي نالي ۾ هلائي ويندي، خصوصاً ان وقت مخدوم محمد ميران جونپوري جي هلايل "مهدوي" هلچل جيڪا ڪم و بيس اڄڪلهہ جي پئن اسلامزم جي تحريڪ جا جزا پاڻ ۾ رکندڙ هئي، سا سندس نظر ۾ سنڌي مفاد لاءِ نقصانڪار هئي. ان ڪري اسلام جي نالي ۾ هشيار طاقتور مسلمان حاڪمن، قومن ۽ تهذيبن جي تسلط ۽ اقتدار سنڌ جي قائم ٿيڻ جو امڪان هو.

## 2. هندستان جي متحد قوميت جو نظريو:

هندستان ۾ آيل مسلمان درويش ۽ بزرگ ابتدا کان وٺي ٻن راين ۽ گروهن ۾ ورهايل هئا:

هڪڙا: مذهب ۽ سياست کي اسلام جي اصولن موجب ڌار شيءِ نہ سمجهي، انسانذات جي ترقيءَ ۽ فلاحي شريعت اسلام جي ذريعي حاصل ٿيڻ ۾ اعتماد رکندا هئا، تنهن ڪري شريعتي حڪومت جي لاڳو ڪرڻ جا حامي هئا.

بيا: مذهب کي سياست سان گڏي هلائڻ جي پاليسيءَ کي اسلامي تاريخ ۾ ناڪامياب ٿيندو ڏسي ۽ ان مان جي عوام کي نقصان پهتا هئا. انهن کي مدنظر رکي مسلمانن جي مذهبي اعتقادات کي سياست کان الڳ رکڻ جي فائدي ۾ هئا. انهن کي معلوم هو تہ خود خلفاءِ راشدين جي تسليم شده بهترين دؤر حڪومت ۾ اندروني اختلافن ڪري ٽي خليفا قتل ٿيا. ڪربلا جو واقعو انهيءَ پاليسيءَ جو نتيجو هو. بني امين ۽ بني عباسين جا باهمي جهڳڙا، خونريزيون ۽ عربن جون بيون خانہ جنگيون انهيءَ پاليسيءَ جي غير مفيد ثابت هئڻ لاءِ ڪافي دليل هيون.

ازانسواءِ خود اسلام جي تخيل نسبت مسلمانن ۾ اختلاف پيدا ٿي چڪو هو. انهن مان ڪي ان راءِ جا هئا تہ اسلام جو اصل مقصد يعني: انسانذات جي ترقي ۽ فلاح حاصل ٿي ٿي ڪين سگهندو جيستائين ان کي منظم دين ڪري، هڪ جداگانہ ملت جي آئين (جوڙجڪ) طور نہ هلايو ويندو. انهن جي نظر ۾ مسلمان هڪ چونڊيل قوم هئا ۽ اسلام انهن جي رهبريءَ جو قانون هو.

بين جي راءِ موجب اسلام دين فطرت، دنيا جي سڀني مذهبن جو نچوڙ ۽ انسانذات لاءِ بنا ڪنهن تميز ملڪ، نسل قوم، لباس ۽ زبان ۽ مذهب جي هڪ بهترين لائحہ عمل (دستور) ۽ طريقہ زندگي هو. ان ۾ تنگ خيالي تعصب کي ڪا جاءِ نہ هئي. اسلام جي دائري کي ڪنهن گروهہ يا فرقي ۾ محدود ڪرڻ سندس بنيادي اصولن جي برخلاف هو.

انهن "فاينما تو لوافشم وجهہ الله" جي مطابق هر هنڌ انهيءَ بنيادي حق (اسلام) جا ترورا ڏٺا ٿي. تنهن ڪري مسئلہ وحدت الوجود جي ماتحت عملي سياست کان علحدا ٿي آواز حق بلند ڪرڻ لڳا.

خواجہ معين الدين اجميري انهيءَ گروهہ جي مکيہ ڪارڪنن مان هو. اڪبر بادشاهہ انهيءَ گروهہ جي اثر هيٺ اچي هندستان جي متحده قوميت جي نظريي کي، ڪن بنيادي اصولن جي ماتحت عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪئي. سندن ساري تجويز جو نچوڙ هيٺيون ٿي سگهي ٿو:

1. جنهن صورت ۾ دنيا جي اڪثري مذهبن جي بنيادي اصولن پٽاندر هندستان جي رهاڪن کي هڪ ٻئي جي نزديڪ آڻي هڪڙيءَ ڏوريءَ ۾ پوئي، متحد قوم بنائڻ ضروري هو. هنن جي خيال موجب خود اسلام بہ انهيءَ

مقصد لاءِ آيو هو. خدا کي مڃڻ، سڀني پيغمبرن ۽ ان جي ڪتابن تي بنا ڪنهن فرق جي ويساهه آڻڻ، حيات بعد الممات (موت کان پوءِ حياتي)، جزاءِ اعمال (ڪيل عملن جو ڦل)، چڱن ۽ نيڪ ڪمن ۾ اعتبار ڪرڻ، ماڻهن جي وچ ۾ سياسي، اقتصادي ۽ معاشرتي عدل ۽ انصاف قائم ڪرڻ، اسلام جا بنيادي مقصد هئا. انهن مان ڪابه ڳالهه اتحاد هند کان روڪيندڙ نه هئي.

2. هنن جي راءِ اها هئي ته جيڪڏهن اسلام کي منظم دين ۽ مسلمانن کي هڪ جداگانه ملت جي صورت ۾ قائم رکيو ويندو ته هن جو عالمگير ۽ بين الاقوامي جذبو ۽ ڪشش فنا ٿي ويندي ۽ اهو هڪ فرق جي محدود دائري ۾ بند ٿي پوندو. هندستان جهڙي ملڪ ۾ جتي گهڻو تعداد غير مسلمانن جو هو اهڙي پاليسي اختيار ڪرڻ ڪري خود اسلامي مقصدن جي تبليغ، فروغ ۽ ترقيءَ ۾ رنڊڪ پئجي ويندي. سندن خيال ۾ فصل (جدائي) کان وڌيڪ وصل (ميلاپ) جي ذريعي گهڻو فائدو حاصل ٿيڻ وارو هو.

3. هنن جي راءِ موجب مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ، ملڪ ۽ ماڻهن کي فائدي جي بدران نقصان پهچائيندو. هڪ طرف سياست ملن مولوين جي تعصبن، ذاتي ڪاوشن (دشمنين)، خود غرضين ۽ اختلاف راءِ جو آکاڙو بنجي پوندو ته ٻئي طرف وري مذهب انسانن ۾ محبت بدران، زور ۽ زبردستي بغض ۽ عداوت پيدا ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو. ان کي اهل سياست جي، ذاتي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ اوزار ڪري ڪتب آڻڻ جو انديشو رهندو. جنهن جي ردعمل ڪري مذهب جو نالو بدنام ٿيندو ۽ سندس جاذبيت جو مادو گهٽ ٿيندو.

4. حڪومت عوام جي ڀلي لاءِ هئڻ گهرجي، نه ڪنهن خاص طبقي، گروهه يا قوم جي مفاد لاءِ. جيئن ته غير مسلم هندستان ۾ تمام گهڻا هئا. ان حالت ۾ حڪومت کي صرف مسلمانن جي قبضي ۽ اثر هيٺ رکڻ ۽ سندن مذهبي پاليسيءَ موجب هلائڻ، حاڪم ۽ محڪوم جو فرق رکڻ، انصاف، عدل ۽ اسلامي اصولن جي عين برخلافي هئي. تنهن ڪري هنن آئين اڪبري ناهي، حڪومت ۾ هندو مسلمانن کي شريڪ ڪري، ڪاروبار هلائڻ پسند ڪيو.

سنڌ ۾ مغلن جا گورنر، انهن جا همدرد ۽ صوفي حضرات ان نظريي جا پوئلڳ هئا.

## 3. مسلمانن جي جداگانہ قوميت جو نظريو:

جيئن مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، انهيءَ نظريي ڪي مڃڻ وارن جو بہ ابتدا کان وٺي، هندستان خواه سنڌ ۾ هڪ گروهہ رهندو پئي آيو آهي. خلافت جو قيام، مهذبن ۽ مجددن جو پيدا ٿيڻ، شريعتي حڪومت ۽ غلبہ اسلام آڻڻ جون تجويزون، جهاد جا جذبا ۽ موجود زماني جو پئن اسلامزم سڀ هڪ سلسلہ زنجير جون جدا جدا ڪڙيون آهن. جهڙيءَ طرح سان متحده قوميت جي نظريي خاص طرح شهنشاهہ اڪبر جي ڏينهن ۾ زور ورتو انهيءَ وقت ڌاري سنڌ جي سياست تي مخدوم ميران جونپوري جي مهدوي تحريڪ (جنهن ارغون ۽ ڪلهوڙن تي ڪافي اثر ڪيو ٿو ڏسجي) ۽ اورنگزيبي سياست جو اثر پيو. تنهن ڪري بهتر ائين ٿيندو تہ اول مهدوي تحريڪ، جنهن جو روح روان سنڌ ۾ شاهہ بيگ ارغون جي ڏينهن ۾ قاضي قاضن هو، تنهن جو مختصر احوال پيش ڪجي.

### الف: **مهدوي تحريڪ:**

هن تحريڪ جو باني سيد محمد جونپوري هو. جيڪو جونپور جي شهر ۾ 842هہ ۾ پيدا ٿيو ۽ افغانستان جي ڳوٺ 'فراه' ۾ سن 911هہ ۾ وفات ڪيائين. سيد صاحب زهد، تقويٰ ۽ درويشيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن صاحب ستن سالن تائين لاڳيو ورد ۽ وظائف ڪيا، روزا رکيا ۽ هڪ گوشہ نشين زاهد جي زندگيءَ گذاري. چيو وڃي ٿو تہ، انهيءَ عرصي جي دوران ڪيس هڪ ازغيبي آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ "انت مهدي" اول ۾ هن آواز کي ڪا اهميت ڪانہ ڏني، ليڪن جڏهن اهو آواز مسلسل ڪيترن ورهين تائين، سندس ڪنن ۾ گونجڻ لڳو تڏهن هن کي يقين ٿي ويو ۽ پاڻ کي مهدوي ڪوٺائڻ لڳو.

هي نائين صدي هجريءَ وارو زمانو هندستان اندر سخت بدامني ۽ طوائف الملوڪيءَ جو هو. روز بادشاهيون ٺهنديون ۽ ڊهنديون هيون، اهڙي ڪا مرڪزي حڪومت باقي نہ رهي هئي، جا هندستان اندر مسلمانن جو شيرازو درست ڪري، دستور شريعت جاري ڪري سگهي. حق تي هلندڙ عالم دين گهٽ ٿي ويا هئا ۽ منجهن دنيا طلبي ۽ رياءُ گهر ڪري ويهي ويا هئا. جاهل پيرن جي عملن ڪري مسلمانن ۾ گمراهي ڦهلجڻ لڳي هئي. هي حال ڏسي سيد صاحب شريعت جي زندهہ ڪرڻ ۽ چڱن عملن جي ڪري

سمجهو ۽ خلق خدا کي سنئين راهہ تي آڻڻ ۽ مسلمانن کي نظام شريعت مطابق هلائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. هن جي صداقت ۽ قلبي پاڪائيءَ هن جي آواز ۾ اهڙو اثر رکيو هو جو ٿوري عرصي ۾ هزارها ماڻهو سندس معتقد ٿيا ۽ خود ڪيترن ملڪن جا والي بہ سندس مريديءَ جي دائري ۾ داخل ٿي ويا. سندس مريدن جا طرز عاشقانہ ۽ والهانہ انداز جا هئا. جنهن ڪري امير ۽ فقير، اعليٰ ۽ ادنيٰ سڀ هڪ صداقت منديءَ جي رسيءَ ۾ پوئجي هڪ ٿي ويا. انهيءَ تحريڪ جا مکيہ اصول هيٺيان هئا:

1. **هجرت ڪرڻ**: سندن چوڻ هو تہ جيستائين ماڻهو وطن جي قيد کان آزاد ٿي، گهر ٻار جو آسانگو لاهي لڱ لاڳاپا ڇڏي، جماعت ۾ داخل نہ ٿيو آهي، ان وقت تائين منجهانئس ڪا وڏي اميد رکڻ اجائي آهي. ان ڪري ان راهہ ۾ ترڪ وطن ضروري هو.

2. **ترڪ مال**: سندن رايو هو تہ ٻي وڏي رنڊڪ انسان جي راهہ ۾ ڪيس اعليٰ ارادن ۽ ڪمن کان روڪڻ لاءِ مال ۽ ملڪيت جي محبت هئي ۽ سندن تحريڪ جي حلقي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ، اهو ضروري هو تہ، هو پنهنجي ملڪيت، تحريڪ جي ميمبرن جي حوالي ڪري تہ اهي ان کي تحريڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪن.

3. **جان جي قرباني**: انهيءَ تحريڪ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اهو بہ ضروري شرط هو تہ سڀ لاڳاپا لاهي، خوف خطرا ڦٽا ڪري، سر ترريءَ تي رکي، مخالفن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو هو. سندس اهو عقيدو هو تہ نظام شريعت قائم ڪرڻ لاءِ طاقت جو هٿ ۾ هئڻ ضروري آهي. ان لاءِ زور زبردستيءَ ۽ تلوار استعمال ڪرڻ کان بہ نہ ڪيٻائڻو آهي.

رواجي طرح لفظ مهدي جي معنيٰ ”هدايت حاصل ٿيل“ آهي ۽ انهيءَ نقطي نگاهہ کان، هر مذهبي رهبر پاڻ کي انهيءَ نالي سان سڏائي سگهي ٿو. ليڪن مهدويءَ جي نالي سان حديثن ۽ روايتن مطابق، خاص معنيٰ ۽ مطلب ڪڍيا پئي ويا آهن ۽ ان لاءِ ڪي خاص ڪم بہ مخصوص ڪيا ويا آهن. جهڙوڪ، عيسائين ۽ يهودين سان جنگ، اسلام کي نئين سر زندهہ ڪرڻ (اسلام لاءِ جهاد) ڪعبي جي لڪل خزانن کي هٿ ڪرڻ ۽ ورهائڻ وغيره. ان ڪري مسلمان انهيءَ نالي کي رواجي طرح ڪتب آڻڻ جي برخلاف پئي رهيا آهن ۽ انهيءَ سبب ڪري عام مسلمانن ۽ عالمن ۾ سيد صاحب جي

مخالفت وڌي ويئي. ان ڪانسواءِ سنڌن مريدن ۽ پوئلڳن بہ زيادتيءَ ڪان ڪم ورتي. ڪيس مهدي آخر زمان سان تشبيھ ڏيڻ شروع ڪئي. مجدد ۽ مهدي مذهب اسلام جا نئين سر زندھ ڪندڙ رهبر پئي تسليم ڪيا ويا آهن. سمجهيو ويندو آهي تہ مجدد، هڪ هزار سالن گذرڻ بعد، جڏهن مسلمان مذهب کي وساري ڇڏيندا آهن ۽ مذهب ۾ ڪيئي بدعتون پئجي وينديون آهن، تڏهن مهدي پيدا ٿيندو آهي. ليڪن مهدي ڪم و بيش ساڳين مقصدن لاءِ، صرف هڪ دفعو پيدا ٿيڻ وارو آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ دعويٰ سان اڄ تائين ڪيئي ماڻهو پيدا ٿي چڪا آهن. اهي تحريڪون موجوده زماني جي زبان ۾ پئن اسلامزم جي تحريڪ سان تشبيھ رکندڙ ۽ هڪ ئي سلسلي جون ڪڙيون هيون، جن جو مکيہ مقصد اهو پئي رهيو آهي تہ مسلمانن کي منظم ڪري، دنيا تي اسلام جو غلبو آڻجي.

ب: **اورنگزيبي سياست:**

مٿي ڏيکاري آيو آهيان تہ مهدي تحريڪ ڪانسواءِ سنڌ تي اورنگزيبي سياست جو گهڻو اثر پيو، ان لاءِ اهو ضروري آهي تہ ان سياست جا بنيادي اصول بيان ڪيا وڃن، جن جي آڌار تي ان کي قائم ڪيو ويو هو.

1. هنن جو چوڻ هو تہ جنهن صورت ۾ پيغمبر اسلام آخري نبي ۽ سندس مذهب مڪمل دين آهي، تنهن صورت ۾ انسانذات جي فلاح بهبود ۽ نجات صرف انهيءَ دين جي وسيلي حاصل ٿي سگهندي. اهو مقصد تڏهن حاصل ٿي سگهندو، جڏهن انهيءَ جي پوئلڳن کي خلافت يا اسلامي حڪومت جي ذريعي منظم ڪري غلبہ اسلام آندو ويندو. انهيءَ قوم جي رهبريءَ لاءِ آئين قرآن شريف جي بنياد تي هئڻ گهرجي ۽ ان جي سمجهاڻيءَ لاءِ سنت نبوي ڪافي آهي. تنهن ڪري سياست کان مذهب کي جدا ڪري نہ سگهبو.
2. انهيءَ دين جي پوئلڳن يا مڃيندڙن کي دنيا جي ٻين قومن کان جدا نسل، زبان، رنگ ۽ جاگرافيءَ جي اختلافن جي ويڇي بنا، اعتقادن تي، هڪ ڌار قوم يا ملت ڪري رکڻو آهي. انهيءَ قوم يا موجوده زماني جي زبان ۾ "پارٽي" جي تنظيم، اصلاح ۽ ترقيءَ ۾ دنيا جي تعمير ۽ ترقيءَ جو راز سمايل آهي. تنهنڪري قومن جي اڳواڻي، رهبري ۽ حڪومت جو حق

صرف انهيءَ ڪي ئي آهي ۽ ٻي ڪنهن قوم يا جماعت ڪي ملڪي معاملن ۾ دخل اندازيءَ يا شموليت جو حق نه هئڻ گهرجي اهو نظريو فسطائيت جا جزا رکندڙ هو.

3. سندن نظر ۾ اسلام جا عالمگير اصول، عملي دنيا ۾ ڪا خاص صورت اختيار ڪري ڪين سگهندا، جيستائين انهن جي فروعات تي گهڻو توجهه نه ڏنو ويو آهي. جهڙيءَ طرح ڪنهن به ملڪ جو آئين (ڪانسٽيٽيوشن) تڏهن ڪارگر ٿي سگهندو آهي، جڏهن ديواني ۽ فوجداري ڪاروبار هلائڻ لاءِ قاعدا ۽ قانون ٺاهي، ان تي عمل ڪيو ويندو آهي. تنهن ڪري فروعات دين يعني شرعي قانون تي توجهه ڏيڻ ازحد ضروري آهي. انهن جي ئي ذريعي اصول دين جي حفاظت ٿي سگهي ٿي ۽ مسلمانن جي ترقي پڻ ٿيندي.

4. سندن اهو رايو هو ته، جنهن صورت ۾ اسلام مڪمل دين آهي ۽ ان جا پوئلڳ جدا قوم ۽ هڪ خاص نصب العين جا مالڪ آهن ۽ ان حالت ۾ انهن لاءِ، آئين به خاص ۽ جدا هئڻ جي ضرورت آهي، انساني عقل خام ۽ اڻپورو آهي، انهيءَ ڪري اهڙيءَ خاص قوم لاءِ آئيني جوڙجڪ سواءِ الهامي ڪتاب جي، جو قرآن جي صورت ۾، انساني هدايت لاءِ آخري سند تي آيل آهي، ٻيو ڪوبه تي نٿو سگهي. اسلامي حڪومت جي رهبريءَ لاءِ قرآن، سنت نبوي، روايات خلفاءِ راشدين، مذهب ائمه سنت ۾ ڪافي مواد ۽ ذخيرو موجود آهي. تنهن ڪري ڪنهن ٻئي قومي آئين ٺاهڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي.

مختصر طور اورنگزيب جي ذهن ۾ اهي مسلمانن جي جداگانه قومي نظريي جا بنيادي اصول هئا.

ڪهڙن واري ميان عبدالرحمان بزرگ جا قاتل به انهيءَ سلسلي جي ڪڙي هئا.

آءٌ سمجهان ٿو ته سنڌ اندر يا ٻاهر سياسي ۽ مذهبي نظريي جو بيان غير مڪمل رهجي ويندو، جيڪڏهن آءٌ ٻن مکيه مسئلن، جن اسان جي سنڌي سياست تي گهڻو اثر ڪيو آهي، تن جي مختصر سمجهاڻي نه پيش ڪندس.

1. مسئله وحدت الوجود ۽ 2. مسئله وحدت الشهود.

## 1. مسئلہ وحدت الوجود:

مسلمانن ۾ انهيءَ نظريي جو باني شيخ محي الدين محمد بن علي عرف ابن عربي هو. کيس شيخ الاڪبر بہ ڪري سڏيندا هئا. هو ذڪڻ اسپين ۾ مورثيا جي شهر ۾ 560هہ مطابق 1164ع ۾ ڄائو. ۽ حاتم طائيءَ جي اولاد مان هو. هن 568 هجريءَ ۾ پورچوگال جي موجوده گاديءَ واري شهر لزبن ۾ شيخ ابوبڪر بن خداف کان ابتدائي تعليم ورتي هئي. انهيءَ وقت ايرندي اسپين جوگورنر سلطان محمد هو. هو عربي ابتدائي تعليم وٺڻ کان پوءِ سيولي ويو جتان ڪارڊووا ويو ۽ اتي جي قاضيءَ سان ملاقات ڪيائين، اتان فيز موراڪو مصر ۽ بيت المقدس مان ٿيندو سير سفر ڪندو اچي دمشق ۾ رهيو. جتي سن 638 هہ مطابق 1240ع ۾ وفات ڪيائين.

جبل قاضيون تي، قاضي محي الدين زڪي جي مُقامَ منجهہ دفن ٿيل آهي. ستينءَ صديءَ جي شروع ۾ جنهن اسلامي تصوف واري نظريي وحدت الوجود جو بنياد. شيخ ابن العربي وڌو هو، شاهہ صاحب جي زماني م سنڌ اندر ان نظريي جا گهڻائي اثر رسوخ وارا درويش ۽ بزرگ قائل هئا، بلڪ وحدت الوجود جا علمبردار هئا. خصوصاً محمد معين ٺٽوي، شاهہ ولي الله دهلويءَ جو شاگرد شاهہ عنايت صوفي جهوڪ وارو، صاحبڏنو فقير درزان وارو جن سان شاهہ عبداللطيف جون ملاقاتون ٿيل هيون ۽ سندس وڏو ڏاڏو شاهہ عبدالڪريم خود وحدت الوجود جا قائل هئا. شاهہ صاحب خود مثنوي مولوي روم پڙهندڙهو انهيءَ ۾ وحدت الوجود جو ذڪر هو.

نظريي وحدت الوجود کي ”همہ اوست“ بہ سڏيندا آهن. جنهن جو مطلب اهو آهي تہ جملي هستيءَ جو حقيقي بنياد ”هستي مطلق“ يا ”وجود ڪل“ آهي. اهو ”وجود ڪل“ ئي خدا آهي ۽ ان کانسواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ شيءِ جو عالم ۾ موجود نہ آهي، جملي ڪائنات سندس پرتوي جو مظهر يا عڪس آهي. جنهن شيءِ کي ”عالم صفات“ ڪري سڏجي ٿو، ان کي ڪا جدا هستي نہ آهي.

جيئن ماڻهوءَ جو آئيني ۾ عڪس يا زمين تي پاڇولو يا سڏ جو پڙاڏو ڪا جدا حيثيت ڪا نہ ٿا رکن، ان وانگر ’صفات‘ پڻ بس ڪا جدا حيثيت ڪانہ ٿي رکي، بلڪ ذات حقيقيءَ تي مدار رکندڙ ۽ عڪس مثل آهي. انهيءَ مسئلي جي فلسفيانہ يا صوفيانہ پهلوءَ جو بيان ڪرڻ، اسان جي هن ڪتاب جو مقصد نہ آهي. ان ڪري ان کي ڇڏي هتي صرف هي ظاهر

ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس تہ انهيءَ نظريي جو اثر ملڪي سياست تي ڪهڙو ٿو پوي. جنهن صورت ۾ ان نظريي مطابق وجود ڪل شيءِ جو هڪ ئي آهي، ان ڪري ان جي مجيندڙن جي رهبر پاليسي محبت ۽ ميلاپ رهي آهي ۽ نہ نفرت ۽ نفاق. اهو فلسفو "عالم ڪثرت" جي ظاهري اختلافن جي پويان، هڪ لڪل يڪ جوئيءَ جو راز کولي ظاهر ڪري ٿو.

اهو مذهبن جي اختلافن، سچ ۽ ڪوڙ سزا ۽ جزا، نفعي ۽ نقصان، گناهہ ۽ ثواب وغيره جي ظاهري تفاوتن تي هڪ اهڙي نموني جي روشني وجهي ٿو جنهن ڪري انهن جي صورت ئي بدلجيو ٻي ٿيو وڃي. مذهبي حڪومت جي طرفدارن، ڪٽر ملن ۽ مولوين هميشہ ان کي خطري جي نگاهہ سان ڏٺو، ان جي مخالفت پئي ڪئي آهي، اهو نظريو جيتوڻيڪ محبت ۽ ميلاپ، فراخدليءَ ۽ ترقي پسند خيالن جو پيدا ڪندڙ آهي، ليڪن هر شيءِ حد کان وڌي وڃڻ جي حالت ۾ صحيح طرح استعمال نہ ڪرڻ ڪري، فائدي بدران نقصان ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح سان هن نظريي جي غلط استعمال ڪري دهريت، بت رستي، لاديني، انار/ڪزم (يعني: ڪنهن بہ پابنديءَ کي نہ قبولڻ) پيدا ٿين ٿا.

جڏهن مذهب جا طرفدار مذهب جي نالي کي غلط طرح استعمال ڪن ٿا ۽ ان ڪري گهڻا ظلم ۽ خرابيون پيدا ٿين ٿيون، تڏهن ان جي رد عمل ۾ وحدت الوجودي پيدا ٿين ٿا. سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي مذهب کي غلط نموني استعمال ڪرڻ ڪري، ان جي مخالفت ۾ هڪ اهڙو گروهہ پيدا ٿيو جو کليو کلايو مذهبي پابندين ۽ اعتقادن جي برخلافي ڪرڻ لڳو. انهيءَ وقت جي شاعرن جي ڪلام مان هيٺيان اقتباس ان جي ثابتي ڏين ٿا:

"جڏهن منبر، مسجد، مناري ويران نہ ٿيسين،
حال حقاني ميان سچو حاصل نہ ٿيوي"
(سچل)

"هڪ هندو ٻيو مسلمان، ٿيو وچ وڏئون وير،
اندن اونده نہ لهي تن کي سچ چوندو ڪير."
(روحل)

"بهشت دلاسو، دوزخ دڙڪو،
ڪوڙي سامي، تنهنجو ڪوڙو ڪڙڪو."
(شاهہ نصير)

## 2. مسئلہ وحدت الشهود:

هن جو ٻيو نالو "همہ ازاوست" جو نظريو آهي. هن مطابق توڙي جو جملي هستيءَ جو بنياد وجود ڪل (خدا) آهي، ليڪن پيدا ٿيڻ بعد عالم ناسوت (مادي دنيا) بہ پنهنجي جدا هستي رکي ٿي.

هستي مطلق (خدا) پاڪ ۽ اعليٰ آهي. عالم صفات سان ان کي تشبيهہ ڏئي نٿي سگهجي. مادو پنهنجو دائرِ اثر هيث قادر آهي. انهيءَ مسئلي جي فلسفيانہ باريڪبينين کي ڇڏي، آءُ هتي ان جي سياست تي اثر جي باري بابت، روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس. انهيءَ نظريي ڪري، هر شيءِ جا ٻہ پهلو ٿين ٿا. هڪ طرف جي روح آهي تہ ٻئي طرف مادو آهي. سچ آهي تہ ڪوڙ بہ آهي. جي ثواب آهي تہ گناهہ بہ آهي، تنهن ڪري نفعو ۽ نقصان، سزا ۽ جزا بہ لازمي شيون ٿيو پون. ان ڪري جماعت انسانيءَ کي گناهہ ۽ گمراهيءَ مان ڪيڍي راه ثواب ۽ حق طرف هلائڻ لاءِ مذهبي شريعت، جماعتي قاعدن ۽ قانونن جي ضرورت پوي ٿي. اهو فلسفو عالم وحدت جي يڪ وجودگيءَ جي باوجود عالم ڪثرت جي ظاهري اختلافن کي هڪ حقيقت ڪري مڃي ٿو. ان مطابق "سو پرين سو پساهہ" ۽ "سو ويري سو واهرو" نہ آهي. اتي محبت سان گڏ ڪلفت کي بہ جاءِ آهي. جيتوڻيڪ اهونقطہ نگاهہ بہ هڪ حد تائين پنهنجي اندر ڪي خاصيتون رکي ٿو مگر جي ان کي بنيادي طرح ڏسڻ جي ڪوشش ڪبي تہ اهو دوئيءَ ڏي ڇڪيندڙ آهي. جيئن انسان اڪثر افراتفري جو شڪار پئي رهيو آهي، جنهن جي نتيجي ڪري ملڪ ۾ مذهبن جا اختلاف نسلي ۽ ملڪي امتيازات، فرقي بنديون، نفرت، تعصبي قانون انڌا ڌنڌ مذهبي شريعتن جي تقليد، فسطائيت (ڊڪٽيٽرشپ) پئي پيدا ٿيا آهن. آزاد راءِ جمهوريت ۽ وسيع النظريءَ کي گهڻو نقصان پئي پهتو آهي.

دنيا ۾ جڏهن شخصي آزاديءَ جو ايتري قدر ناجائز فائدو ورتو وڃي ٿو، جو جماعتي اخلاق ختم ٿيڻ کي اچيو وڃهو پئي ۽ ڇڙواڳي ايتري قدر زور وٺيو وڃي، جو ساري اجتماعي زندگي پرزه پرزه ٿيو پوي ۽ جڏهن ڪشاده خياليءَ جي نالي ۾ مفاد عالم جو خيال نہ رکي، هر شيءِ کي جائز قرار ڏنو وڃي ٿو تہ ان جي رِدعمل ۾، مذهبي ڪٽرپڻو ۽ فسطائيت (ڊڪٽيٽرشپ) منهن ڪڍن ٿا ۽ مذهب ۽ قوم جي نالي ۾ چند ماڻهو عجيب غريب ڪم ڪن ٿا.

شاهه صاحب جي زماني ۾ ڪلهوڙن جي مذهبي حڪومت انهيءَ نقطه نگاهه جي پيدائش هئي. شخصي اعتقادن يا راين جي اختلاف تي به حاڪم ڪاوڙجي ويندا هئا ۽ مذهب جي نالي ۾ مخالفن کي موت جي سزا تائين، سزائون ڏنيون وينديون هيون. غير مسلمانن کي زوريءَ مسلمان ڪرڻ هڪ دستور ٿي ويو هو. مذهبي تعصب وڏي ويل هو. مذهبي آزادي يا اعتقادي اختلاف برداشت نه ڪيا ويندا هئا. مذهبي اسلام ان جي بنيادي اصولن کان هيٺ لهي، فروعات ۽ فرقه بنديءَ جو شڪار بنجي پيو هو.

مسئله وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جي هن مختصر سمجهاڻيءَ پيش ڪرڻ بعد، آءٌ شاهه صاحب جي زماني ۾ اهل طريقت جي هيٺين مکيه طريقن يعني: (1) قادري (2) چشتي (3) نقشبندي (4) سهرورديءَ جو مختصر احوال پڙهندڙن جي معلومات لاءِ پيش ڪندس.

سنڌ جا اڪثر بزرگ انهن ئي طريقن جا پوئلڳ ٿي رهيا آهن ۽ انهن بزرگن جو سنڌ جي سياسي ۽ معاشرتي زندگيءَ تي گهڻو ۽ گهرو اثر پئي پيو آهي.

**1 • قادري طريقو:**

هن طريقي جو باني شيخ محي الدين ابو محمد عبدالقادر بن ابي صالح موسيٰ جيلاني ؒ آهي، جو سن 470هه مطابق سن 1077ع ۾ ڄائو هو ۽ سن 561هه مطابق سن 1166ع ۾ وفات ڪئي هئائين. سندس مقبرو بغداد ۾ آهي ۽ کيس عام طرح سان "بادشاهه پير" رحمة الله عليه جي لقب سان سڏيو ويندو آهي. 'غنيته الطالبين'، 'فتوح الغيب' ۽ 'مجالس ستين' سندس مکيه تصانيف آهن. جن ۾ قادري سلسلي جو تفصيلوار ذڪر آيل آهي. انهيءَ طريقي جا پوئلڳ اڪثر وحدت الوجودي آهن.

هي حسيني ساداتن مان هو ۽ عباسين جي حڪومت جي زماني ۾ پيدا ٿيو. ڪربلا جي واقعي کان وٺي بني اميه ۽ بني عباس حاڪم بني فاطمين کي شڪي نگاهه سان ڏسندا هئا ۽ انهن تي سختيون ڪندا هئا. ڇاڪاڻ ته کيس انهن مان سياسي طرح خطرو هوندو هو. "بادشاهه پير" پهريون سادات هو جنهن مان بني عباس حاڪم راضي هئا. ان جو مکيه ڪارڻ اهو هو ته هي صاحب سياست کان علحدو ٿي، ماڻهن جي تزڪيه نفس (اندر اُجارڻ) ذريعي، صلاحيت (سڌاري ڪرڻ) جو قائل بنيو ۽ مذهب کي سياست

کان علحده رکڻ جي ڪوشش ڪيائين. سنڌ ۾ ان وقت عباسي حاڪمن جي حڪومت ختم ٿي چڪي هئي، ليڪن علمي ۽ روحاني لاڳاپا جاري هئا. ان ڪري سنڌ ۾ قادري طريقي جو گهڻو اثر پيو.

سنڌ ۾ جيلاني پيرن کان سواءِ جي سڀ انهيءَ طريقي جا پوئلڳ آهن، پيا بہ ڪيترائي بزرگ انهيءَ سلسلي سان واسطو رکندڙ آهن. راشدي خاندان، شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو ۽ اِن ڪري شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ صوفي حضرات انهيءَ سلسلي سان واسطو رکندڙ هئا.

انهيءَ طريقي جون مکيہ ڳالهيون هيٺيون آهن:

1. بُرن ڪمن ڪرڻ کان توبہ ڪرڻ، اخلاقن کي درست ڪرڻ لاءِ سچيءَ دل سان مرشد جي هٿ تي بيعت ڪرڻ.
2. اعمالن جي درستيءَ سان گڏ تزڪيہ نفس لاءِ عبادت ڪرڻ ۽ وڏي آواز سان خدا جي نالي جو ذڪر ڪرڻ.
3. مسلمانن جي جماعتي نظام ۽ معاشرتي ترقي، پاڻ سڃاڻڻ، اندر اُجارڻ، اخلاقن جي درستگي سلسلي طريقت جي ذريعي حاصل ٿي سگهندو ۽ نہ حڪومت جي دٻاءَ وسيلي. انهيءَ ڳالهين جو سياست تي اهو اثر پوي ٿو تہ مخلص ڪارڪنن جو هڪ گروهہ، حڪومتي ڪاروبار کان علحدو ٿي، ماڻهن کي اشرف المخلوقات جو صحيح نمونو بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو. قادري طريقو عبادت ۽ رياضت طرف مائل ڪري سياسي مها ڄار کان علحدگيءَ جا اثر پيدا ڪري ٿو.

**2• چشتي طريقو:**

هن طريقي جو باني حضرت خواجہ معين الدين محمد حسن چشتي سنجزي رحمت الله عليہ هو جو سن 537هہ مطابق 1142ع ۾ سجتان ۾ ڄائو. وڏي ٿيڻ بعد هن سمرقند ۾ وڃي دنياوي علم حاصل ڪيو. اتان هارون جي ڳوٺ ۾ اچي حضرت شيخ عثمان هارونيءَ کان سلسلہ طريقت ۾ بيعت ڪري فيضياب ٿيو. مرشد سان گڏ گهڻن شهرن جو سير ڪيائين. انهيءَ سير و سياحت جي دوران هن بغداد ۾ شيخ نجم الدين ڪبريٰ، ڪبروي طريقي جي شيخ، حضرت شيخ عبدالقادر جيلانيءَ ۽ شيخ سهاب الدين سهرورديءَ سان ملاقاتون ڪيون. اتان خراسان ۽ دهليءَ جو سير ڪندو

آخر اچي اجمير جي شهر ۾ رهيو ۽ اتي ئي سن 633هه مطابق 1236ع ۾ وفات ڪيائين. سندس سلسله طريقت جو جيتوڻيڪ سڌيءَ طرح سنڌ تي گهڻو اثر نه پيو، ليڪن جيئن ته ساري هندستان تي سندس سلسله طريقت جو خاص اثر پيو ان ڪري سنڌ پڻ اڻ سڌيءَ طرح ان ڪان مستفيد ٿيندي رهي.

سندس سلسلي جو اثر مغل شهنشاهن تي گهڻو پيو ۽ انهن مان پهرين جي سياست تي انهيءَ رنگ ۾ رنگجي ويئي.

چشتي طريقي جون مکيه ڳالهيون هيٺيون آهن:

1. ظاهري ۽ باطني اخلاق درست ڪرڻ.
2. فروعات کان وڌيڪ مذهب جي بنيادي اصولن تي زور ڏيڻ.
3. سچ جي ڳولا هر جاءِ ۽ هر هنڌ ڪرڻ.
4. خلق خدا کي خلق ۽ محبت رستي نيڪي ۽ اصلاح جي رستي تي هلڻ لاءِ چڪڻ.

اڪبري سياست جو بنياد انهيءَ سلسلي طريقت جي اثر هيٺ ئي پيو. شاه صاحب تي انهيءَ سلسلي جي ڪيترن ئي ڳالهين جو اثر ڪيو تو ڏسجي. راڳ، سرود، پيغام، محبت، فرقه بنديءَ کان پاسو وغيره سڀ چشتي فيض جون حاصلات هيون.

3. **نقشبندي طريقو**:

هن طريقي جو باني محمد بن محمد عرف خواجه بهاؤالدين نقشبندي رحمت الله عليه جو بخارا جي شهر ۾ سن 728هه مطابق 1327ع ۾ جائو ۽ اتي 791هه مطابق 1388ع ۾ وفات ڪيائين. هندستان ۾ انهيءَ طريقي خواجه باقي بالله ۽ امام احمد رباني مجدد الف ثاني سرهندي جي ڪري زور ورتو.

سنڌ ۾ شاه صاحب جي زماني کان ٿورو اڳ انهيءَ سلسلي طريقت جو چڱو اثر پيدا ٿيو. مخدوم آدم ٺٽوي، مخدوم ابو القاسم، مخدوم محمد زمان لنواريءَ وارو سندس خليفو ميان عبدالرحيم گرهوڙي، مخدوم محمد معين ٺٽوي، سيد محمد بقا لڪياري ڪن واسطن سان ۽ سرهندي حضرات انهيءَ سلسلي طريقت جا مکيه بزرگ هئا.

هن طريقي جون مکيه ڳالهيون هيٺيون آهن:

1. تزڪيه نفس لاءِ شريعت جي پابندي، خفي (ڳجهو) ذڪر ۽ مراقبو ڪرڻ.

2. احڪام مذهبي رائج ڪرڻ لاءِ منظم طريقي سان ڪوشش ڪرڻ. انهيءَ طريقي جو هندستان خواه سنڌ جي سياست تي گهڻو اثر پيو. هندستان ۾ اورنگزيبي سياست ۽ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي مذهبي حڪومت تي انهيءَ طريقي جي بانين جي مذهبي خيالات گهڻو اثر وڌو.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جيڪي مذهبي احڪامن لاءِ حڪومت کان فرمان جاري ڪرايا (جن ۾ مذهب مان بدعتن جي دور ڪرڻ، صورت ۽ سيرت شريعت موافق گذارڻ لاءِ حڪم ڏنا هئا) سي به انهيءَ سلسلي جون ڪڙيون هئا.

**4. سهروردي طريقو:**

هن طريقي جو باني شيخ ابو المجيب سهروردي رحمت الله عليه هو. سندس نالو عبدالقادر ڪنيت ابوالنجيب ۽ لقب ضياءُ الدين ۽ نجيب الدين هئا. هو صديقي خاندان مان هو. سن 491هه مطابق 1097ع ۾ سهرورد شهر ۾ ڄائو هو ۽ 72 سالن جي عمر ۾ سن 563هه مطابق 1168ع ۾ شهر بغداد ۾ وفات ڪيائين. هن سندس چاچي ابو حفض وجيهه الدين سهروردي، امام محمد غزالي مشهور عالم جي ڀاءُ امام احمد غزالي، شيخ حماد، شيخ محي الدين، عبدالقادر جيلاني رحمت الله عليه جي صحبتن مان فيض پرايو. ظاهري علم بغداد جي نظاميه درسگاهه مان حاصل ڪيائين. هو ڪو وقت انهيءَ وڏي درسگاهه جو مدرس اعليٰ پڻ تي رهيو. سندس ڪيترا خليفا ٿي گذريا آهن، جن جي نالن تي سهروردي طريقي جون شاخون نڪتيون ۽ ملڪان ملڪ پکڙيون. جن مان مکيه شاخون هي آهن:

1. **شهابيه سهرورديه**: هن شاخ جو باني شيخ شهاب الدين سهروردي هو جنهن جو مکيه خليفه شيخ بهاؤالدين ذڪريا ملتاني ٿيو. مخدوم نوح رحمت الله عليه جو پڻ تعلق ان شاخ سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ سلسلي جو غوث بهاؤالحق ۽ مخدوم نوح رحمت الله عليه ذريعي سنڌ تي گهڻو اثر پيو.

2. **ڪبرويه سهرورديه**: هن شاخ جو باني شيخ نجم الدين ڪبريٰ هو جنهن سلسلي سان واسطو رکندڙ لنواري وارن بزرگن جا وڏا ۽ مخدوم بلاول رحمت الله عليه هئا.

3. **فردوسيہ سهرورديہ**: هن شاخ جو باني شيخ نجيب الدين فردوسي هو. جو ٽن واسطن سان شيخ نجم الدين فردوسي ڪبريٰ سان وڃي ملي ٿو.
4. **مولوي رميہ سهرورديہ**: هن سلسلي جو باني مولانا روم (صاحب مثنوي) آهي. جو هڪ نسبت سان ڪبرويہ ۽ ٻي نسبت سان حضرت قطب الدين ابهري جي واسطي سان حضرت ابو نجيب تائين پهچي ٿو.
5. **جلاليہ بخاريہ سهرورديہ**: هيءَ شاخ مخدوم جهانيان سيد جلال بخاريءَ جي نالي سان منسوب آهي. هي سلسلو حضرت غوث بهاؤالحق ذڪريا جي واسطي سان ابو نجيب سهروردي تائين پهچي ٿو. هن سلسلي جا پوئلڳ پڻ سنڌ ۾ گهڻا آهن. ڪي اُچ جي درگاهہ سان واسطو رکندڙ آهن تہ ڪي انهيءَ ڪٽنب جي شاخ حضرت قطب الدين جهانيان پوٽا حيدرآباد سان واسطو رکندڙ آهن.
6. **صفويہ سهرورديہ**: هي سلسلو شيخ صفيءِ الدين اردبيلي جي نالي سان منسوب آهي, جو ڇئن واسطن سان حضرت قطب الدين ابهري جي وسيلي شيخ ابو نجيب تائين پهچي ٿو.
7. **خلوتيہ سهروديہ**: هيءَ شاخ شيخ محمد خلوتيءَ جي نالي سان منسوب آهي.
8. **شطاريہ سهرورديہ**: هي شاخ حضرت عبدالله شطار جي نالي سان منسوب آهي.
9. **ابراهيم وسوقيہ سهروديہ**: هيءَ شاخ حضرت ابراهيم وسوقي قطب مصريءَ جي نالي سان منسوب آهي.
10. **رسول شاهيہ سهرورديہ**: هي شاخ سيد رسول شاهہ خليفہ حضرت جهانيان جي نالي سان منسوب آهي.
11. **سدا سهاگيہ سهروردیہ**: هي شاخ حضرت شاهہ موسيٰ سدا سهاگ احمد آبادي المتوفي سن 852 هہ جي نالي سان منسوب آهي, جو حضرت ابراهيم سيد جي واسطي سان شيخ ابو نجيب تائين پهچي ٿو.

هن طريقي ۾ مکيہ ڳالهيون هينيون آهن:

ذڪر, سماع, رقص, راڳ جو ٻڌڻ, وجد ۾ اچڻ, سياسي نقطءِ نگاهہ کان هن طريقي جا اڪثر مشائخ حڪومت وقت جا دوست ٿي رهيا آهن, سنڌ ۾ هن سلسلہ طريقت جو گهڻو اثر ٿي رهيو آهي.

**3. جن بزرگن سان شاهہ صاحب مليو انهن جو مختصر احوال:**

جن بزرگن سان شاهہ ملاقاتون ڪيون هيون، تن جا نالا ۽ مختصر احوال اگرچہ پهرئين فصل ۾ اچي چڪو آهي، ليڪن شاهہ صاحب جي زندگيءَ تي انهن جي صحبت ڪري ڪهڙو اثر پيو، ان ڪري هيٺ ذرا وڌيڪ تفصيل سان انهن جو حال ۽ طريقن جو ذڪر پيش ڪجي ٿو تہ جيئن ناظرين کي شاهہ صاحب تي جن ڳالهين جو اثر پيو انهن کي معلوم ڪرڻ بعد شاهہ صاحب جي ڪلام کي سمجهڻ ۾ سهوليت ٿئي. انهن مان مکيہ هي هئا:

1. شاهہ عنايت صوفي 2. مخدوم محمد معين ٺٽوي
3. مخدوم محمدي کهڙن وارو 4. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي
5. مخدوم محمد زمان لنواري وارو 6. صاحبڏنو فقير درازن وارو
7. مخدوم عبدالرحيم گروهڙي 8. مدن ڀڳت ۽ ڪي هندو يوڳي.

ازانسواءِ ٻيا ٽي بزرگ جن سان اگرچہ پاڻ مليو ڪونہ هو ڇاڪاڻ تہ هو گهڻو وقت اڳ گذر ڪري ويا هئا، پر انهن جي تعليمات مٿس خاص اثر ڪيو ٿو ڏسجي، تنهن ڪري انهن جو مختصر ذڪر ڪرڻ بہ ضروري آهي. اهي بزرگ هئا: (1) مخدوم بلاول رحمت الله عليہ (2) مخدوم نوح رحمت الله عليہ (3) شاهہ عبدالڪريم رحمت الله عليہ بلڙيءَ وارو.

**1. شاهہ عنايت صوفي:**

شاهہ عنايت الله ولد مخدوم فضل الله سنڌ جي مشهور درويش مخدوم صدر لانگاهہ جي اولاد مان هو. هي درويش ميران پور جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. جو ميرپور بٺوري تعلقي جي هاٽوڪي جهوڪ جي ڳوٺ جي ويجهو هو. هي صاحب مخدوم عبدالملڪ برهانپوري قادري طريقي جو مريد هو جو شاهہ عبيدالله جيلانيءَ جو فرزند هو هو شيخ عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان قادري طريقي جو بزرگ هو. شاهہ عبداللطيف پنهنجي قوهہ جوانيءَ جي وقت ۾ صوفي صاحب جي بزرگيءَ ۽ درويشيءَ جي هاڪ ٻڌي، سندس سان ملاقات ڪئي ٿي ڏسجي. ميرانپور جو ڳوٺ شاهہ عبدالڪريم رحمت الله عليہ جي مزار واري ڳوٺ بلڙي کان ڏيڍ ميل پنڌ تي هو ان ڪري بہ کيس شاهہ عنايت سان ملڻ جا موقعا پئي مليا، جو شاهہ صاحب اڪثر پنهنجي ڏاڏي جي درگاهہ تي زيارت لاءِ ايندڙ هو.

شاهه عنايت جي ياد. خدا ۽ فيض عام جي شهرت جڏهن وڏي ويئي ته چؤطرف کان ماڻهو جوک در جوک انهيءَ چشمِ شيرين مان سيراب ٿيڻ لاءِ گڏ ٿيڻ لڳا. جنهن ڳالهه آس پاس جي زميندارن، عالمن ۽ پيرن ۾ حسد پيدا ڪري وڌو. انهن مان مکي وڏيرو نور محمد پليجو ۽ حمل خان جت ۽ سيد عبدالواسع سجاده نشين درگاهه شاهه عبدالڪريم رحمت الله عليه هئا. معلوم ائين ٿئي ٿو ته صاحبڏنو فقير درازن وارو جو مخدوم عبدالملڪ جي والد شاهه عبيدالله جو مريد هو ۽ شاهه عنايت جو هڪ چشمي مان فيض حاصل ڪيل هو. صاحبڏنو فقير جي پوٽي سچل فقير جي ڪلام کي (جو اسان وٽ پورو پهچي سگهيو آهي) ڏسڻ مان پورو پتو پوي ٿو ته اهي شيخ فريد الدين عطار جي سلسله تصوف جا قائل هئا. اهڙا حوالا سندس ديوان آشڪار مان گهڻا ملي سگهن ٿا. صوفي صاحب جي تعليم تنگ خيالي ۽ مذهبي ڪٽرپڻي جي برخلاف کليو چئلينج هو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته انهيءَ وقت ڏاري ملن ۽ پيرن، شريعت ۽ طريقت کي پنهنجي طاقت ۽ اقتدار هٿ ڪرڻ لاءِ رانديڪو ڪٺي بنايو هو. جنهن ڪري صوفي صاحب جهڙن آزاد خيال بزرگن کي انهيءَ ڍونگ جي برخلاف کلي بغاوت جو اعلان ڪرڻو پيو. بدقسمتيءَ سان صوفي صاحب جي احوال بابت گهڻو ذخيرو ملي نٿو سگهي، جنهن مان سندس حياتيءَ تي پوري روشني پئجي سگهي. تنهن هوندي به تاريخ تحفته الڪرام، مقالات الشعرا، سندس هم مشرب صوفين جو ڪلام ۽ مڪاني معلومات مان، جيڪي ڪجهه معلوم ٿي سگهيو آهي، تنهن جي آڌار تي هيٺيان نتيجا اخذ ڪري سگهيو آهيان.

صوفي صاحب توڙي جو پاڻ به شاعر هو ليڪن سندس ڪلام سواءِ چند بيتن جي اجا تائين. منهنجي نظر تي چڙهي نه سگهيو آهي. ليڪن هن ڳالهه کان انڪار ٿي نٿو سگهي، ته هو سلسله وحدت الوجود يا هم اوست جو قائل هو. انهيءَ نظريي جا پوئلڳ ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا. هڪڙا انهيءَ نظريي جي باني شيخ الاڪبر محي الدين ابن عربي جي فلسفي (جو سنڌ ۾ شاهه ولي الله دهلوي ۽ ٻين قادري ۽ سهروردي طريقن جي بزرگن وسيلي پکڙيو) جا قائل هئا ۽ ٻيا منصور بن حلاج جي نقطه نگاهه (جو شيخ فريد الدين عطار عليه ۽ شمس تبريز عليه جي معرفت سنڌ ۾ پکڙيو) جا پوئلڳ هئا. اگرچه خود شيخ ابن عربي تي به منصوري خيال جو گهڻو اثر هو ليڪن

انهن نقطہ نگاھہ کي باريڪ نظر سان ڏسبو تہ تفاوت معلوم ٿي ويندو تہ منصور جو چوڻ هو تہ "ذات ساڳي صفات آهي" ۽ "آءُ خود حق آهيان ۽ انهي ڪري ڪڏهن بہ حق کان جدا نہ آهيان." هو خدا کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ "مون ۾ ۽ تو ۾ ڪوبہ تفاوت نہ آهي، سواءِ هن ڳالهہ جي تہ تنهنجو نالو خدا آهي." هڪ هنڌ چوي ٿو تہ "اهو ڪير آهي اهو آءُ آهيان، مون ۾ ۽ تو ۾ ڪوبہ تفاوت نہ آهي، سواءِ عارضي ۽ دائمي جي."

سندس انهي راين مان معلوم ٿيندو تہ انسانذات ۽ صفات جي جداگانہ حيثيت قبول ڪرڻ جي باوجود بہ هو ڪن حالتن هيٺ، ان کي گڏي ٿو. انهي حالتن هيٺ، سندس نظريي مطابق "صفات" پاڻ کي "ذات" سڏي سگهي ٿو.

ابن عربي انهي نموني ذات ۽ "صفات" جو گڏجڻ قبول ڪري ٿو. ليڪن "حلول" ۽ "الوهيت" جو قائل نہ آهي. هي هڪ هستيءَ مطلق کي ٻن نقطہ نگاهن سان ڏسي ٿو پر ٻنهي جو تفاوت سندس اکين اڳيان چٽو آهي. منصور جي نعري "اناالحق" بابت هو چوي ٿو:

"اقنا سرالحق ماالحق آنا" يعني "آءُ حق جو ڳجهہ آهيان پر خود حق نہ آهيان." ڳجهہ مان سندس مطلب ذات جو مظهري جلوو آهي، جنهن ۾ حق ڇپيل رهي ٿو ليڪن ٻئي طرف هميشہ موجود رهن ٿا ۽ اهو چوڻ اجايو ٿيندو تہ هڪ ٻيو ٿي پوي ٿو.

صوفي صاحب منصوري نقطہ نگاهہ جو هو. باوجود پرهيزگار، خدا ترس ۽ عبادت گذار هئڻ جي، هن اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو جو ملن جي تخيل واري مذهب جي خلاف کلي بغاوت تصور ڪيو ويو. هر انتها پسند صوفي فطرتاً "انارڪست" آهي، هو سوسائٽي (جماعت) جي قانون ۽ پابندين جو محتاج رهڻ نٿو گهري، هن جي خيال موجب قانون سندس فائدي لاءِ ناهيا ويا آهن. هو قانون جي مقصدن ۽ مرادن تي نظر ڪري ٿو تہ قانونن کي، پنهنجي تخليق سمجهي ٿو. مذهب، حڪومت ۽ ملڪي رواج جي قيدن کان پاڻ کي آزاد ٿو سمجهي. "همہ اوست" جي عالم ۾، هن وٽ ڪوڙ ۽ سچ، گناهہ ۽ ثواب، نفعي ۽ نقصان جا تفاوت گم ٿيو وڃن. تنهن ڪري سزا ۽ جزا جا سوال هن وٽ رهن ئي ڪين ٿا. هو محويت جي عالم ۾ رهي ٿو ۽ هو نہ ڪنهن سان وسطرو رکڻ گهري ٿو نڪو ٻين جي دستورن جو محتاج ٿيڻ

گهري ٿو. صوفي اگرچہ بي زر ۽ مونن ۾ منهن وجهي گذارڻ وارا آهن, ليڪن هر منظم طريقي جي مدار المهمان ملن, حاڪمن, پيرن انهن جي تعليم ۾ خطرو پئي محسوس ڪيو آهي. جيڪڏهن غور سان شاهہ عنايت جي زندگيءَ تي نظر ڪبي تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ هن سنڌي سوسائٽيءَ ۾ اهو انقلاب تي آڻڻ گهريو جو ان وقت جي قبول ڪيل نظرين, دستورن ۽ قانونن جي پاڙ پٽي ڇڏي ها. تنهن ڪري انهيءَ وقت جي وڏيرن, ملن, پيرن ۽ حاڪمن جا خوف ۽ خطرا سندن نقطہ نگاهہ ۾ حق بجانب هئا ۽ هنن ملي جلي, دهليءَ جي بادشاهہ فرخ سير جي طرفان, سنڌ ۾ مقرر ڪيل نواب اعظم خان کي صوفي صاحب جي برخلاف بدظن ڪري, فرخ سير بادشاهہ کان هن جي ختم ڪرڻ جي اجازت ورتي. جيتوڻيڪ پوريءَ طرح حقيقتون معلوم نہ ٿي سگهيون آهن, پر جيتري قدر معلوم ٿي سگهيو آهي, منهنجي نظر ۾ صوفي صاحب جا هيٺيان ڪم سندس ان مخالفت جو ڪارڻ بنيا.

1. انهيءَ وقت ملن جي تخيل واري شريعتي پابندي ۽ اعتقادن ۽ وقت جي پيرن جي رائج ڪيل سلسلہ پيري مريديءَ کي نہ مڃڻ ۽ آزاد خيالن جو پرچار ڪرڻ.
2. مذهبي فرقن کي ٽوڙي آزاد خيال لاڳاپن جي بنياد تي بنا تفاوت مذهب, فرقي, ذات ۽ طبقي جي, پنهنجي جماعت ٺاهڻ. جنهن ڪري موجوده مذهبن جي اثر ۽ اقتدار کي نقصان پهچڻ جو انديشو محسوس ڪيو ويو.
3. پنهنجي جماعت جو ويس هڪ اهڙي رنگ جو ڪرڻ جيڪو هندو سنياسي يا ٻڌ ڌرم جا لاما ڪندڙ هئا يعني گيڙو ويس. انهيءَ ويس لاءِ مسلمان مُلن کي خاص تعصب هو.
4. صوفي جماعت وارن جو حڪومت کي ڍلن ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ, انهيءَ لاءِ عُذر اهو ڏنو ويو تہ اهي زمينون کين سندن نقصان جي عيوض ۾ مليل هيون, جي انعام طور ڪري شمار ڪرڻ گهرجن.
5. هو ان راءِ جا هئا تہ ماڻهن جا شخصي اعتقاد, جن تي هو غور ۽ فڪر بعد, صداقت سان پهتل هجن, سندن خانگي معاملات هئا. سوسائٽي ۽ حڪومت کي انهن ۾ دست اندازي ڪرڻ جو ڪوبہ حق ڪونہ آهي.

انهن سيني ڳالهين جو نتيجو اهو ٿيو جو سنڌ جي وچ حصي جا مُلا، پير، زميندار سندن برخلاف ٿي پيا ۽ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي رهبريءَ هيٺ، دهليءَ جي بادشاهہ جي حڪم ۽ سندن ٺٽي واري نواب جي مدد سان هڪ لشڪر، صوفي صاحب تي ڪاهہ ڪري ويو ۽ ڇهن مهينن تائين صوفي صاحب جا مريد ۽ فقير مقابلو ڪندا رهيا. آخر ميان محمد ڪلهوڙي ۽ شهداد خان ٽالپر قسم ۽ واعدا ڏيئي صوفي صاحب کي ٺٽي جي نواب جي دربار ۾ وٺي آيا. جتي ڪجهہ بحث مباحثي بعد مولوين کان فتويٰ وٺي، مذهب جي بهاني تي هن کي قتل ڪرايو ويو. اهو واقعو سن 1130هہ مطابق سن 1721ع ۾ سرزد ٿيو. شاهہ صاحب تي شاهہ عنايت جي تعليم جو گهڻو اثر ٿيو ٿو ڏسجي. پاڻ چوي ٿو تہ:

صوفي لا ڪوفي، ڪونہ پائينس ڪير،
منجهائي منجهہ وڙهي، پڌر نہ آهس پير،
جنين ساڻس وير، هي تنين جو واهرو.

ٻئي هنڌ اهڙن ماڻهن جي مخالفن کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

سيٽ پچار پرين جي، سيٽ هوت حضور،
ملڪ مڙيئي منصور، ڪهي ڪهندين ڪيترا؟

صوفي صاحب جي شهادت وقت شاهہ صاحب 28 سالن جي عمر جو هو. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ ان واقع مٿس ايڏو اثر ڪيو جو رامڪليءَ سر جا 8 بيت انهيءَ جي درد ۾ مرثيي طور چيا اٿس. انهن بيتن مان هڪ هينئون آهي:

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.
(شاهہ)

2. **مخدوم محمد معين ٺٽوي**:

محمد معين ولد محمد امين قوم دل، ٺٽي جي قديم مُلن جي خاندان مان هو. سندس والد امين، مشهور شاعر مير فاضل خان جي گهران شادي ڪئي. ان مان يارهين صدي هجريءَ جي آخر ۾ محمد معين پيدا ٿيو. هن اول ٺٽي جي مدرسن ۾ تعليم حاصل ڪئي، پوءِ اتان دهليءَ وڃي شاهہ عبدالرحيم ۽ سندس فرزند شاهہ ولي الله دهلويءَ جي خدمت ۾ وڏيڪ علم

پرايائين. اتان موٽڻ بعد سنڌ ۾ محدث ۽ غير مقلد عالم تي ڪم ڪرڻ لڳو. ان ڪانپوءِ هن جي شهرت چؤطرف پکڙجڻ لڳي. هو صوفي محدث، فلسفي، شاعر ۽ فاضل ترين عالم هو. سندس ٻيو نالو مخدوم ٺارو هو. صوفيانہ مسلڪ ۾ محي الدين ابي عربي جو تابع هو. هن پنهنجي تصنيفات ۾ اڪثر ابن عربن جو نالو حوالي طور ڏنو آهي. علامہ معين ڪن خيالن ۾ تفصيلي شيعن جو حامي هو. هو طريقت ۾ شيخ ابو القاسم نقشبندي (جو مخدوم آدم جي واسطي سان امام ربانيءَ جي سلسلي سان ملحق هو) جو مريد هو.

مخدوم محمد هاشم اگرچہ علامہ معين صاحب جو شاگرد هو، ليڪن ٻنهي جي خيالن ۾ اختلاف هوندا هئا.

علامہ صاحب باوجود محدث ۽ نقشبندي هئڻ جي بہ راڳ ۽ سرود ۾ مجلسن ۾ ويهندو ۽ ٻڌندو هو. هو وڏي پائي جو شاعر هو ۽ سندس تخلص فارسيءَ ۾ "تسليم" ۽ هنديءَ ۾ "بيراڳي" هو. سندس تصنيفون گهڻيون آهن. آخر عمر ۾ گوشہ نشين ٿي، وقت گذارڻ لڳو ۽ پنهنجو وقت راڳ ٻڌڻ، غور ۽ فڪر ڪرڻ ۾ صرف ڪرڻ لڳو. وفات بہ راڳ ٻڌندي ڪيائين. سندس وفات مهل بہ شاهہ عبداللطيف حاضر هو.

شاهہ صاحب جون ساڻس گهڻيون ملاقاتون ٿينديون رهيون. شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ جو وحدت الوجود جو رنگ آهي، ان جو فلسفيانہ ظرف ۽ اثر محمد معين جي صحبتن جو نتيجو آهي. اجڪلهہ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي تعليم ڪري شاهہ ولي الله دهلوي جي تصوف، سياست ۽ اقتصاديات جي نظرين جي جاڻ، گهڻن تعليم يافتن سنڌين کي پئجي چڪي آهي، ليڪن انهيءَ تعليم کي سڀ کان اول، سنڌ ۾ مخدوم محمد معين پهچايو. شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ وطن جي محبت ۽ ان جي مارن ماڻهن لاءِ سڪ (جن ۾ اڪبري سياست جا جزا چُهپيل آهن) هڪ حد تائين مخدوم صاحب جي معرفت شاهہ ولي الله دهلويءَ جي تعليم جو نتيجو آهن. مخدوم صاحب سن 1660هہ ۾ وفات ڪئي ۽ سندس مقبرو ان جي مرشد مخدوم ابو القاسم نقشبنديءَ جي پيرانديءَ کان آهي.

**3. مخدوم محمدي کهڙن وارو:**

هي مخدوم عبدالرحمان (شهيد) جو فرزند ۽ عباسي خاندان مان هو. هنن جو وڏو ڏاڏو محمد ابراهيم بن اسحاق خليفہ معتصم بالله جي ڏينهن ۾،

عرب مان لڏي، سن 248هه کان اڳ سنڌ ۾ آيو ۽ حيدرآباد شهر، جنهن کي انهيءَ زماني ۾ (نيرون ڪوٽ) ڪري سڏيندا هئا. جي اتر ۾ هڪ ٽڪريءَ جي ڀر واري ڪلور نالي ڳوٺ ۾ اچي رهيو جتي ماڻهن کي وعظ ۽ نصيحتون ڪندو هو. جنهن ڪري ماڻهن ۾ ”ڪلور واري“ بزرگ جي نالي سان مشهور ٿي ويو جنهن لفظ مان بدلجي (ڪلهوڙه) لفظ ٺهي پيو ۽ ڪلهوڙا انهيءَ بزرگ جي اولاد مان هئا. (ماخوذ از تذڪره مخاديم کهڙا).

ان بزرگ جي شهادت چورن هٿان ٿي. ان ڪانپوءِ ان جا پويان سنڌ جي گهٽن ڳوٺن کان ڦرندا گهرندا آيا. آخر منجهانئن مخدوم عبدالخالق سن 1050هه ڌاري لڏي اچي کهڙن جي ڳوٺ ۾ ويٺو. مخدوم عبدالرحمان کي ڏسي سنڌ جي حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي کي تعصب پيدا ٿيو. آخرڪار هن ڪنهن بهاني تي مخدوم صاحب تي لشڪر چاڙهي موڪليو ۽ کيس 980 فقيرن سميت بنا مقابلي جي مسجد شريف ۾ وٺي سن 1145هه ۾ شهيد ڪرايو. ان وقت مخدوم محمدي صغير هو. ٿوري عرصي گذرڻ بعد هو پنهنجي والد بزرگوار جون سِڪون لاهڻ لڳو سندس علم ۽ فضل جي هاڪ چوطرف پکڙجي ويئي. هڪ دفعي شاهه صاحب پنهنجي سفر جي دوران کهڙن جي پاهران، ميان سچيڏنو اجڻ فقير جي کوهه تي اچي منزل ڪئي ۽ جڏهن مخدوم محمديءَ کي خبر پئي، تڏهن دعوت ڏئي کيس وٺي ويو ۽ شاهه صاحب هڪ هفتو وٽس ٽڪيو پيو هو.[1]

مخدوم صاحب سيد موسيٰ شاهه گهوٽڪيءَ واري جا معتقد هئا ۽ سندن طريقو قادري هو. شريعت جا پورا پابند هئا. سن 1171هه ۾ وفات ڪيائون.

### 4. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي:

مخدوم محمد هاشم ميان عبداللطيف جو فرزند هو ۽ هو 10 ربيع الثاني سن 1104هه ۾ ميرپور بٺوري جي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. پهريائين تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪري، پوءِ ٺٽي ۾ مخدوم محمد سعيد وٽ اچي وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين ميرپور بٺوري کان لڏي پهرين پاڻ براهم پور جي ڳوٺ ۾ آيا، جتي آخر ٺٽي جي شهر ۾ سڪونت پذير ٿيا. علم حاصل

[1]. ماخوذ از ”آئينہ جهان نما“.

ڪرڻ بعد پنهنجي زماني جو وڏو پرهيز گار ۽ پابند شريعت اسلامي عالم ٿيو. سندس تصنيفون اٽڪل 150 ڪن آهن. انهيءَ وقت ۾ سنڌ جا عالم ٻن گروهن ۾ ورهايل هئا، هڪڙا فلسفي ۽ حديث ۾ ماهر هئڻ ڪري غير مقلد ٿي ويل هئا، ليڪن مٿن تصوف جو اثر بہ قائم رهيو. ٻيا فقہ ۾ مهارت حاصل هئڻ ڪري مقلد، زاهد، صاحب شريعت مشهور ٿيا.

مخدوم محمد معين پهرئين گروهہ مان مکيہ هو ۽ ٻئي گروهہ جي مهنداريءَ جي پڳ مخدوم محمد هاشم تي آئي. هي صاحب پابند صوم ۽ صلوات،سنت اسلامي جو پيرو هو. ۽ هن مذهب مان بدعتن (هر نئين ڳالهہ جا اهل سنت و جماعت جي حنفي فرقي جي حڪمن جي برخلاف هجي) ڪيڻ جي تحريڪ شروع ڪئي. جيئن اهو ڪم مؤثر طرح حڪام وقت ڪلهوڙن ۽ ٻين معززن اميرن جي مدد ۽ همدرديءَ کان سواءِ پوريءَ طرح حاصل ٿيڻ مشڪل هئو، ان ڪري هن انهن سان لاڳاپو وڌايو. جيئن انهن حاڪمن جي ذاتي ۽ طبقاتي مفاد کي، انهن ڳالهين ڪري ڪو نقصان نٿي پهتو تنهن ڪري انهن مخدوم صاحب جو ساٿ ڏنو ۽ مخدوم صاحب جو اثر وڌڻ لڳو. مخدوم صاحب اصولي ڳالهين کان، فروعي ڳالهين ڏي زياده توجهہ ڏيئي، تجديد شريعت جي نالي سان تحريڪ شروع ڪئي. جنهن صورت ۾ زبردست عالم ۽ پرهيزگار شخص هو، ان ڪري سندس انهن ڳالهين جو ملڪ ۾ ڇهچٽو پئجي ويو. عام فهم ماڻهن ۽ مُلن ۾ سندس نالو مشهور ٿي ويو. هن ان وقت جي بلند پايہ عالمن ۽ صوفين، محمد زمان لنواري وارو ۽ شاهہ صاحب سڀ سندس نقطہ چينيءَ کان بچي نہ سگهيا. اڄڪلهہ جي زبان ۾ سندس سياسي مسلڪ قدامت پسند رجعت پسند شمار ڪري سگهجي ٿو. سندس راين ۽ خيالات جو پتو سندس چوڻ تي ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي جاري ڪيل هڪ فرمان مان پئجي سگهي ٿو.

**فرمان:**

"هن حڪومت جي سيني ڪارڪنن کي معلوم هجي تہ جناب مخدوم محمد هاشم جي شرعي فيصلن جي جاري ڪرڻ لاءِ ڪوشش ونن ۽ عاشورن ۾ ماتم ۽ تابوت وغيره بدعات جي منع ڪن. نشيدار شين جي پيئڻ ۽ وڪري تي بندش وجهن. شرط رکڻ، جوا ڪرڻ، فاحش زالن ۽ ڪدڙن تي روڪ وجهن. زالن کي مقامن ۽ باغن ۾ وڃڻ کان روڪين. ماڻهن جي وفات

وقت روج ۾ راڳو ڪرڻ کان منع ڪن. ساهواري جانور جي تصوير ڪڍڻ کان روڪ ڪن. هندن کي چوٽين، ڏوتين پائڻ ۽ دڪانن تي گوڏا اُگهاڙا ڪري ويهڻ کان منع ڪئي ويجي. مسلمانن کان مٺ کان ننڍي ڏاڙهي ڇڏائن، ڏاڙهيءَ جا خط ونائڻ ۽ مڇن رکائڻ تي بندش وڌي ويجي. هندن کي هولي، ٻڳت ۾ سرود، شرنائي، دهل، ناد وڄائڻ کان منع ڪئي ويجي. هندن کي بتن ۾ درياءَ اڳيان سجدي ڪرڻ کان روڪيو ويجي. متي ڏيڪاريل جملي ڪمن لاءِ عملدار ڪليو ڪلايو سختيءَ کان ڪم وٺي، حڪمن جي پوئواري ڪن، ۽ انهن جي ڏوهاري ماڻهن کي اهڙيون سزائون ڏين، جيئن رعيت مان ڪوبہ اهڙو ڪم نہ ڪري سگهي. ازانسواءِ ماڻهن کي نماز روزي ۽ ٻين عبادتن لاءِ تاڪيد ڪيو ويجي. انهن حڪمن جي بجا آوريءَ ۾ ڪابہ انحرافي نہ ٿيڻ گهرجي.“(2 شعبان سن 1072هه)

مخدوم صاحب شرعي ڪمن جي اهڙيءَ طرح پابندي ڪرائي، جو وضو ۽ غسل لاءِ شرعي مقدار تي ڪوزا ماپا نهرايائين، جن کي هاشمي ڪوزا ڪري سڏبو هو.

انهن سيني ڳالهين مان پتو لڳائي سگهجي ٿو تہ سندس انهيءَ شريعت جي نالي ۾ جدوجهد جا ڪهڙا نتيجا نڪرنا هئا.

مذهب ۽ ان جي شريعت جو دائرو تنگ ڪري، ان کي چند رسمن جي پابنديءَ تائين محدود ڪيو ويو. غير مذهب ماڻهن کي سندس اعتقادن پٽاندر رهڻ لاءِ آزاديءَ تي روڪ وڌي تي ويئي. ماڻهن جي خانگي زندگيءَ جي معمولي سوالن ۾ دست اندازي ٿيڻ لڳي. تان جو صورت ۽ سيرت جي معاملات ۾ بہ ماڻهن کي مولوي صاحب جي مقرر ڪيل دستور ۽ قانون مطابق هلڻو تي پيو. معاشرتي سڌاري ۽ اخلاق جي درستيءَ جي آڙ ۾ مولوي صاحب پنهنجي پورن کي پورو ڪرڻ تي گهريو. مولويءَ صاحب جا مداح ملان چا بہ چون، ليڪن ان ڳالهہ کان انڪار تي نٿو سگهي تہ اهو اهڙيءَ پاليسيءَ جو ئي نتيجو هو جو آزاد خيال انتها پسند صوفي، اهڙي قسم جي تنگ دائري وارن مذهبي عقيدن جي پاڙ پٽڻ لاءِ اُٿي کڙا ٿيا. جيتوڻيڪ ڪلهوڙن جي تعصبي حڪومت جي اثر ڪري، ابتدا ۾ هو ڪامياب نہ ٿيا ۽ گهڻيون سختيون سنائون، ليڪن ٿوري وقت اندر سنڌ مان، مذهبي تعصب ۽ تنگ نظريي جي پاڙ پٽي ڇڏيائون. اگرچہ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ اهي بہ حد کان لنگهي ويا.

شاهہ صاحب مخدوم محمد هاشم سان، پڻ ٻي دفعا مليو ٿو ڏسجي، ليڪن ٻئي گروهہ سان واسطو هئڻ ڪري ساڻس خاص تعلقات ڪونہ قائم ڪيائين. مولوي صاحب مان ان وقت جا گهڻا صوفي تنگ ٿي پيا هئا. مخدوم محمد زمان لنواريءَ وارو بہ انهن مان هڪ هو. شاهہ صاحب بہ ڏسجي ٿو تہ اسلام جهڙي دين کي اهڙيءَ طرح محدود ٿيندو ڏسي بي اختيار چئي ڏنو تہ:

ملين منو ماءُ، پٽو ڦٽو پيٽ ۾،
سچاڻي الله، ٻيئي ڏنائين ڏوڙ ۾.

مخدوم صاحب 70 سال جي عمر ۾ سن 1174هہ ۾ وفات ڪئي. سندس مزار مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي آهي.

### 5. مخدوم محمد زمان لواريءَ وارو:

مخدوم محمد زمان شيخ حاجي عبداللطيف جو فرزند هو. تاريخ 22 رمضان سن 1125هہ مطابق سن 1713ع ۾ ڄائو هو. هو صديقي نسل مان هو. سندن وڏا عباسي خليفن جي صاحبيءَ ۾ لڏي سنڌ ۾ آيل هئا. گهڻو وقت سنڌ ۾ رهڻ بعد هو ڪڇ ڏي هجرت ڪري ويا، جتان سن 910 هہ مطابق 1504ع ڌاري وري سندن وڏو شيخ عبداللطيف، ڪلان مريدن جي ست ستاءُ تي موٽي سنڌ ۾ آيو. هنن جي وڏي ڏاڏي شيخ محمد بن مالڪ سهروردي طريقي ۾ بيعت ڪئي هئي.

مخدوم محمد زمان جي والد شيخ عبداللطيف وري مخدوم آدم نٽي واري جي فرزند شيخ فيض الله کان نقشبندي طريقي جي اجازت حاصل ڪئي هئي. مخدوم محمد زمان پاڻ خواجہ محمد عرف ابو المساڪين بن محمد اشرف بن شيخ آدم کان نقشبندي طريقي ۾ فيض پرايو. عربي علم مخدوم محمد صادق نقشبنديءَ جي مدرسي ۾ پڙهيائين، جو بزرگ شاهہ عبداللطيف جي مريدن مان هو. سندس زماني ۾ هن طريقت جي سلسلي گهڻي شهرت حاصل ڪئي. جنهن ڪري دور دراز ملڪن کان ماڻهو ڪهي انهيءَ منبي چشمي مان روحاني ميناج حاصل ڪندا هئا. سندن ڪيئي خليفا ٿي گذريا آهن، جن مان مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي خاص شهرت جو مالڪ هو. جيتوڻيڪ مخدوم صاحب شريعت جو پورو پورو پابند هو ليڪن تعصبي ملان نہ هئڻ ڪري مخدوم محمد هاشم نٽوي، سدائين سندس مخالفت پئي ڪئي، جنهن ڪري نٽي مان لڏي اچي لنواري وسايائين. پاڻ

سنڌيءَ ۾ شعر بہ چيو اٿس، جنهن مان پتو پوي ٿو تہ باوجود نقشبندي هئڻ جي مٿس وحدت الوجود جي فلسفي جو گهڻو اثر هو. البت هو راڳ ۽ سُرود ٻڌڻ کان پرهيز ڪندو هو. سندس روحانيت جي شهرت جو ٻڌي شاهہ صاحب بہ ننڍپڻ ۾ ڳوٺان سندس ملاقات لاءِ سنيري وٽس پهتو. انهيءَ ملاقات ۾ جيڪا گفتگو هلي، ان لاءِ خواجہ محمد زمان جي حياتي لکندڙن تفصيلوار ذڪر ڪيو آهي. انهن جو چوڻ آهي تہ شاهہ صاحب تي مخدوم صاحب تي جي صحبت اهڙو تہ اثر ڪيو آهي. جو انهيءَ کان پوءِ شاهہ صاحب وٽ، جڏهن مخدوم صاحب جي ڳالهہ نڪرندي هئي تہ هيٺيون بيت پڙهندا هئا.

مون سي ڏٺا ماءُ، جن ڏٺو پرين کي،<br>ڪري نہ سگهان ڪاءِ، تنين سندي ڳالهڙي.

مخدوم صاحب 3 ذوالقعد سن 1188هہ مطابق 1774ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس مزار لنواريءَ جي ڳوٺ ۾ آهي.

### 6. صاحبڏنو فقير درازن وارو:

هي فاروقي نسل مان هو. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ سندس وڏا محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيا. سندن پهريون بزرگ جو سنڌ ۾ آيو ان جو نالو شيخ شهاب الدين هو جنهن سيوهڻ جي شهر ۾ 9 محرم سن 65هہ ۾ وفات ڪئي. خدا آباد جي پر ۾ نوريجن جو ڳوٺ سندس پوين مان مخدوم نور الدين جو ٻڌايل هو جنهن 21 رمضان سن 224 هہ سيوهڻ ۾ وفات ڪئي.

سن 665هہ ۾ هنن جا پويان مخدوم جمار جا مريد ٿيا. هنن مان مخدوم ابو سعيد، انهيءَ وقت ڏاري لڏي اچي، راڻيپور جي پر ۾ درازن جي ڳوٺ ۾ وينو. ميان صاحبڏني جو اصل نالو محمد حافظ هو ۽ صاحب ڏنو تخلص هوس. پوءِ پاڻ انهيءَ نالي سان مشهور ٿي ويو هو سن 1101هہ ۾ ڄائو هو. (از رسالو سچال فقير مرزا قليچ بيگ) هو شاهہ عبيدالله جيلانيءَ جو مريد ٿيو جو شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جو اولاد هو انهيءَ شاهہ عبيدالله جا بہ پٽ هئا. هڪ شاهہ ڪليم الله، ٻيو شاهہ عبدالملڪ. اهو ساڳيو مخدوم عبدالملڪ شاهہ عنايت صوفيءَ جو مرشد هو. جو پوءِ لڏي وڃي برهانپور ۾ وينو هو.

چون ٿا تہ صاحبڏنو فقير اول ۾ گوشہ نشين ۽ تارڪ دنيا ٿيو ڪبڙن جي وچ ۾ هڪ غار اندر وينو هوندو هو. شاهہ صاحب هڪ دفعي پنهنجي سفر

جي دوران جڏهن اتي پهتو ۽ اهو حال معلوم ٿيس تہ ڪيس ملي بحث مباحثو ڪري پاهر نڪرڻ تي راغب ڪيائين، ان ڪان پوءِ فقير صاحب ماڻهن سان منهن ڏيڻ لڳو. هن صاحب سنڌيءَ ۾ چڱو ڪلام چيو آهي، سندس طريقو رندي هو. هو انهيءَ زماني جي ملائيت ۾ ڪٽرپڻي جي مذهبي پابندين ڪان تنگ ٿي، ڪليو ڪلايو اهڙا اظهار ڪرڻ لڳو.

پنهنجي ڪلام ۾ چوي ٿو تہ:

"لاشڪ آهيون لا مذهب، اسان غرق ٿياسون درغبغب"

سندن رندي مشرب ۽ خيالات جو پورو پتو ۽ خبر فقير صاحب جي پوٽي سچل فقير جي ڪلام مان پئجي سگهندي، چاڪاڻ تہ ان جو گهڻو ڪلام ڇاپي هيٺ اچي، اسان تائين پهچي سگهيو آهي. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ شاهہ صاحب جڏهن هڪ دفعي درازن ۾ آيو تہ سچل فقير ڪي جو ان وقت پنجن ورهين جو مس هو ڏسي فرمايائين تہ "اسان جيڪو ڪنو رڌو آهي ان جو ڍڪڻ هي نينگر لاهيندو." يعني جيڪي وحدت الوجود جا راز ڍڪيل ۽ سالڪانہ نموني ۾ شاهہ صاحب ظاهر ڪيا آهن سي راز سچل فقير کليل ۽ رندانہ طريقي کولي ٻڌايا آهن. سندن ڪلام مان پتو پوي ٿو تہ مٿن منصوري تعليم جو اثر شيخ فريد الدين عطار ۽ شمس تبريزيءَ جي معرفت پهتل آهي. هيٺ ڪي ٽڪرا سچل جي ڪلام مان پيش ڪجن ٿا، جن مان سندن مشرب جو پتو پئجي سگهندو.

"اساندي جان ڪون لڳڙي، هوائي شمس تبريزي"

"عطا لبود خدا بود خدا بود، آن سر حقيقي خدا بود خدا بود"

صوفين جو مذهب عشق آهي، اتي ملن واري ڪدورت ۽ دوئي هوندي ئي نہ آهي، ڪين سڀ جاءِ تي پرين پيو پاڻ پسائيندو آهي. مذهبي قيدين ڪان هو پاڻ ڪي آزاد سمجهن ٿا. چوي ٿو تہ:

"ڏسو عشق جا انصاف، مڙيئي مذهب ڪيائين معاف"

"اتي ڪفر نہ اسلام، آهي سيني ڪي سلام"

هو ڏوهہ ۽ ثواب کي هڪ شيءِ جا ٻہ پهلو سمجهن ٿا ۽ عشق ۽ محبت جي عالم لاءِ پرده حجاب ڪري ليکين ٿا.

"هڪ ڏوهہ بيو ثواب، اتئي عشق جو حجاب"

انهيءَ وقت ملن جي تنگدليءَ ڪيس اهڙو تپايو جو جوش ۾ چيو ڏئي تہ:

عشق پيو سي، زور زور،
ڪُتِ ملان دي، نوڙهہ نوڙهہ
قاضيا ڪيهي مسلي ڪريندئين،
عشق شرع ڪيا، لڳي لڳي.
بهشت دوزخ دي ڏي نا دڙڪي،
اهي پيو اسان ڪنون پڳي پڳي.

صاحبڏني فقير سن 1192هہ مطابق 1778ع ۾ وفات ڪئي، سندس مزار درازن جي شهر ۾ آهي.

**7. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي:**

هي صاحب ترپارڪر ضلع جي گروهڙ ڳوٺ، تعلقي ڪپرو جو وينل ۽ وڏو نامور عالم هو. ابتدائي زندگيءَ ۾ مناظري ۽ مباحثي جو وڏو شوقين هو. هلي وڃي عالمن سان بحث ڪندو هو.

طبيعت جو جلالي هو. آخر ۾ مخدوم محمد زمان لنواريءَ جي صحبت ڪري، درويشي راهہ ڏي لاڙو رکيائين. مخدوم صاحب جي خاص خليفن مان تي پيو. هو شريعت اسلامي جو پورو پابند هو. خالص سنڌيءَ ۾ عمده شعر چيا اٿس. هن کي جهاد جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هڪ دفعي ٻڌائين تہ انهيءَ طرف (هتونگي ۾) هڪ مڙهيءَ اندر بت جي پوڄا ٿي ٿئي، ۽ ماڻهو دور دراز پنڌ ڪان، انهيءَ جي ڪرامت جون ڳالهيون ٻڌي، اوڏانهين سُکائون ۽ مجتائون ڏيڻ وڃن ٿا. سندس ڪجهہ توحيد پرستي ۽ ڪجهہ جهاد جي جوش جذبي اٿاريس تہ انهيءَ ننريءَ کي ڍاهڻ گهرجي. ان ڪري فقيرن سان چڙهائي لاءِ مشورو ڪيائين، اُتي ڪنهن چيس تہ سائين اتي پوڄارين جو زور آهي ۽ آس پاس جا ماڻهو بہ انهن جا طرفدار ٿيندا. ان مهم ۾ ڪامياب ٿيڻ جو ڪو امڪان نظر نٿو اچي. ان تي پاڻ چيائين تہ "جي هي مڙهي پڳي تہ بہ فتح فقيرجي ۽ جي هوءَ مڙهي پڳي تہ بہ فتح فقير جي آهي." يعني جي انهيءَ راهہ ۾ شهيد ٿي ويو تہ بہ ڪامياب آهي، پر جي مقصد حاصل ڪيائين تہ بہ ڪاميابي سندس هئي. نيٺ فقير صاحب انهيءَ ئي مهم ۾ شهيد ٿي ويو. اهو حادثو سن 1292هہ مطابق 1878ع ۾ ٿيو. سندس مزار گروهڙ جي ڳوٺ ۾ آهي، جتي سندس قبو مير احمد خان شاهواڻيءَ ٺهرايو

هو. فقير صاحب ذات جو مگريو هو ليڪن سندس ڏهٽاڻ مان سيد احمد شاهه هن وقت سندس سجاده نشين آهي.

## 8. مدن ڀگت ۽ ڪي هندو يوڳي:

شاهه صاحب جي اصل ڳوٺ ڪوٽڙي مغل ۾ هڪ هندو ڀڳت مدن نالي رهندو هو. جنهن سان شاهه صاحب جي گهري دوستي هوندي هئي. مدن ڀگت سنڌيءَ جو به شاعر هو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته انهيءَ جي صحبت ڪري شاهه صاحب ۾ هندو يوڳين، سنياسين ۽ ساڌن جي سنگت جو شوق جاڳيو ۽ برابر ٽن سالن تائين ساڻن گڏجي سفر ڪندو رهيو. گڏ ساڻن هنگلاج به پيتيائين. انهيءَ صحبت مان ڪيس سندن فقيريءَ جي طريقن، رسمن ۽ دستورن جو پورو پتو پيو چوي ٿو ته:

نوري ۽ ناري، جوڳيڙا جهان ۾،
ٻري جن ٻاري، آءُ نه جيئندس ان ري.

انهيءَ زماني ۾ مُلن جو تمام گهڻو زور هو. هندن سان صحبت ڪرڻ يا انهن جو ويس ڪرڻ ساڻن گهمڻ، رواجي ڳالهه ڪانه هئي، پر شاهه صاحب ان جي پرواهه ڪانه ڪئي. انهن جي صحبت مان تعصب نڪري ويس، ۽ قرباني، حليمائي، تياڳ ۽ سوز جا ورثا نصيب ٿيس. سندس ڪلام جو سر ڪاهوڙي ۽ رامڪلي سڄو هندو تارڪ دنيا فقيرن جي ساراهه سان پريو پيو آهي. بيراڳ هنديءَ جا ڪيترا بيت رسالن جي ڪن نسخن ۾ لکيل آهن.

جنهن ۾ اهو پتو پوي ٿو ته سندس مجلس ۾ ڪيترن هندو شاعرن جا ڪلام به ڳايا ويندا هئا. تان جو سندس ڪلام سان گڏجي رسالي ۾ داخل ٿي ويا.

شاهه صاحب جو هندو زماني جي آڪاڻين تي، ڪلام چوڻ، هندو راجائن جهڙوڪ: راءِ ڏياچ، مومل راڻو، ليلان چنيسر، لاکي ڦلاڻيءَ جي ساراهه ۾ بيت چوڻ، سندس آزاد خياليءَ جو ثبوت ڏين ٿا. هو هندو ساڌن جي ساراهه ۾ چوي ٿو:

سدائين سفر ۾، رمن متي راهه،
پرن پورب پنڌ ڏي، منجهه موالي ماهه،
جن جي الک سان آگاهه، هلو تڪيا پسون تن جا.

ٻئي هنڌ چيو اٿس:

قوت ڪرايا ڪاپڙي، طام نہ طامائو
سئنَ هنيائون سُج ۾، پهر نہ پينائو
اوسر آسائو اتي گوندر گڏيا.

متي ذڪر ڪيل، چند مکيہ درويش ۽ ساڌو هئا، جن شاهہ سان صاحب روبرو هلي روح رهاڻ ڪئي ۽ انهن جي صحبتن ۽ ملاقاتن مان فائدو حاصل ڪيائين. انهن ۾ هر قسم جا ماڻهو هئا، ڪي فلسفي ۽ محدث عالم هئا تہ ڪي صوفي لاڪوفي هئا، ڪي رند بي ريا هئا تہ ڪي نيٺ ملان ۽ فقيہ هئا، هندو مسلمان ٻنهين فرقن جا صحبتي هئس. تنهن ڪانسواءِ هيٺين ٽن بزرگن هر هڪ 1. مخدوم بلاول رحمت الله عليہ جو پڻ متس، اڻ سڌيءَ طرح اثر پيل ٿو ڏسجي، تنهن ڪري انهن جي زندگيءَ جو ٿورو ذڪر ضروري ڄاڻي، هيٺ بيان ڪجي ٿو.

1 • **مخدوم بلاول رحمت الله عليہ:**

مخدم بلاول ذات جو سمون هو ۽ ٺٽي جي شاهي خاندان سان واسطو رکندڙ هو. ان ڪري کيس سمون سردار ڪري سڏيندا هئا. سندن ڄم جي تاريخ ملي ڪانہ سگهي آهي، پر غالباً نائين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ ڄائو هو. ابتدائي تعليم ٺٽي مان پرائي، پوءِ وڌيڪ علم تلتيءَ جي ڳوٺ ۾ مخدوم عمر کان حاصل ڪيائين. شادي بہ اتي ڪيائين ۽ اتي ئي رهي پيو. هو علم حديث ۽ تفسير ۾ ماهر ٿيو ۽ سندس هاڪ چوڌاري پکڙجڻ لڳي، جنهن ڪري پري پنڌ کان، ماڻهو وٽس علم پرائڻ لاءِ اچڻ لڳا. هن کي سلسلہ طريقت ۾ بہ ڪمال هو. سندس طريقو سهروردي طريقي جي شاخ ڪبروي جو هو. سندس شجره طريقت ملي نہ سگهيو آهي، ليڪن هو انهيءَ وقت جي مکيہ بزرگن مان هڪ هو. ان جي شهادت مخدوم نوح رحمت الله عليہ جي پوٽي ميان غلام رسول صديقي جي لکيل ڪتاب مان ملي ٿي. مخدوم نوح جي حياتيءَ جي ذڪر ڪنديءَ هو صاحب لکي ٿو تہ "سنڌ ۾ ان وقت تائين صرف ٽي هاڪارا بزرگ هئا. 1. مخدوم نوح 2. مخدوم بلاول 3. قلندر شهباز.

مخدوم صاحب جا ڪيئي خليفا هئا، جن مان مکيہ هيٺيان هئا.

1. مخدوم 'ساهڙ لنجار'، انڙپور، 2. سيد 'حيدر' رحمت الله عليہ سن، 3. 'مخدوم رڪن الدين' عرف منو ٺٽو، 4. مخدوم حسن عرف بلاولي پاٽوٹ،

5. مخدوم سعد عرف ساند سڪرنڊ. 6. مخدوم هنگورو نزديڪ مورو. مخدوم ساهڙ وتان متياري ساداتن مان شاهه رڪن الدين فيض ورتو جنهن جو پوٽو سخي هاشم نامور ولي الله ٿي گذريو آهي. اڪثري متياري سادات اِن جا معتقد آهن. سخي هاشم شاهه، شاهه صاحب جي والد شاهه حبيب جو دوست هو ۽ هو متيارين مان لڏي ڀٽي پور ۾ انهيءَ جي مشوري ۽ مدد سان وڃي وينو هو. (قاضي هدايت الله متعلوي) ان ڪري بلاولي فيض جو شاهه صاحب تي اڻ سڌيءَ طرح اثر ٿيو هجي، ان کان انڪار ڪري نٿو سگهجي.

شاهه بيگ ارغون، جڏهن سنڌ تي ڪاهون ڪيون هيون، ان وقت ڄام نظام الدين سمي جي وزير درياءَ خان جيڪا سنڌي اقتدار جي قائم رکڻ جي تحريڪ هلائي هئي، ان جو روح روان مخدوم بلاول هو. شاهه بيگ جي حملن وقت مخدوم صاحب خليفن سميت ان جي مخالفت ڪئي هئي. سيد محمد ميران جونپوري جي تحريڪ جي سنڌ ۾ منظم طرح مخالفت مخدوم صاحب طرفان ٿي.

انهن سيني ڳالهين ڪري شاهه حسن ارغون ڪن جڙتو عذرن، تي ملن کان فتويٰ وٺي، کيس گهاڻي ۾ پيڙائي ڇڏيو. اِهو حادثو سن 929هه ۾ ٿيو. سندس عقيدن جو ذڪر اڳ اچي چڪو آهي.

### 2. مخدوم نوح رحمت الله عليه:

مخدوم نوح جو اصل نالو ميان لطف الله هو. ليڪن نوح هوتزاني نالي هڪ درويش ڪامل جي وصيت جي ڪري سندس نالو بدلائي نوح رکيو ويو. هو مخدوم نعمت الله جو فرزند هو ۽ صديقي نسل مان هو. سندس سن 911هه ۾ جنم ٿيو. اهو اُهو وقت هو جو ان کان پوءِ ٽن سالن بعد، سنڌ جو نامور حاڪم ڄام نظام الدين وفات ڪري ويو ۽ ان جي جاءِ تي ڄام فيروز سنڌ جو حڪمران ٿيو. جيتوڻيڪ مشهور ائين آهي ته مخدوم صاحب ظاهري ذڪر ڪنهن کان حاصل نه ڪيو. ليڪن سندن خانداني طريقو سهروردي هو. پوءِ اهو طريقو شيخ بهاؤالدين ذڪريا جي معرفت مليو هجيس، يا سڌو پشت به پشت سندن خاندان ۾ هليو آيو هجي. هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته مخدوم صاحب جو ڏوهٽو ميان دوست علي ملتان طرف مسافريءَ ۾ ويو. غوث بهاؤالحق جي سجاده نشين وٽ وڃي مهمان ٿيو. جنهن تحفي طور کيس پنهنجي بدّل دستار ڏني جا پاڻ وٺي ڪڇ ۾ جهليائون،

غوث بهاؤالحق جي فقيرن کي اها ڳالھ پسند نہ آئي ۽ اھڙو ذڪر غوث صاحب جي سجاده نشين سان ڪيائون. جنھن تي ان خليفن کي جواب ڏنو تہ اسان مريد شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جا آهيون ۽ هي اولاد شيخ ابو نجيب جو آهن. جو خود شيخ شهاب الدين جو مرشد ۽ چاچو هو. ان ڪري سندن تعظيم ڪرڻ اسان تي واجب آهي." (دليل الذاڪرين)

ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم صاحب شيخ ابو نجيب سهروردي (باني سهروردي طريقي) جي اولاد مان آهن. سندن استاد مخدوم ديانہ عربي هو. سندن خليفا گهڻا تي گذريا آهن. جن مان مکيہ سيد ابوبڪر لڪياري, ميان بهاؤالدين دلق پوش, منو فقير ۽ عثمان هئا. (دليل الذاڪرين)

پاڻ وقت جي سياست کان جدا رهي صرف خلق الله کي روحاني فيض ڏيندا هئا. حڪومت وارن سان سندن تعلقات نيڪ هئا. پاڻ 17 ذوالقعد سن 999ھ ۾ وفات ڪيائين. انھيءَ وقت سندس جمار 87 ورهيہ هئي. سندن وفات وقت کيس ڏھ فرزند هئا.

سندن طريقي جا ڏھر ذڪر طور پڙهيا ويندا آهن. سي گهڻو ڪري ملتاني ڏهرن جي نموني جا آهن.

**3. شاھ عبدالڪريم رحمت الله عليہ:**

شاھ عبدالڪريم مٽيارين سيدن جي خاندان مان هو سن 944ھ ۾ مٽيارين جي شهر ۾ ڄائو هو. سندن والد جو نالو سيد لعل محمد يا سيد لالو هو. هو بہ وڏو درويش هو. پاڻ مٽيارين مان لڏي بلڙيءَ جي ڳوٺ ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪيائون. سنڌيءَ ۾ ڏاڍو سنو شعر چيو اٿس.

مخدوم نوح رحمت الله عليہ جي صحبت لاءِ وقت بوقت هالن طرف ويندڙ هئا. حالانڪ مريد شاھ ابراهيم بخاريءَ جو هو. جو قادري طريقو رکندڙ هو. شاھ ڪريم عدم تشدد ۽ صبر ۾ پنھنجو مٽ پاڻ هو. سندن ڪاند ۽ صبر جون گهڻيون ڳالھيون ملڪ ۾ اڃا تائين مشهور آهن.

وڏائيءَ ۽ فخر تہ وٽن هوئي ڪونہ. سندن ڪرامتن ۽ ملفوظات کي ميان عبدالواسع ٺٽوي "بيان العارفين" نالي ڪتاب ۾ ڪٺو ڪيو آهي. پاڻ 12 فرزند ڇڏي سن 1044ھ ۾ بلڙيءَ جي شهر ۾ وفات ڪيائون.

هي آهي مختصر احوال شاھ صاحب جي زماني ۽ ان جي ماحول جو جنھن جي روشنيءَ ۾ پڙهندڙن کي شاھ صاحب جي خيالات کي معلوم ڪرڻو آهي.

فصل ٽيون

# شاھ صاحب سنڌ جو قومي شاعر

شعر اُھا خدائي ذات آھي، جا ڪن ٿورن ماڻھن کي نصيب ٿيندي آھي. باھ جو مثال وٺو تہ، اُھا جيئن ساڙڻ جو ڪم ڏئي ٿي، تيئن طعام پچائڻ ۽ گاڏين ھلائڻ توڙي ٻين ڪيترن مفيد ڪمن لاءِ پڻ ڪم اچي ٿي. جيڪڏھن اُھا نقصان پھچائي ٿي، تہ فائدا بہ منجھانئس گھڻا آھن. مطلب تہ: جھڙي مقصد لاءِ ڪيس ڪتب آڻبو اُھو حاصل ٿيندو. اھڙيءَ طرح شعر جي بہ حالت آھي، ان کي جي قومن ۾ انقلاب ۽ بيداري آڻڻ، بھادري پيدا ڪرڻ، اخلاق جي درستيءَ ۽ خودشناسيءَ پيدا ڪرڻ جي ڪم آڻي سگھجي ٿو تہ ساڳيءَ طرح اخلاقن بگاڙڻ سستي ۽ ڪاھلي پيدا ڪرڻ ۽ خيالن جي خرابيءَ جو ڪارڻ بہ شعر ٿي سگھي ٿو. انھيءَ نقطہ نگاھ ڪري شاعر گھڻن ئي قسمن جا ٿي سگھن ٿا. شعر جي لحاظ سان سندن جدا جدا قسمن کي پوريءَ طرح سمجھائڻ لاءِ آءٌ ڪين ھيٺ ٽن قسمن ۾ ورھايان ٿو.

1. **ادبي شاعر**:

ھي اُھي شاعر آھن، جي زبان تي پورو عُبور ھئڻ ڪري ملڪ جي ھر سامھون ايندڙ سوال تي شعر چون ٿا. جنھن ۾ پنھنجي علمي قابليت، زبان جي خوبين، دل جي جذبات، فطرت جي مصوري، قصن، ڪھاڻين، دوستن ۽ محبوبن جي تعريف، وڏن ماڻھن، بزرگن ۽ حاڪمن جي ثنا ۾ صرف ڪندا آھن. سندن ڪلام ۾ توڙي جو نفاست ۽ نزاڪت گھڻي ھوندي، ليڪن مقصد ۽ مرادون معمولي ھئڻ ڪري، ملڪ ۽ ماڻھن لاءِ انھن جي ڪلام مان، سواءِ ادبي فائدي جي، ٻيو ڪوبہ وڏو فائدو حاصل ٿي نہ ٿي سگھي.

2. **اخلاقي شاعر**:

ھي انھن شاعرن جو قسم آھي، جي تصوف جي رازن، فلسفي جي پيچيده سوالن، انسان جي اعليٰ اُمنگن تي غور ۽ فڪرن بعد، پنھنجي

خيالن کي نظر لڙيءَ ۾ پوئڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پوءِ ڪڏهن اُهي راز ۽ خيال، مثنوي مولانا روم وانگر قصن ۽ ڪهاڻين جي صورت ۾ بيان ڪن ٿا. ڪڏهن حافظ شيرازيءَ ۽ سعدي شيرازيءَ وانگر غزلن ۽ بيتن جي جدا جدا طرزن ۾ ظاهر ٿا ڪن.

**3. قومي شاعر:**

هن قسم جا شاعر، ملڪ ۽ قوم سان محبت رکڻ ڪري، ماڻهن جي سياسي، اخلاقي، اقتصادي حالتن جو غور سان مطالعو ڪرڻ بعد، قوم جي ڪمزورين، خامين، مشڪلاتن ۽ خوبين کان بخوبي واقفيت حاصل ڪرڻ بعد، انهن جي ڪارڻن ۽ اسبابن تي فڪر ٿا ڪن. قوم جو ماضي، حال ۽ مستقبل سندن اڳيان رهي ٿو. پوءِ هو قوم لاءِ ڪو نصب العين مقرر ڪن ٿا ۽ انهيءَ تي پهچڻ لاءِ، جي خيال ۽ تجويزون سندن دماغ ۾ ويهن ٿيون، تن سيني ڳالهين کي، هو پنهنجي ڪلام ۾، قوم اڳيان پيغام جي صورت ۾ پيش ڪن ٿا.

مٿي ذڪر ڪيل شاعرن جي قسمن جي نقطہ نگاهہ کان، جيڪڏهن شاهہ صاحب جي ڪلام تي نظر ڪبي تہ، هن ۾ پوين ٻن قسمن جي شاعرن جون خاصيتون، خاص طرح ڏسڻ ۾ اينديون.

جنهن صورت ۾، شاهہ صاحب اخلاقي ۽ قومي شاعر جي حيثيت ۾، پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ انهيءَ صورت ۾ ٻنهي پهلوئن مان، هر هڪ تي جدا ڪتاب لکي سگهجي ٿو. تنهن ڪري سندس شعر جي تصوفي ۽ اخلاقي ڪمالات جو بيان ڪرڻ تصوف جي ماهرن ۽ فلسفي جي عالمن لاءِ ڇڏي، آءُ صرف سندس قومي شاعر جي پهلوءَ کي، پنهنجي محدود معلومات ۽ وسائل مطابق بيان ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪندس.

منهنجو اهو پڪو ويساهہ آهي تہ شاهہ عبداللطيف سنڌ جو قومي شاعر آهي. سندس اڳيان سنڌ ملڪ جو خاص تخيل هو جنهن تي ايندڙ فصل چوٿين ۾ بحث ڪيو ويندو. اهڙيءَ طرح سان ڪيس سنڌي قوم جو بہ خاص تخيل هو. جنهن جو احوال بہ جدا جڳهہ تي آندو ويندو. هتي صرف هي ٻڌائڻ مقصود آهي تہ ڪيس جنهن ملڪ ۽ قوم جو تخيل هو. جنهن جو احوال بہ جدا جڳهہ تي آندو ويندو. هتي صرف هي ٻڌائڻ مقصود آهي تہ ڪيس جنهن ملڪ ۽ قوم جو تخيل هو، انهيءَ ملڪ جو گهٽو ياڱو هن پيرين

پنڌ ڪري گهمي ڏٺو. اتي جي ماڻهن سان گڏ گذاريائين. سندن عادتن ۽ اخلاقن کان واقف ٿيو. سندن جهونا قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائين، سندن رسمن ۽ رواجن تي غور سان مطالعو ڪيائين. سندن سياسي، معاشرتي، اخلاقي، اقتصادي حالتن کي نظر مان ڪڍيائين، انهن جي ڏکن ۽ سورن کي محسوس ڪيائين. سندن خوبين کي جاچيائين، سندن ماضي ۽ مستقبل تي غور ڪيائين. انهن جي ڪمزورين ۽ خامين جي معلومات حاصل ڪيائين.

مطلب تہ انهيءَ زماني جي سنڌ جي حالات جو ڪيس پورو پورو مطالعو ٿي ويو هو. ايتري ساري معلومات بعد هن پنهنجي شعر ۾ جيڪي چيو آهي، انهيءَ تي جيڪڏهن قومي نقطہ نگاهہ سان غور ڪبو تہ هيٺيون ڳالهيون نمايان طور نظر اينديون.

1 • **وطن جي حب:**

شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ جيتوڻيڪ ڪلهوڙن جهڙن ڪٽر مذهبي خيالن جي حاڪمن جي حڪومت هئي ۽ اورنگزيبي سياست جو دؤر چالو هو ليڪن شاهہ صاحب تي نہ اورنگزيبي سياست اثر ڪيو ۽ نہ گهڻي قدر اڪبري سياست جو اثر ٿيو. بلڪ هن تي قديم سنڌي سياست جو اثر پيو. هن وطن جي حب کي عين اسلام جي احڪام پٽاندر ايمان جو جزو سمجهي، سنڌ کي پيار ۽ محبت ڪئي. "پئن اسلامز" جو خيال سندس وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ آيو. هن بين الاقواميت کي "پئن اسلامزم" کان جدا ٿي سمجهيو. سندس ڪلام ۾ ڪٿي بہ مسلمان ملڪ يا مسلمان قوم ڏي اشارو ڪونہ آهي. سندس سچو ڪلام، وطن جي محبت، آزادي، ترقي ۽ اقتدار جي جذبات سان پُريو پيو آهي.

چوي ٿو تہ:

"سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار"

ٻئي هنڌ چيو اٿس تہ:

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهہ،
بت منهنجو بند ۾، قيد مَ ڪريجاهہ،
پرڏيهياڻي پرينءَ ري ڏار مَ ڏريجاهہ،
تڏي مٿي تَر جي، ولهيءَ وسائجاهہ،
پوءِ بون ٿئي پساهہ، تہ نجاهہ مڙهہ ملير ۾.
(شاهہ)

**2• ديسين جي محبت:**

شاهه صاحب جي ڪلام مان ٻي جا نمايان ڳالهه ڏسڻ ۾ ايندي سا 'سنڌ ديس' جي رهاڪن جي اُڪير ۽ محبت آهي. هن وٽ هندن ۽ مسلمانن جي تميز وطن ۽ قوم جي لحاظ کان ڪابه ڪانه آهي. جي سندس ڪلام تي نظر وجهندؤ ته:

"ديسي سيڻ ڪجن پرديسي ڪهڙا پرين"

جو آواز هڪ طرف ٻڌڻ ۾ ايندوَ ته:

"جيها جي تيها مون مارو ميجيا"

ٻئي طرف ڪنن تي پوندو.

باوجود اِن جي ته هو محمد ڪارٽيءَ جو مڃڻ ضروري ڄاڻي ٿو. هو صاف چئي ڏئي ٿو ته سچي مسلماني، تڏهن ئي ماڻي سگهبي، جڏهن دوبينائي دور ڪري "اشهد" جي اک سان. دنيا جي شين ۽ ماڻهن کي ڏسبو. هو پيغمبر اسلام کي رحمت العالمين سمجهي ٿو ۽ حق کي اسلام سمجهي چوي ٿو:

ڏسڻ ڏسين جي، ته همه کي حق چئين،
شارڪ شڪ مر ني، انڌا انهيءَ ڳالهه ۾.

مسلمانن جي جداگانه قوم جي نظريي کي اميراڻي ذهنيت جو نتيجو سمجهي ٿو. هن جي خيال موجب جهڙيءَ طرح سج جي روشني ۽ هوا کي، چند شخصن ۽ طبقن جي ملڪيت تسليم ڪرڻ ۽ بنائڻ، انسانذات جي گهٽائيءَ سان ظلم ۽ دشمني ڪرڻ جي برابر ٿيندو اهڙيءَ طرح حق کي به محدود ڪري، ڪنهن مخصوص گروهه جي ملڪيت يا ورثو بنائڻ، ساڳي ذهنيت جو نتيجو ٿيندو. هو هندن ۽ مسلمانن جي موجوده مصنوعي تفاوتن تي جڏهن نظر ڪري ٿو ته بي اختيار ٿي چوي ٿو ته:

ان پر نه ايمان، جو ڪلمي گو ڪوٺائيين،
دَغا تنهن جي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهئين..

ساڳيءَ طرح هندن کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته:

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوناءِ،
هندو هڏ نه آهئين، جٽيو تو مَ جڳاءِ،
تلڪ تنهين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

ڪفر ۽ اسلام ڪي هو روحاني دنيا جون, پر حقيقي منزلون يا حالتون سمجهي بحث ڪري ٿو. تنهن ڪري مُلن ۽ پنڊتن جي انسانذات جي وچ ۾ پيدا ڪيل بي معنيٰ فرقن ۽ تفاوتن کي هو حق جي سامهون پردا ۽ حجاب ٿو سمجهي.

آخر اهڙو اندر جو اُجريل ۽ صاحبِ نظر, اهي مصنوعي فرق جا نظريا ڪيئن قبول ڪري ٿي سگهيو؟

### 3. ملڪ جي آزادي، خوشحالي ۽ ترقي:

شاهه صاحب جي ڪلام ۾ تين خاص ڳالهه ملڪ جي آزاديءَ خوشحالي ۽ ترقيءَ جو تصور, اُميد ۽ آرزو آهي. اوهان جيڪڏهن سندس ڪلام تي غور سان نظر ڪندا تہ ڪيترين جڳهين تي زنجيرن جي ٽٽڻ, قلعن ۽ ڪوٽن جي ڪِرڻ, قيدن ۽ بندن کان آزاد ٿيڻ لاءِ دعائون گهريل ڏسندا.

هڪ طرف چوي ٿو تہ:

جُسو زنجيرن ۾, راتو ڏينهان روءِ,

يا

ڳچيءَ ڳانا لوهہ جا, زيريون, زنجير.

ٻئي طرف چوي ٿو تہ:

"منهن جي آس اها, ڪڏهين ڪيرائيندين ڪوٽ کي."

جڏهن سرتين, جيڏين ۽ ٻِر وارين قومن کي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جي زندگي گذاريندو ڏسي ٿو ۽ پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن کي غلام ۽ پنتي پيل ڏسي ٿو تہ بي اختيار زبان مان نڪري ٿو وڃيس تہ:

"مون جيڏيون ملير ۾, ٿيون چوندن موڪ مها."

شاهه صاحب سنڌ جي سهسين سينگارن, پلر جي پالوڻن, پٽن جي پاهن, ڪٿوريءَ خوشبوءِ, مندائتن مينهن جو تہ شائق ٿو ڏسجي ۽ سنڌ ۾ سڪار لاءِ خاص دعائون ٿو گهري. ڏڪارين ۽ موذين جي ڏيهہ مان پاڙ پٽڻ جي پنيان آهي. جڏهن جڳ ۾ مانداڻن جي وار, اتر پار ڏي ڪڪر ڪارونيار ۽ مندائتن مينهن جي وسڻ جا ويس ڏسي ٿو تہ, هڪ انقلابيءَ وانگر خوش ٿئي ٿو. ڪيس خبر آهي تہ مهانگو ميڙڻ ۽ پنجن مان پنڌرهن ڪرڻ وارا (چور بازاري) جلد ختم ٿيڻ وارا آهن ۽ سگهو ئي هاري هر جو منيو هٿ ۾ ڪري, ملڪ جي سياسي جمود واري زمين کي کيڙي, ان ۾

آزاديءَ جو ٻج پوکڻ وارا آهن. جلد ئي سک جي ساوڪ ٿيندي، ڏولائي جا ڏينهڙا ويندا. سنگهار سکيا ۽ ستابا ٿيندا.

شاهه صاحب جي باريڪ بين نظر سنڌين جا عيب ۽ سندس اڳيان پڌرا ڪري ڇڏيا هئا ۽ ڪيس انهن ۾ هيٺيون خاميون ڏسڻ ۾ آيون.

1. **احساس ڪمتري:**

هن ملڪ ۾ هيءَ عام چوڻي آهي ته "ولايت جي ڪبر سنڌ ۾ مينا". سا حقيقت شاهه صاحب هوبهو اکين اڳيان ڏٺي ان وقت سنڌ اندر هر صديءَ ۾ ڌرتيءَ جي ڌٻڻ، سنڌونديءَ جي ڦيرن گهيرن، لوڏن ۽ سوڪن جي واقعات، آبپاشيءَ جي واقعات، آبپاشيءَ جي ذريعن جي پوري انتظام نه هئڻ، بارش جي گهٽ هئڻ، اندروني ۽ بيروني ڌاڙيلن جي حملن (پوءِ اهي حاڪمن طرفان هئا يا ڌاڙيلن طرفان) حالتون غير تسلي بخش بنائي ڇڏيون هيون.

شهري زندگي تمام ڇڙي هئي. ماڻهن جو گهڻو تعداد مال تي گذران ڪرڻ ڪري خانه بدوش زندگي گذاريندو هو. آبادي به سدائين ساڳي زمين تي نه هئڻ ڪري آبادگار پيا پٽ بدلائيندا هئا. ان ڪري علم ۽ ٻيءَ ترقيءَ لاءِ سندن واسطي حالتون سازگار نه هيون. ان جي مقابلي ۾ دهلي، گجرات ۽ پنجاب طرف حالتون مختلف هيون. بارش گهڻي، آبادي جام، خانه بدوش زندگي گهٽ هئڻ ڪري امن امان وڌيڪ. شهري زندگيءَ جي زياده هئڻ ڪري، اتي جا رهاڪو علم ۽ آسودگيءَ ۾ سنڌين کان وڌيڪ هئا. نتيجو اهو نڪتو ته هر ٻاهران آيل ماڻهو سنڌ ۾ اچڻ بعد معتبر شمار ٿيڻ ۾ ٿي آيو پنجاب جا پير، افغانستان جا حمله ڪندڙ دهليءَ جا نواب تن جو ملڪ ۾ ڌاڪو ويهي ويو. اڪبر جي قومي سياست، اورنگزيب جي مذهبي پاليسي، مهدوي طريقت، دهليءَ جي نوابن جي طرز معاشرت، مغلن جي فارسي، سنڌ کي وڻ ويڙهيءَ جيان ويڙهي ويل هئي. "ننڍو صوبو ۽ سندس ننڍا دماغ"[1] ۽ "گڏهن ۽ اُنن جي هلائڻ واري قوم"[2] جا طعنا سنڌين کي صرف هن وقت ڪونه ٿا ڏيڻ ۾ اچن، پر ان وقت به وڏيرن ۽ مُلن جو ڪثير طبقو ٻاڻ وساري ويهي رهيو. سنڌي قوم جي تهذيب، زبان، آزاديءَ ۽ ترقيءَ جون ڳالهيون وسري ويون هئڻ.

---

1. 1938ع ۾ سردار پٽيل چيو.
2. لياقت علي خان 1948ع ۾ چيو.

شاهہ صاحب نهايت درد دل سان، اهي حالتون محسوس ڪيون تيون ڏسجن ٿو انهن کي نظر ۾ رکي سنڌين کي خطاب ڪيو اٿس تہ:

"اِيءَ نہ مارن ريتِ، جئَن سيڻَ متائين سُونَ تي."

وري ٻئي هنڌ چوي ٿو تہ:

"پکن جي پريتَ، مارُين سين نہ مَٽيان."

2. **ابن الوقتي**:

سنڌين ۾ ٻي وڏي خامي جا شاهہ صاحب ڏٺي هئي، سا هيءَ هئي، سندس وڏيري ڪلاس جي "ابن الوقتي" هي مثال مشهور ٿي ويو آهي تہ:

"جيڪو واءُ لڳي ان کي سامهون تجي."

هتي جا وڏا ماڻهو ڍنڍ جي پکين وانگر، هميشہ پاڻي يعني سُک سان بَدل هئا، جيڪو پاسو زور ڏسندا هئا، وجي ان جو طرف وٺندا هئا. اصولن ۽ مقصدن خاطر جيئڻ ۽ مرڻ جي ستي ئي ڪانہ پِيل هين.

جيئن اڄڪلهہ جي حالت اها آهي تہ جڏهن انگريزن جي حڪومت هئي تہ سنڌي وڏيرن، انهن جي غلاميءَ وارا لقب ۽ عزتن حاصل ڪرڻ ۾ فخر تي سمجهيو. هاڻ جڏهن هوا بدلي آهي ۽ گورن جي جاءِ ڪارن والاري آهي تہ اسان جا اهي ماڻهو وري هنن بدليل حاڪمن جي ڪنجڪ جهلڻ ۾ مشغول آهن. اهڙي ساڳي حالت شاهہ صاحب بہ ڏٺي ۽ ڏاڍو درد ٿيو ٿو ڏسجيس. اهڙي حالت ۾ چوي ٿو تہ:

هي منهن ڏيئي ٻِنِ، تون وهہ ڪائي نہ مرين؟
تان جي ملير ڇائيون، توسين سَگ نہ ڪن،
تون ڪيئن منجهان تن، پاڻ ڪونائين مارئي!

ان وقت قحط الرجال ڏسي، ڪيس سنڌين جي قديم بهادري ۽ غيرت جا ڪم ياد اچن ٿا. سومرن جي مرندي مري وڃڻ پر غير سنڌي اقتدار اڳيان ڪنڌ نہ نمائڻ. دريا خان جي پٺن سوڌو قربان ٿي وڃڻ. ليڪن خوشيءَ سان ڏارين جي غلامي قبول نہ ڪرڻ. ڪيس هن شعر چوائڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا:

اڄ نہ اوطاقن ۾، تازا پٽر ڪک.
آديسي اٿي ويا، پٺي اُڏام رک.
سامي ڪٽي سنک، وڃائي وات ٿيا.

اهو مٿين طبقي جي ماڻهن جو حال هو ليڪن جڏهن هن ڳوٺن جو سير ڪيو عام غريب ماڻهن سان مليو مارئيءَ جي حب الوطنيءَ، سسئيءَ جي وفاداري، سهڻيءَ جي سرويچيءَ جا قصا ٻڌائين ٿي تہ وري دل نٿي لوڙهيائين ۽ چئي ٿي ڏنائين تہ:

اَڃا سي آهن، سزاوار سنگين جا،
وينا وڃائين، جي سناسي سٽئين.

### 3. خانہ جنگي:

سنڌين ۾ شاهہ صاحب ٿي وڏي خامي "نفاق" جي ڏٺي. بدويانہ زندگيءَ جو اهو هڪ مکيہ جزو ٿيندو آهي تہ قبيلا قبيلن ۾ مائٽ مائٽن ۾ حسد ۽ اڻ سهائيءَ ڪري وڙهيا وينا هوندا آهن. خود مطلبي، سندن زندگيءَ ۾ گهر ڪري ويهي وڃڻ ڪري، منجهائن سيڪو سياري جي 'سَوَڙ' پيو پاڻ ڏانهن سوريندو آهي. جيتوڻيڪ بهادري ۽ قربانيءَ جو مادو گهڻو هوندو اٿس، پر "شير شاهہ جو شڪرو گهر جا ڪڪڙ ماري" وانگر سڀ اوزار پاڻ تي پيا آزمائيندا آهن، پنهنجن تي آيا رهندا، ڌارين تي همت ئي ڪانہ ٿيندي اٿن ۽ انهن جي غلامي ڪرڻ تي فخر پيا سمجهندا آهن. انهيءَ ڳالهہ سندن قومي شيرازو ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو هو. نہ قوم ۾ اتحاد ۽ اتفاق رهيو هو ۽ نہ وري متحده نصب العين ئي رهيو هئن. قومن جي هستي مقصدن جي قائم رکڻ سان رهي سگهي ٿي، اهڙين نفاق وارين حالتن کي ڏسي، شاهہ صاحب سنڌين کي هيٺين طرح مخاطب ٿئي ٿو:

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيڙن، ماڻهئان ميٺ گهڻو.

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

"ڌڻ ڌارڻ ڌار رهڻ، اي نہ سنگهارن سٽ."

وري جڏهن قديم اوج ۽ نفاق ياد پونس ٿا تہ بي اختيار چيو وهي:

ڪٺا منجهہ قرار، هئا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهہ فراق جي، ڪيا ڌارون ڌار،
نجاڻا ٻيهار، ميلو ٿيندو سڄڻين.

**4. آرام طلبي:**

چوٿين خامي جا شاهه صاحب سنڌين ۾ ڏني، سا هئي سستي، ڪاهلي ۽ آرام طلبيءَ جي. هر ڪنهن مشڪلات کي منهن ڏيڻ کان پئي گسايو. ”سک جا سانگي“ ٿيڻ جي عادت منجهن ويهي وِيئي هئي. گذر به سکيو ملي، ڏُهٽي تڪليف نه هجيس، ترقي به بنا مشقت جي حاصل ٿئي. آزادي به آسمان مان ڪڙڪي اچي، دوست به گهر ويٺي ملي، باقي پاڻ ڪوشش ڪونه ڪندا. هن جڏهن چؤطرف نظر ڊوڙائي ته دنيا جون ٻيون قومون ۽ ملڪ ترقي ڪندا وڃن ٿا. هتي اجا سستي لڳي پئي هئي، نڪو ٿا پاڻ سڃاڻن، نڪو ٿا نصب العين مقرر ڪن، نڪو جفاڪشي ڪرڻ تي پاڻ کي هيرين. ماڻهن جون اهي حالتون ڏسي، ڏاڍو ڏک ٿي ٿئيس ۽ چئي ٿي ڏنائين ته:

جڏهن ستيون جي، پٽر پير ڊگها ڪري،
تڏهن تنهين کي، سات سٺي ئي ڇڏيو.

ٻئي هنڌ چوي ٿو ته:

غافل غفلت ڇوڙ تون ڪيئن اٿاسي اوجهرين،
ڇپاتا ڇڙهي ويا، وڃي پهتا توڙ،
نيڻن ننڊ اکوڙ، ورن ۾ واڪا ڪرين.

وري چوي ٿو ته:

وهين ۽ ويلا ڪرين، اي نه اڪنڊ آهه،
سي لاڳاپا سپ لاهه، اوريان اياريٰن جي.

هن جيڪڏهن مٿي ذڪر ڪيل عيب ۽ خاميون سنڌين ۾ ڏٺيون، ته منجهن ڪي خوبيون به محسوس ڪيائين، جنهن ڪري خوش ٿي ٿيو ۽ اميدون ۽ آسرا پيدا ٿي ٿيس.

سنڌين جون خاص خوبيون جي کيس ڏسڻ ۾ آيون سي هيٺيون هيون:

**1. حب الوطني:**

شاهه صاحب سنڌين ۾ جي خوبيون ڏٺيون، تن مان پهرين سندن ديس سان پيار ۽ محبت هو. هن عام ڀتن ۽ مگڻهارن کان، وطن لاءِ بهادريءَ سان ڪنجي مرڻ وارو قصو ۽ ڪهاڻي. دوڏي سومري جي ماڻهن کي چاهه سان ٻڌندي ڏٺي، شادين ۽ خوشيءَ جي موقعن تي مارئيءَ جي وطن ۽ مارن جي

اڪير جا گيت، گهرن ۾ زالن ۽ ٻائيندرن کي دلچسپيءَ سان ڳائيندي ٻڌا. عام سنڌين جي ٻڳوڻن ۽ پٽن جي محبت جا داستان ٻڌائين ۽ ڏٺائين. هن ڏٺو ته سنڌ جا ماڻهو اڪثر وطن ڇڏي ٻين لڪن ۾ وڃي گهٽي وقت تائين رهڻ لاءِ خوشيءَ سان تيار نه هئا. جيڪڏهن ڪي مسافرين ۾ ويندا هئا ته سره وانگر هميشه جبل (سنڌ) ڏي ڪٽيو پيا نهاريندا هئا ۽ سنڌن آس اُميد هميشه اها ئي رهي آهي ته ڪڏهن ٿو مولا واڳ وطن تي وارين. انهن ڳالهين مٿس ڏاڍو اثر ڪيو ٿو ڏسجي. مارئي جي سر ۾ شاهه صاحب جهڙي نموني وطن جي اُڪير ۽ پيار کي ظاهر ڪيو آهي، سو جڻ ته سنڌي دهقاني زندگيءَ جي حقيقي اکين ڏٺي تصوير چٽي اٿس. هن تي ڏارين جي تهذيب، تمدن، پئسي، علم ۽ ترقيءَ وغيره جو ڪوبه اثر نٿو ٿئي. هو ٻين جا بنگلا ڏسي پنهنجون جهوپڙيون منائڻ عيب سمجهندا هئا. هن وٽ ڌارين جي لباس (ناٽ) محلاتن (تمدن) کاڌن خوراڪن (شاهوڪاري) قلعن ۽ ڪوٽن (لشڪر ۽ سپاهه) ۽ هارن سنگارن (طرح طرح جي سياسي ۽ مذهبي نظرين) کان پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي سادگي، خانه بدوشي، مسڪيني، بي سرو ساماني، بي علمي، ابوجهائي هزار ڀيرا وڌيڪ پسند هئي. هو وَر وَر ڪريو عمر (حڪمران قوم) کي چئي ٿو ته:

پٽ نه پهريان سومرا، جان ڪي تان جيان،
آءٌ ڪيئن لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻن ڏينهان،
جيسين تي جيان، ڪانڌ نه ڪنديس ڪو ٻيو.

2. قومي محبت:

بي خوبي جا شاهه صاحب سنڌين ۾ ڏٺي، سا هئي ديس واسين ۽ مارن جي پياس، هنن تي وحدت الوجود جو اثر قديم وقت کان مختلف درويشن ذريعي پئي پيو آهي. تنهن ڪري هنن تي اورنگزيبي سياست ۽ مسلمانن جي جداگانه قوميت جي نظريي جو ڪو اثر ڪونه پيو. سنڌن انهيءَ حقيقت کي مارئيءَ جي واتان، هينئين طرح بيان ڪري ٿو:

"الست بربڪم" جَڏهين ڪن پيوم،
"قالوبليٰ" قلب سين، تڏهين تِتِ چيوم،
تنهين وير ڪيوم، وَچُن ويڙهيچن سين.

**3. سرويچي:**

ٽي خوبي جا شاھ صاحب کي عام سنڌين ۾ خاص طرح سان ڏسڻ ۾ آئي، سا سندن همت، قرباني ۽ سرويچيءَ جي مادي جي هئي. اگرچه سندن وڏيرو ڪلاس خودمطلبيءَ، بزدليءَ جي خرابين ۾ غرق ٿيو پيو هو، ليڪن غريب طبقو هر قسم جي مشڪلاتن، مصيبتن ۽ تڪليفن کي منهن مقابل ٿيڻ جو عادي ٿي چڪو هو، جنهن ڪري منجهن برداشت ۽ قربانيءَ جو عظيم الشان مادو موجود هو. راءِ ڏياچ جو سخا ۾ سر ڏيڻ، سسئيءَ جا پنهونءَ خاطر جهنگ ۽ جبل جهاڳڻ، مومل جون راتي لاءِ راتيون وهائي ڏينهن ڪرڻ، ليلان جو چنيسر لاءِ ليلائڻ، سهڻي جو ميهار لاءِ ڪاريءَ رات ڪنن ۾ گهڙڻ، وڻجاري جي ونيءَ جو ور لاءِ جر ٿڙ ڏيا ٻارڻ ۽ وڻ ٽڻ وائڻتيون ٻڌڻ، سي سڀ سنڌين جي صداقت ۽ قربانيءَ جا مثال ڪيس جي اکين اڳيان هئا. تنهن ڪري ساري رسالي ۾ اڪثر اهڙي قسم جي واقعن کي پسند ڪري انهن جو ذڪر ڪيو اٿس. هن کي سر مگڻ، سر گهرڻ، سر ڏيڻ جي ڳالهه راءِ ڏياچ جي آڪاٽيءَ ۾ خاص اثر ڪيو ٿو ڏسجي. اهڙيءَ طرح سسئيءَ جو گهر ٻار پنهنجي ور (مقصد) لاءِ قربان ڪري جبل جهاڳڻ ڪيس پسند آيو چوي ٿو ته:

ورينتيون ورو، آءُ نه ورندي ورَ ريءَ،
جاڏي هن جبل جو، تانگهيندِيس تڙو،
جتن ساڻ ذرو، نينهن نبيرڻ نه ٿئي.

مومل جي قصي ۾ راڻي بنا ڪاڪ ڪڙهي، وڻ ٽڻ جلي وڃن ٿا. مومل جي جان پيئي جهري، جيستائين راڻو نٿو مليس. سهڻي جي سر ۾ چوي ٿو ته:

”تڙ تڪڻ، تار گهڙڻ، اي ڪاٽيارن ڪم.“

۽ ٻئي هنڌ چوي ٿو ته:

جنهن کي ساڻ پريان جا سورَ
تنهن کي ندي ناهه نگاهه ۾.

وري چوي ٿو ته:

ائين هوند مئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيٽا ٿيا.

**4. رواداري:**

چوٿين خاصيت ۽ خوبي جا شاھ صاحب سنڌين ۾ ڏٺي سا هئي مذهبي ڪٽرپڻي ۽ تعصب جي گهٽ هئڻ جي. هو ٻاڻ کي بهترين سنڌيءَ جو نمونو تصور ڪري، انهن جي فلاسفي هينئين ادا ٿو ڪري:

”پريان سندي پار جي مڙيئي منائي.“

ان ڪري هن جيڏانهن نظر تي ڪئي تيڏانهن سجڻ سامهون پئي آيس. هو چوي ٿو تہ ’ڪر پلي جين‘، ۽ سندس پرين جي ملڻ جون اميدون ڏسي ’ساڙ ۾ سڙن‘. هن کي ڪر جي ڪارڻ جو ذرو بہ خطرو نہ هو. ڇاڪاڻ تہ کيس خبر هئي تہ ’ڪَر اهي ڪاري سگهندو، جن جو پريتڻو مانو هوندو. هن ڏنو تہ سنڌي دوستيءَ ۽ محبت جي بنياد تي هر ڪنهن سان سنو برتاءُ ڪرڻ لاءِ تيار هئا. مذهب جو مطلب هنن وٽ پريت ۽ محبت هئو ۽ نہ ڪلفت ۽ نفاق.

هن ڏنو تہ جيتوڻيڪ ڪيترا ڏسڻا وائسڻا. مذهب جي نالي ۾ ظاهر داري ڪيو منهن اجرو رکيو اچن، پر دل ۾ هچارا آهن ۽ وصال کي ويجها نہ آهن.

تنهن ڪري هن هيئين اصل کي پسند تي ڪيو!

”جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سجڻ سامهون.“

متي ذڪر ڪيل ڳالهين مان اوهان پروڙي سگهيا هوندا تہ شاهہ صاحب سنڌ ملڪ جي ماڻهن جي عادتن ۽ حالتن جو غور سان مطالعو ڪرڻ بعد، هڪ طرف قوم جي ڪمزورين ۽ خامين کان واقف ٿيو ۽ ٻئي طرف انهن جون خاصيتون ڏٺائين، جنهن تي ويچار ڪري هن سنڌين لاءِ ڪي سنيها ۽ تجويزون سوچيا. جن تي تفصيلوار بيان ٻئي هنڌ ڪيو ويندو. جي خاصيتون هڪ قومي شاعر جون ٿينديون آهن، سي سڀ شاهہ صاحب ۾ موجود هيون ۽ هو هر نقطي نگاهہ کان سنڌ، ملڪ ۽ قوم لاءِ نياپي ۽ پيغام ڏيڻ جو حقدار آهي.

فصل چوٿون

# شاهه صاحب جي تخيل واري سنڌ

اسان شاهه صاحب جي سنڌ جي قومي شاعر هئڻ تي بحث ڪري آيا آهيون. هتي ان ڳالهه تي بحث ڪنداسون ته شاهه صاحب جي تخيل واري سنڌ جون حدون ڪهڙيون هيون. آيا اهي موجوده سنڌ واريون حدون هيون يا ان کان وڌيڪ وسيع هيون ۽ اهي ڪهڙيون هيون.

بهتر ائين ٿيندو ته اسان سندس ڪلام مان سندس تخيل واري سنڌ (جنهن جي آزاد، آسودي ۽ ترقي يافته هئڻ جا هن خواب پئي ڏٺا) جون حدون ظاهر ڪري ڏيکاريون. سنڌو درياءَ جي ترائيءَ وارو ملڪ گهڻي وقت کان سنڌ جي نالي سان پيو سڏبو هو ان ڪري اڪثر مؤرخن، سنڌ ۽ هند کي جدا ڪري ليکيو آهي. اٽڪل ڏيڍ هزار سالن کان وٺي سنڌ ملڪ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. اتر ۽ ڏکڻ. جنهن ۾ گڏيل پنجاب ۽ سرحدي ضلعن هزاره ۽ ديره اسماعيل خان جا حصا به اچي وڃن ٿا. سو پنجاب جي نالي سان سڏجڻ لڳو ۽ ملتان کان وٺي جهونا ڳڙهه، جيسلمير ۽ مڪران جي وچ وارو ڀاڱو سنڌ جي نالي سان سڏيو ويو. جڏهن عرب آيا ته انهن به اهو سارو ملڪ جدا جدا حڪمران پئي ڏٺا ۽ ڪڏهن به يڪي حڪومت ان تي قائم نه رهي. ته به انهيءَ ساري ملڪ جي ماڻهن جو پاڻ ۾ ميلاپ رهندو ٿي آيو. هندستان جي ذڪر ۾ اجا به ملتاني ۽ سنڌيءَ ۾ تفاوت ڪونه ليکيو ويندو آهي.

موجوده سنڌ جا ڪيترا هندو ۽ مسلمان ملتان، بهاولپور، مظفر ڳڙهه ۽ ديري غازي خان جي طرف کان لڏي هيٺ آيا ٿا ڏسجن. سنڌ جي رهاڪن مان چانڊيه، لغاري، پرڳڙيه، مري، ٽالپر، زرداري، جلباڻي، لاشاري، برهماڻي، نظاماڻي وغيره قبيلن جا ماڻهو ديري غازي خان جي طرف کان لڏي آيا جو سندن گهر ٻولي اجا تائين سرائڪي يعني اتر سنڌ يا سري جي ٻولي آهي. اهڙيءَ طرح سولنگي، نول، ميراسي به بهاولپور جي طرف کان آيل ٿا ڏسجن. چوڻ ۾ اچي ٿو ته هندن جي لهاڻا قبيلي جا وڏا به ملتان طرف کان هيٺ آيا هئا.

شاھہ صاحب ملتان تائين ويل تو ڏسجي. ھڪ دفعي شاھہ عبدالڪريم جي قبي لاءِ ھيڙي رستي اتان ڪاشي بہ آندي ھئائين. سندس تعلق وارن ماڻھن مان ڪيترا سرائڪي ڳالھائيندڙ ھئا. سھڻي ميھار جو قصو جو اصل موجوده پنجاب جي طرف جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تنھن تي خاص طرح سان ڪلام چوڻ ۽ ھير رانجھي جي بيتن کي جي ھين شاعرن جا ھئا. پنھنجي مجلس ۾ ڳائڻ جي اجازت ڏيڻ (جنھن ڪري رسالن جي قلمي نسخن ۾ انھيءَ سر جو داخل ٿي وڃڻ) ۽ بيراڳ ھنديءَ جا ڪي بيت سکن جي گرن ۽ ھندو ڀڳتن جا ھئڻ. ان ڳالھہ جي ثابتي آھي تہ شاھہ صاحب سنڌ ملڪ جي اُن ڀاڱي کي وساريو ڪونہ آھي.

ٻوليءَ جي لحاظ سان ڏسجي ٿو تہ سنڌ آڳاٽي وقت کان چئن مکيہ ڀاڱن ۾ ورھايل ھئي. ھڪ سرو جنھن ۾ سرائڪي طرز جي سنڌي ڳالھائڻ ۾ ايندي ھئي. جو حصو ملتان، بھاولپور ۽ مظفر ڳڙھہ ۽ ديري غازي خان کان سکر ضلع جي حدن تائين ھو ھيو سنڌ جو مرڪزي حصو جنھن مان سنڌي ڳالھائڻ ۾ ايندي ھئي سو سکر کان موجوده ڪڇ رياست جي حصي تائين ھو. ٽيون حصو قلات، لسٻيلي، مڪران، سبي کان ھيٺ بلوچستان وارو حصو ھو جنھن ۾ بلوچيءَ سان گڏ سنڌي بہ ڳالھائي ويندي ھئي. چوٿون حصو ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ جيسلمير جي ڀاڱن جو ھو جن ۾ سنڌيءَ سان گڏ ڪڇي، ڪاٺياواڙي ۽ مارواڙي زبانون ڳالھائبيون ھيون. ليڪن انھن سڀني ملڪن جا رھاڪو ھڪ ٻئي ۾ اھڙا ڳنڍيا پيا ھئا. جو سندن تواريخي واقعات، قصا، ڪھاڻيون، رسمون، رواج، مٽيون مائٽيون، لڳ لاڳاپا ھڪ ٻئي سان گھرا ۽ گھاٽا ھئا. شاھہ صاحب جي ڪلام ۾ 'ٻولي' خواھہ 'جاگرافي' جي لحاظ سان ھن وسيع ملڪ جي، انھن مڙني ڀاڱن جي عشقيہ افسانن ۽ اتي جي رھڻيءَ ڪھڻيءَ جو پورو پورو نقشو نظر اچي ٿو. مثلاً: مڪران جو سسئي پنھونءَ جي آکاڻيءَ وارو قصو خاص طرح سسئي جي ڪيترن سرن ۾ بيان ڪيو اٿس.

چوي ٿو تہ:

ڪيچان آيو قافلو پليرو پانيان،
پٽي جا پيرن جي، لڳن کي لاھيان،
چنبيلي چايان، جي مون نيو پاڻ سان.

ٻئي هنڌ چوي ٿو تہ:

”ڪاڏي منهن مڪران جو ڪاڏي پريون پار،
ليڙن جو لطيف چئي، سونهون ٿيو سردار،
جو ملڪ جو مهندار، سو مولا مونکي ميڙئين.“

اهڙيءَ طرح لسٻيلي جي نواب سپڙ جي سخاوت جي ساراهہ ڪندي چيو اٿس تہ:

ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون اٻوجهن جون، سپڙ جام سهي،
جو راءَ وٽ رات رهي، تنهن کي جُکي تان نہ ٿئي.

ٻئي هنڌ چوي ٿو تہ:

ميرا پسي مڱڻا، سپڙ سڏ ڪيا،
سٻوجهن سُئا، اٻوجهن آسرو.

ڪڇ سان شاهہ صاحب جي دل ۾ سبنڌ آهي. سندس راجائن بابت ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

لاکا لک سُجهن، ڦلاڻيءَ ڦير ٻيو،
ڪنهن پر راڻا راجيا، ڪوٽ ڏٺي ڪنبن،
جنهنجو جاڙيجن، ستي سنچو نہ لهي.

وري ٻئي هنڌ چوي ٿو تہ:

پجنئان پلي پير، وڏو راءِ رڪاب ۾،
ڪڇ رهندو ڪير، لاکو لوڙائن سين.

جاڙيجہ قبيلي جي ڪڇ تي گهڻي وقت کان، حڪومت هلي آئي آهي. هن وقت جا راجا بہ انهيءَ نسل مان آهن. انهن مان لاکو ڦلاڻي خاطر طور تي مشهور سردار ٿي گذريو آهي. لکي لاکي ڦلاڻي جي مشهور گهوڙي هئي، جنهن لاءِ پٽائي صاحب چوي ٿو تہ:

لکي ۽ لاکو ٻئي مٺا ٻاجهہ تي،
قادر لاٿو ڪڇ تان، اديون اولاڪو
وانڍين ۾ واڪو، ريٻاڙي رهي ويا.

شاهہ صاحب جو ڪلام اجا تائين ڪڇ جي گهڻي ڀاڱي ۾ ڳايو ويندو آهي. ڪانياواڙ رياستن مان جهونا ڳڙهہ کي خاص طرح شاهہ صاحب

سورٺ جي سر ۾ ياد فرمايو آهي. ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ جي قصي تي هيٺين طرح چوي ٿو ته:

جاجڪ جهونا ڳڙهه ۾، ڪو عطائي آيو
تنهن ڪامل ڪيڏي ڪينرو، ويهي وڄايو
شهر سڄو ئي سُرَ سان، تندن ٽپايو
ڏايون در مانديون ٿيون، ٻاٺن ٻاڏايو
چارڻ تي چايو، ته ماري آهي مڱڻو.

ٻئي هنڌ چوي ٿو ته:

محلين آئيو مڱڻو، ساز ڪٽي سُرندو
سر جي سدا سُر ۾، گهور هٽي گهرندو
مٿي ريءَ ملوڪ جي، چارڻ نه چُرندو
جهونا ڳڙهه جُهرندو، پوندي جهاڻ جهروڪ ۾.

مومل ۽ راڻي جو قصو جيسلمير جي طرف جو آهي. جيسلمير شهر کان پري هڪ ڳوٺ 'لڊورو' نالي "جنهن جو نالو بگڙجي 'لڊاڻو' ٿي پيو) هو اهو هاڻ ويران ٿي ويو آهي. ان جي هيٺان ڪاڪ نالي ندي وهندي هئي، جنهن جي ڪنڌيءَ تي مومل ماڙي نهرائي هئي، ڊٿ، لڊاڻو ڪاڪ انهيءَ طرف جا نالا آهن. جن جا نالا، پنائي گهوٽ پنهنجي ڪلام ۾ آندا آهن. هو چوي ٿو ته:

"لڊوڻيا لوڏي ٿيا، وطن منجهه وصال."
"ڊاتي گهٽا اڇن، من سوڍي ونگسيو."

وري چوي ٿو:

سوڍي ستي لوڙ، ڪا جا مون سان ڳالهه ڪئي،
سا جا ڏر پوءِ، ته سرتيون ڪانه سمجهي.
گُجر ڪي گجميل جون، تارن ۾ تبرون،
هٽي حاڪمن ڪي، زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون، پَسو پرڏيهين جون.

"ڊٿ مَر وڃج ڊول، ڪاڻياري ڪاڪ ڪري"

اهڙيءَ طرح شاهه صاحب هاڙهي جبل، پب جبل، هنگلاج، وندر، جائو حب، قلات، پوربندر، جيسلمير ۽ بيڪانير جا نالا خاص طرح پنهنجي

فرمائي ٿو تہ:

ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾، لوئي هڏ مَ لاهہ.
ڪامڻ اوهان جي ڪُر جي، اها آڏ وڏائي آهہ.
هت مَ پاڙج هيڪڙو پائر جي پساهہ.
ستي سيل نباهہ، ملير ويندئن مارئي.

شاهہ صاحب ديس ۾ انقلاب جي مينهن وسڻ، غلاميءَ جي زنجيرن ٽٽڻ، ترقي ۽ خوشحاليءَ جا گل ڦل ٽيڻ جا خواب ڏٺا آهن. بعد ۾ سونهن جو وچڻ، ميرا اوڍڻ، تيل نہ مکڻ، ڪارا ڪاراين ۾ پائڻ، سوڙن ۾ نہ سمهڻ جو ڪيل ذڪر خاص طور غور ۽ فڪر لائق آهي. غلاميءَ جي عيد لاءِ حڪمران کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

جا عمر تو مل عيد، سا اسان سوءِ ورتي سومرا.
ويئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريد.
سِڪڻ ڪيا شهيد، مارو ملڪ ملير جا.

ٻئي هنڌ وري چوي ٿو تہ:

الله ائين م هوءِ، جيئن آءُ مران بند ۾.
جُسو زنجيرن ۾، راتو ڏينهان روءِ.
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڄنم ڏينهڙا.

تصوف جي نقطي نگاهہ سان شاهہ صاحب جي ڪلام کي ڏسڻ وارن مارئيءَ کي روح سان، عمر کي نفس سان، ملير کي وحدانيت جي واديءَ سان، عمر ڪوٽ کي مادي دنيا جي بندن ۽ رڪاوٽن سان تشبيهہ ڏني آهي ۽ ظاهر ڪيو اٿن تہ انهيءَ طريقي، شاهہ صاحب روحن جي اصليت ۽ انجام جو قصو ٻڌائي "ڪل شيءِ يرجع اِليٰ اَلہ" جو تفسير بيان ڪيو آهي.

منهنجي نظر ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام مان صرف اهڙي معنيٰ ڪيڻ، ساڻس سراسر بي انصافي ڪرڻ جي برابر ٿيندو. آخر هن بزرگ جو ساري زندگي عوام جا ڏک ڏاڪڙا ڏسي، ساڻن گڏ گذاريو، سو مٿس اثر ڪرڻ کان رهي نہ سگهيو هوندو. مخدوم محمد معين ٺٽوي شاهہ ولي الله جي مکيہ شاگردن جي صحبت، شاهہ عنايت صوفي جو لاڳاپو، مخدوم بلاول رحمت الله عليہ جي سلسلي وارن سان واسطو بہ اثر ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيا هوندا. ان ڪري شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ وطن جي معنيٰ سنڌ ديس ڪيڻ بي جا نہ ٿيندو.

شاهہ صاحب ٺلهو راهب نہ هو ليڪن سياست ۾ حب الوطنيءَ جي نظريي جو حامي ۽ سنڌ جو خاص تخيل رکندڙ هو جنهن جون حدون هينيون تي سگهن ٿيون.

اتر طرف جيسلمير رياست جو ڪجهہ ڀاڱو بهاولپور رياست جو ڳچ حصو ديري غازي خان جو ضلعو ۽ ملتان جي ڏکڻ وارو ملڪ, ضلعو مظفر ڳڙهہ شامل هئا. الهندي طرف بلوچستان جي سبيءَ وارو حصو موجوده قلات, لسٻيلي ۽ مڪران ملڪ, ڏکڻ طرف ڪڇ رياست, جهونا ڳڙهہ ۽ ڪانياواڙ جا ڪي ڀاڱا. ايرندي طرف, ڪانياواڙ ۽ جوڌپور رياست جا ڪي حصا.

انهيءَ وسيع سنڌ کي وطن ڪري ورتو اٿس ۽ انهيءَ جي آزاديءَ ۽ ترقيءَ جا گيت ڳايا اٿس.

فصل پنجون

# شاهہ صاحب جي قوميت تخيل

آءُ هِن فصل ۾ بيان ڪري آيو آهيان تہ شاهہ صاحب جي وقت ڌاري سنڌ اندر تي مختلف قومي نظريا رائج هئا. معنيٰ:

1. سنڌ جي جداگانہ قوميت، انهيءَ جو حق، خود مختياري ۽ ترقيءَ جو نظريو.
2. هندستان جي متحده قوميت، آزادي ۽ ترقيءَ جو نظريو.
3. مسلمانن جي جداگانہ قوميت، نظام جي غلبي ۽ ترقيءَ جو نظريو.

هيٺين دليلن جي بناءَ تي چئي سگهجي ٿو تہ شاهہ صاحب پهرين نظريي ڪي مڃيندڙ هو.

1. مسئلہ "وحدت الوجود" ۾ اعتقاد رکڻ ڪري، دنيا جي جملي مذهبن جي بنيادي وحدت جو قائل هو. هن وٽ "وحدت خيال"، "وحدت عمل" جي عدم موجودگيءَ ڪري، ماڻهن اندر مذهبي ورهاستون مصنوعي ۽ رسمي هيون.

هن جي نظر ۾ نہ سيئي مسلمان، حقيقي طور 'مسلمان' هئا ۽ نہ سيئي 'هندو' حقيقي طور هندو هئا. انهيءَ ڳالهہ کي مدِنظر رکي چوي ٿو تہ:

"منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهئين."

"هندو هڏ نہ آهئين، جٽيو تو نہ جڳاءِ."

هن انهن سمورن اختلافن کي بي معنيٰ ۽ ڏوڪو ڏيندڙ تي سمجهيو جنهن کي اکين جا انڌا پروڙي نٿي سگهيا. انهيءَ ڳالهين کي هن هيٺين طرح بيان ڪيو آهي:

مئي هاٿيءَ سين مامرو آچي پيو انڌن،
مناڙين هٿن سين، اکين ڪين پسن،
في الحقيقت فيل کي، سچا سڃاڻن،
سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري.

هن جي نظر ۾ مذهبي جهڳڙا انڌن جي اونده ۾ هٿوراڙين ڏيڻ ۽ ڏونڌ تي ڪتن جي لڙڻ جي برابر هئا. هن هميشه ائين تي چيو تہ:

اکيون اهي ڏار، جنهن سان پسين پرين کي،
ٻي ڏي ڪين نهار، گهٽو ريسارو سپرين.

مذهبي معاملات ۾ سندس ساري خيالات جو مخزن چڻ هينين بيتن ۾ سمايل آهي.

ايڪ قصر در لک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سجڻ سامهون.

پرينءَ (حق) جي پسڻ لاءِ اکين مان ڪترن جو ڪيڻ وٽس لازمي امر هو. مذهب مان هن وصل (ميلاپ) جو مقصد ورتو ۽ نہ دوئيءَ (جدائيءَ) جو.

تان ڪا ڪاني پاءِ، ونن ۾ وصال جي،
دو بينائي دور ڪري، معرفت ملهاءِ،
سپريان جي سونهن ۾، رخنو ڪو نہ رهاءِ،
اک اشهد چاءِ، تہ مسلماني ماڻئين.

۾ سندس پورو ويساهہ هو. اسلام جي اصولن مطابق هن جملي پيغمبرن ۽ انهن جي ڪتابن کي مڃڻ ۽ ويساهہ آڻڻ، کي ايمان جو جُزو تي سمجهيو. هن مولانا روم جي چوڻ تي:

ما ز قرآن مغز را برداشتيم،
استخوان پيش سگان اندا ختيم."

مطابق مذهب جي ماهيت سمجهي ورتي هئي. کيس سمجهہ ۾ نہ تي آيو تہ 'وطن جاوا' 'پکا اوڏڙا اڏي وينل'، 'اباڻا' جنم ۾ جن سان گذاريو ويو سي جدا قوم ڪيئن تي سگهندا. هن وٽ:

ڀڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، پر ٻُڌڻ ۾ ٻہ ٿيا.

جو حال هو هن جڏهن وطن وسڻ ۽ سنگهارن جي سڪئي ٿيڻ جي دعا تي گهري تہ سڀ ديسي بنا تميز مذهب جي ياد هئس.

2. هو انهيءَ ڪري مسلمانن جي جداگانہ قوم واري نظريي کي جا مسئلہ وحدت الشهود جي بنياد تي ٻڌل هئي، قبولي نٿي سگهيو. هن چيو تي تہ:

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي مَ ٻيل،
هُو هُلاچو هُل، بالله سندو سڄڻين.

هن جي وهم ۽ خيال ۾ اچي نٿي سگهيو تہ هڪ خدا جي خلقيل بندن، پاڙيسرين، هم نسل، هم ملڪ ماڻهن کي صرف چند رسمن ۽ عقيدن جي خيال کان، باوجود انهيءَ ڳالھ جي تہ هرڪو پنهنجي پر ۾، ان ذات حقيقي کي مڃي رهيو هو جدا قوم ڪري شمار ڪيو وڃي. انهيءَ ڳالھ کي نظر ۾ رکي هن چيو تہ:

پريان سندي پار جي، مڙيئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.

هن هڪ جڳھ چيو تہ:

"سيڪا پريان کي پوڄي."

اهڙن خيالن رکڻ بعد هن کي ويري ۽ واهرو هڪ ئي ڏسڻ ۾ آيا. جن مُلن ۽ پنڊتن، انسانن ۾ مذهب جي نالي ۾ نفاق ٿي وجهڻ گهريا، تن لاءِ چيائين:

حسن سندو حق جو، سو خامي پائيين خام،
اچي ٿيا اسلام، ڪفر ڪافر پاڻ ۾.

ڪڏهن جذبي ۾ اچي، ڪين مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

ڏسڻ جي ڏسين، تہ هم کي حق چئين،
شارڪ شڪ مَ نين، انڌا انهيءَ ڳالھ ۾.

هن کي معلوم هو تہ مسلمان سڏائڻ سهکو آهي، ليڪن ان انساني ترقيءَ ۽ ڪمال جي درجي تي پهچڻ لاءِ خاص محنت ۽ قربانيءَ جي ضرورت هئي، خود پيغمبر ۽ ولي بہ خدا کان دعا گهرندا رهيا تہ "شل مسلمان ٿي مرن" مسلمانن جي موجوده تنزل واري حالت ۾ جڏهن "مسلمان در ڪتاب و مسلمانان در گور" سندن لاءِ صحيح تشريح هئي. هن وٽ مذهب جو مطلب ۽ معنيٰ محبت هئي، جنهن کان عام بي خبر هئا. چوي ٿو تہ:

حوصلو حيرت جو، آهي نہ مٿي عام،
سندي محبت مام، ڪور پروڙي ڪينڪي.

ملن مذهبن کي جنهن ڪڙيءَ تي آندو هو ان کي معلوم ڪري ارمان ٿي ٿيس، ڏنائين تہ انسانذات کي خدا جي نالي ۾ ڪيئن نہ فرقن ۽ اختلافن

جي اوڙاهہ ۾ ڦاسائي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو هو ۽ ساري سماج جو وجود انهيءَ غلط زهريلي تعليم ڪري مريض ٿي چڪو هو. تہ اهڙين حالتن کي ڏسي چئي ٿي ڏنائين تہ:

مُلي منو ماءُ، پتو ڦٿو پيٽ ۾،
سچاڻي الله، تہِي هنيائين ڏوڙ ۾.

هن جي اڳيان مسلمانن جي تاريخ جا واقعات بہ سامهون هئا. شريعت ۽ اسلام جي نالي ۾ مُلن چا چا نہ ڪري ڇڏيو هو. منصور کي شرمسار ڪرائڻ، شمس تبريز جي کل لهرائڻ، بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙائڻ، سرمد کي سوريءَ تي چاڙهائڻ، شاهہ عنايت کي قتل ڪرائڻ جا واقعا سندس اکين اڳيان هئا. اهي سڀ شريعت اسلاميءَ کي زور وٺائڻ خاطر، انهن ماڻهن کان سرزد ٿيا، جن جي زندگيءَ جو سارو رڪارڊ سياهہ هو. اهڙن ڪارنامن اسلام جي وڌڻ ۽ ويجهڻ ۾ رنڊڪ وجهي ڇڏي هئي ۽ انهيءَ روش اسلام جهڙي دين فطرت کي، ڪن اعتقادن، رسمن، طرز معاشرت جي دائري ۾ محدود ڪري ڇڏيو هو. هن جڏهن ڏٺو تي تہ زاني، شرابي، ظالم، غريب جي رت چوسڻ وارن، چورن، بداخلاق ۽ فرعوني حياتي گذاريندڙن کي هڪ اهڙي قوم جا فرد تسليم ڪيو وڃي ٿو، جا عالم جي ماڻهن لاءِ مثال بڻجڻ واري هئي تہ هو ماڻهن جي ورهاست کي قبولي نٿي سگهيو ۽ صاف چئي ڏنائين تہ:

ان پر نہ ايمان، جيئن ڪلمي گو ڪوٺائين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهئين.

3. هندستان جي متحده قوميت جو نظريو اگرچہ مسئلا وحدت الوجود جي پيدائش هو ۽ شاهہ صاحب جي صوفيانہ خيالن جي مطابق هو ليڪن هن جي وسيع نظر ڏسي ورتو هو تہ هندستان جيڏي برصغير ۾ جتي مختلف عقيدن، معاشرتي معيارن، تهذيبي درجي، جدا جدا ٻولين، رنگن، نسلن، رسمن ۽ رواجن وارا ماڻهو رهن ٿا، تن کي مصنوعي طور ڪنهن پلئن ۽ پروگرام مطابق هڪ ڪرڻ جو اصول سهڻو ۽ سنو بيشڪ هو ليڪن عملي طرح ان جو وڏي عرصي تائين حاصل ٿيڻ ناممڪنات مان هو. تنهن ڪري هن سنڌي قوميت واري نظريي بنسبت هندي متحده قوميت واري نظريي کي، زياده آسان ۽ جلد عمل ۾ اچڻ وارو سمجهي اختيار ڪيو. جنهن لاءِ ڪيس هينئين حقيقتن وڌيڪ آماده ڪيو.

الف: سنڌ جا هندو بنسبت هندستان جي ٻين صوبن جي، گذريل زماني ۾ ٻُڌ ڌرم جي غير متعصب اثرن، گرونانڪ صاحب جي تعليم، هندو سنياسين ۽ يوگين جي سکيا، مسلم صوفين جي غير فرقيوارانہ ۽ غير معتصبانہ وحدانيت جي طرز عمل ڪري، تعصب ۽ ڪٽرپڻي کان خالي ۽ مسلمانن کي رهڻي ۽ کهڻي ۾ گهڻو نزديڪ هئا.

ب: سنڌ جا مسلمان، صوفين جي محبتي پيغام، تنگ دل ۽ ڪٽر هندن سان واسطو نہ پوڻ، ڪثرت تعداد دل ۽ گٽر هندن سان واسطو نہ پوڻ، ڪثرت تعداد ۽ گهڻي وقت تائين حڪمران رهڻ ڪري، روادار ۽ غير معتصب هئا.

ث: ملڪ نندڙو ٻولي يڪي، عمده روايات، رزق جي گهڻائي، ماڻهو روادار محب وطن، محبتي، مهماندار ۽ گُس ڪائڻ وارا هئا. اهي اهڙيون ڳالهيون هيون، جن هتي جي باشندن کي بنا تميز فرقي يا مذهب جي هڪ قوم بنجڻ جي لائق ٿي ڪيو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ انهيءَ نتيجي تي پهچڻ کان اڳ هن سنڌ جي گهڻي حصي جو سير ڪري گذر بسر جون حالتون خود جانچي ڏٺيون. سنڌ ۾ خاص طور ٻن نسلن جا گهڻا ماڻهو نظر آيا. هڪڙا آريہ نسل جا هئا تہ ٻيا سمات (سامائيٽ). انهن ٻنهي نسلن جي فردن ۾ ڪيس ڪي خصوصيتون ڏسڻ ۾ آيون، هن بلوچن کي آريہ قوم جي نسل جو ڪري تسليم ڪيو ۽ سمن، سومرن ۽ ٻين مڪاني رهاڪن کي سمات ڪري سمجهيو.

شاهہ صاحب جن مڪاني قبيلن جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي، تن مان ڪي هيٺيان آهن:

1• **بلوچ**: جن کي آرياڻي، ڪيچي، جنت آريچن جي نالن سان ياد ڪيو اٿس. اهي مڪران، قلات جي سردارين، مظفر ڳڙهہ، ديري غازي خان جي طرف کان آيل هئا.

2• **سمات**: (سمہ ـ سومرا) جن جا پاڙا ابڙا، داسڙا، جاڙيجا، لاکا، راهو انڙ ۽ جکرا هئا. اهي وچ سنڌ، ڪڇ، ڪانياواڙ جي طرف جا رهاڪو هئا.

3• **عوام**: جن ۾ مارو سنگهار، ويڙهيچا، پنوهار، وڻجارا، ملاح، منگتا، پان، سوڍا، ڏاتي، گندرا، ريباڙا، ڪاچي، ڪوهيار، اوڏ، مهاڻا، ميهار شمار پئي ڪيا اٿس.

الف: ڪيس بلوچ قبيلي سان خاص محبت تي ويل ڏسجي ٿي. سندن بهادري، همت، واعدي وفائي، ليڊري ۽ اڳواڻي جا آثار شاهه صاحب اڳيئي ڏٺا هئا. هو ڪلهوڙن جي مذهب جي نالي ۾ خود سر ۽ فسطائي حڪومت ۽ ان جي منافقانه پاليسيءَ مان بيزار ٿي چڪو هو. ان ڪري بلوچن ذريعي سنڌ ۾ تبديليءَ جا آسرا ۽ اميدون رکڻ لڳو ۽ بلوچن جي زور ونائڻ ۽ همت افزائي ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪشي بيٺو. سڄا سارا پنج سر سندن قصن، ڪهاڻين ۽ تعريف ۾ صرف ڪيا اٿس. بلوچن جي ساراهه ۾ سندس ڪي مصرعون ضرب المثل ٿي ويون آهن. انهن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿيون:

”برهه آءُ بلوچ جي، پيري ڪيس باند“

”ٻاروچاڻي ذات، منان مور نه وسري“

”ڪو جو آيس ڪوڏ، ٻاروچاڻي ذات سين“

”يلي ڪري ٿيوم، هي سنگ ٻاروچن سين“

”آهيان ڪميڻي، ذات بلوچي نه جڙان“

”ڏنان جي بلوچ، مون جيئن اڪين سين“

”جيهي جي تيهي، ته به ٻانهي ٻاروچن جي“

هڪ هنڌ سندن سياسي رهبريءَ بنسبت چوي ٿو:

”جنهنجو آري جام اڳواڻ، تنهنکي ڪانهي ٻاڪ ٻهير جي“

سندس اميدون ۽ پيشنگوئي جلد ئي پوري ٿي ۽ ڪلهوڙن جي حڪومت ختم ٿي، ان جي جاءِ تي بلوچ حڪمران ٿيا. هنن جي ساڻن محبت صرف ڪلهوڙن جي ڪيڙ لاءِ ڪانه هئي، پر ان ۾ تاريخي روايتون شامل هيون. جيئن هڪ هنڌ چوي ٿو:

”جڏان ڪن فيڪون چئي، نيو آرباڻي ارواح“

هنن سان ملڻ يا تعلق رکڻ ۾ خوشي ٿئي ٿي. جيئن چوي ٿو ته:

”اچي آري جام جو، وڻ وڻ منجهان واس“

(يا)

”پسنديئي پنهونءَ کي، اکين ڪيو آرام“

انهيءَ ڪري ڪيس دعا ڪري چوي ٿو ته:

”الله آريچن کي، ڪوسو لڳي مَر واءُ“

سندن جوان مرديءَ ۽ بهادريءَ جي ساراهه ڪندي چوي ٿو ته:

”ڪتارو ۽ ڪوس، اڳڻ آري ڄام سي“

اهي صفتون سولين هٿ ڪين اچي سگهنديون آهن. انهن کي ماڻڻ لاءِ لالچ ۽ لوڀ ڇڏي، لاڳاپو لاهي ننگو ٿي نڪرڻو آهي. انهيءَ منزل تي پهچڻ لاءِ ڪيئي ڪشالا ڪاٽڻا ۽ جبل ٽاڪڻا ٿا پون. انهيءَ صفتن کي هٿ ڪرڻ ڪا راند نه آهي جا ڳيرو ڪيڏندا آهن.

ب: شاهه صاحب کي سماٽ ۾ به خاص چڱايون ڏسڻ ۾ آيون، جن مان سام ڪڻڻ، سخاوت، قديم روايات کي برقرار رکڻ ۽ سندن قديم تهذيب ۽ تمدن سندن اکين اڳيان هئا.

هيٺ ڪي مصرعون پيش ڪجن ٿيون، جن مان مٿي ذڪر ڪيل حقيقتن بنسبت روشني پئجي سگهندي:

”سمي سام ڪنئي، سرٽن جو سک ٿيو“
”سما تو سر ڇٽ، نات پاڳارا پرس ٻيا“

سمون سخاوت جي، وينو ڀچي پر،
ڪونيو ڪنگالن کي، ڏئي دلاسا در،
مٿي ولهن ور، ڏيهاڻي ڏاتار جي.

”سمي جي سهاڳ جي، ڪنهين کي ڪل“

سماٽ کي سنڌي ڪلچر ۽ تمدن جو يادگار ڪري ٿي سمجهيائين، پر کيس معلوم هو ته انهيءَ قبيلي جا ماڻهو گهڻي وقت تائين، حڪومت ڪرڻ ۽ سکي حياتي گذارڻ ڪري، پنهنجو انقلابي جذبو ۽ جنگي روح وڃائي وينا هئا.

ت: سنڌي عوام، شاهه صاحب جنهن طبقي کي سڀ کان گهڻو ساراهيو آهي، سو سنڌي عوام جو اُهو طبقو هو جنهن جا افراد سنڌي ڳوناٺا، خانه بدوش مال چاريندڙ ڏُٿَ تي گذران ڪندڙ پلا ۽ مڇيون ماريندڙ ڪتا ۽ لويون ڀهريندڙ اُگهاڙا اڌ ڏڪيل، بيلن ۽ جهنگن ۾ رهندڙ هئا. انهيءَ عوام ۾ سنڌ جو حقيقي روح سمايل ڏٺو اٿس. انهن جي مفلسي، خانه بدوشي، جهالت ۽ مصيبت ۾ گرفتاري ۽ قيد ڏسي هنجون هاريون ۽ نير وهايو اٿس، سنڌ جي

مستقبل کي عوام جي آئيندي سان وابستہ تي سمجهيائين. انهن جي مشڪلاتن ۽ مصيبتن کي سنڌ جي تڪليف ڪري تي ڄاتائين. انهن جي آزاديءَ ۽ ترقيءَ ۾ سنڌ جي ڀلائي ۽ بهتري تي ڏنائين. هر قوم کي دنيا جي تعميرنو ۾ پنهنجو حصو پيش ڪرڻو آهي، هن جي خيال موجب سنڌين کي بہ انهيءَ ڏس ۾ خاص پارٽ ادا ڪرڻو آهي. اهو مقصد تڏهن حاصل تي سگهندو، جڏهن سنڌي پنهنجي هزارن ورهين جي تهذيب کي، جا هنن صدين جي تجربي بعد حاصل ڪئي آهي، ترقي ڏياري اوج تي آڻين. هن کي معلوم هو تہ سنڌي، دنيا جي ٻين قومن جي بنسبت پنتي پيل هئا. هنن جي سڀ حاصلات بدويانہ نموني جي هئي، ۽ ٻين جي مقابلي ۾ پنتي هئي. ليڪن هن ان جي باوجود، ڪين هر پنهنجي شيءِ تي فخر ڪرڻ جي تلقين ڪئي ۽ ساراهيو. کيس معلوم هو تہ جيستائين قوم ۾ خود شناسي ۽ خودداري پيدا نہ ڪئي ويئي آهي، ان وقت تائين هن ۾ پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۽ پنهنجي پيغام ڏيڻ جي طاقت پيدا نہ ٿيندي ۽ سنڌي ٻين جي سياسي، اقتصادي، ذهني غلاميءَ ۾ ڦاٿا پيا هوندا.

مارئيءَ جي سُر ۾ هن انهيءَ مضمون کي تفصيل سان ورجائي پيش ڪيو آهي. ان سر ۾ سنڌي عوام کي مارن سان تشبيهہ ڏني اٿس. ڌارين جي حڪومت کي عمر ڪوٽ جو بند ۾ قيد ڪري شمار ڪيو اٿس. حڪمران طبقي کي عمر سومري جي نالي سان ياد ڪيو اٿس. آزاد زندگيءَ جي حياتيءَ کي ملير ۾ موڪ مها چونڊڻ واري زندگي ڪري ليکيو اٿس.

سنڌي عوام جي سچي عيوضين ۽ محب وطن کي جنهن کي آزاد زندگيءَ جو قدر ۽ پنهنجي قوم جي پستيءَ جو درد آهي، مارئيءَ جي نالي سان ڪري ظاهر ڪيو اٿس.

شاهہ صاحب خواہ مخواہ پست پيل سنڌين کي ٻين قومن کان متي نٿو سمجهي. هن کي سنڌن پستيءَ جو بخوبي احساس هو. ليڪن انهيءَ کي هن عيب سمجهي ظاهر نہ تي ڪيائين. چوي ٿو تہ:

اسين تئان آئيون، جت کهنبو ناهہ،
جي وڃون ڪنهن وهانءِ، تہ بہ متن لوئيون.

هڪ هنڌ سنڌين جي دهقاني زندگيءَ جو ذڪر هينئن طرح ڪري ٿو:

گولون گولاڙن جون، جھپي ساڻ جھپيندي،
ڪوڪڙ ڪنديرن ۾، ڦوڪيو ڦڪ پريندي،
عيدن برادن تي، ڪيھ مانڌاڻو ڪيندي،
پُسي ڪائي پيٽ ۾، ڏونرا ڏت آءُ ڏيندي،
سگر ساھيڙين سان، ساٽيھ ۾ ستيندي،

سندن لباس جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

گولاڙا ۽ گگريون، اوڇڻ اباڻن،
ويڙھيا گھمن ولئين، جھانگي منجھ جھنگن،
مون ڪي ماروئڙن، سُج ڳڻائي سيج ۾.

سندن عالم حالت جو بيان ڪندي هيئين طرح چوي ٿو تہ:

پلر پيڻ، اوڇڻ ان، جن جا پير مٿي پٽ پاڪ،
وھڻ وراڪن ۾، ان جي اجھوڪي اوطاق،
پاڻ نہ پسن پاڻ ڪي، ويچارا بي باڪ،
عمر اوءِ نہ عاق، ڏکيا جم ڏکوئين.

آٽين ۽ چاڙھين، ڏُت ڏھاڙي سومرا،
ستا ڪيو سيد چوي، سائون سڪائين،
منجھان لُنب لطيف چوي، چانور ڪيو چاڙھين،
پلاءَ نہ پاڙين، عمر آراڙيءَ سين.

مٿن ٽبڪ ٽبڪڙا، چڪندڙا اچن،
ڪڙيون ڪيھ پڪليون، پگھر سر پيرن،
ايءُ وڙ ويڙھيچن، مون لوڏائي لکيا.

انھيءَ طرح سان پنھنجي سنگھارن، مارن، ويڙھيچن ۽ پنھوارن، يعني سنڌي عوام جي غربت جي ماريل، ڏارين جا ستايل، پاڻ اگھاڙا رهي، ہين لاءِ رات ۽ ڏينھن محنت ۽ مزدوري ڪندڙ هئا، جي زندگيءَ جا مثال ڏيندي، سندن جاءِ رهائش، جو هيئين طرح ذڪر ڪري ٿو:

عمر انهيءَ ڏيهه جا، ڏوتين ڏنم ڏس،
وليون ورڻ ڦلاريا، للرنگيون لس،
آٽيو وجهن آهرين، سندا توهن تس،
ميوا، مجر، ماکيون، سيڪا چکن چس،
ماڙيءَ وهين مس، ملير ويندئن مارئي.

هن هنڌ مارو سنرا، ڏنگر ڏار رهن،
پاٽي پوچ پٽن ۾، پکي پاند پيين.
”ورسي کارا کوه، سنجيم جي ساٽيهه جا.“

کوهر، توهر، تر، جت سانيڪا ۽ سٽيون،
چارين اتي چاهه مان، ڦوڳن پاسي ڦر،
ڪيئن لهندم ڪر، جيئن مارو پاڻ اَپاريا.

نڪا جهل نہ پل، نڪو رائر ڏيهه ۾،
آٽيو وجهن آهرين، روڙيو رتا گل،
مارو پاڻ امل، مليرون مرڪٽو.

ڏارين ۽ حڪمران طبقي جي ترقي، دٻدٻي، جوڙ ۽ جنسار کي ڏسي مرعوب نٿو ٿئي، هن کي سنڌي عوام جي سادي ۽ بدويانہ تهذيب سان خاص الفت آهي.

ٻنهي جي ڀيٽ ڪندي هينئين طرح چوي ٿو تہ:

پٽولا پنهواريون، مور نہ متي ڪن،
جي لاک رتائون لوئيون، تہ شالنئان سونهن،
ان ايلاچنئون اگري، بخمل بافتن،
سکر پانيان سومرا، ڪتي کان کهنبن،
جا ڏنم ڏاڏائن، سا لاهيندي لڄ مران.

ارمق هڏ نہ اوڍيان، پٽولا پٽ چير،
باندُٽا ٻن ڏيان، ارغج ۽ عنبير،
ماروءَ سين ماٽيان، کٿيون جهڙيون کير،
اندراج اکير، مون کي پريںءَ پنهوار جي.

سون برابر سڳڙا، لون لون برابر لڪ،
رڳو تنهن جو رڊ ڪيو، ڪوڙ تنهن کي ڪک،
مون ماروءَ جو مک، تيل نہ لاهيان تنهن جو.

ڪارا ڪراين ۾، سون اسان کي سوءِ،
ور جيڏين سان جوءِ، فاقو فرحت پانيان.

هن سنڌي عوام يعني مارن جي ڌارين يا صاحب اقتدار طبقي جي غلاميءَ مان آزادي ماڻڻ، ذهني زنجيرن جي ٽٽڻ، سنڌن سياسي اقتدار جي کوٽڻ ڪرڻ، انقلاب، عوام جي واهوندن ورڻ لاءِ دعائون گهريون آهن. ڏولاون جي ڏينهن گذري، سُک جي سڪارن لاءِ دل کي دلاسا ءِ ڏي ڏنا آهن. هو چوي ٿو تہ:

مينڍيا ڌوءِ نہ مارئي، محلين مارئان ڌار،
پايو ميٺ ملير ري، منڌ نہ ويڙهي وار،
جا هتيجن هار، سا ڪيئن وهندي ڪوٽ ۾.

عمر اڇا ڪپڙا، ڪاٽياريون ڪيئن ڪن،
جنهين جا ترن ۾، ور تا ويڻ سهن،
هوءِ جي حق پچن، سي ڪيئن ستيون سومرا.

آءٌ ڪئن سوڙئين سمهان، مون ور گهاري سج،
ور اباڻس سين اڄ، ڪِرِ شربت تنهن جو سومرا.

ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾، لوئي هڏ م لاهہ،
ڪامڻ اوهان جي ڪر جي، ايءَ آڏ وڏائي آهہ،
ستي سيل نباهہ، ملير ويندئن مارئي.

”منهن جي آس اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي“

زيرئين بيڙئين لوهہ ۾، ڳتن ڪيس ڳاهہ،
سنڪي سنڌي سومري، هڏ نہ چاڙهيم ماهہ،
سرتيون دعا ڪجاهہ، تہ پرم پاروڙيءَ رهي.

وڄڙين ويس ڪيا، متي آئي مند،
اڪيون اباڻن ڏي، بس نه ڪرين بند،
هيئن نه تيس هند، جي ڪر لڏڏئون ڪڍهين.

شاهه صاحب سنڌ جي جملي رهاڪن کي بنا هندو مسلم فرق جي سنڌي ڪري تصور ڪيو آهي. جن ماڻهن کي ساراهيو اٿس، تن مان اڪثر هندو هئا. راءِ ڏياچ هندو راجا هو ۽ لاکو ڦلاڻي ڪڇ جو هندو راجا هو راڻو سوڍو هندو هو مومل هندواڻي هئي، سسئي هندو نسل جي هئي. اوڏ، جاڙيجا، ريباڙا، جوڳي، بابو سنياسي، آديسي جن جو ذڪر شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي، سي سڀ هندو هئا. هن نڪو محمد بن قاسم جي تعريف ڪئي آهي، نڪو محمود غزنويءَ کي ساراهيو اٿس. اورنگزيب يا ڪلهوڙن جي مذهبي سياست جو متس اثر پوي ها ته ضرور انهن جو نالو به پنهنجي ڪلام ۾ آڻي ها. پر ڪٿي به اهو ڏسڻ ۾ نه ايندو. جي بلوچن کي ساراهيو اٿس ته، اهي پهريان ئي حاڪم هئا جن شريعتي راڄ بدران، ملڪ جي دستورن پٽاندر حڪومت ڪئي. رسالي ۾ نه مُلن ۽ نه مولوين جي ساراهه ڪيل آهي، بلڪ هنگلور جي هلڻ، گنگا تي گجڻ ۽ سنگين وڃائڻ واري سامين ۽ جوڳين کي ياد ڪري رُنو اٿس.

فصل ڇهون

# شاهہ صاحب ۽ ڊاڪٽر محمد اقبال جي نظرين تي هڪ نظر

جهڙيءَ طرح سان شاهہ صاحب جي شعر جو سنڌين جي دلين تي اثر پوي ٿو، اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر محمد اقبال مرحوم بہ اڄ پاڪستان جي اردو دان مسلمانن ۾ خاص طور مقبول آهي. شاهہ صاحب سنڌين ۽ ڊاڪٽر صاحب پاڪستان جي اردو دان، مسلمانن جا (سنڌن چوڻ موجب) قومي شاعر اهن.

هن فصل ۾ آءٌ ٻنهي جي خيالات ۽ نظريي بنسبت ڪجهہ حقيقتون پيش ڪري، روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس.

پڙهندڙ جيڪڏهن غور سان شاهہ صاحب ۽ ڊاڪٽر اقبال جي ڪلام کي ڏسندا تہ معلوم ٿيندن تہ ٻنهي جي تعليم ۽ فيض جو هڪ پاسو هڪڙو ئي هو. يعني ٻنهي تي 1. رسول عربي 2. قرآن شريف 3. مثنوي روم جي تعليمات جو گهرو اثر پيل آهي. هيٺ ٻنهي جي ڪلام مان انهيءَ ڳالهہ جي ثبوت ۾ ڪي حوالا ڏيئي پڙهندڙن کي ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندس.

**1. شاهہ صاحب:**

شاهہ صاحب جي ڪلام جي پڙهڻ مان پتو پوي ٿو تہ هن گمراهيءَ کان بچڻ ۽ هدايت حاصل ڪرڻ لاءِ محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي تعليم کي سمجهڻ ۽ مڃڻ ضروري ڄاتو آهي. هو چوي ٿو تہ:

وحده لاه شريڪ لہ، جڏهن چيو جنِ،
تن مڃيو محمد ڪارڻي، هيجان سارڻ هنينِ،
تڏهين منجهان تنِ، اوتڙِ ڪونہ اوليو.

شاهہ صاحب قرآن کي حڪمت جو مخزن ۽ اسم اعظم جو منبع سمجهي چوي ٿو تہ جيڪڏهن غور ۽ فڪر سان ان ۾ نگاهہ ڪبي تہ ٻين درن تي وڃڻ جي ضرورت ئي ڪانہ پوندي.

فڪر سين فرقان ۾، اسم اعظم ڏور،
ٻيا در وڃي نہ ووڙ اي امل ايائين سپجي.

اهڙيءَ طرح شاهہ صاحب حقيقت جي جوءِ ڏسڻ، انساني معراج تي رسڻ، غير کان آجو ٿي حق جو مشاهدو ماڻڻ، پرين پسڻ بابت جڏهن گفتگو ڪري ٿو تہ مولانا روم جو حوالو ڏيڻ ضروري ڄاڻي ٿو. چوي ٿو تہ:

طالب قصر، سونهن سر، ايءَ رومي جو روءِ،
جنين ڏني جوءِ، تنين ڪيپو ڪين ڪي.

طالب قصر، سونهن سر رومي چيو آهي،
تاڙي جي لاهي، تہ منجهين مشاهدو ٿئي.

طالب قصر، سونهن سر، ايءَ روميءَ جي رهاڻ،
پهرين وڃائي پاڻ، پوءِ پسڻ پرينءَ کي.

**2. ڊاڪٽر محمد اقبال:**

اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر اقبال جي خيالات جو سرچشمو فيض بہ رسول عربي، قرآن شريف ۽ مولانا روم آهن.

پيغمبر بنسبت ڊاڪٽر اقبال فرمائي ٿو تہ:

"بمصطفيٰ برسان خود راکہ دين همہ اوست،
اگر بہ اوره رسيدي همہ بولهبي است."

"مقام خويش اکر خواهي درين دين،
بحق دل بند و راه مصطفيٰ کير."

ڊاڪٽر اقبال جا خيالات قرآن بنسبت جيڪڏهن معلوم ڪرڻ گهرندا تہ انهن جو پتو سندس هيٺين شعرن مان پئجي سگهندو.

ميري اشعار مين پهنس کر نہ ره جا،
اگر تو سالڪ راه يقين هي،

گذر جا تو مري بزم سخن سي،
ره قرآن مين ڪام اولين هي،
جو تو اس طرح قرآن تلڪ پهنچ جائي،
تو حاصل دولت دنيا وي دين هي،
محيط ڪائنات دِل هي قرآن،
نظر ڪي آخري منزل هي قرآن،
”جز بقرآن ضعيفي روباهي است،
فقر قرآن اصل شهنشاهي است“

ڊاڪٽر اقبال مولانا روم لاءِ جا عزت ۽ عقيدت رکي ٿو، ان جو پتو سندس هيٺين شعرن مان پئجي سگهندو. هو چوي ٿو تہ:

”بازُ بر خوانم ز فيض پير روم، دفتر سربسہ اسرار علوم
پير رومي خال را اڪسير ڪرد، از غبارم جلوه ها تعمير ڪرد
جان آواز شعلہ ما سرمايہ دار، من فروتن يلڪ نفس مثل شرار
موجم و در بحر او منزل ڪنم، تا در تابنده حاصل ڪنم“

مٿي ذڪر ڪيل حوالن مان پتو پئجي سگهي ٿو تہ ٻئي ساڳين فيض جي چشمن مان سيراب ٿيا. سندن ڪلام تي وڌيڪ غور ڪرڻ بعد اهو بہ معلوم ٿيندو تہ ٻنهي جي سامهون انسانذات جي ترقي ۽ اصلاح جا مقصد هئا. گهري نظر وجهڻ بعد پڙهندڙن کي اهو ضرور معلوم ٿيندو تہ انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻنهي جدا جدا رستا ۽ راهون ڏسيون آهن. مٿي ذڪر ڪيل هڪ جهڙائيءَ ڏيکارڻ بعد آءُ سندن اختلاف کي هيٺ پيش ڪندس.

## شاهہ صاحب جو نقطہ نگاهہ

**1. وحدت مذاهب:**

شاهہ صاحب مسئلہ وحدت الوجود کي مڃڻ ڪري، ’وحدت مان ڪثرت‘ جي پيدا ٿيڻ جو قائل هو. هن ڪثرت جي ڪا جدا هستي نہ ٿي مڃي ۽ ان کي صرف وحدت جو مظهر ڪري ٿي مڃيائين.

هن وٽ ”سو پرين سو پساهہ، سو ويري سو واهرو“ جو عالم هو. هن پڙاڏي ۾ سڏ کي ساڳي شيءِ ڪري ٿي سمجهيو ۽ چيائين ٿي تہ:

"هئا اڳهين گڏ، پر ٻڌڻ ۾ ٻہ تيا"

هو دوبينائي دور ڪري ٻيائيءَ کي ٻارڻ جي هدايت ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ:

وحده لاشڪر لہ، ايءَ هيڪڙائي حق،
ٻيائيءَ کي ٻک، جن وڏو سي ورسيا.

ان ذات حقيقيءَ جون 'ڪوڙين ڪايائون' ڏنيون هئائين ۽ انهيءَ جا ڏار ڏار درشن بہ ڪيا هئائين. هن کي نابوديءَ نيئي اهڙواعليٰ ڪيو هو جو ڪر ۾ بہ پرينءَ پٺي پاڻ پسايس، تنهن ڪري هو دنيا جي مڙني مذهبن جي بنيادي وحدت جو قائل هو ۽ مذهبن جي بنيادن تي انسانن ۾ اختلاف عين اسلام جي بنيادي اصول جي خلاف ٿي سمجهيائين. هو 'صوفي لاڪوفي' هو ۽ صرف وصال جو ورق پڙهيو هئائين. ٻي لات ذري جيتري بہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هو. هن رب العالمين کي يار ڪيو هو تنهن ڪري هن جيڏانهن ٿي نظر ڪئي تہ سڄڻ ٿي سامهون آيس. هن وٽ شڪ ۽ گمان هئا ئي ڪونہ. هن مذهبن جي نالي ۾ انسانن کي جدا ڪندڙ ماڻهن کي 'ڪويڄ' ڪري ڪوٺيو آهي. هن انسانذات جي مڙني مرضن جو علاج محبت ۽ پيار جي نسخي ۾ ڏنو هو. چوي ٿو تہ:

ڪنيس ڪويڄن، تَنِ طبيب نہ گڏيا،
ڏيئي ڏنبَ ڏڏن، پاٽان ڏيل ڏکوئين.

2• **سنڌين جي قوميت**:

هن ساري انسانذات کي، قرآن جي آيت مطابق هڪ جماعت ڪري ٿي سمجهيو "ڪان الناس اُمۃ واحدۃ"

ليڪن سڃاڻپ ۽ سهوليت لاءِ گڏ ٿي ترقي ڪرڻ لاءِ هو قرآن جي ٻي آيت مطابق "وجعلنا ڪم شعوبا و قبائل لتعارفوا" سنڌين کي جداگانہ قوم ڪري سڏڻ کي گناهہ نہ سمجهندو هو. سنڌين جي جدا هستي قبول ڪرڻ مان سندس مقصد انساني تفريق جو نہ هو. بلڪ بين الاقواميت تي پهچڻ جو ڏاڪو هو.

هن گهڻو ڪري ساري سنڌ گهمي ڏٺي هئي. ملڪ غربت، جهالت ۽ ڏک هر طرف گهڻو ڏٺو هئائين. سنڌي عوام جي حالت ڪسمپرسيءَ واري هئي. چوڌاري جڏهن نظر ٿي ڪيائين تہ قومن جا قافلا ترقيءَ جي سفر ۾

اڳتي وڌي ويل هئا، پر سنڌي اجا نياڳ جي ننڊ ۾ مٺن جيئن منهن ويڙهي ستا پيا هئا. هو 'چورا نندورا' هئا، جن جو مائٽ مٽ ڪونہ هو. سندن پاڙي وارن کي پروڙ ڪانہ هئي تہ سندن رات ڪا رنج ۾ ٿي گذري، تنهن ڪري هن سيني "سورن وارين" کي پاڻ ۾ پچار ڪرڻ، قوم ۽ ملڪ جا درد ۽ دک اورڻ، "ڏکين جي مڙي پنڻ ڪرڻ" واسطي 'سنڌي اتحاد' جو آواز اُٿاريو. انهيءَ خيال ۾ اهڙو محو ٿي ويو جو هِنَ مذهبن جا مصنوعي ويڇا وساري ڇڏيا ۽ سيني سورن وارن کي گڏڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سکن وارن کي مخاطب ٿي چيو تہ:

"اڻ ڏکوئيون ڏُکن جي، ڪوه پٽر پون،
ناه اورانهو آن کي، ٿيون لوڪ ريائون رون،
پنڻ پيڙيون هونِ، پارَ تنهين جا پڌرا."

هن سنڌ جي مارئيءَ کي عمرڪوٽ جي غلاميءَ واري زندگيءَ کان آجو ڪري، ملير جي آزاديءَ واري دنيا ۾ وٺي وڃڻ کي پنهنجو مقصد مقرر ڪري ڇڏيو هو. پاڻ کي سنڌي عام يعني مارن جو هڪ فرد سمجهي ويٺو هو ۽ چيائين ٿي تہ:

"جيها جي تيها مون مارو ميجيا"

هن ور ور ڏيئي چيو ٿي تہ:

"اچو سورن واريون، ڪريون سور پچار"

اهڙيءَ طرح

"ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي کهڙا پرين"

بہ سندس تعليم جو مکيہ جزو رهيو آهي، ان مقصد يا 'هاڙهي ڏي هلڻ' لاءِ هن جي نظر ۾ صرف 'اندر جي اڌ' وارن کي هلڻو هو.

3. **حب الوطني**:

شاهہ صاحب جي ساري فلاسافي وطن جي بنياد تي بيهاريل هئي. وطن جي حب کي هن ايمان جو جزو ڪري ٿي سمجهيو. هن کي ذاتي تجربي ۽ تاريخ جي معلومات مان پروڙ پئجي چڪي هئي تہ اعتقاد جي بنياد تي قوم جو نهڻ، انهيءَ وقت جي ماڻهن جي ذهني معيار مطابق نہ هو ۽ انهيءَ قسم جا خيالات هَوا ۾ ڪوٽ اڏڻ جي برابر هئا. کيس معلوم هو تہ ماڻهن جي چوڻ ۽

ڪرڻ ۾ هميشہ تفاوت پئي رهيو آهي. هڪ هنڌ اهڙين ٻالهين کي نظر ۾ رکي چيائين تہ:

اندر ڪوڙو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج جي،
اهڙو ٿلهو ٿانءُ، پيچي چو نہ پورا ڪرين.

هو وطن جي سرسبز ٿيڻ ۽ عوام جي سکئي ٿيڻ لاءِ دعا گهري چوي ٿو تہ:

”وطن وسائيج، تہ سنگهارن سک ٿئي“

پنهنجي ديس جي ماڻهن لاءِ کيس جيڪا محبت هئي، ان جو اندازو هينين سٽن مان پئجي سگهندو.

”ٻالهيون ڪندي ڪاڪ جون، ڳوڙها پيس ڳڙي“

”سندي سنگهارن، جوءِ جو جياري جڏڙين“

”جيها جي تيها، مون مارو مچيا“

”تر تر اندر ٿانءُ، ونهين ويڙهيچن جو“

هڪ هنڌ حڪمران قوم جي فرد کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

آءُ ڪيئن ڇڏيان سومرا، تن پنهوارن پچار،
جڙ جنهين جي جان ۾، لڳي ريءَ لهار،
ميخون محبت سنديون، هنئڙي منجهہ هزار،
پکا ۽ پنوهار، ڏٺي مون ڏينهن ٿيا.

هو ڪٿي بہ هوندو هو تہ وطن ياد هوندو هوس، چوي ٿو تہ:

”قسمت آنديون ڪونجڙيون وطن سندن روهہ“

”پري جنين جي پاڙ، پسان ملڪ ملير جو“

”ڪريان ٻي نہ ڪِن، ويندس وطن سامهون“

هن کي سدائين سنڌ تي سڪار ۽ سک جو اُونو رهندڙ هو. هن سنڌي عوام کي ويڙهيچا، وطن جاوا، پنوهار، مارو اباڻا وغيره نالن سان ڪوٺي، سندن آزاديءَ ۽ ترقيءَ لاءِ دعائون گهريون آهن. هن کي حڪمران طبقي ۽ ڏارين جي طاقت توڙي علمي لياقت جو بہ حال معلوم هو ۽ پنهنجي عام جي ڪمزورين ۽ بي سرو سامانين جو بہ پتو هوس، تنهن ڪري ظاهري حالتون اميدافزا نہ ڏسي، هو قدرتي ۽ بين الاقوامي تبديلين ۽ انقلابن ۾ اميدون ۽

آسرو رکي پئي هليو ڪيس هميشہ اميد پئي رهي تہ ضرور تبديليءَ جي منڊ ايندي، انقلاب جا منڊل وڄندا. نين تحريڪن جا ڪڪر قبل جون ڪسون لاهيندا. ظلم ۽ ستم ڪان ستايل دلين ۾ وري نئون روح پوندو گوندر لهندا. موڙي ۽ ڏکاريا ڏينهن مان ويندا. هاري همٿ ڪري ملڪ جي سڪل (ستل) ۽ سخت زمين (دلين) کي انقلاب جو هَرو ڏئي، حقيقي آزاديءَ جو ٻج وجهي سک ۽ سلامتيءَ جو فصل لڻندا.

### 4. دين ۽ سياست جي علحدگي:

شاهہ صاحب اسلامي تاريخ جي روشنيءَ ۾ دين ۽ سياست گڏي هلائڻ جا نقصان ڏسي چڪو هو هن کي معلوم هو تہ مسلمانن جي ڪثرت وٽ نہ صحيح اسلام جو تصور باقي رهيل هو ۽ نہ حڪمران طبقي ۾ خدا شناسي ۽ خدمت خلق جو جذبو موجود هو. جو حڪومت کي اسلامي طريقي هلائين. بلڪ دين کي ذاتي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ مروڙي ڪتب پئي آندو ويو. دين جي اثر هيٺ حڪومت هلائڻ وارا ماڻهو ئي گذر ڪري ويا. هڪ هنڌ انهن حالتن کي نظر ۾ رکي چوي ٿو تہ:

ويا سي وينجهار، هرو لعل ونڊين جي،
تنين سندا پويان، سيهي لهن نہ سار،
ڪُتين ڪُتِ لهار، هاٿي انهن پيٽئينءَ.

هن ڏنو پئي تہ دين ۽ ان جي شريعت کي حڪمران طبقي جي سياهہ ڪارين لڪائڻ. طاقت ۽ اقتدار قائم رکڻ لاءِ اوزار ڪري پيو ڪتب آندو ويو. هن کي ان وقت جي مُلن جو پورو پتو هو تہ حاڪمن جي چوڻ تي، ڪيئن نہ مذهب کي مروڙي سروڙي ظاهر ڪيائون. اهڙن ماڻهن لاءِ چيائين ٿي تہ:

ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نہ چڪيو،
دنيا خاطر دين، وڃائي ولها ٿيا.

هن کي پتو هو تہ شخصي ۽ طبقاتي مفاد عوام جي مفاد لاءِ مخالف هئا. تنهنڪري وڏين ملڪيتن ۽ اقتدار رکڻ وارا حاڪم، جڏهن مذهب جو نالو وٺندا هئا تہ ان ۾ ڪابہ سچائي ڪانہ هوندي هئي هو صرف عوام کي ڏوکي ڏيڻ لاءِ مذهب جي نالي ۾ آڙ وٺڻ جي نيت سان اهڙا آواز اٿاريندا هئا. انهيءَ لاءِ شاهہ صاحب چوي ٿو تہ:

ڪيئن ماپندا من ۾، خودي ۽ خدا،
ٻن ترارين جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾.

**5. مدافعانہ ذهنيت:**

شاهہ صاحب ڪڏهن بہ سواءِ پاڻ بچائڻ ۽ غلاميءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ جي، تلوار کڻڻ جي صلاح نہ ڏني، هو اڳرائي ۽ ارهہ زورائي، پوءِ اها ڪٿي ڪهڙي بہ نالي ۾ هجي، جي برخلاف هو. جنگجو پاليسيءَ جي مخالف هو. ان بابت سندس خيالن جو پتو سندس هيٺين بيتن مان پئجي سگهندو:

هو چونئي تون مَ چئُ واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي.

ليڪن ان مان اها معنيٰ ڪڍڻ غلطي ٿيندي تہ هو بزدليءَ جي تعليم ڏئي ٿو ۽ پاڻ بچائڻ ۽ آزادي هٿ ڪرڻ يا قائم رکڻ لاءِ، سر جي سٽ هڻڻ کان ڪيٻائي ٿو. ان لاءِ سندس هيٺيون بيت شاهد آهي:

هَڻُ هَڪلڻ، ٻيلي سارڻَ، مانجهيان اي مرڪُ،
وجهن تانَ نہ فرقُ، رُڪَ وهندي راند ۾.

حق لاءِ لڙندڙن ۽ آزاديءَ جي پروانن جي باري ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو تہ:

آيا اجارين، تيغون تراريون تيورا،
ساڳيون ساٿن هٿ ۾، ڪلهنئون نہ لاهين،
ايا ئي آهين، مهائين مرڻ تي.

جنگ جي ميدان ۾ مخالف جي طاقت، لشڪر، ساز ۽ سامان جو ڪوبہ اثر نٿو پوي. هو پڙ ۾ پرزا ٿيڻ واري سورهہ کي شاباس چئي، ٻي همٿن ۽ ڀڄي ويندڙن کي ننڌي چوي ٿو تہ:

ڀڄي آئين ڀڄڻا، لڄائيئي مون سيڻ،
وينيون وجهن ويڻ، منهن مٿاهان جن جا.

## ڊاڪٽر اقبال جو نقطہ نگاهہ

**1. وحدت الشهود:**

اسلام جي برتري مذاهب عالم تي: ڊاڪٽر اقبال، برعڪس شاهہ صاحب جي، مسئلہ وحدت الوجود کي قومن جي ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ ٿو سمجهي. هن جي نزديڪ انسان جو آخري ڪمال هن ۾ نہ آهي تہ،

پنهنجي هستي فنا ڪري، هستيءَ مطلق ۾ جذب ٿي وڃي، بلڪ شرف انسانيت انهيءَ ڳالهه ۾ آهي تہ انسان پنهنجي اندر خودي پيدا ڪري، خود ذات مطلق کي، پنهنجي اندر جذب ڪري، هو چوي ٿو تہ:

خودي کو کر بلند اتنا کہ هر تقدير سي پهلي
خدا بنده سي خود پوڇي، بتا تيري رضا کيا هي
(باب جبريل)

ڊاڪٽر اقبال يورپ جي فيلسوف هيگل تي انهيءَ ڪري سخت نقطہ چيني ڪري ٿو جو مسئلہ وحدت الوجود جو حامي هو ۽ سندس لاءِ چوي ٿو تہ:

طائر عقل فلڪ پرواز او داني کہ چيست
ماکيان ڪمزور و مستي خايہ گيرد بي خروس
(پيام مشرق)

انهيءَ سبب ڪري يونان جي حڪيم افلاطون کي سندس بي ثباتي دنيا جي راين سبب "راهب ديرينا" ۽ "از گروهہ گو سفندان قديم" سڏي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هن جي نظر ۾ اهڙا خيال قومن ۾ زندگي نٿا ڦوڪين. مورڳو انهن کي موت جي ننڊ سمهارين ٿا.

ڊاڪٽر اقبال نابوديءَ جي برخلاف آهي. شاهہ صاحب وانگر تہ:

"نابوديءَ نيئي، وڃي عبد کي اعليٰ ڪيو" .

کي نٿو مڃي. هو خوديءَ ۾ سڀ ڪجهہ ڏسي چوي ٿو تہ:

پيڪر هستي ز آثار خودي ست
هرچه مي بيني ز اسهرار خودي ست
آن نمودن خويش راخوئي خودي ست
خفتہ در هر ذره نيروئي خودي ست
قطره چون حرف خودي ازبر کند
هستي بي مايہ را گوهر کند
کوه چون از خود رود صحرا شود
شکوه سنج جو شش دريا شود

ڊاڪٽر اقبال انسان جي انفراديت جو زبردست حامي آهي ۽ بني نوع انساني جي ترقيءَ ۽ اصلاح لاءِ 'انسان ڪامل' جي رهبري جي ضرورت محسوس ٿو ڪري، سندس نظر ۾ مذهب اسلام (جو دين فطرت آهي) جا

پيرو مسلمان ئي، اِها رهبري ڪرڻ جا لائق آهن. سندس خيال ۾ مسلمان دين فطرت جا پاسبان، فڪر ۽ عمل جي وحدت جا رهنما آهن. جن جي نگاهه ۾ انسانذات جي موجوده مصيبتن کان نجات صرف مسلمانن جي ذريعي حاصل ٿي سگهندي ان ڪري هو چوي ٿو تہ:

تو نہ مٹ جائیگا ایران کي مٹ جاني سي
نقش مئي کو تعلق نهين پيماني سي
چشم اقوام سي مخفي هي حقيقت تيري
زنده رکني هي زمانہ کو حرارت تيري
کب کو قسمت ـ امکان هي صداقت تيري
ختم کاهي کو هو کام ابي باقي هي
نور توحيد کا اهتمام ابي باقي هي
(بانگ درا)

## 2. مسلمانن جي جداگانہ قوميت:

ڊاڪٽر صاحب مٿي ذڪارئل نظريي جي ڪري مسلمانن کي، دنيا جا جي بين قومن کان مذهب جي بنياد تي علحده قوم ڪري سمجهي ٿو ملڪ، نسل، رنگ وغيره جي بنيادن تي قومن جو نظريو، سندن اڳيان فرسود ۽ نقصانڪار آهي. سندس انهن خيالن جي شهادت، سندس هيٺين بيتن مان پئجي سگهندي:

قلب ما از هند و روم و شام نيست
مرزبوم او بجز اسلام نيست
با وطن وابستہ تقدير امم
بر نسب بنياد تعمير امم
ملت مارا اساس ديگر است
اين اساس اندر دل ما مضمر است
مدعائي ما، مال ما يکيست
طرز و انداز و خيال ما يکسيت
ناز نعمتهائي او اخوان شديم
يک زبان و يک دل و يک جان شديم
(رموز خودي)

ٻئي هنڌ بانگ درا ۾ هينئين طرح چوي ٿو:

اپني ملت پر قياس اقوام مغرب سي نہ کر
خاص هي ترکيب مين قوم رسول هاشمي
ان کي جمعيت کا هي ملک و نسب پر انحصار
قوت، مذهب سي مستحکم هي جمعيت تري
دامن دين هاٿ سي چوٽا تو جميعت کهان
اور جميعت هوئي رخصت تو ملت ڀي گئي
قوم مذهب سي هي، مذهب جو نهين تم ڀي نهين
جذبہ باهم جو نهين، محفل انجم ڀي نهين
(بانگ درا)

### 3. وطن پرستيءَ جي مخالفت:

ڊاڪٽر اقبال قوميت جي نظريي جو بنياد، مذهب تي رکندي، حب الوطنيءَ کي بت پرستيءَ سان تشبيهہ ڏيندي، ان کي مذهب لاءِ زهر قاتل ٿو سمجهي. موجوده زماني ۾ دنيا جي قومن جي باهمي جهيڳڙن جو بنياد انهيءَ ڳالهہ کي ٿو سمجهي. تجارت جي فروغ واسطي ٻين ملڪن کي قبضي ۾ آڻڻ جو ڪارڻ بہ انهيءَ کي ٿو ڄاڻي. انسانذات کي ڪن ملڪن ۾ محدود ڪري، ان کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ جي برخلاف آهي. مسلمانن کي هو مشورو ڏئي ٿو تہ ڪنهن خاص ملڪ سان دل نہ ٻڌن، بلڪ ساري دنيا کي پنهنجو وطن ڪري ڄاڻن. سندس انهيءَ خيال جي تائيد ان جي هينئين بيتن مان ٿئي ٿي:

ان تازه خدائون مين بڙا سب سي وطن هي
جو پيرهن مين هي رقابت کا کفن هي
اقوام جهان مين هي رقابت تو اسي سي
تسخير هي مقصود تجارت تو اسي سي
هو قيد مقامي تو نتيجہ هي تباهي
ره بحر مين آزاد وطن صورت ماهي

رهي گا راوي و نيل و فرات مين کب تلک
ترا سفينہ گو هي بحر بيکران کي لئي

جوهر مايا مقامي بسته نيست
باده تندش بجائي بسته نيست

مسلم امتي دل باقليمي ميند
گم مشو از جهان چون و چند

هي ترڪ وطن سنت محبوب الاهي
دي تو ڀي نبوت ڪي صداقت ڪي گواهي

دنيا جي انهن قومن لاءِ جي وطن تي بنياد ٽيون رکن، هينين طرح فرمائي ٿو:

ان چنان قطعہ اخوت ڪرده اند
بر وطن تعمير ملت ڪرده اند
تا وطن را شمع محفل ساختند
نوع انسان را قبائل ساختند
مردمي اندر جهان افسانہ شد
آدمي از آدمي بيگانہ شد
روح از تن رفت و هفتہ اندام ماند
آدميت گم شد و اقوام ماند

(رموز خودي)

**4. مذهب ۽ سياست جي اجتماعيت:**

ڊاڪٽر اقبال دين کي دنيا جي ڪاروبار کان علحده نٿو رکڻ گهري. هو اسلام کي منظم دين ڪري زندگيءَ جي هر مسئلي ۾ ان جي رهبري ضروري سمجهي ٿو. هو انهيءَ رستي، زمين تي عدل ۽ انصاف قائم ڪري، امن ۽ سلامتي قائم ڪرڻ گهري ٿو. اڄوڪي دنيا جي دستور (جنهن ۾ سياست کي مذهب کان علحده ڪيو ويو آهي) کي پسند نٿو ڪري.

هن جي نظر ۾ سياست حڪومت دين کان جدا ڪرڻ بعد بي روح ٿي پيئي آهي ۽ ڪاغذي عهدنامن، قانونن ۽ قاعدن مان جان نڪري وئي آهي. انهيءَ جي تائيد ۾ سندس هينيان بيت شاهد

مري نگاه مين هي يہ سياست لادين
ڪنيز اهرمن و دون نهاد و مرده ضمير
هوئي هي جو ترڪ ڪليسا سي حاڪمي آزادي
فرنگيون ڪي سياست هي ديو بي زنجير
متاع غير پہ هوتي هي جب نظر اسي ڪي
تو هين هراول لشڪر ڪليسا ڪي سفير
(ضرب ڪليم)

”هوئي دين دولت مين جس دم جدائي
هوس ڪي اميري، هوس ڪي وزيري“

هو گذريل اسلامي دؤر جي ياد مسلمانن کي تازه ڪرائي ٿو. ان وقت لشڪر جو سپهہ سالار ۽ مسجد جو امام ساڳيو هو. ان جي هڪ هٿ ۾ تلوار هئي تہ گلي ۾ قرآن لٽڪيل هوندو هوس. دين ۽ دنيا ٻنهي ۾ پورو هوندو هو. هو مسلمانن کي دنيا جي امامت ڪرڻ جي تلقين ٿو ڏئي.

**5. جارحانہ ذهنيت**:

ڊاڪٽر اقبال مسلمانن کي انسانن جي رهبريءَ جو لائق سمجهي غلبہ اسلام آڻڻ ۽ خدمت ڪبريٰ قائم ڪرڻ ٿو گهري. مسلمان کي دنيا ۾ دارالاسلام قائم ڪرڻ لاءِ جهاد جي تلقين ٿو ڪري ۽ ڪين ياد ٿو ڏياري تہ هو تلوارن جي ڇانوَ ۾ پلجي جوان ٿيا آهن. خود سندن قومي نشان بہ انهيءَ ڪري خنجر ۽ هلال ٺهرايو ويو آهي. سندس انهيءَ خيالن جي شهادت سندس هيٺين بيتن مان ملي سگهندي:

يہ نڪتہ سرِ گذشت ملت بيضا سي هي پيدا
ڪہ اقوام زمين ايشيا ڪا پاسبان تو هي

سبق پهر پڑهہ صداقت ڪا، عدالت ڪا، شجاعت ڪا
ليا جائي گا تجهہ سي ڪام دنيا ڪي امامت ڪا
نهين تيرا نشيمن قصر سلطاني ڪي گنبذ پر
تو شاهين هي بسيرا ڪر پهاڑون ڪي چٽانون مين

در ڪف موسي همين شمشير بود
ڪار او بالاتر از تدبير بود
پنجه حيدر ڪہ خيبر گير بود
قوت او از همين شمشير بود
(رموز بي خودي)

سوچا يي هي اي مرد مسلمان ڪيي توني
(ضرب ڪليم)

آ تجهہ ڪو بتائون مين تقدير امم ڪيا هي
شمشير و سنان اول طاؤس و رباب آخر
(بال جبريل)

شاهہ صاحب ۽ ڊاڪٽر اقبال جي نظرين جي هن مختصر وضاحت مان ظاهر آهي تہ ٻنهي پنهنجي پنهنجي نقطہ نگاهہ کان انسانذات جي ترقي ۽ اصلاح تي گهري، انهيءَ واسطي قومن کي بيدار ڪري منجهن روح ڦوڪڻ تي گهريو. جيتوڻيڪ سندن طريقيڪار الگ هئا، ليڪن ڪيترا نقطا ساڳيا ڏسياڻون ٿي. مثلاً:

1 . **عشق جي تلقين**:

ٻنهي وٽ هر قومي مرض جو علاج عشق قرار ڏنو ويو آهي. سندن چوڻ هو تہ عشق کانسواءِ انسان بي جان آهي، جيستائين ڪن قومن عشق جي شراب مان ڍُڪ نہ پيتو آهي، ان وقت تائين هو ڪو بہ وڏو ڪم ڪري نہ سگهندا.

شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

جئان وهي تئان واٽ، ڪپر پڇن ڪوڙيون،
جن کي سڪ ساهڙ جي، سي گهيڙ پڇن نہ گهاٽ،
جن کي عشق جي اوساٽ، سي واهڙ پانئين وڪڙي.

پاڻ مَ ڪڇج پاڻ سين، وسيلا وڃاءِ،
عشق ساڻ اُناءِ، پير پريان جي پار ڏي.

سڪڻ اِئين نہ سڏ، جيئن لڪيو لياڪا پانئين،
پئي پريان جي نہ ٿئين، متي اگڻ اڏ،
اي پڻ ڪوڙي سڏَ، جيئن ڪليو ڪايو سمهين.

ڊاڪٽر اقبال چوي ٿو تہ:

عشق ڪي هين معجزات سلطنت و فقر و دين
عشق ڪي ادني غلام صاحب تاج و نگين
عشق مڪان مڪين، عشق زمان و زمين
عشق سراپا يقين اور يقين فتح باب
در جهان هم صلح و هم پيڪار عشق
آب حيوان، تيغ جوهر دار عشق
جب عشق سکهاتا هي آداب خود آگاهي
کهلتي هين غلامون پر اسرار شهنشاهي

2• **قرباني**:

ڀٽائي صاحب جو چوڻ آهي تہ خطرن کي منهن ڏيڻ ۽ تڪليف برداشت ڪرڻ کان سواءِ ڪابہ قوم ترقي ڪري نہ سگهندي.

شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

سڪڻ ۽ سوري ٿئي اڪر هيڪڙي،
وهڻ وانڍين تي ڪارڻ ضروري،
ڀٽائي جي پوريہ جيءَ ڏني ريءَ نہ جڙي

ڀِرين ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پريتڙو
ڏک پريان جو ڏيل ۾ واجت جيئن وڄاءِ
سخن ماه پڇاءِ، جي نالو ڳيڙءَ نينهن جو.

ڊاڪٽر اقبال چوي ٿو تہ:

ميار بزم بر ساحل ڪہ آنجا
"حيات بر ڪناره نرم خيز ست
بدريا غلط با موجبش در آويز
حيات جاودان اندر ستيز است"

3• **خود شناسي**:

ڀٽائي صاحب هڪ مشهور حديث تہ:

"من عرف نفسہ فقد عرف نفسہ"

مان سبق وٺي قوم کي پاڻ سڃاڻڻ جي تلقين ڪئي آهي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيھ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون تيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوه پئي،
”وفي انفسڪم افلاتبصرون“ سوجهي ڪر سهي
ڪڏهن ڪانہ وئي، هوت ڳولڻ هٿ تي.

اسين سڪون جن ڪي، سي تان اسين پاڻ،
هاڻ وڃ گمان، صحيح سڃاتا سپرين.

ڊاڪٽر اقبال فرمائي ٿو تہ:

ڈهونڈهني والا ستارون ڪي گذر گاهون ڪا
اپني افڪار ڪي دنيا مين سفر ڪه نہ سڪا
اپني حڪمت ڪي خم و پيچ مين ايسا الجها
زندگي ڪي شب تاريڪ سحر ڪر نہ سڪا
جس ني سورج ڪي شعاعون ڪو گرفتار ڪيا
آج تلڪ فيصلہ نفع و ضرر ڪر نہ سڪا

انهن متفق نقطن جي علاوه ٻنهي جي تعليم جا ٻيا ڪي پهلو بلڪل هڪبئي جي برعڪس آهن. مثلاً: شاهہ صاحب جي تعليم، مساوات ۽ جمهوريت طرف جهڪي ٿي، مگر ڊاڪٽر صاحب فسطائيت ۽ قومي برتريءَ جو سبق سيکاري ٿو.

شاهہ صاحب سنڌين کي دنيا جي قومن اڳيان بنا ڪنهن مذهب ۽ مدت جي تميز جي آزاد ۽ ترقي يافتہ ڪري هڪ جهڙي درجي تي آڻڻ گهري ٿو تہ ڊاڪٽر صاحب وري مسلمانن کي شجاعت، عدالت وغيره جي ذريعي ٻين قومن جي ليڊرشپ ڪرائڻ گهري ٿو. جيئن هٽلر، نسل جي بنياد تي جرمنن جي ٻين قومن تي ليڊريءَ جو قائل هو تيئن ڊاڪٽر صاحب وري مسلمانن کي مذهبي بنياد تي امامت ڪرائڻ گهري ٿو. چاهي ڊاڪٽر صاحب جڻ تہ .ان اڪرڪم عندالله انقاڪم“ کي وساري ڇڏي ٿو انهيءَ جي برعڪس شاهہ صاحب چوي ٿو تہ:

”ڪانہ پڇي ٿو ذات، جي آيا سي اگهيا.“

مذهب بذات خود مقصد ۽ مراد نہ آهي، ليڪن مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۽ نتيجن تي پهچڻ جو آلو ۽ اوزار آهي، جنهن جي افاديت جو سارو دارومدار انهيءَ ڪي ڪم آڻيندڙن تي آهي، چاهين تہ ان کي خير لاءِ ڪم آڻين، چاهين تہ شر لاءِ.

جهڙيءَ طرح بدن انسان کي تندرست ۽ توانو رکڻ، مرضن ۽ بيمارين کان آجي ڪرڻ لاءِ، حاصل ڪيل تجربن، معلومات ۽ علاجن جي مجموعي کي علم طب سڏجي ٿو ۽ ان ۾ ابتدا کان وٺي آبهوا، ملڪي قومي حالتن، جدا جدا وقتن ۽ زمانن جي تجربن جي بناءِ تي مٿي ذڪر ڪيل مقصدن جي حصول لاءِ، ڪيئي نظريا ۽ طريقا جهڙوڪ: 'ائلوپٿي'، 'هوميوپٿي'، 'نيچروپٿي'، 'يوناني طب' ۽ 'آريويدڪ' وغيره پيدا ٿي چڪا آهن، ايتري قدر جو هر هڪ نظريي يا طريقي علاج ۾ بہ ڪيئي شاخون بنجي چڪيون آهن ۽ خود انهن شاخن اندر پڻ تشخيص ۽ علاج ۾ بہ ڊاڪٽر يڪسان نٿا ٿين.

اهڙيءَ طرح سان ڪائنات جي پيدائش، بقا ۽ زوال جي سببن، مقصدن جي معلومات، مادي ۽ روح جي علم، انسان جي ترقي، خوشحاليءَ ۽ امن جي حصول لاءِ، مذهب مکيہ طريقو ٿي ڪتب آيو آهي.

طب وانگر مذهب بہ فروعات ۽ تفصيلات ۾ پوڻ ڪري پنهنجي اصل مقصدن کان دور ٿي ويو آهي. جنهن ڪري اهو بہ لاتعداد ڀاڱن ۽ حصن ۾ ورهائجي ويو آهي.

ڪوڙين ڪاياڻون، تنهنجون لکن لک هزار،
جيءَ سيڪنهن جيءَ سين، درسن ڌارون ڌار،
پريم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪيئن چوان.

نتيجو اهو نڪتو آهي تہ مقصدن ۽ طريقي ڪار جي وچ ۾ شناخت نہ رهي آهي ۽ مذهب اتحاد جي بدران نفاد جو ڪارڻ پئجي بنيو آهي، سچ ۽ ڪوڙ صحيح ۽ غلط گڏجي پيا آهن.

هن مضمون ۾ آءٌ حتي الامڪان اها ڳالهہ واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس تہ جنهن زماني ۾ شاهہ صاحب پيدا ٿيو ان وقت مذهب تي عام طرح ۽ اسلام تي خاص طرح، ڪهڙا اثر پيل هئا، مذهب جو ڪهڙو مفهوم ٿي ورتو ويو ان کي ڪهڙن مقصدن لاءِ ڪتب ٿي آندو ويو ۽ ان مان عام ماڻهن کي ڪيتري قدر فائدو ٿي پهتو. چاڪاڻ تہ شاهہ صاحب پنهنجي

ڪلام ۾ جن راين جو اظهار ڪيو آهي، انهن جي معنيٰ ۽ مطلب کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ ان وقت جي مذهبي حالتن ۽ حقيقتن جو علم هئڻ لازمي آهي.

شاهه صاحب هڪ مذهبي گهراڻي جو فرد ۽ درويشن جي اولاد مان هو. سندس تربيت جنهن طريقي تي ٿئي ٿي، ان موجب کيس اسلام کي دين مڪمل ۽ بهترين لائحه حيات ڪري، ذهن نشين ڪرايو ويو هو. خدا شناسي، محبت انساني ۽ خدمت خلق ان جا مکيه جزا ڪري ٻڌايا ويا هئا.

پر وڏو تي، آس پاس جي عملي زندگيءَ تي نظر ڪري ڏنائين ته، حقيقتون برعڪس ڏسڻ ۾ آيس ۽ ٻڌل ڳالهين ۽ ڏٺل حالتن ۾ گهڻو تفاوت نظر آيس.

جه صرافن لڌيو ته تون پڻ لڌج سون،
قدر لهنديءِ ڪون، نيئي گڏينديءِ گڏونءَ سين.

ان وقت هن کي مسلمانن جي مذهبي زندگِيءَ ۾، ڪم و بيش هيٺين قسمن جو خاميون ڏسڻ ۾ آيون:

1. مذهب جي نالي ۾ ڳالهائيندڙ حاڪمن، عملدارن، مولوين ۽ پيرن جي قول ۽ فعل ۾ گهڻو تفاوت نظر تي آيس.

هو وڏيون ڳالهيون ڪندا هئا، عمل ان جي برعڪس هئن. مذهب اسلام کي ان وقت مٿي ذڪر ڪيل طبقي جي ذاتي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب پئي آندو ويو. جن ڳالهين ان کي دنيائي عمل ۾ بين الاقوامي ۽ عالمگير شهرت ۽ حيثيت تان هيٺ ڪيرائي. اُن جي ترقي پسندي، عوامي مفاد، انقلابي جذبي، وسعت خيالي ۽ عوامي دلچسپيءَ جي صفتن کي وڏو نقصان پهچايو هو.

اندر ڪوڙو ڪانءُ، ٻاهر بولي هنجهه جي،
اهڙو ٿلهو ٿانءُ، پيچي چو نه پورا ڪرين.

2. ان وقت جي مُلن ۽ پيرن ۾ بي علمي، جهل، حسد، فڪر، ڪوتاهه نظري ۽ تنگ خيالي گهڻي قدر پکڙيل هئي، جنهن ڪري سندن باهمي اختلافن ۽ جهڳڙن ڪري، مذهب اسلام انسانذات جو اتحاد ته درڪنار، پر خود مسلمانن ۾ گهر گهر نفاق ۽ نفرت جو ڪارڻ بڻايو ويو هو ۽ مسلمان جدا جدا گروهن جي مجموعي جو جم غفير بنجي چڪا هئا.

وڳر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهئان ميٺ گهڻو.

3. شاهہ صاحب کي محسوس ٿيڻ لڳو تہ ان وقت جي گهڻن مسلمانن مان خدا شناسي، محبت انساني، خدمت خلق جو مادو گهٽجي ويو هو ۽ ان جي عيوض شرڪ ۽ جهل، خودي ۽ خودمطلبي، ڪفلت ۽ نفرت سستي ۽ ڪاهليءَ جاءِ گزين ٿي چڪيون هيون. جنهن جو نتيجو اهو ٿي نڪتو تہ جو مذهب انسانذات کي مسڪيني، جهالت، بداخلاقي، بدامني ۽ غلاميءَ جي ذلت مان ڪڍي، ان کي خوشحالي، صحيح سمجهہ، بلند اخلاقي، امن ۽ آزاديءَ جي منزل مقصود تي پهچائڻ جو پيغام کڻي نمودار ٿيو هو سو خود چند افراد جي ذاتي ۽ طبقاتي مفاد خاطر متي ذڪر ڪيل مرضن جي زور وناڻ جي ڪم پئي آندو ويو.

اڇو پاڻي لُڙ ٿيو ڪالوريو ڪنگن،
ايندا لڄ مرن، تنهن سَرَ متي هنجهڙا.

اهڙين حالتن هيٺ جڏهن مذهب اسلام پنهنجي اوائلي قوت فروغ ۽ انقلابي خاصيت وارو اثر، گهڻي قدر وڃائي چڪو هو، تڏهن مسلمانن کي سياسي، اقتصادي ۽ اخلاقي زوال کان بچائڻ لاءِ ڪيترن عالمن کي مسلمانن جي جداگانہ قومي نظام قائم ڪرڻ، مذهب کي چند اعتقادي اصولن ۽ ڪن مخصوص عبادتن جي محدود دائري ۾ بند ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي. جهڙيءَ طرح هڪ بيمار کي شفاخاني اندر تيمارداري ۽ علاج جي ضرورت ٿئي ٿي، اهڙيءَ طرح هنن ملت جي حفاظت ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي ڪئي. ليڪن تجربي مان معلوم ٿي ٿيو تہ "مرض بڑهتا گيا جون جون دوا ڪي."

شاهہ صاحب انهن خامين ۽ ڪوتاهين جي ڪارڻن معلوم ڪرڻ ۽ انهن جي دور ڪرڻ لاءِ صحيح حل ڳولا ڪرڻ واسطي، سنڌ جي سير تي نڪتو ۽ ورهين جي سياحت ڪرڻ بعد، جن نتيجن تي پهتو، انهن جو پتو سندس ڪلام مان پئجي سگهي ٿو.

اهو بهتر ٿيندو جيڪڏهن پڙهندڙن اڳيان اسان ان وقت جي مسلمانن جي مذهبي رجحانات جي مختصر تصوير پيش ڪريون، جا شاهہ صاحب پنهنجي سير ۽ سفر جي دوران ۾ ڏٺي هوندي ۽ ان مان شاهہ صاحب تي جي اثر پيا هوندا، ان جو بہ اندازو ٿي سگهندو.

سنڌ ۾ مسلمان ان وقت، هاڻي وانگر ٻن طبقن ۾ ورهايل هئا. هڪ هو حڪمران طبقو ۽ ٻيو هو عوام جو طبقو. پهرين طبقي ۾ ڪلهوڙا حاڪم،

پير ۽ سادات، زميندار ۽ جاگيردار، مُلا ۽ مولوي هئا ۽ ٻئي طبقي ۾ غريب خانہ بدوش ماڇهو (مارو) هاري، مهاڻا، ڪاسبي وغيره هئا.

پهرين صاحب اقتدار طبقي جي، مختلف گروهن جو مختصر احوال پيش ڪندس. ان کانپوءِ عوام جو ذڪر ڪيو ويندو.

**1. ڪلهوڙا حاڪم:**

ان وقت جا حاڪم ڪلهوڙا هئا، جي ڪنهن وڏي يا بهادر قبيلي جا سردار ڪونہ هئا، سندن اقتدار ۾ اچڻ، مذهب ۽ شريعت اسلام جي نالي ۾ ٿيو هو سندن ابتدائي شهرت، پير طريقت جي حيثيت ۾ ٿي.

ان ۾ جيتوڻيڪ سندن وڏن ۾ پرهيزگاري ۽ سادگي ڪٽي رهي هوندي، ليڪن حڪومت ۽ ملڪيت جي فراواني سندن عملي زندگيءَ ۽ اخلاقن کي بگاڙڻ کانسواءِ نہ رهيا هئا.

ظاهري بزرگي، حڪومتي رعب جي نمائش، عياش زندگي گذارڻ، سندن طبيعت جا جزا ٿي پيا هئا. پنهنجي طاقت، حڪومت ۽ مذهبي اثر قائم رکڻ واسطي، هر طرح جي منصوبن، دغا بازين، خونريزين، بزرگن ۽ درويشن کي تنگ ڪرڻ، ويندي قتل ڪرائڻ تائين کان بہ نہ ٿي مڙيا. سندن سارو توجهہ عوام جي ڀلي ۽ ترقيءَ، ملڪ جي سڌاري ۽ واڌاري جي بجاءِ، پنهنجي حڪومت ۽ ملڪيت وڌائڻ، بزرگي قائم رکڻ تي صرف ٿيڻ لڳو. مذهب کي انهن ڳالهين جي حصول لاءِ، استعمال ڪرڻ شروع ڪيائون. جهڙيءَ طرح پاڪستان ۾ موجوده صاحب اقتدار طبقو پنهنجي طبقاتي مفاد حاصل ڪرڻ ۽ اقتدار قائم رکڻ لاءِ، باوجود انهيءَ ڳالھ جي، تہ نہ وٽن صحيح اسلامي تصور موجود آهي ۽ نہ ئي سندن عمل اسلامي آهن .تہ بہ مذهب جو نالو وٺي، اسلامي حڪومت، مسلماني اتحاد ۽ غلبہ اسلام جا راڳ ڳائي، هر طرح جا بُرا ڪم ڪري رهيو آهي ۽ هر آزاد خيال ۽ سندن نقط چين کي اسلام، پاڪستان ۽ مسلمانن جو دشمن سڏي، ختم ڪرڻ گهري ٿو ۽ انهيءَ پاليسيءَ کي توڙ رسائڻ لاءِ، پنهنجي طرفدار گروهہ کي، مسلمان جي جماعت (مسلم ليگ) سڏي، ٻي ڪنهن بہ جماعت، گروهہ، خيال يا نظريي کي زندهہ رکڻ نٿو ڏئي، اها ساڳي حالت ڪلهوڙن جي هئي.

موجوده حاڪم جيڪڏهن پنهنجي سموريءَ پاليسيءَ جو بنياد علامہ اقبال جي 'پئن اسلامزم' جي تعليم تي رکن ٿا تہ، ڪلهوڙا وري سيد محمد

ميران جونپوري جي ’مهدويت‘ واري نظريي تي رڪندڙ هئا. تفاوت صرف مختلف زماني، حالتن طريقي ڪار جو آهي، ليڪن ٻنهين نظرين جي پويان ساڳيو روح ڪم ڪندڙ آهي. اگر هن وقت ’ليگيت‘ جو دؤر آهي تہ ان وقت ’ميانواليت‘ مشهور هئي.

**2. پير طريقت ۽ سادات:**

هي طبقو اهل طريقت جي اولاد مان هو اگرچہ انهن جي وڏن پنهنجي قول ۽ فعل جي بلنديءَ ذريعي، عوام جي اخلاقي حالت سڌارڻ، ماڻهن ۾ رواداري ۽ محبت پيدا ڪرڻ واسطي ڪابہ گهٽتائي ڪانہ ڪئي هئي. ليڪن وقت جي گذرڻ ڪري، جيئن ٻين مذهبي ادارن ۾ تنزل جا آثار نمايان ٿيڻ لڳا، تيئن هنن بزرگن جا پويان بہ انهيءَ لهر ۾ لڙهي ويا. ان وقت جي درگاهن جا اڪثر سجاده نشين، پنهنجي ملڪيتن وڌائڻ، عياشيءَ واري زندگيءَ گذارڻ، ڪتن سان سوئرن جا شڪار ڪرڻ، ذاتي اقتدار، رعب ۽ اثر وڌائڻ منجهہ مشغول هئا. شريعت يا طريقت جي ڳالهين سان، سندن ڪوبہ گهڻو واسطو ڪونہ هو. منجهانئن گهڻن جو مشغلو پنهنجي بزرگن جي مزارن ۽ مقبرن تي ميلا لڳارائي، انهن تي طرح طرح بدعتي ڪمن جو رواج وجهڻ، شراب پيئڻ، جوا ڪرائڻ، ڇڪلن ڪلڻ جي اجازت ڏيڻ، راڳ ۽ ناچ جون محفلون گرم ڪرڻ، پاڻ ڪي محفلن ۾ ماڻهن جي ڪلهن تي ڪٽائي هلڻ، وڏي ناٽ سان مريدن وٽ وڃي مڪڙن وانگي، انهن جي ملڪيت تباهہ ڪرڻ. فيض پهچائڻ ڪان سواءِ، نلهيون بيعتون مريدن ڪان وٺڻ، وارن جون چڳون ڪترڻ، ڌاڳا وٽي ڏيڻ، ڳانا ٻڌائڻ، خاص قسم جو لباس، چند مريدن کي پهرائي، انهن کي خلافت جا لقب ڏيڻ، ماڻهن کي پيرن تي هٿ رکائڻ ۽ هٿن کي چميون ڏيارن. ڪانين ڪرامتن جي ڊپ سان جاهلن کي ڊيڄاري، مطيع ڪري، ڏن ۽ نذرانا وٺڻ، تي پيو هو.

**3. زميندار ۽ جاگيردار:**

انهيءَ طبقي ۾ قبيلن ۽ پاڙن جا سردار ۽ وڏيرا، ارباب ۽ جام، وقت جي حاڪمن جا عزيز يا منظور نظر اچي تي ويا.

انهيءَ طبقي جي ماڻهن کي زمين ۽ ٻي جائداد جي ذريعي جا طاقت ۽ ملڪيت هٿ آيل هئي، سا هو باهمي جهڳڙن، ذاتي اقتدار ۽ اثر وڌائڻ، عوام

کي محڪوم رکڻ، شخصي عياشين، نشن، راڳن، ناچن، شڪارن، ملاڪڙن، ڪڪڙن، ڳهڻن ۽ تترن کي ويڙهائڻ، دعوتن ۽ ضيافتن تي خرچ ڪرڻ ۾ صَرف ڪندا هئا. سندن مذهبي مسئلا پيرن کي نذرانو ڏيڻ ۽ دعوتون ڪارائڻ، مسجدون ٺهرائڻ، مسجدن ۾ قرآن وٺي رکڻ، پيرن ۽ فقيرن جي قبن ۽ مقبرن جي ٺهرائڻ ۽ سينگارڻ تي خرچ ڪرڻ، مُلن ۽ مولوين جي پرورش ڪرڻ، يارهين، عرس، عاشوره، عيد جي موقعن تي، پنهنجي نام ناموس وڌائڻ خاطر، ماڻهن کي دعوتن تي سڏي، طرح طرح جا طعام ڪارائڻ تائين محدود هئا.

**4. مُلا مولوي:**

انهن مان گهڻا اڌ پڙهيل ۽ ڪي تحصيل ٿيل مولوي هئا. سندن مذهبي مشغلا هينيان هئا.

مسجدن ۾ ٻانگون ڏيڻ، نمازون پڙهائڻ، مئلن کي ختما ڏيڻ، ميتن کي غسل ڏيارڻ، نڪاح پڙهڻ، خيرات ۽ ختمن جون دعوتون کائڻ، پاڻ ۾ مذهب جي فروعاتي ڳالهين تان بحث مباحثو ڪرڻ، مخالفن تي ڪفر ۽ الحاد جون فتوائون ڪيڻ ۽ نيڪاليون جاري ڪرڻ، مذهب جي اعليٰ اصولن کي نہ سمجهي يا ڄاڻي واڻي وساري فروعاتي ڳالهين کي خاص اهميت ڏيڻ، اصولن ۽ بنيادي مسئلن کان بي التفاتي ڏيکارڻ، حاڪمن ۽ وڏن ماڻهن جي سهوليت خاطر مذهب کي مروڙي سروڙي ان ۾ ڦيريون گهيريون ڪرڻ، ظاهرداريءَ کي اندر جي اجارڻ تي ترجيع ڏيڻ، بنا مطلب ۽ معنيٰ سمجهڻ جي قرآن ۽ ڪتاب پڙهڻ، روزا رکڻ تي زور ڏيڻ، ليڪن حلال جي ڪمائيءَ تي گذر ڪرڻ جي پرواهہ نہ ڪرڻ، ظاهري پاڪيزگيءَ کي اخلاقي، پرهيزگاريءَ کان وڌيڪ سمجهڻ، عوام ۾ محبت پکيڙڻ بدران، نفاق جي ٻاهہ ٻارڻ، اسلام کي رسمن، رواجن، چند عبادتن ۽ اعتقادن جي مجموعي ۾ محدود ڪرڻ، رشوتون وٺي غلط فتوائون ڏيڻ، چلم ۽ حقي جي منع ڪرڻ، ناس کي جائز ٺهرائڻ، دهل وڄائڻ يا نہ وڄائڻ کي جائز ۽ ناجائز ٺهرائي، ماڻهن ۾ ڏڦيڙ وجهڻ، راڳ ڇوڙڻ يا ٻڌڻ کي غير شرعي ٺهرائڻ، سرود وڄائڻ يا ٻڌڻ کي گناهہ سڏڻ، ڏکي سٺڻ پائڻ کي ناجائز قرار ڏيڻ، وار وڏا يا ننڍا رکائڻ لاءِ جدا جدا رايا ڏيڻ، ڏاڙهي مٺ جيڏي يا حسخسي ڇڏائڻ تي بحث ڪري، ڪاغذ ڪارا ڪرڻ وارن کي رنگ ڏيئي ڪارو يا ڳاڙهو ڪرڻ جي سوال تي سخت اختلاف رکڻ، مڇون ڪترائڻ يا ڏگهيون رکڻ تي، سني ۽

شيعہ تي پوڻ تي زور ڏيڻ، عاشورن ۾ ماتم ڪرڻ، نماز ۾ هٿ ٻڌڻ تہ دن ڪان هيٺ يا مٿي تي وڏا بحث مباحثا ڪرڻ. تيرهن سؤ ورهيہ اڳي گذريل سياسي اختلاف جهڙوڪ، خلافت جي حقدار هئڻ واري مسئلي تي ايتري قدر تڪرار ڪرڻ جو فساد ۽ جهڳڙا پيدا ٿي پوڻ، سيد کي ذات سڏڻ يا نور جي پيدائش سڏڻ تي جهيڙا ڪرڻ، سجده تعظيمي جي جائز ۽ ناجائز هئڻ بابت لنبيون لنبيون اختلافي فتوائون ڏيڻ. مخالفن کي خارجي، رافضي، وهابي، ملحد، مشرڪ ۽ ڪافر جي لقبن سان مخاطب ڪرڻ، شيعي، سني، مالڪي، شافعي، اهل حديث مقلد ۽ غير مقلد جي تفاوتن ۽ فرقن ۾ ملت کي تقسيم ڪرڻ، پير پرستي ۽ قبر پرستي ڪرڻ، تعويذن، پليتن، ڦيٿن ۽ چنڊن ۾ اعتقاد رکڻ، ڪارن ڪڪڙن ۽ گهٽن جو چوراهن تي اڇلارائڻ، ميت جي ٽيجهي، ستين ڏينهن، يارهين، ايڪيهين، چاليهين ڏينهن ۽ ٻارهين مهيني قرآن جا ختما بخش ڪري طرح طرح جا طعام ان جي عزيزن وٽان کائڻ، هڪ کان وڌيڪ چئن تائين شادين کي سنت نبوي سڏي عياش زندگي گذارڻ، ٻانهن ۽ ٻانهين جو جواز ثابت ڪرڻ، بادشاهيون، جاگيرداريون، زميندارين کي جائز ٺهرائي انهن جي طرفداري ڪرڻ، سندن زندگيءَ جا ادنيٰ ڪرشما هئا.

مختصراً صاحب اقتدار طبقي جي مانهن جو اهو حال هو وري جيڪڏهن ان وقت جي عوام جي مذهبي مفهوم ۽ اعتقادات تي نظر ڊوڙائبي تہ ڪم و بيش هينئين نموني سندن حالت ڏسڻ ۾ ايندي.

**1. جهالت:**

سنڌ هندستان جي هڪ گوشي ۾ هئي ۽ منجهس آمدرفت لاءِ سنا رستا نہ هئا. اتي جي رهاڪن جو گهڻو حصو خانہ بدوش زندگي گذاريندو هو شهري زندگي ڇتي هئي، ويتر حڪومت طرفان تعليم لاءِ ڪو خاطر خواهہ انتظام نہ هئڻ ڪري سنڌ جو عوام اڪثري علم کان بي بهر. ملڪ کان ٻاهر جي اثرن کان پري ۽ جهالت ۾ وڪوڙيل هئا. سواءِ ڪن مکيہ شهرن جي باقي جڳهن تي ڪي اڌ پڙهيا مُلا. صرف قرآن شريف معنيٰ کان سواءِ پڙهائيندا هئا ۽ ڪٿي ٿوري پارسي بہ پڙهائي ويندي هئي. هزار تي هڪ ماڻهو بہ لکي پڙهي سگهڻ وارو مشڪل ملي سگهندو هو.

اگرچہ ڪلهوڙا سنڌي خاندان جا هئا، ليڪن مٿن ٻاهرين جي انڌا ڌنڌ پوئلڳي ڪرڻ جي عادت ويهي ويل هئي. مذهبي خيالن ۾ سيد محمد ميران جونپوري جي مهدوي طريقي جا پوئلڳ هئا. جو طريقو اڄڪلهه جي پٺن اسلامزم جا جزا پاڻ ۾ رکندڙ هو. شريعتي ڳالهين ۾ هو قدامت پسند، ڪٽر ۽ تنگ خيال مولوين جا همدرد ۽ پوئلڳ هئا. سندن سياست ڪم و پيش اورنگزيبي طريقي تي هلندڙ هئي. انهيءَ ڏِنِ ۾ ايتري قدر قاتل هئا، جو سندن درٻاري زبان بہ سنڌيءَ جي عيوض مغلن جي پوئلڳيءَ ۾ پارسي هئي، پنهنجي سنڌي زبان جي جيارڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪيائون. اگرچہ ان وقت ڌاري سنڌي زبان ۾ شاعريءَ رستي زبان کي جيارڻ لاءِ تحرڪ پيدا ٿي چڪو هو. پارسي زبان صرف چند مٿئين طبقي جي ماڻهن جي زبان ٿي ڪتب ٿي آئي، جنهن ۾ چند درسي ڪتابن ڪانسواءِ تاريخ، تصوف، فلسفي وغيره تي ڪتاب عام پڙهيلن وٽ ڪو ورلي پهچي ٿي سگهيو. ڇاپي جو دستور سنڌ ۾ ڪونہ پيو هو. ڪتاب ماڻهن وٽ گهڻو ڪري قلمي ڪم ايندا هئا، جنهن ڪري ڪتابن جي اڪثري قلت هوندي هئي. انهيءَ وقت تائين دنيا ۾ ظاهر ٿيل علمن تي سنڌيءَ ۾ ڪتاب قريباً ناياب هئا.

مذهب جي واقفيت عام طرح چند عبادات، فقهہ، اعتقادات، رسوم ۽ زهد جي طريقن تائين محدود هئي. مذهب کي هڪ طرف مُلن ۽ مولوين جي بحث مباحثن ۽ طبع آزماين جي پليٽ فارم بڻايو ويو هو، تہ ٻئي طرف پير صاحبان ان کي ذاتي طاقت ۽ اقتدار وڌائڻ جو ذريعو ڪري ٿي ڪتب آندو تنهن ڪري عوام اڻ ڄاڻائيءَ جي اونهائيءَ ۾ پيل هئا، جنهن جو لازمي نتيجو وهم پرستيءَ جي ڦندي ۾ ڦاسڻ ۾ ٿي نڪتو.

**2• وهم پرستي**:

انهيءَ وقت ڌاري عام ماڻهن جي وهم پرستيءَ جي اها حالت هئي، جو منجهن مان اڪثر ۾ جنن، ڀوتن، جادوءَ ٽوڻن جو خوف ويهي ويل هو. جيڪڏهن ڪو بيمار ٿي پوندو هو تہ ان کي اڪثر جِن يا پريءَ جو آسيب يا لڳت ڪري تصور ڪيو ويندو هو ۽ انهيءَ جي راضي ڪرڻ يا ڪيڍائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون هيون. ڪن پيرن، فقيرن ۽ مُلن کي انهيءَ ڪم ۾ مشق ٿي ويئي هئي، جن وٽ پري پري کان ماڻهو ڪهي اچي چڻبو ڦيڻو تعويذ، ڌاڳو پلينو ڪرائيندا هئا. ڪامڻ ٻٽ، وير مٽ ۽ جادوءَ جو بہ خوف

عوام ۾ وينل هو. جن جي ڪيڻ لاءِ پويا. پڙهيا پنڊت ڪم ڏيندا هئا. پيرن جا پڙ ۽ شادمانا باسڻ. وڻن ۾ بانبتيون بڌڻ. تڙن تي ڏيا ٻارڻ. ڪن جاين. مقامن مساڻن. وڻن (ڪرڙ ڪنڊن. نِمن. ٻيرن. پيرن) کي اُگرو ڪري ليکڻ جو عام دستور هوندو هو. جانورن جي قرباني ڪرڻ. ڪڪڙ. گهٽا. ٻڪر گهوري ٻاهر ڦٽا ڪرڻ. قبرن. مقبرن. ساون وڻن. درياءَ پير (خواجه خضر) کي ڪرامت يا شفا جي صفتن سان موصوف سمجهي. اتي باسون باسڻ جو عام رواج هو.

انهيءَ وقت ڏاري هڪ جنائي فقيرن جو ٽولو پيدا ٿي پيو هو (جن مان اجا تائين ڪي جبلن طرف هليا اچن) جي سرندا دنبورا وڄائي. سرود سان ماڻهن کي ڏمالون ڪرائي. جنن کي ريجهائي رام ڪندا وتندا هئا. اهڙيءَ طرح مذهب جي تعليم کي وهم پرستي چانئجي ويل هئي. جو مُلن ۽ پيرن کي عوام تي قبضي ڪرڻ ۽ اثر وهارڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪانه ٿئي ٿي. ان وقت جا حاڪم ڪلهوڙا پڻ عام ماڻهن جي پير پرستيءَ جو فائدو وٺي حڪمران ٿي وينا هئا.

3 • **خوف**:

جڏهن عوام جون دليون جهالت ۽ وهم پرستيءَ سان پريل هونديون آهن ته انهيءَ ڪري خوف جو ماحول پيدا ٿيندو آهي. تڏهن چالاڪ ۽ هوشيار ماڻهو اهڙين حالتن جو ناجائز فائدو وٺي. مثن قابض ۽ حڪمران ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. تنهن ڪري ماڻهو ٻن طبقن ۾ ورهائجن ٿا. هڪڙا صاحب اقتدار طبقي جا ٿين ٿا ۽ ٻيا غريب ۽ محڪوم. پهرين طبقي جا ماڻهو عوام کي جهالت. وهم پرستي ۽ محڪوميءَ سان ڪيڻ جي عيوض. انهن کي شخصي ۽ طبقاتي غرضن لاءِ استعمال ڪري. هميشه ڪان محڪوم ۽ مسڪين رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته مذهب کي ڪيئن نه انهيءَ طبقي پنهنجو اوزار ڪري پئي ڪتب آندو آهي. سنڌ به انهيءَ عام قاعدي کان مستثني نه رهي آهي. هندن ۾ برهمڻن ۽ اوچ ذات وارن جا. شودرن ۽ گهٽ ذات وارن مٿان مظالم. يهودي مذهب جي اڳواڻن جون سنڌن مخالفن سان تڪليفون. پروٽسٽنٽ ۽ رومن ڪيٿلڪ جا جهيڙا ۽ "انڪيوزيشن" وارن جا وحشيانا فيصلا. انهيءَ مسئليءَ تي ڪافي روشني وجهن ٿا. هر ملڪ ۾ مڪاني حالتن. ماڻهن جي طبيعتن

وغيره جي بناءَ تي، چالاڪ ۽ هوشيار ماڻهن، عوام جي وهم پرستي، جهالت ۽ خوف جو ناجائز فائدو ورتي، مذهب کي جدا جدا نمونن ۽ طريقن سان پنهنجي مفاد لاءِ پئي ڪتب آندو آهي، تنهن کان انڪار ئي نٿو سگهجي. جيڪڏهن اسان مسلمانن جي تاريخ تي نظر ڊوڙائينداسون ته اتي به اُهو دستور عام نظر ايندو.

مذهب اسلام اگرچه انسانن ۾ مساوات، اخوت ۽ آزادي پيدا ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آيو. ليڪن فطرت انساني جي ڪمزوري، ان جي مڃيندڙن کي به انهيءَ اعليٰ اصولن جي پيروي کان بدلائي ڇڏيو ۽ انهن ۾ نسلي ۽ طبقاتي امتياز پيدا ٿي پيا ۽ مسلمان حاڪم ۽ محڪوم، شاهوڪار ۽ غريب، جاهل ۽ عالم، ذاڌي ۽ هيٺي جي گروهن ۾ ورهائجي ويا. اتحاد جي جڳهه تي نفاق پيدا ٿيو ۽ محبت جي جاءِ نفرت والاري.

اهو دنيا جو دستور آهي ته قومن جي تنزل سان سندن مذهبي اعتقادن ۽ خيالات ۾ فتور پيدا ٿي ويندو آهي. فطري ڪمزوري هر موقعي ۽ محل تي پنهنجو ڪم ڪندي رهي ٿي. پيغمبر خدا حضرت محمد صلي الله عليه وسلم عرب جي ماڻهن کي، اسلام جي روشنيءَ سان نوازيو ۽ گمناميءَ جي زندگيءَ مان ڪڍي ترقيءَ ۽ اوج جي راهه تي آندو. ان وفات ڪئي ته اڪثر اصحاب ۽ مسلمان خلافت جي فيصلن، جنهن ۾ حڪومت ۽ اقتدار سمايل هئا، ۾ اهڙو مشغول ٿي ويا، جو سندن لاش مبارڪ ڪجهه وقت بنا دفن ڪئي، پيو رهيو ۽ آخر چند ماڻهن کيس کي دفنايو. سندن چئن يارن مان ٽي خليفا، جن کي خلفاءِ راشدين جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو انهيءَ مذهب جي پوئلڳن هٿان مذهبي اختلافن ڪري شهيد ٿيا. رسول الله صلي الله عليه وسلم جي ڏهٽن مان امام حسن رضي الله عنه کي زهر ڏيئي شهيد ڪرائڻ، امام حسين رضي الله عنه کي سختيون ڏيئي، عزيز اقربن سميت ميدان ڪربلا ۾ شهيد ڪري، سر نيزي تي چاڙهي گهمائڻ، بنوا اميه، بني عباس حاڪمن جون امامن، بزرگانِ دين مٿان سختيون ۽ ظلم ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي سان لڙي مسلمان جو بي انتها خون هارڻ، جا فعل ڪنهن کان مخفي ۽ ڳجها نه هئا. منصور کي سنگسار ڪرائڻ، شمس تبريز جي کل لهرائڻ، سرمد جو شهيد ڪرائڻ، شاهه عنايت جو قتل، بلاول رحمت الله عليه جو گهاڻي ۾ پيڙجڻ، اسلامي تاريخ جي لاتعداد مثالن مان ڪجهه آهن، جن مان پتو

پئجي سگهندو تہ سياسي ۽ ذاتي مقصدن حاصل ڪرڻ خاطر مذهب کي ڪيئن نہ اوزار ڪري ڪتب پئي آندو ويو هو. دين مڪمل جي پيروڪارن جا اهي حال ٿيا تہ اسلامي اصول ۽ روايات کي ختم ڪري، خلافت تي زوريءَ قبضو ڪندڙ يزيد طرف اصحاب، عالم، حافظ ۽ مسلمانن جي ڪثرت ٿئي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي ڏهتي اسلامي اصول جي علمبردار، صابر، شاڪر، زور ۽ زبردستيءَ اڳيان سر نہ نوائيندڙ امام حسين رضي الله تعاليٰ عنہ جي طرف، سندس ڪٽنب سميت چند ماڻهو وڃي رهن ٿا.

درحقيقت دنيا ۾ گهڻو ڪري جاهل ۽ وهم پرستن جي ڪثرت پئي رهي آهي، انهيءَ عام دستور کان ڪنهن بہ مذهب جا مڃيندڙ مستثنيٰ نہ آهن. حقيقي اسلام اگرچہ بهترين اصولن ۽ زرين تعليمات جو حامل آهي، ليڪن جيڪڏهن تاريخ تي نظر ڪبي تہ، پتو پئجي ويندو تہ ابتدا کان وٺي، سموري وِقت ۾، نہ ڪثرت تعداد مسلمانن کي ان جو صحيح مفهوم ۽ مطلب سمجهہ ۾ آيو آهي، نہ مٿس عمل ڪيو اٿن. بلڪ هر وقت ۽ زماني ۾ چالاڪ ۽ خود مطلب ماڻهن انهيءَ جي ناليِ ۾ پنهنجا مقصد ۽ مرادون پوريون ڪرڻ لاءِ، عوام کي پئي ڏوڪا ڏنا آهن.

شاهہ صاحب جي زماني ۾ بہ اجوڪين حالتن وانگر اورنگزيبي متعصب ۽ تنگ نظر سياست جا آثار اڃا باقي هئا. سنڌ جا حاڪم ڪلهوڙا انهيءَ نقشِ قدم تي هلي ماڻهن جي سادگيءَ ۽ جهالت جو فائدو وٺي، مذهب جي نالي ۾ پنهنجو اقتدار قائم رکندا آيا. هنن جي طرفدار مُلن ۽ پيرن جو هڪ طائفو پيدا ٿي پيو هو جو ساڳيءَ پاليسيءَ کي هلائيندو ٿي رهيو.

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ انهن حقيقتن کي معلوم ڪري، شاهہ صاحب جي دل کي تسڪين حاصل ڪانہ ٿي، جنهن ڪري هينين قسم جا بيت چيا اٿس:

ويا سي وينجهار، هيرو لعل وندين جي،
تنين سندا پويان، سيهي لهن نہ سار،
ڪتين ڪٺ لهار، تنين سندي پيڙهئين.
اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون سون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٽان ڏوهه ٍ چڙهن، جيئن ورق وارين وترا.

سا ست نہ سارين، الف جنهن جي اڳ ۾،
ناحق نهارين، پنا ہيا پريںءَ لاءِ.

هن حق کي پروڙڻ لاءِ جر ۽ جبل جهاڳيا. درويشن ۽ بزرگن سان ملاقاتون ڪيون. قدرت جا نظارا ڏٺا، تَنَ کي تسيا ڏنا، اندر اُجارڻ، پاڻ مارڻ ۽ سچاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس فڪر جڻ هيئين سوال جي جواب ڳولڻ ۾ رڌل رهيو تہ:

اسلام باوجود مڪمل ۽ آخري مذهب هئڻ جي، ڇو نہ پنهنجي پيروڪارن کي خاص طرح انسانذات جي عام طرح اتحاد ۽ ترقيءَ لاءِ رهبري ڪري سگهيو آهي. ۽ ان جا ڪهڙا ڪارڻ هئا؟

**4. اسلام دين مڪمل**:

دين اسلام مڪمل ۽ آخري پيغام هو ان ۾ هن کي اهل طريقت جي تربيت ۽ تعليم هيٺ پلجڻ ڪري ڪوبہ شڪ نہ هو ليڪن ان جو ڪمال هيئين ڳالهين ۾ سمايل هو:

1. ان جي وسيلي دنيا تي اهو راز معلوم ٿيو تہ زماني جي ابتدا کان وٺي خدا شناس، اتحاد ۽ ترقي انسان جي لاءِ، هڪ 'قانون فطرت' ڪم ڪندو پئي رهيو آهي، جنهن جي سمجهاڻي جدا جدا زمانن، حالتن، انساني ضرورتن ۽ سمجهہ مطابق مختلف زبانن، ادائن ۽ نمونن ۾ چڱي پئي ڏني آهي، ليڪن انهيءَ جو بنيادي مقصد ۽ مراد ساڳيو ئي هو. 'اسلام' ان قانون فطرت جو ہيو نالو آهي.

2. اسلامي تعليم ذريعي اهو بہ ظاهر ٿيو تہ هر ملڪ زماني ۽ قوم ۾ ان قانون فطرت جا شارح وحدت انسانيءَ لاءِ محبت ۽ ترقيءَ جو پيغام وٺي آيا، جنهن صورت ۾ انهن سيني جي تعليم جو مقصد ساڳيو هو تنهن ڪري سندن تعليمات ۾ فرق ڪرڻ، يعني انهن کي هڪ ٻئين جي متضاد ۽ مخالف سمجهڻ نيڪ نہ هو. اهي سيئي قانون فطرت جا پيغامبر ڪري وسهڻ، اسلامي اصولن جو بنيادي جزو هو.

3. جهڙيءَ طرح سج جي روشني يا هوا، چند ماڻهن، قومن ۽ ملڪن جي ملڪيت ٿي نٿي سگهي، بلڪ ان کي ڪن سان مخصوص ۽ محدود ڪرڻ، انساني مفادن لاءِ نقصانڪار آهي. اهڙيءَ طرح اسلام (قانون فطرت) کي ڪنهن گروهه جو ورثو يا ملڪيت بنائڻ يا چند ماڻهن تائين محدود ڪرڻ، منشاءِ فطرت ۽ اسلامي اصولن جي خلاف آهي.

ليڪن ان وقت شاهه صاحب کي، حالتن مطابق، جنهن مروج اسلام جو نقشو نظر جي سامهون آيو، تنهن ۾ ڪيس مٿي ذڪر ڪيل لياقتون ۽ خاصيتون عدم موجود ڏسڻ ۾ آيون، نه ان جي ذريعي خدا شناسي ٿي سگهي ٿي ۽ نه وري انساني اتحاد ۽ ترقيءَ لاءِ ڪو خاطر نتيجو ٿي نڪتو. ان جا مجيندڙ هر انسان کي محبت ۽ خدمت خلق ذريعي پاڻ ڏي ڇڪي نٿي سگهيا، بلڪ خود سندن قومي شيرازو پرزا پرزا ٿي چڪو هو.

جيڪڏهن انهن سارين خامين لاءِ سبب ڳولڻ جي ڪوشش ڪبي ته هينيان مکيه ڪارڻ معلوم ٿي سگهندا.

1. مذهب ۽ سياست جو گڏجڻ.

2. دين کي منظم ڪري مسلمانن جي روزاني زندگيءَ جي هر معاملي تي، قانون شريعت کي زوريءَ مسلط ڪرڻ.

3. اسلام جي بنيادي اصولن کي وساري، ان کي چند اعتقادن ۽ عبادات جي دائري ۾ محدود ڪري ڇڏڻ.

## 1. مذهب ۽ سياست جي گڏڻ جا نقصان:

جنهن اخلاق جو محرڪ جذبو مذهب کان حاصل ڪيل هجي، تنهن جو ملڪ جي سياست مٿان اثر ۽ ضابطو هئڻ، اصولي نقطه نگاهه کان صحيح آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ملڪي معاملات کان اخلاق جي اثر ۽ ضابطي کي آزاد رکبو ته خود مطلب ۽ حريص ماڻهو ۽ طبقا، انساني مفادن جي خيال کي بالاءِ طاق رکي، سياست کي پنهنجي ذات ۽ طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب آڻيندا ۽ عام ماڻهو محڪوم ۽ مظلوم رهندا ايندا. تنهن ڪري سياست ملڪ کي اخلاقي اصولن مطابق هلائڻ نهايت ضروري آهي. اهي ئي ڳالهيون مذهب جو نچوڙ آهن ۽ مذهب جي سياست تي اثر ۽ ضابطي جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ اهو ئي راز سمايل آهي.

ملڪن ۽ قومن جي ترقيءَ ۽ واڌاريءَ جي راهه ۾ خود مطلبي ۽ خود غرضي وڏيون رنڊڪون آهن. هر شهري عام طرح هر پبلڪ ورڪر کي، خاص طرح، پوءِ اهو سياسي ليڊر هجي يا حڪومت جي ڪاروباري مشين جو تنخواه دار خادم، اخلاق جي رسي هٿ مان نه ڇڏڻ گهرجي. جيڪڏهن قومي ڪارڪن بچاءُ ڪرڻ ۾ صحيح طريقي تي نه هلندا ۽ منجهن خود غرضي، ريا، غرور، رشوت، شراب خوري ۽ عياشي پيريل هوندي ته ملڪ جو ڪاروبار خراب، نظام بگڙيل، حالتون فساد واريون هونديون ۽ ازانسواءِ ملڪ مسڪيني، جهل ۽ بداخلاقي ۾ گهيريل هوندو.

انهيءَ ڪري ئي ملڪي معاملات هلائڻ لاءِ اصولن، پاليسي ۽ پروگرام جي صحيح ۽ نيڪ هجڻ سان گڏ انهن جي سربر آوريءَ لاءِ امانتدار، بااخلاق، خلق خدا جي محبت ۽ خدمت جي جذبي رکڻ وارن ڪارڪنن ۽ عملدارن جي لامحالا ضرورت محسوس ٿئي ٿي.

سياست تي مذهب جي اثر ۽ ضابطي جو صحيح مفهوم ۽ راز اهو ئي آهي. ليڪن انساني تاريخ ان امر جي شاهد آهي ته ابتدائي آفرينش کان وٺي اڄ تائين هر دور ۽ زماني ۾ ماڻهن جو ڪثير تعداد روحاني ۽ اخلاقي ترقيءَ جي ان بلند معيار تي ڪونه پهتو آهي، جو خود مطلبي ۽ استعمال غرضي جي خواهشن کي ڇڏي، پنهنجي شخصي ۽ طبقاتي مفاد کي عوام جي نفعي لاءِ قربان ڪري، ڏکهي نظر کان ڪم وٺي، قول ۽ فعل ۾ يڪسان ٿي سگهي. پيغمبرن، درويشن، فيلسوفن ۽ اُمتن جي حڪيمن جا قول ۽ فعل يڪسان هئڻ ڪري، ابتدا ۾ البت سندن تعليم مان عوام کي فائدو پئي پهتو آهي. ليڪن جيئن سندن ذاتي اثر ٿڌو ٿيندو ويو ته ماڻهو وري پنهنجي فطري ڪمزورين ۽ خامين سبب، انهن جي تعليم کي ناجائز فائدن لاءِ ڪتب آڻڻ لڳا ۽ اهي ڳالهيون جي ڪنهن وقت باعث خير هيون، سي انساني ڪمزورين جي ڪري شر جو ڪارڻ بڻجي پيون.

عوام کي سوچي سمجهي پوئلڳي ڪرڻ جي طاقت ڪانه هوندي آهي. هڪ دفعي جيڪڏهن انهن کي ڪن ڳالهين يا ڪارڪنن بابت، چڱو ويساهه ويهجي ويو ته پوءِ گهڻي وقت تائين انڌا ڌنڌ پوئلڳي ڪيو خوش اعتماديءَ سان انهن اصولن جي نالي ۾ ناجائز فائدو وٺندڙ چالاڪ ۽ خود مطلبن جي پٺيان پيا هلندا آهن. جيسين تائين جو ڪافي وقت گذري ۽

تجربو ڪين معلوم ڪرائي تہ ساڻن سٺن ۽ سهڻن ڳالهين، دلاويز ۽ دلڪش نظارن جي دلبي ۽ دلاسي تي ڌوڪو ڪيو پيو وڃي ۽ انهيءَ ظاهري همدرديءَ ۽ بلند لفاظيءَ جي آڙ ۾ ڪين قاسائڻ لاءِ وڏو جار وڇايل آهي.

تاريخ عالم جي عام واقعن کي ڇڏي، اگر صرف تاريخ اسلام جي واقعات تي نظر ڪبي تہ انهيءَ انساني ڪمزوريءَ جا ڪارناما، اتي بہ نمايان ايندا.

سياست ۾ مذهب کي گڏڻ ۽ ڪارڪنن جي قول ۽ فعل جي يڪسان نہ هئڻ ڪري، مذهب کي عوام ۾ اتحاد ۽ ترقي پيدا ڪرڻ جي عيوض، نفاق ۽ رجعت جو ڪارڻ بنايو ويو آهي. پيغمبر خدا صلي الله عليہ وسلم جي وفات بعد، جي اختلاف خلافت لاءِ پيدا ٿيا، انهن جي اثر کان مذهب بہ بچي نہ سگهيو.

ڪربلا جي واقعات، بني اميہ ۽ بن عباس جي سياسي اختلافن ۾ مذهب کي ڪتب آڻڻ ڪري، مذهب فرقہ بنديءَ ۾ ورهائجي ويو. شيعہ، سني، خارجي، رافضي وغيره فرقا انهن اختلافن جي ڪري پيدا ٿيا. مذهب مسلمانن ۾ اتحاد آڻڻ جي عيوض ڪمزوريءَ ۽ نفاق جو ڪارڻ ٿي پيو. اسلام جو فرقي بنديءَ ۾ ورهائجڻ، مسلمانن جو هڪ ٻئي کي ڪثرت تعداد ۾ قتل ڪرڻ، منجهن طرح طرح جي خرابين جهڙوڪ: بادشاهي، زمينداري، جاگيرداري، عدالتي معاملن ۾ انتظاميي ڳالهين جو اثر انداز ٿيڻ، نسلي ۽ طبقاتي امتيازن جي ڪري مساوات جي ٽٽڻ، آزاد راءِ ۽ جماعت بنديءَ تي رڪاوٽن جي پوڻ، بيت المال کي چند شخصن، قبيلن يا طبقن جي ذاتي طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ، حاڪم، قاضي، عالم وغيره جي چونڊ لاءِ علمي، اخلاقي، انتظامي لياقتن جي عيوض نسلي، خوشامندي، پيسي وغيره جي لياقتن کي ترجيح ملڻ وغيره اهڙا معاملا هئا، جي مذهب جي نالي ۾ چالاڪ سياستدانن جي هٿان سرزد ٿيا. حڪمت اگرچہ مذهب جي نالي ۾ ٿي ڪئي ويئي، ليڪن حڪمران طبقي ۾ نہ اخلاق باقي رهيل هو نہ اصول، هنن جا قول ۽ فعل هميشہ جدا پئي رهيا، نتيجو اهو نڪتو تہ سياست تي مذهب جو اثر ۽ ضابطو هئڻ جي عيوض خود مذهب چالاڪ سياستدانن جي اثر ۽ ضابطي هيٺ، سندن خود مطلبين ۽ منصوبي سازين جو آلو ٿي پئي ڪتب آيو. انهن حالتن ڪري عوام تان مذهب جو اخلاقي اثر گهٽ ٿيڻ لڳو ۽ مذهب ڪن اعتقاد ۽ عبادات جي دائري ۾ محدود ٿي پيو ۽ دين مڪمل جو انساني ڪمزورين ڪري اهو حال ٿيو جو دنيا جي ٻين مذهبن جو ٿيو هو.

اهڙين حالتن هيٺ مذهب جي تجديد ۽ نظام جي ضرورت محسوس ٿي.

**2. نظام دين:**

تاريخي تجربي موجب شريعت جي حڪومت ۽ ديني نظام جو لازمي نتيجو اهو نڪرڻو آهي تہ زندگيءَ جي هر شعبي تي مذهب جو ضابطو ۽ اثر هڪ باقاعده شرعي نظام جي ماتحت ڪرڻو پوي ٿو. جنهن جو سمورو اختيار ۽ ضابطو ملڪي حاڪمن، عالمن ۽ قاضين جي هٿ ۾ رهي ٿو ان جي هلائڻ ۾ عوام کي دخل حاصل ڪونہ هوندو آهي. خدا تعاليٰ، قرآن، سنت نبوي جي تشريح جي نالي ۾، حاڪم ۽ مذهبي مهندار، حڪومت ۽ طاقت کي پاڻ ۾ ونڊي ورهائي ڪم آڻيندا آهن. اهڙا حاڪم جن جي سڄي زندگي فرعونن جي گذري ٿي، غريبن جي پگهر جي ڪمائيءَ تي رنگ رليون ڪرڻ، ڪوڙ نڱيون، ڏوڪا، منصوبا بازيون ۽ ظلم جن جو روزمره جو ڌنڌو ٿئي ٿو سي خود مُلن ۽ قاضين کي خوش رکڻ سان "محي الدين و ملت" جي القابن سان اسلام جا علمبردار بڻجيو پون. خدا پرست، بااخلاق عالم ۽ قاضي گوشہ نشيني جي زندگي اختيار ڪن ٿا يا جيلن جون هوائون کائين ٿا. راشي، خوشامندڙيا، خود مطلب ۽ جاهل مولوي ۽ قاضي، انهن حاڪمن جي دلالي ڪري، مذهب کي مروڙي سروڙي، گهر جي ڪچڙي بنائي ڪم پيا هلائين ٿا.

تاريخ اسلام اهڙن مثالن سان ڀري پئي آهي. انهيءَ طريقي سان مذهب کي استعمال ڪرڻ جي ضرورت تڏهن پوي ٿي، جڏهن ڪي ماڻهو طاقت ۽ اقتدار کي برقرار رکڻ ٿا چاهين. انهن ڳالهين جو نتيجو اهو ٿو نڪري تہ هڪ طرف مصنوعي طريقن سان صبح شام مذهب کي زور وٺائڻ جي گفتگو ٿيندي رهي ٿي ۽ ٻئي طرف صاحب اقتدار طبقي جي قول ۽ فعل جي يڪسان نہ هئڻ جو مظاهرو ڏسي، عوام تان مذهب جو اخلاقي اثر ۽ رسوخ گهٽجڻ لڳي ٿو ڪن مذهبن جي ختم ڪرڻ جو ڪارڻ بہ اهوئي سبب بڻيو آهي.

ان ڳالهہ کان انڪار ڪري نٿو سگهجي تہ دنيا جي هر ڪاروبار لاءِ هڪ حد تائين نظام ۽ ضابطي جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي.

تجارت، مالي ڪاروبار، زمينداري، حڪومت، سياست جي هلائڻ لاءِ نظام ۽ ضابطي جو هئڻ ضروري آهي، خود ڪائنات جو ڪاروبار بہ ڪنهن نہ ڪنهن ضابطي ۽ پروگرام مطابق هلي رهيو آهي، اهڙيءَ طرح سان مذهبي تعليم ۽ اصولن جي پکيڙڻ لاءِ ڪنهن حد تائين نظام جي ضرورت ٿئي ٿي.

جيڪڏهن قدرت دنيا جي ڪاروبار واسطي نظام، ضابطي شريعت ۽ قانون کي حد تائين ضروري ٺهرايو آهي، ته ان جي ارتقا، ترو تازگي، خوبصورتيءَ واسطي تبديلي ۽ انقلاب، آزادي ۽ تجديد کي به لازمي قرار ڏنو اٿس. جيتوڻيڪ وڻن، کيتن، جانورن، ماڻهن ۽ نظارن جي نشونما، ڪن بنيادي فطرت جي قانون مطابق ٿئي ٿي ته انهيءَ قانون جو هڪ اهو جزو به آهي ته ڪنهن به شيءِ کي ساڳي نموني، مقرره ميعاد کان وڌيڪ گهڻي وقت تائين رهڻ نه ڏئي، ڇاڪاڻ ته ان ڪري ان جي ردي ۽ بيڪار ٿيڻ جو امڪان آهي. ساڳيو قانون مذهبن جي شريعت، قومن جي جماعت سازين ۽ بين پروگرامن سان لاڳو آهي. ملڪن، ماڻهن ۽ زمانن جي حالات بدلجڻ ڪري هر شيءِ ۾ ڳالهه جي تجديد يا تبديليءَ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي.

مذهب اسلام جيتوڻيڪ دين مڪمل آهي ۽ بين الاقوامي اتحاد ۽ ترقيءَ جا جزا رکي ٿو ليڪن سياست جو مذهب تي اثر، عالمن ۽ قاضين جي فطري ڪمزورين ۽ خامين، طبيعت انساني جي حرصن ۽ سڌن، دنياوي حالات جي تبديلي، مذهبي مهندارن جي اصولن تي فروعن کي ترجيح، مقصد ۽ ذريعي جي تميز کي وسارڻ، سندس فروغ ۽ تجديد جي مادي کي کوهي ڇڏيو هو. جنهن ڪري انسانذات کي پنهنجي همه گير آغوش ۾ آڻي، ان جو اتحاد ۽ ترقي ڪري نه ٿي سگهيو. باوجود مجددن، مهدين، صالحن جي ڪوششن ۽ پرهيزگار ۽ عادل حاڪمن جي جدوجهد جي، ان جو وڌڻ ۽ ويجهڻ گهٽجي چڪو هو. ان کي زنده ڪرڻ جا به رستا ٻه ٿيا ويا هئا. هڪڙو نظام دين ۽ شريعتي راڄ جو رستو هو، پيو ان کي سياست جي اثر ۽ ضابطي مان ڇڏائي، شريعت جي تنگ نظرئي مان ڪڍي عوام جي اخلاقي ۽ روحاني ترقيءَ لاءِ ڪتب آڻڻ جو رستو هو. پهرين جا مهندار عالم ۽ مُلان هئا ته ٻي جا مهندار اهل طريقت ۽ صوفي هئا.

مُلن جو زور ظاهرداري، عبادات، لباس، زهد ۽ فقهي فيصلن طرف گهڻو ٿيو، جنهن لاءِ کين حڪومت جي مدد جي ضرورت ٿئي ٿي. ٻئي طرف صوفي صاحبن جي ساري تعليم جو بنياد وحدت ڪائنات، صحبت انساني ۽ خدمت خلق تي ٻڌل هو. هنن جو زور تزڪيه نفس، قرباني ۽ سادگيءَ جي زندگيءَ گذارڻ تي هو. هنن جي تعليم ۽ مذهب جو جوهر سمايل هو پر انهن اصولن جي پرچار ۽ عمل لاءِ، انهن کي به نظام ۽ گروه سازيءَ جي ضرورت

پئي. اهو قدرت جو قائدو آهي تہ جڏهن قاعدا ۽ ضابطا ڪاروبار کي تربيت ڏئي، راهہ کي هڪ طرف سهل بنائين ٿا تہ انهن جي ڪثرت سختي ۽ عادت زندگيءَ مان اجتهاد ۽ انقلاب جا جذبا ختم ڪيو ڇڏين.

تصوف اسلام کي شريعت جي تنگ دائري مان آزاد ڪري، مذهب جي روح حقيقي سان روشناس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن وقت جي گذرڻ ڪري ان جا ڪارڪن بہ ساڳي مرض جو شڪار ٿي پيا. هنن سلسلہ طريقت کي فروغ ڏيڻ لاءِ پيري مريدي، ذڪر، اشغال، ورد وضائف جاري ڪري خانگاهن ۽ سجادن کي وجود ۾ آندو. هنن وٽ تزڪيہ نفس، محبت ۽ خدمت خلق جي عيوض ظاهري تقدس ۽ بزرگي، حسد ۽ خودي، نذر نيازن تي گذر ڪرڻ، بدعتن، عياشين، دنياوي اقتدار ۽ شخصي ملڪيت گڏ ڪرڻ جي جاءِ ورتي. جنهن ڪري هي گروهہ بہ پنهنجي مشن ۾ ناڪامياب ٿيو. مُلا ۽ مولوي شريعت اسلاميءَ کي تنگ دائري ۾ آڻي، ان کي پنهنجي شخصي اقتدار ۽ دماغي طبع آزمائيءَ جو آکاڙو بنائي چڪا هئا تہ پير صاحبن وري عوام جي وهم پرستي ۽ جهالت جو فائدو وٺي تصوف کي مذاق ڪٺي بنايو هو. اهڙين حالتن هيٺ اسلام چند اعتقادات ۽ عبادات جي دائري ۾ محور ٿي پيو هو ۽ ان جي پيروڪارن ۾ تنگ نظريي ۽ نفرت گهر ڪري ويٺي هئي. منجهن سون فرقن کان بہ مٿي گروهہ پيدا ٿي پيا هئا.

هر هڪ فرقي پاڻ کي 'ناجي' ۽ ٻين کي 'ناري' ڪري پئي سمجهيو.

اهو حال هو اسلام جي پوئلڳن جو ليڪن ٻين مذهبن، جن کي قرآن حق تي ۽ منشائي الاهي مطابق موڪليل ظاهر ڪيو هو انهن جي سمجهڻ يا حال معلوم ڪرڻ کي بہ گناهہ پئي سمجهيو ويو.

نتيجو اهو نڪتو ٿي تہ دنيا جي ٻين مذهبن جي مقابلي ۾ سندس پوئلڳن جو قومي وقار، اقتدار، شيرازو، علمي واقفيت، رواداري ۽ عوام ۾ مرغوبيت گهٽ ٿيڻ لڳي ۽ مسلمان دين مڪمل جي پيروڪارن عيوض ٽن سَون لڙندڙ ۽ جهڳڙيندڙ فرقن جي جم غفير، فرسوده، تنگ نظر، وجعت پسند ۽ دقيانوسي خيالن جي ماڻهن جو مجموعو بڻجي پيا. جن کي دنيا جي ترقي ۽ تعمير ۾ رڪاوٽ وجهندڙ ڪري ٿي سمجهيو ويو. اهي "بيمار قوم" آزادي ماڻڻ کان نااهل ڪري ٿي سمجهيا ويا. هنن وٽ هر قسم جو آرٽ (هنر) گناهہ هر نئين ايجاد ٿيل شيءِ بدعت هئي. هو رواداريءَ کان ناموس، پيار ۽ محبت کان ناآشنا هئا.

هنن وٽ راڳ ۽ سُرود ٻڌڻ، ڏاڙهي مڃون ڪوڙائڻ، تصويرون ڏسڻ ۽ ڪيڏڻ، غير جي زبان سکڻ ۽ لباس پائڻ، سڀ گناهه جي لسٽ ۾ داخل هئا. مطلب ته مسلمانن جي دنيا کي جڻ ڪفر، الحاد ۽ گناهه لپيٽجي ويل هئا، ڪين خير ۽ برڪت ڪنهن به طرف ڏسڻ ۾ نٿي آيا. هر سخت هوا، هر مخالف آواز، هر اختلاف ۽ هر نئين شيءِ مان خطرا ٿي محسوس ٿين. اسلام کي تنگ ڪوٺڙيءَ جي شفاخاني ۾ محفوظ رکڻ ڪانسواءِ بچائي سگهڻ محال پئي نظر آين.

شاهه صاحب جي زماني جي مسلمانن ۾ مروج اسلام جي ڪم و پيش اها حالت هئي، هن ان کي چتائي ڏٺو، درويشن سان مليو سير ڪيائين، غور ۽ فڪر بعد هيٺين نتيجن تي آيل ٿو ڏسجي:

1. وحدت وجود.
2. وحدت مذاهب.
3. پيار مذهب جو جز روح آهي.
4. عبادت جي صحيح معنيٰ خدمت خلق آهي.
5. ارتقا انساني جو راز امن ۽ سلامتيءَ ۾ آهي.
6. صحيح تعليم پاڻ سڃاڻڻ ۾ آهي.
7. حصولِ مقصد قربانيءَ سان حاصل ٿئي ٿو.

1. **وحدت وجود:**

هن کي عالم ناسوت جي مختلف شين، نظارن ۽ خيال، اول ۾ حيران ڪيو ٿو ڏسجي. ليڪن آخر هو هن نتيجي تي پهتو ته جملي هستيءَ جو حقيقي بنياد "هستيءَ مطلق" يا "وجود ڪل" آهي. انهيءَ ذات حقيقي کي ٻن نقط نگاهن سان ڏسي سگهجي ٿو. هڪ 'حق' جو جملي عالم اظهار جو جوهر آهي ۽ ٻيو 'خلق' يا 'عالم صفات' جو ان ذات حقيقي جو مظهر آهي. اهي ٻئي شيون هڪ آهن، ليڪن ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ ٻه پيون معلوم ٿين.

ظاهري دنيا جون بي شمار ۽ لاتعداد شيون، حادث ۽ عارضي آهن ۽ پنهنجي وجود جو مدار، قائم دائم يا لذات مطابق ۽ واحد تي رکن ٿيون. "هستيءَ مطلق" ساڳي وقت هي مظهر کي پنهنجي وحدت جي احاطي ۽ تسلط ۾ رکي ٿي. "والله بکل شيءٍ محيط" انهيءَ نظريي مطابق ڪائنات قديم، غير فاني ۽ دائمي آهي، ڇاڪاڻ ته اها قديم، دائم يا بالذات جو ظهورو آهي.

آخرت بہ سدائين نهندي رهي ٿي. دنيا جي پوري طرح پڇاڙي نہ ٿيڻي آهي، نڪا ڪا ان جي آخري حد آهي، جنهن کي آخرت چئجي ٿو سا سدائين پئي هلي. هيءَ دنيا ۽ ٻي دنيا صرف هر وقت ۽ هر زمان ۾ پيدائش عالم جي جدا جدا ۽ نئين نئين مظهرن جا جدا جدا نالا آهن ۽ شڪلين بدلائڻ جا مظهر آهن. جي هڪ شڪل گم ٿئي ٿي تہ اها ٻي شڪل اختيار ڪري ٿي ۽ اها تبديلي هميشہ جاري آهي. هر نئين شيءِ پراڻي شڪل جو مسلسل مظهر آهي. شاهہ صاحب جا ڪي بيت، سندس انهن خيالن جي ثبوت ۾ پيش ڪجن ٿا:

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو ٻولي ٻي مَ ڀُل،
هُو هلاچو هل، باالله سندو سڄڻين.

سوئي هيڏهن، سوئي هوڏاهن، سوئي من وسي،
سوئي سو پسي، تنهين سندي سوجهري.

پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، پر ٻُڌڻ ۾ ٻہ ٿيا.

ڪوڙين ڪايائون، تنهن جون لک لکن هزار،
جيءَ سيڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارون ڏار،
پريم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪيئن چوان.

**2. وحدت مذاهب:**

جهڙيءَ طرح خلقت اشياءَ ۾ ڪثرت ٿي نظر اچي، اهڙيءَ طرح ابتدائي، زماني کان وٺي هر ملڪ، هر قوم جي رهبري ۽ هدايت لاءِ ڪيئي پيغمبر، حڪيم، فيلسوف پئي پيدا ٿيا آهن ۽ انهن جون سمجهاڻيون ۽ تعليمات بہ جدا جدا نموني ۽ طريقي جون پيون ڏسڻ ۾ اچن، جو متاچري نگاهہ ڪندڙ منجهي پوي ٿو.

صحيح ۽ غلط، حق ۽ ناحق، مفيد ۽ نقصانڪار جو پتو پوڻ بہ مشڪل ٿيو پوي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ شاهہ صاحب کي بہ ان خيال ستايو ٿو ڏسجي، پر

معلوم ائين ٿئي ٿو تہ وحدت وجود جي راز معلوم ڪرڻ بعد ڪيس مذاهب جي وحدت جو پتو بہ پيو آهي. آخر جيڪڏهن جملي اشياءِ هستيءَ ۾ وحدت سمايل آهي تہ انهن جي قانون فطرت يا مذهبن ۾ اختلاف ڪيئن ٿي سگهي ٿو.

جهڙيءَ طرح شين جي شڪلين ۾ اختلاف جي باوجود انهن ۾ بنيادي وحدت موجود آهي، اهڙيءَ طرح ڪيس معلوم ٿيو تہ مذاهب عالم جي ظاهري ڪثرت جي پويان باطني وحدت لڪل آهي.

مذهبن جا بنيادي مقصد گهڻو ڪري ساڳيا آهن. شاهہ صاحب جا چند بيت سندس اهڙن خيالات جي تائيد ۾ پيش ڪجن ٿا:

مئي هاٿيءَ سين مامرو اَچي پيو انڌن،
مناڙين هٿن سين، اکين ڪين پسن،
في الحقيقت فيل کي، سَچا سڃاڻن.
سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري.

ڏسڻ جي ڏسين، تہ همہ کي حق چئين،
شارڪ شڪ مَ ني، انڌا انهيءَ ڳالهہ ۾.

ڪيو مطالع مون، هو جو ورق وصال جو،
تنهن ۾ تون هين تون، ٻي لات نہ لحظي جيتري.

قرب ڪبرياءُ، ماءُ ملاقي نہ ٿئي،
پورو اي پرياءُ، صوفي جي صلح ۾.

### 3. محبت (پيار) مذهب جو روح آهي:

جي مذهب اتحاد ۽ انساني ترقيءَ لاءِ راهبر آهي تہ ان جي ساري تعليم جو نچوڙ جنهن بنيادي شيءِ تي رکيل آهي، اها آهي "محبت" هي هڪ قسم جي ڪشش آهي جا ميلاپ يا وصال طرف انسان کي ڇڪي ٿي. دنيا جي ڪاروبار ۾ قدرت طرفان بہ مکيہ طاقتون نظر اچن ٿيون، هڪ آهي قوت جذب، ٻي آهي قوت رد.

پهرين ميلاپ، محبت، وصال، اتحاد تعمير ۽ ترقيءَ طرف ڇڪيندڙ آهي. ٻي جدائي، نفرت، فرق، نفاق تخريب ۽ تنزل تائين پهچائي ٿي. مذهبي زبان ۾ ان کي شيطاني طاقت سڏين ٿا.

روح کي ٻن درجن مان لنگهڻو پوي ٿو. هڪ اعليٰ مڪان مان، هيٺ لهي عالم ناسوت ۾ اچڻ جو درجو آهي، ٻيو ناسوت مان وري اصل ڏي وڃڻ جو درجو آهي. پهرين کي صوفي زبان ۾ نزول ۽ ٻي کي عروج سڏين ٿا. جڏهن ماڻهو مذهب جي نفس تي غور ڪري ٿو ته کيس پتو پوي ٿو ته نزول جي رستي کي ڇڏي، عروج ڏي هلڻ، شيطاني رجحانات کي ڦٽو ڪري ملڪوتي رجحان طرف لاڙو ڪرڻ، تخريب کي ڇڏي تعبير طرف خيال رکڻ، نفرت کان پاسي ٿي، محبت ۾ محور ٿيڻ ئي مذهب جو حقيقي مطلب آهي، تنهن ڪري سڀ بزرگ ۽ صوفي عشق ۽ محبت کي حقيقي مذهب سمجهي، ان جي ساراهه ڪندا ويا. شاهه صاحب به انهيءَ راز جي رمز پروڙي آهي ۽ چوي ٿو ته:

مون کي اڪڙين، وڏا ٿورا لائيا،
ته پڻ پرين پسن، ڪڻان جي ڪر سامهون.

ڪر ڪاريندو سي، مانو جن پريتڻو
جوش جلايا جي، ماري تنهن مات ڪيو.

حوصلو حيرت جو، آهي نه متي عام،
سندي محبت مام، ڪوڙ پروڙي ڪينڪي،
لوڪان نحو صرف، مون مطالع سپرين،
سوئي سو حرف، پڙهيو پڙهان من ۾.

## 4• عبادت جي صحيح معنيٰ خدمت خلق آهي:

شاهه صاحب ڏٺو ته مذهب جي معنيٰ چند عبادتن جي مجموعو ورتي وڃي ٿي ۽ قرآن شريف جي آيت "ماخلقت الجن والانس الايعبدون" جي عام طرح معنيٰ نيازون، روزا، ذڪر، فڪر وغيره ڪيڏي وڃي ٿي، نتيجو اهو وڃي نڪتو ٿي ته هرڪو ماڻهو پڙهي، روزا رکي، انسانذات جي خدمت جي بدران پنهنجي خود غرضيءَ ۾ محو ٿي رهيو آهي.

مُلا ۽ مولوي غلط فتوائون ڏئي، فساد ڪرائي، مفت جا مال کائي، صرف نماز ۽ روزي جي ذريعي نجات لاءِ ڪافي سمجهي، حقوق العباد کان پاڻ کي هڪ طرف آزاد سمجهي رهيا هئا ته پيران طريقت، زهد تقويٰ ذڪر فڪر

ڪرڻ کي صحيح عبادت سمجهڻ لڳا هئا ۽ خلق خدا جي خدمت ڪرڻ بدران، پنهنجي خدمت ڪرائڻ ۾ مشغول هئا. شاهه صاحب انهيءَ ڳالهه تي بہ غور ڪيو تہ ڏسجي ۽ هن نتيجي تي پهتل هو تہ سچي عبادت جي معنيٰ، مخلوق خدا جي بنا غرض جي خدمت ڪرڻي ئي آهي.

ماڻهو هن دنيا ۾ صرف روزا نمازون پڙهڻ لاءِ پيدا ڪونہ ٿيو آهي، پر انهيءَ جي زندگيءَ جو مقصد، هن دنيا ۾ سک سلامتي آڻڻ، انسان کي جانورن وارين خواهشات کان آزاد ڪري، روحاني ترقي، تعمير عالم، حسن اخلاق جي صفتن سان مالا مال ڪرڻ لاءِ خدمت خلق ئي آهي. جڏهن ڏٺائين تي ماڻهو ظاهري عبادت کي ئي نجات جو ذريعو سمجهي، صرف ان طرح مشغول آهن تہ ڪيس عجب ٿيو ٿي. سندس انهيءَ قسم جي خيالن جو پتو هينين بيتن مان پئجي سگهي ٿو:

پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٽان ڏوهہ چڙهن، جيئن ورق وارين ورا.

روزا ۽ نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
او ڪو بيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

اکر ڄُتي هيڪڙي، ٻهون جي نہ ٻُجهن،
ڪوه ڪبو کي تن، سجي سٽائي ڳالهڙي.

تهڙا چاليها نہ چاليهہ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو
کهڙي ڪاتب تون ڪرين، مٿي پنن پيهہ،
جي ورق ورائين ويهہ، تہ اکر اهو ئي هيڪڙو.

## 5. ارتقا انساني جو راز امن ۽ سلامتيءَ ۾ آهي

شاهه صاحب غور ۽ فڪر بعد انهيءَ نتيجي تي پهتل هو تہ دنيا جي تعمير ۽ انسانذات جي ترقي، سواءِ امن ۽ سلامتيءَ جي حاصل ٿي ڪين سگهندا. هو هر انهيءَ ڳالهہ جو مخالف هو، جنهن مان انسانن جي وچ ۾ فساد پيدا ٿيڻ جو امڪان هو. هن اسلام کي فتح ۽ حڪمرانيءَ جو مذهب ڪري نٿي سمجهيو، نڪو مسلمانن کي قومن جي امامت ڪرڻ جي تلقين ٿي

ڪيائين. هن مونن ۾ منهن پائي غربت ساڻ گذارڻ جي تلقين هڪ طرف ڪئي تہ ٻئي طرف صاف چيائين تہ:

هو چونئي تون مَ چئو واتان ورائي،
اگ اگرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي.

هو سڌن کي مارڻ، طمع کي ترڪ ڪرڻ، ويرين جو واهرو ٿيڻ، گولن جي گولي ٿيڻ، ڪيني جي قتلام ڪرڻ، گُر ۾ پرين پسڻ، خوديءَ کي ڪائڻ، سچ جي سين هٽڻ، تن کي تسيا ڏيڻ، لنگ ۽ لانگ ڪيڻ، ماري مات ڪرڻ، سڀ ۾ پرين پسڻ جي تعليم ڏئي ٿو. هو دشمن يا مخالف کي حملي کان روڪڻ لاءِ هيٺين قسمن جا الفاظ ڪتب آڻي ٿو:

ڪشي ڪان ڪمان مان، ميان مارِ مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

## 6. صحيح تعليم پاڻ سڃاڻڻ ۾ آهي

شاهہ صاحب کي معلوم ٿي چڪو هو تہ انسان اشرف المخلوقات آهي. هن ۾ نور الاهيءَ جو جلوو نمايان نظر ٿي آيس. هن کي انسان جي زندگيءَ جي مقصد جي بہ پروڙ هئي. هن ساري ڪائنات جي خلق کي بيڪار ۽ بنا مقصود جي پيدا ٿيل نہ ٿي سمجهيو. هن کي احد ۽ احمد، جز ۽ ڪل، پکي ۽ پڃري، پنهون ۽ سسئي، فرد ۽ قوم جي تفاوتن ۽ بنيادي وحدت جو سمورو راز معلوم هو. هن نابوديءَ جي وسيلي اعليٰ ٿيڻ جو مطلب سمجهي ورتو هو تنهن ڪري پنهنجي ڪلام وسيلي هن جز کي ڪل ۾ فنا ڪرڻ، فرد کي قوم لاءِ قربان ٿيڻ جي تلقين ڪندي چيو آهي، تہ اهو درجو تڏهن حاصل ٿي سگهندو جڏهن حقيقي 'پاڻ سڃاڻڻ جي پروڙ' ماڻهوءَ ۾ پوندي. هن جو چوڻ آهي، انسان جو اعليٰ درجي تي پهچڻ، صحيح تعليم ذريعي ئي حاصل ٿي سگهندو ۽ صحيح تعليم جي تشريح ان ڳالهہ ۾ ڪئي اٿس تہ انسان پنهنجي صحيح حقيقت ۽ سڃاڻڻ جو ماهر ٿئي، ان وقت ئي سندس خوف ۽ خطرا، وهم ۽ گمان، ڪفر ۽ شرڪ، ٻيائي ۽ عبديت دور ٿي سگهندا ۽ ماڻهو ترقي ڪرڻ جي لائق ٿي سگهندو. سندس هيٺيان بيت ان جي اهڙي خيالات جو ثبوت پيش ڪندا:

اسين سڪون جن کي، سي تان اسين پاڻ،
هاڻي وڃ گمان، اسان صحيح سڃاتا سپرين.

هيڪر هئڻ چڏ، تہ اوڏي ٿئين عجيب کي،
”مارايت شيئاً الا ور الله ايت“ نيئي اجها اوڏانهين اڏ“
تہ هوت توهين کان هڏ، پرين پاسي نہ ٿئي.

هو پڻ ڪونهي هن ريءَ، هي نہ هن هان ڌار،
”الانسان سري وانا سره“ پروڙج پچار،
ڪندا ويا تنوار، عالم عارف اهڙي.

پاڙ پردو پاڙ کي، طالب سٽج تون،
نڪا هان نہ هون، پردا سڀ پاسي ٿيا.

سو پکي سو پيچرو، سو سر سوئي هنج،
پيهي جان پروڙيو مون پانهنجو منجه،
ڏيل جنهنجو ڏنجه، سو ماري ٿو منجهہ ڦري.

## 7. مقصد جو حصول قربانيءَ سان حاصل ٿئي ٿو

شاهہ صاحب هن نتيجي تي پهتو هو تہ جيڪڏهن صحيح تعليم جو راز پاڻ سڃاڻڻ ۾ لڪل هو تہ صحيح عمل، سواءِ قرباني جي پيٽا جي وسيلي، حاصل ٿي نہ سگهندو. هن جڏهن چؤطرف نظر ٿي ڪئي تہ ڏٺائين ٿي تہ هر ننڍي شيءِ وڏيءَ ۾ سمائجڻ لاءِ پاڻ قربان ڪري رهي آهي. هر مٽيءَ جو داڻو زمين ۾ گڏجي عالم جمادات جي ناهڻ ۾ مدد ڏيئي رهيو آهي. اهڙيءَ طرح جمادي جزا نباتات جي عالم پيدا ڪرڻ لاءِ وقت بہ وقت پاڻ کي قربان پيا ڪن. نباتات وري حيوانات جي زندهہ رهڻ لاءِ قوت جو ڪم ڏئي رهي آهي. وري جي غور ڪندا تہ انهن مادن مان وري هر هڪ جزو ٻئي جي بقا لاءِ مددگار ۽ معاون آهي، جا معاونت قربانيءَ کان سواءِ حاصل نٿي ٿي سگهي. اهو سلسلو ڪائنات جي هر مظهر ۾ نظر ايندو.

ماڻهو بہ انهيءَ قانون فطرت کان آزاد نہ آهي. پيءُ ۽ ماءُ کي اولاد لاءِ قرباني ڪرڻي پوي ٿي. فردن کي قبيلن لاءِ ۽ قبيلن کي قومن لاءِ، قومن کي انسانذات

جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ، ڪي ذاتي قربانيون ضرور ڪرڻيون آهن. تنهن ڪري فلسفہ عمل تي نظر ڪبي تہ ان جو جوهر قرباني ئي ڏسڻ ۾ ايندو.

شاهہ صاحب جي بيان ڪيل مذهبي راين کي جيڪڏهن اسان اختصار ڪري پيش ڪريون تہ، ان جو لب لباب هيٺين طرح ٿيندو. ساري ڪائنات ۾ گونا گون مظهرن جي باوجود بہ بنيادي وحدت قائم آهي.

انهي بنيادي وحدت جي راز کي معلوم ڪرڻ ۽ سمائجڻ لاءِ رستو ۽ طريقو مذهب آهي.

مذهب ابتدا کان وٺي، باوجود ظاهري اختلافن جي هڪ ئي آهي.

انهيءَ مذهب جو روح يا جوهر محبت يا عشق آهي.

محبت ۽ عشق ترقي انسان ۽ تعمير عالم لاءِ خدمت خلق امن ۽ سلامتيءَ جو سبق ڏئي ٿو.

انهيءَ سبق جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ پاڻ سڃاڻڻ ضروري آهي.

پاڻ سڃاڻڻ سواءِ صحيح عمل جي بيڪار آهي.

صحيح عمل جو راز قربانيءَ ۾ سمايل آهي.

شاهہ صاحب جي اهڙن خيالن جي ثبوت ۾ سندس هيٺيان بيت پيش ڪجن ٿا:

سوريءَ سڏ ٿيو ڪا هلندي جيڏيون،
وڃڻ تن پيو نالو نينهن ڳنهن جي.

ڀڙين ڪاني پاءِ، پڇج پوءِ پريتڻو
ڏک پريان جو ڏيل ۾، واڃٽ جيئن وڃاءِ،
سيخن ماهہ پچاءِ، جي نالو ڳنهين نينهن جو.

پڇ پتنگن کي، سنديون ڪامڻ خبرون،
آٽيو وجهن آگ ۾، جيءُ پنهنجو جي،
جيري جنهين جي، لڳا نيزا نينهن جا.

سَرها ڏنم سي، جن جي ساڃاهہ سراٽين سين،
تيغ تنين جي کي، ڪٽ نہ لڳي ڪڏهين.

سڪڻ ۽ سوري، ٻئي اکر هيڪڙي،
وهڻ وانئڙين تي، ڪارڻ ضروري،
ٻنهي جي پوري، جيءَ ڏني ريءَ نہ جڙي.

گندي ۽ گراهہ، جن سناسين سانديو
انهن ڪان الله، اجا آڳاهون تيو.

فصل اٺون

# شاهه صاحب جي ڪلام جون خصوصيتون

شاهه صاحب جي ڪلام جون خاص خصوصيتون هيٺيون آهن.

1. اهو سنڌي قوميت جي جذبي سان ڀريل آهي، وطن ۽ ان جي هر شيءِ جي پريت ان جو مکيه جُزو آهي.

ساري ڪلام جون اڪثر آکاڻيون، سواءِ ڪربلا جي واقعي جي سڀ سنڌي ڪتب آنديون آهن.

2. سنڌس ڪلام ۾ ڪتب آندل ٻولي ٻه سواءِ چند حوالن جي صفا چِند سنڌي آهي. ايتري قدر جو ڪي لفظ جن جو رواج اڄڪلهه نڪري ويو آهي، سي نج سنڌي هئڻ ڪري سمجهڻ ۾ ڏکيا پيا لڳن.

3. ٽين خاصيت شاهه صاحب جي ڪلام ۾ اها آهي، ته اصل هندي شاعريءَ جي تتبع ڪندي، هن عورت کي عاشق ۽ مرد کي معشوق بنايو آهي، جو دستور پارسي ۽ عربي شاعريءَ ۾ ڪونه آهي.

4. شاهه صاحب جي ڪلام جي اها ٻه خصوصيت آهي ته ڪلام ۾ قصا سڀ افسوسناڪ پڇاڙيءَ جا بيان ڪيا اٿس، سندس ڪلام تڪڙي نفعي ۽ وقتي ڪاميابيءَ ڏي ماڻهوءَ کي ڪونه ٿو ڇڪي، عارضي نفعو دائمي مقصد جي حصول لاءِ قربان ڪرڻ، سندس ڪلام جو روح آهي.

5. مثنوي روم وانگر سارا قصا ۽ ڪهاڻيون بيان ڪري پوءِ ان مان نصيحتون نٿو ڏئي، بلڪ هن جي خيال موجب اهي ڪهاڻيون، زبان زد عام هئڻ ڪري، ان جو دهرائڻ ضروري نه ڄاڻي، صرف انهن ڪهاڻين يا بيان ڪيل شين مان ڪي نتيجا ڪڍي، سورمن جي جذبات ۽ شين جي صفتن جو بيان ٿو ڪري.

شاهه صاحب مختلف مڪاني ڪهاڻين ۽ شين بنسبت جڏهن ڪجهه چوڻ گهري ٿو ته انهن جون خاصيتون اکين اڳيان اٿس ۽ سندس هرهڪ بيت جدا معنيٰ ۽ نصيحت رکي ٿو.

### 1. سر ڪلياڻ:

هن سر جي پهرين فصل ۾ وحدت وجود جو ذڪر ڪري، ٻين فصلن ۾ هو انهن عاشقن ۽ نينهن وارن جو ذڪر ڪري ٿو جن جي اڳيان وڏا مقصد ۽ مُرادون آهن، جن جي حاصل ڪرڻ لاءِ، هو هر طرح جي قرباني ڪرڻ واسطي تيار آهن. نينهن وارن کي هو ٻن گروهن ۾ ورهائي ٿو هڪڙا سچا ۽ سرويچ آهن جي ڪڏهن به سسي نٿا سانديين، ڪڙي ۽ قاتل جا هيراڪ ٿيو وڃن، چاڪ اٿن، ته به نٿا سلين، وهه ڏسيو پيا وسهن، ڪاتيءَ پئي ڪنجهن ڪين ٿا. سيخن ۾ ماهه پچائڻ لاءِ تيار آهن. جن لاءِ سوري سينگار آهي، نيزي تي سر چاڙهي نروار ٿيڻ لاءِ تيار وينا آهن، جن کي مقصد ۽ معشوق جي راهه مان موٽڻ ۽ مرڻ مٺو آهي. سوري ۽ سيج برابر اٿن، تن جو ذڪر ڪري چوي ٿو:

سوري آهي سينگار، اصل عاشقن جو،
مُڙڻ موٽڻ ميهڻو، ٿيا نظاري نروار،
ڪسڻ آهه قرار، اصل عاشقن جو.

ٻيا سَڏڙيا آهن، جي ڪلالن جا ڪات ڏسيو موٽيو وڃن، ڏوران نهاريو، شرابن جون سڏون پيا ڪن، هنن وٽ هي هڏ ۽ چم پيارو آهي، متو ماٿي وٽ لاهي رکڻ کان پيا چرڪن. انهن لاءِ چوي ٿو ته:

سڏڙيا شرابن جون، ڪهه پچارون ڪن،
ڪات ڪلالن ڪيڍيا، ته موٽيو پوءِ وڃن،
پِڪون سي پيين، سر جنين جا سٽ ۾.

### 2. سر يمن ڪلياڻ:

هن سر ۾ هو عوام جي مصيبتن ۽ تڪليفن، اهنجن ۽ ايذاون جو ذڪر ڪندي، ملڪ جي خدمت جي خواهش رکندڙن کي مخاطب ٿي، ڪي هدايتون نصيحتون ڏئي ٿو. چوي ٿو ته:

سگهن سڏ نه سور جي، ته گهايل ڪيئن گهارين،
پئل پاسو پٽ تان، واڍوڙ نه وارين،
پر ۾ پچن پرينءَ لاءِ، هي هنجهون هارين،
سجڻ جي سارين، تن رويو وهامي راتڙي.

ڪين وري صلاح ڏئي ٿو تہ جي سچ پچ اوهان ملڪ ۽ ماڻهن جي محبت رکو ٿا تہ:

اگهائي سگهيا ٿيا، جي وينا وٽ ويڄن،
ترسي طبيبن، چيئي هوند چڱا ڪيا.

وهڻ ويڄن وٽ، جي سڪين تہ سگهو ٿئين،
اڳين عادتن مٿ، تہ اگها عاجز نہ ٿئين.

ليڪن ساڳئي وقت خود مطلب ۽ جاهل ڪارڪن يا ملڪي ليڊرن جي قندي ۾ قاسڻ کان منع ڪندي چوي ٿو تہ:

ڪنيس ڪويڄن، جو تن طبيب نہ گڏيا،
ڏيئي ڏنڀ ڏڏن، پاٽان ڏيل ڏکوئين.

پوءِ ڪين پتنگن جا مثال ڏيئي مقصد ۽ مراد لاءِ، مرڻ ۽ قربان ٿيڻ جو سبق، ڪين کان سکڻ جي هدايت ڪري چوي ٿو تہ:

پڇ پتنگن کي، سنديون ڪامڻ خبرون،
آٽيو وجهن آگ ۾، جيءَ پنهنجي جي،
جيري جنهين جي، لڳا نيزا نينهن جا.
هڪ هنڌ ڪيس خبردار ڪري چوي ٿو:
سڪڻ ائين نہ سڌ، جيئن لڪيو لياڪا پائين،
پئي پريان جي نہ ٿئين، متي اڳڻ اڌ،
اي پڻ ڪوڙي سڌ، جئن ڪِليو ڪايو سمهين.

3. **سرڪنيات**:

هن سر ۾ مقصد صوفي وٽ وحدت جي وادي آهي ۽ محب وطن وٽ ملڪ ۽ قوم جي آزادي ۽ ترقي آهي. معشوق سان هڪ جاءِ تي چنڊ جي حسن جي پيٽ ڪئي اٿس. چوي ٿو تہ:

چوڏهينءَ چنڊ ايرين، سهسين ڪرين سينگار،
پلڪ پريان جي نہ پڙين، جي حيلا ڪرين هزار،
جهڙو تون سڀ چمار، تهڙو دم دوست جو.

هيءَ جاءِ تي ان ڪي پرينءَ ڏي پيغام نيڻ لاءِ قاصد ڪري ورتو اٿس ۽ چوي ٿو تہ:

ناسيندي نگاهہ، پهرين ڪج پريںءَ ڏي،
احوال عاجزن جا، آڪج لڳ الله،
روز نهارين راهہ، اڪيون اوهانجي آسري

هڪ جاءِ تي اُتَ کي قاصد ۽ پريںءَ وٽ پيغام پهچائيندڙ ڪري ورتو اٿس. مقصد کي پهچڻ، ڪنن سفر سمجهي، اُٺ کي منٿ ڪري، ڪيس چوي ٿو تہ حالتون سٺايون اٿئي. مون کي جلد نيئي محبوب سان ملاءِ:

رات سهائي پونءِ سنئين، پٽن وڏو پنڌ،
هلندي حبيبن ڏي، ڳرها موڙ مَ ڪنڌ،
پنڌڻ سوئي پنڌ، جو پهچائي پريںءَ کي.

اُٺ جي مشابهت هڪ جاءِ تي خادم ملڪ يا سالڪ راهہ سان ڪندي، ان کي دنيا جي ڪنن مسافرين طئي ڪرڻ واسطي، همٿائڻ لاءِ ننگ وجهي چوي ٿو تہ:

ڪرها ڪر سڄاڻ، پيڪو ۽ پانهن جو
اصل آهي اوهان جو ناليرو نڌاڻ،
ڪرها اسان ساڻ، ڪي چانگا ڪج چڱايون.

## 4• سر سريراڳ:

هن سر ۾ حياتيءَ کي سٺاٽي سمنڊ جي مسافريءَ سان مشابهت ڏني ويئي آهي، جتي ڪيئي لُڙَ لهرين، لس ۽ ليٽن سان مسافر کي منهن مقابل ٿيڻو پوي ٿو جتي آب جو انت نہ آهي، چڪڻ چاڙهہ ۽ ڪپر ڪارونيار آهن، ان ۾ محب وطن يا صاحب اخلاق کي سچ جي سوداگر سان تشبيهہ ڏنل آهي، ان ۾ سندس رهبري ۽ هدايت لاءِ، ڪي تجويزون پيش ڪيل آهن. جن مان توڪل، توبہ، پانهپ، سچي دل سان شيوا ڪرڻ يعني پنهنجي مقصد سان محبت رکڻ، غفلت کي ترڪ ڪرڻ يعني جاڳڻ پاٽيٽ پرکڻ، ابتدا ۾ ترهو تاٽي، ملان معلم پڇي خبرون پروڙڻ مکيہ آهن. چوي ٿو تہ:

ڪوها ڪالهہ ڪٽي، ان وڏا اتر آسري،
الا جهري مَ ان جي، اولي جي آٽي،
وٽجارن وٽي، سو وکر وڏو هيڙئين.

لُڙ لهريون لس ليٽ، جتي انت نہ آب جو،
الله اولِ مَ ان جا، ٻيڙا متي ٻيٽ،
جوکو ٿئي مَ جهاز کي، ڦرهي اچي مَ ڦيٽ،
لڳي ڪام لپيٽ، هن غاريبي غوراب کي.

جنين سودي سچ سين، وکر وهائيو
بخرو لهم البشريٰ جو انهيءَ لئي آئيو
”ان کي لالڻ لنگهايو ساندارو سمنڊ جو.“

توڪل: 'ڏيئي توڪل تڪيو آر لنگهيا. آسان'،
توبہ:'توبہ جي تاثير سين تري ويا طوفان'،
ٻانهپ: 'ٻانهپ جو ٻيڙئين وکر وڌائون'،
سيوا ڪرڻ:'سيوا جن سبحان وير نہ وڙهي تن سين'،
غفلت: 'جاڳو جي يارا، تہ تڙ توائي نہ ٿئي'،
غوطہ زني: 'آنداڻون عميق مان جوتي جواهرن'،
اي گت خواصن، جيئن سمنڊ سوجهيائون.'

موتين جو پاڻيٺ پرکڻ:

وچن مَ وينجهار پاڻيٺ جي پرکڻا،
ڪنير پايو اکئين، لهن سپ ڪنهن سار،
موتيءَ جي مزاج جو قدر منجهہ ڪنار،
صرافنئون ڏار، ماڻڪ ماخظو نہ ٿئي.

ترهو تاڻي ٻڌن:

تانگهي ۾ تاڻي، ٻڌ پنهنجو ترهو
اونهي ۾ آڻي، ڪونہ ڏيندءِ ڪو ٻيو.

معلم پڇڻ:

ملا معلم خبرون، پڇي پروڙيج.

هن سر ۾ هڪ هنڌ زندگيءَ جي بهترين ڪارنامن بابت ذڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ:

وڪر سو وهاءِ، جو پٺئي پراڻو نہ ٿئي،
ويچيندي ولات ۾، ذرو ٿئي نہ ضاءِ،
سا ڪا هڙ هلاءِ، آڳهہ جنهن جي اپئين.
چڱن عملن ڪرڻ لاءِ چوي ٿو تہ:
دنگيءَ ۾ داڻا، وني وجهہ وکر جا،
وير وڙهندي ويسرا، ويهہ م ويڳاڻا،
هي ننڊ نہ جاڻا، ڪڏهين هٽندئي ڪن ۾.

5. **سر سامونڊي**:

هن سُر ۾ هن انهن محب وطنن جو ذڪر ڪيو آهي، جي قوم ۽ ملڪ خاطر گهر ڇڏي بي گهر ٿين ٿا ۽ ورهين جا ورهيہ قيدن ۽ جلاوطنين جي سزا پوڳين ٿا. سدائين مسافريءَ ۾ آهن، جنهن ڪري سندن ونيون پيون واجهائين، وڻ ٽڻ وانئٽيون پڏن، ڏيا پارين ۽ سڪائون پاسين. انهن جي درد پرئي داستان جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

سامونڊيڪو سنگ، آهي گوندر گاڏئون،
انگهن چاڙهي انگ، ويو ۽ٽجارو اوهري.

سامونڊي ساريہ متي تڙ گذاريان،
مون ڪي تي ماريہ انهين سندي ڳالهڙي.

لاهيندا ۽ ڪن، ڳالهيون هلڻ سنديون،
ڏيندا مون ڏکن، وهہ وجهندا جندڙو.

جر تڙ ڏيا ڏيہ وڻ ٽڻ پڏي وائنٽيون،
الا ڪانڌ آچي، آسائتي آهيان.

پيڙيءَ جي پنن، نينهن نہ ڪجي ان سين،
اُيا ڏني ڏسن،جي سڙهہ ڏيئي سير ٿيا.

وجيئي وسري شال! جو تو سودو سکيو،
اجا آئين ڪالهہ، پڻ تو سفر سنبهين.

6. **سر سهڻي**:

هن سر ۾ شاهه صاحب مقصد (معشوق سان) حقيقي نينهن جي ناتي جو ذڪر ڪري پڌائڻ گهري ٿو تہ، مطلوب کان سواءِ طالب بيڪار آهي، انهيءَ کانسواءِ ناپاڪ، اڌوتو ۽ نجس رهي ٿو ۽ انهيءَ جي حصول سان پاڪ، صاف ۽ سترو ٿئي ٿو ليڪن اعليٰ مقصد کي پهچڻ سولي ڳالهہ نہ آهي، اُتي درياءَ جي دهشت، ڪاريون راتيون، ڪُنن جا ڪڙڪا ۽ دلين جا ڌڙڪا راهروءَ کي پيش اچن ٿا. اتي سندس رهبر راهہ صرف يار يا مقصد جي محبت رهي ٿي، جنهن جي ڪشش کيس لنؤ لايو ڇڏي، جتي ڪڙين جا ڪڙڪا، سندس رهبري ڪن ٿا. مرڻ تہ هر ڪنهن لاءِ آئين ئي آهي، ليڪن مقصد جي راهہ ۾ قربان ٿي، سر ڏيڻ ڪري پڌيءَ جا پيٽا ٿين ٿا. مقصد سان محبت لاءِ چوي ٿو تہ:

توڏيءَ بي نہ تات، ميهار ئي من ۾،
جپڻ پيس رات، هو ساهڙ هو سهڻي.

مقصد کان سواءِ زندگي بيڪار آهي، ان واسطي چوي ٿو تہ:

ساهڙ ڌاران سهڻي اَڌوتي آهي،
ڪنديون جو ڪاهي، پاسي تنهن پاڪ ٿئي.

مقصد تائين پهچڻ ۾ جي مشڪلاتون سامهون اچن ٿيون، تن بابت چوي ٿو تہ:

دهشت ڏوم درياءَ ۾، جت لُڙ لهريون لس ليٿ،
آٽيو اوپارن ۾، باندي بوڙي بيٽ،
جت چڪڻ جي چيٽ، اتر ساهڙ سير لنگهاءِ تون.

مقصد جي محبت ڪيئن نہ کيس ڪشش ڪري ٿي، ان لاءِ چوي ٿو:

اديون سڀ اندامَ، منهنجا ڇڙن ڇوريان،
لاڙن لنؤ لائي، سا ڪيئن آچيان عام؟
لڳس جنهن جي لام، سو دوست دلاسا مُنجي.

اعليٰ مقصد جي راهہ ۾ قربان ٿيڻ لاءِ چوي ٿو تہ:

تہ ڪر ڪيئن سُئي، جي سيرَ نہ گهڙي سهڻي،
هت حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهن تان نہ هئي،
چُڪيءَ تنهن چري ڪئي، جو ڏنس ان ڏهي،
سهڻيءَ کي سيد چوي، وڏو قرب ڪُهي،
هنئين هوند مُئي، پر پڌيءَ جا پيٽا ٿيا.

مقصد کي پهچڻ لاءِ مسلسل ڪوشش جي درڪار آهي. ڪا حد مقرر ڪري نٿي سگهجي. چوي ٿو ته:

نڪو سَندو سور جو نڪو سندو سڪ،
عدد ناهي عشق، پڄاڻي پارڻ لهي.
جي قيام مڙن، ته ڪر اوڏا سپرين،
تهان پوءِ سُڄن، واڌايون وصال جون.

مقصد جي حاصل ڪرڻ ۾، جي شيون رنڊڪون ٿيون وجهن، انهن لاءِ چوي ٿو ته:

ڪنڌيءَ جهليو ڪانهن، عاشق اُيو آهون ڪري،
ته ڪيئن ٻوڙي سهڻي، ٻيلي منهنجي ٻانهن،
درياءَ توتي دانهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي.

واهَڙ پريون نہ پاءِ، تو پڻ ليکو ڏيڻو
سندا سانوڻ ڏينهڙا، هنئيان نہ هونداءِ،
وهامِي ويندءِ، اُوير اتاهان لهي.

7• **سر سارنگ**:

هن سُر ۾ ملڪ مان غلامي، اڻ هوندَ تارڻ، عوام جي خوف ۽ ڊپ کان دهڪايل دلين کي همت واري آب گوندري سان تازو توانو ڪرڻ، مهانگي لاءِ ميڙڻ ۽ پنجن مان پندرهن ڪرڻ وارن ڏڪارين ۽ موذين جي مرڻ، لوڪ مٿان گوندر گنوائڻ جو ذڪر ڪيو اٿس. وطن جي گهٽيل هوا ۾ انقلاب جي مانڊاڻ جي اميد ۽ آسرو رکندي، اتر پار کان وڄن جي وسڻ، هارين جي هر سنباهڻ، ملڪ تان ڏولائي جي ڏينهڙن لهڻ، سنگهارن جي سرهي ٿيڻ، ان جي اَرزان ٿيڻ، مينهن جي موڪ چرڻ، پٽ ۾ پاهن جي ٿيڻ، ماڻين ۾ مکڻ جي اچڻ جو بيان ڪري ٿو. هي سارو سر انقلابي رنگ سان رڱيل آهي. ان ۾ غلاميءَ ۽ مسڪينيءَ جي ستايلن کي همت ۽ دلداري ڏياري وئي آهي ۽ چيو ويو آهي ته سدائين اُڃ اُساٽَ ڪانہ هوندي. سگهو ئي جهڙ ڦڙ جهات ڏيئي، پٽ پسائيندو ۽ قلب جون ڪسون لاهيندو.

سارنگ سار لهيج. الله لڳ اچين جي،
پاٽي پوڄَ پٽن ۾، ارزان ان ڪريج.
وطن وسائيج، ته سنگهارن سک ٿئي.

لڳ پس لطيف چئي، آڳميو آهي،
وٺو مينهن وڏڦڙو ڪيو ڏرڻ ڪاهي،
چن چڙي پٽ پئو سمر سنباهي،
وِهو مَ لاهي، آسرو الله مان.

مند تي مندل وجيا، تاڙي ڪي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سَرها ٿيا سنگهار،
اڄ پرڻ منهنجي يارَ وسڻ جا ويس ڪيا.

حڪم ٿيو بادل کي، تہ سارنگ ساٿ ڪجن،
وڄون وسڻ آئيون، ٿهہ ٿهہ مينهن ٿمن،
جن مهانگي لئي ميڙيو سي ٽا هٽ هٽن،
پنجن منجهان پندرهن ٿيا، ائن ٽا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهہ مان، شال موذي سڀ مرن،
وري وڏيءَ وَسُ جون، ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چئي سين، آهہ توہ تنهنجو آسرو.

### 8• سر ڪيڏارو:

هن سر تي اڪثر عالمن جو اختلاف آهي تہ انهيءَ جا گهڻا بيت شاهہ صاحب جي عام اصول جي برخلاف آهن تہ ٻاهر جو قصو بيان ڪري، ليڪن آءُ هيٺين سببن ڪري، ان راءِ جو آهيان تہ هن قصي تي شاهہ ضرور ڪي بيت چيا آهن.

1. شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ عالمن اندر محرم ۾ ماتم ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ جي سوال تي جو اختلاف هو ان ۾ شاهہ صاحب ماتم جي جواز وارن عالمن جي گروهہ سان واسطو رکندڙ هو.
2. شاهہ صاحب جا پويان ماتم ڪندا اچن ٿا ۽ خود شاهہ صاحب جي رکيل دستار جو رنگ بہ ڪارو آهي. فقيرن ۽ خليفن جون دستارون بہ ڪاريون آهن.
3. شاهہ صاحب اڪثر اُهي قصا پنهنجي ڪلام ۾ آندا آهن، جن جي پڄاڻي افسوسناڪ آهي. جنهن صورت ۾ هي هڪ اسلامي تاريخ

جو غير معمولي افسوسناڪ واقعو آهي، ان ڪري ان ڪي، پنهنجي ڪلام ۾ جاءِ ڏيڻ، سندس عام اصول جي برخلاف نہ آهي. هن قصي ۾ جي خاص خصوصيتون آهن، تن شاهہ صاحب تي اثر ڪيو تہ ڏسجي، ماڻهن جي ڪثرت جو ناحق تي گڏ ٿيڻ، امام کي مرعوب نہ ڪري سگهيو. حڪومت ۽ طاقت اڳيان باوجود بي سرو ساماني ءَ جي سر نہ نمايائين. حق لاءِ لڙندڙن جي ساراهہ ۽ بزدليءَ کي ننڊڻ سچن ۽ بااصول ماڻهن جو سچ جي راهہ ۾ سختيون سهڻ ۽ اوج حاصل ڪرڻ، خاص ڳالهيون آهن، جن جو بيان هن سر ۾ آيل آهي:

سختي شهادت جي، نسورو ئي ناز،
ڪي رند پروڙين راز، قضئي ڪربلا جي.

جنهين جهيڙيو اڄ، عليءَ جي اولاد سين،
پئي تنين کان پڄ، جي جماعتي يزيد جا.

ڪلي وير ڪنڪ ۾، سائو سيپ نہ هونِ،
پڙ تي سيئي پونِ، موتڻ جنهين ميهڻو.

دوست کهائي دادلا، محب مارائي،
خاصن خليلن کي، سختيون سهائي،
الله الصمد بي نياز سا ڪري، جا چاهي،
انهيءَ ۾ آهي، ڪا اونهي ڳالهہ اسرار جي.

مر مرين، آءُ روئين، موتي ڪانڌ مَ آءُ،
مچڻ تو پٽان، ڪچا ڪنم جيڏيون.

ڳجهن ويني گهاريا، ڏنجها ڏک گهڻا،
تنگي لتين توڙ جي، سوره ساماڻا،
ڪندا راماڻا، ڪونئر ڪلي جا ڪوڏيا.

هٿڙ، هڪلڻ، پيلي سارڻ، مانجهيان اي مَرڪُ،
وجهن تان نہ فرق، رڪ وهنديءَ راند ۾.

منهن مٺاهان جن جا، سي پٽيو ڪين پار،
جيڏيون هن جهونجهار، سپ اُجاري اچا ڪيا.

پڇي آئين پڇٽا، لڄائيي مون سيڻ،
ويٺيون وجهن ويڻ، منهن مٺاهان جن جا.

9• **سر سسئي آبري**:

هن قصي ۾ شاهہ صاحب سسئي پنهون، ڪيچ جي ملڪ، جبلن ۽ جهنگن، ڏيرن، سورن جو خاص طرح ذڪر آندو آهي. جيڪڏهن انهن اکرن جي سياسي معنيٰ وٺبي تہ سسئي هڪ ڪمزور ۽ مظلوم عوام آهي. پنهون پهلوان ۽ باهمت قوم جو ليڊر آهي. ڪيچ آزاديءَ ۽ ترقيءَ جو ملڪ آهي، ڏير مخالف طاقتون آهن، جي عوام جي ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽون ٿيون وجهن. جهنگ ۽ جبل مقصد جي حصول جي راهہ ۾ رنڊڪون ۽ مشڪلاتون آهن. سور ۽ ڏک، رهبر راهہ آهن. جهڙيءَ طرح سائڪرين مناڻ جو جوهر آهي، اهڙيءَ طرح دک ۽ سور محبت جو جوهر آهي ۽ منجهس انتهائي خوشي سمايل آهي. مقصد کي پهچڻ لاءِ، ماٺهوءَ کي تڪليف ۽ مشڪلاتن، ڏکن ۽ ڏاکڙن جو عادي ٿيڻو آهي، صحيح سلامت بنا تڪليف جي مقصد کي پهچڻ ڪوڙي سڌ آهي، اتي صرف اندر جي انڌ وارا ڏونگر ڏوري پهچندا.

جڏهن نااميدي نہ واربي، تڏهن ئي اميد کي آڏو ٿبو البت اتي باروچاٽي ٻاجهہ جي ضرورت پوي ٿي. انهيءَ پنڌ ۾ نہ صرف ظاهري جدوجهد جي ضرورت آهي، پر اندر ۾ نيٽن کي نائي نهارڻو آهي، عمل سان گڏ عقل بہ ضروري آهي، اتي هيج جو هٿڙ ضروري آهي، نہ تہ صرف سڌن وارا وچ ۾ ويهي رهندا سکن ۾ سنگتي گهٽا هوندا آهن، ليڪن چپر ۾ چلڻ لاءِ ڪو چنو ساٿي ملي ٿو. جن کي ونڊر يعني ڏکن جي واديءَ مان لنگهڻ جي قوت هجي، سي مسافريءَ جا پلي سندرا ٻڌن، ٻيون جي ڏک جهلي نہ سگهن، سي سڌ ئي ڪانہ ڪن. البت محبت سان مقصد جي پنيان جي پون ٿيون، اهي

وڏي طالع واريون آهن. انهن سان جهڙي تهڙي جي جاءِ نہ آهي. مقصد کي وساري ويهڻ ٺيڪ نہ آهي، ان کي هلندائي هٿ ڪري سگهندا.

هل هنئين سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار،
قاصدائي ڪار، ڪين رسائي ڪيچ کي.

سيئي ساري سسئي، گهر ڪندون تون گهور،
وجي ڏور م ڏور، دران منجهہ دوست تيو.

هيج نہ هوندو جن، سي ڪيئن وندر ويندريون،
هو وڃ رهن، سهسين سڏن واريون.

سکن واري سَڏَ، متان ڪا مون سان ڪري،
اندر جنهين اَڏ، ڏونگر سي ڏوريندريون.

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پچن،
ريس رزاليون تن سين، ڪجاڙي کي ڪن،
مارڳ جي مرن، وڏو طالع تن جو.

ٽڪيائي ٽر ٽيلهہ، چڙهہ چڪيائي چوٽئين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پؤ مڙيئي پيل،
اٽي رائو ريل، وينن تان واري وري.

هيڪليائي هيل، پوريندي پنهونءَ ڏي،
آڏا ڏونگر، لڪيون، سوريون سُجن سيل،
تہ ڪر بيلي آهن بيل، جي سور پرين جا سارَ مون.

مُنڍ نہ منجهان تن، پسي لڪ لڏن جي،
جا پر ڪاهوڙين، سا پر سکي سسئي.

**10. سر معذوري:**

هن سر ۾ بہ ذڪر سسئي ۽ پنهونءَ جو آهي، ليڪن جذبات جدا بيان ڪيل آهن. مقصد ڪي ڪهڙيءَ طرح پهچي سگهبو ان مان فائدا ڪهڙا آهن. همت جو اظهار مرڻ کان اڳي مرڻ، تڏيءَ تتيءَ هلڻ، "هلي نہ وهڻ، ڏاران پسڻ مقصد جي" ذڪن واريون ٻين ڪي بہ ذڪويو چڙين، پرينءَ ڪي نہ ڳڏجڻ ڪري افسوس ڪرڻ، عشق جو آواز ۽ ٻيا اهڙا جذبا بيان ڪيل آهن، جنهن مان حد درجي جو سوز پيدا ٿئي ٿو:

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، ڪَهِجن ڪي ڪوٽيون،
پاهڻ تن پٽ ٿئي، جي لئي لالن لوٽيون،
سڀ سهيليون سڪ ڪي، چنجهون ۽ چوٽيون،
ٻانيڻ ٿي ٻوٽيون، تہ ڪتا ڪائينئي ڪيچ جا.

سڏر سين سگ ڪري، پرڪنديڻ پياس،
ڪير برهمڻ ڪن جي، ڪير جائي ڪيٽاس،
هند نہ سنڌ سياس، هن پرئين ڪيس پڌري.

ڪهي جا ڪين ڪٽي، پرينءَ پهتي سا،
وهي ويڙهجي جا، وصل تنهن وڄائيو.

مَرُ تہ موچاري ٿيين، ويهي وڄهہ م وير،
دل ۾ آڻ مَ دور تون، ڦرڻ سندو ڦير،
توٽي لهين نہ ٻيي، توءِ راحت آهي رڙهڻ ۾.

تڏيءَ تڪي نہ وهي، تتيءَ ڪري تاڻ،
وڏائين وٽڪار ۾، سسئي پاڻ سڪاڻ،
پڇي ٻهہ پکين ڪي، ٻيئي منڌ پرياڻ،
ڏنس ڏيهہ وٽن جا، الله لڳ اُهڃاڻ،
مان پرچي پاڻ، اچي آرياڻي وري.

ڪو جو وڍيءَ وڍ، جئن وڻ وڍيائين وڍ سين،
ڏک ڏکيءَ کي ڏي، جن ڏني سي ڏکيا ٿيا.

آءُ نہ گڏي پرينءَ کي، جوين ويو جاڙ
آڏا آريچن کي، چاڙهيڪا ۾ چاڙ
مون منيءَ ڪان نہ ٿئي، وڏپڻ منجهہ ولاڙ
عمر سڀ آواڙ وينئي ٿي واڪا ڪريان.

ريجن ۾ رڙ ٿي ڪر سارنگيءَ ساڙُ
اِي عشق جو آواز ماڙهو رکن منڌ تي.

11 • **سر ديسي:**

هن سر ۾ بہ سسئي پنهونءَ جي نالي مختلف جذبات جو اظهار ڪيل آهي. هڪ هنڌ انهن شين جو ذڪر ٿو ڪري، جن ڪيس رنج رسايو آهي. چوي ٿو تہ:

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تنهين ڏنم ڏک،
سي سڀ يانيم سک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي.

ٻئي هنڌ طالب کي خبردار ڪندي چوي ٿو تہ مخالف طاقتن کي جڏهن اول ۾ ڏنئي تہ چو نہ ٿي خبردار ڪيئي. جي ائين ڪرين ها تہ هي تڪليفون درپيش نہ اچنئي ها.

اڱڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏنئي توڏا،
ونگيئي نہ وارن سين، تن گورن جا گوڏا،
تہ لَڪن جا لوڏا، هوند نہ سَنئي سسئي.

غير جنس ۾ مخالف طاقتن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

ڏريان ئي ڏاريان، مٺ مئيءَ جا نہ ٿيا،
مدي ڏيرن من ۾، ڪليو ڪيڪاريان.
صبح ٿي ساريان، تہ اُٺ نہ اوطاقن ۾.

هڪ جاءِ تي سسئي پنهنجي مخالفن جو ذڪر ڪندي انهن جو شمار ڪري ٿي:

اٺ ويري، اونار ويري، ويري ٽئڙم ڏير،
ڇوٿون ويري واءُ ٿيو جنهن لٽيا پنهونءَ جا پير،
پنجون ويري سج ٿيو جنهن اُلهي ڪئي اوير،
ڇهون ويري چنڊ ٿيو ڪِڙيو نہ وڏيءَ وير،
واهيري جي وير، ڇُلون ڪريان ڇپرين.

ڪيچ مان آيل قافلي جنهن جي تشبيھ آزاديءَ جو پيغام پهچائيندڙ گروھ سان ڪري سگهجي ٿي، تنهن بابت چوي ٿو تہ:

ڪيچان آيو قافلو طرح موچاري توڏ،
سينگاريائون سيد چئي، ڳرها منجهان ڪوڏَ،
لڪ لهي ٿي لوڏ، جيجان تن جتن جي.

مقصد جي راھ ۾ طرح طرح جي رنڊڪن ۽ مشڪلاتن جو هيئين طرح ذڪر ٿو ڪري:

ڪرڙا ڏونگر ڪھ گهٽي، جت برپٽ سڄن بيبان،
ڏاهن ڏاهپ وسري، ٿيا حريف ئي حيران،
سسئي لنگهيو سيد چئي، محبت سين ميدان،
جنهن جو آرياڻي اڳواڻ، تنهن کي ڪانهي باڪ بهير ۾.

زندگيءَ جي ڪٺن سفر اندر همراهن ۾ اعتبار ڏارڻ اگرچہ ڪنهن حد تائين ضروري آهي، ليڪن گهڻو ڀروسو رکڻ بہ نيڪ نہ آهي.
شاھ صاحب چوي ٿو تہ:

متان ڪا ٻَڙي، ٻول ٻاروچي وسهي،
هوند تہ ستيس سرتيون، ويهي رهيس وڙي،
جت پنهنجي جوءِ ۾، گهارن مان گهڙي،
ڪيچن آءُ نہ ڪڙي، ڪنهن ڏکيءَ ڏاوڻ ڏائيو.

## 12 • سر ڪوهياري:

هن سر ۾ پڻ سسئي پنهونءَ جي نالي ۾ جذبات جو اظهار ڪيل آهي، ڀهرين فصل ۾ غفلت ۽ سستيءَ کي ڇڏي، ترقيءَ جي راھ ۾ هلڻ لاءِ نصيحت ڪيل آهي.

غافل غفلت ڇوڙ تون ڪيئن اٺاسي اوجهرين؟
ڇپاتا چڙهي ويا، وڃي پهتا توڙ
نيڻن ننڊ اکوڙ جم ورن ۾ واڪا ڪرين.

ٻئي فصل ۾ مشڪلاتن ۽ مصيبتن کي مخاطب ٿي ڪين چوي ٿو تہ:

ڏونگر ڏکوين کي، دلاسا ڏجن،
گھڻو پڇجي تن کي، جن وٽان هوت وڃن،
تون ڪيئن سندا تن، پھڻ پير ڏکوئيين.

ٽئي فصل ۾ پنهنجو تعلق ڪيچن سان ظاهر ڪندي چوي ٿو تہ:

اصل آريءَ جام، جي پلئہ آءُ پيئي،
هوءِ جا پائين پير ۾، تنهن جتيءَ نہ جيهي،
وساري ويھي، تن ڪيچين کي ڪيئن رهان.

هڪ هنڌ اڻ ڏکوين جو ذڪر ڪندي ظاهر ڪري ٿو تہ اهي جدا ڪلاس جا ماڻهو آهن. انهن جو ڏک، درد ۽ مصيبت وارن سان ڪهڙو واسطو:

اڻ ڏکوئيون ڏکن جي، ڪوهہ تيون پڌر پون،
ناه اوراتو ان کي، تيون هڪ رياٽون رون،
پنڻ پيڙيون هون، پار تنهين جا پڌرا.

پنهنجي تڪليفن ۽ ڏکن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

ڪنهن پر رُئان پريںءَ کي، اندر ناهِ اُسات،
لوهوڪا لڪن تي، ويري متي واٽ،
چيچر ۾ چونچاٽ، ڏنم ڏکوين جا.

13• **سر حسيني**:

هن سُر ۾ بہ سسئي ۽ پنهونءَ جي آکاڻي ۾ سسئيءَ کي جي تڪليفون، پنهل جي طرف کان هلڻ ۾ آيون، تن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

سر تيون سجي سج، متان ڪا مونسين هلي،
پاڻي ناهہ پنڌ گھڻو اڳيان رائو رُڃي رڃ،
متان مري اڄ، ڪا ڏئي پاراتو پرينءَ کي.

ٻيءَ جاءِ تي سسئيءَ جي عزم ۽ استقلال جو بيان ڪندي ظاهر ٿو ڪري تہ:

مري تيندس مُڃَ، جتن ڪارڻ جيڏيون،
ڪري ڪوهيارو سڄ، ويو ڇلائي ڇپرين.

اهڙيءَ طرح سسئيءَ کي جو پنهنجي محبوب ڏاران فراق آهي ۽ رستي جون تڪليفون آهن، تن لاءِ چوي ٿو تہ:

ڪي ڏرتتي ماءُ، ڪي ڄَر سندي سڄڻين،
هلي ۽ واجهاءِ، ٻنهي جيرن وچ ۾.

ماءُ سان گفتگو ڪندي، گهر جي ڪم ڪار بابت جو ذڪر سسئي ڪري ٿي، ان کي هن نموني ادا ٿو ڪري:

پهي ڪام پڇاءِ، امڙ منهنجي آسري،
ڏيئي لت چرخي کي، پوٽيون پاٽي پاءِ،
ڪتيم جنهين لاءِ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

پنهون يا اعليٰ مقصد جي قدر ۽ قيمت جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

جنهين ديکيو دل سين، پنيءَ سي پيئون،
ته پڻ ٿي ويئون، جي پنهون پاڻ لڪائيو.

هڪ جاءِ تي سسئيءَ کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته:

ڪيئن اڙايئي پاند، پلؤ پرڏيهين سين،
متيون موڙهيئي، سسئي، ڪيئي ڪوهيارو ڪانڌ،
رُلي پانيئي راند، ٻانيڻ عشق ٻروچ جو.

مشڪلاتن ۽ تڪليفن ڏاران مقصد کي پهچي ڪين سگهبو. ان لاءِ چوي ٿو ته:

ڏيکاريس ذکن، گوندر گس پرين جو
سونهائي سورن، ڪي هيڪاندي هوت سين.

ڪنهن وڏي مقصد لاءِ حقيقي طرح ڪا انقلابي جماعت نهي نه سگهندي. جيسين تائين سڀ مصيبت زده ۽ درد دل وارا اچي گڏ ٿين. ان تي چوي ٿو ته:

ذکيون جان نه مڙن،تان تان ڀنڙ نه ٿئي،
پنڙ واريون پڌريون، ڳاڙها ڳل سندن،
ٻيون هنئين هٿ هڻن، رُئنديون رئڻ واريون.

هڪ هنڌ ان اعليٰ مقصد جي لاءِ جدوجهد جو بيان ڪندي چوي ٿو ته:

جيڪا ڪندي نينهن، مون جئن ٻاروچن سين،
سکڻ سارو ڏينهن، چڙهڻ چاڙهيڪن تي.

اعليٰ مقصد طرف ويندڙ ماڻهن جي گروهه کان جدا نه ٿيڻ بابت چوي ٿو ته:

چج مَ قطاران، سات چڙهندو لڪئين،
ٻچڻ ٿئين پٽان، وڳ وات نہ لهين.

هڪ جاءِ تي پڙ ۾ پرزا ٿيڻ ۽ مقصد واسطي جدوجهد ۾ فنا ٿيڻ جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ:

تون جي ڪالهہ مئي، تہ ڪالهہ ئي گڏينءَ پرينءَ کي،
ڪڏهين ڪانہ سُئي، تہ ڪا سگهي گڏي سڄڻين.

"اڳي پوءِ مَران، مَرُ مران مارڳ ۾،
مٿي پوءِ پريان، خون منهنجو جيڏيون."

مصيبت زدن جي دنيا ئي الڳ آهي، هو سيڪجهہ پاڻ تي پيا سهندا آهن، جيئن پاڙي وارن کي ان جي خبر بہ نہ پوندي آهي، ان خيال کي هينئين طرح ادا ٿو ڪري:

پاڙي ناهہ پروڙ، تہ ڪا رات رنجائي گذري،
ٻانيڻ ٻروچن جي، گهائي وڏي گهور،
هڪ سسئي ٻيا سور، ويا پٽيندا پاڻ ۾.

سکن ۽ ڏکن جي پيٽ ڪندي هينئين طرح چوي ٿو تہ:

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري،
جنهين جي ورونهن، سڄڻ آئيو مان گهرين.

اعليٰ مقصد وارن کي تڪليفون اچن ٿيون ۽ عارضي نفعي حاصل ڪرڻ وارا ۽ خود مطلب سک ۾ رهن ٿا. تنهن حقيقت جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

اوجهڙ وتان آئون، ٻيون سڀ سڳڙ سات جي،
جا نينهن ٻَڌي نانءُ، سا مون جيئن پوندي مامري

ور لڪن جي لوڏ، گهوريا سک پنيور جا،
امڙ جي تون آچئين، سي ڪم نہ اچن ڪوڏ،
هنئين منهنجي هوڏ، ٻڌي ٻاروچن سين.

سچن درد دل وارن ۽ حقيقي خادمن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

ڏکوين اهجاڻ، ڪانهي ڦاٽو ڪنجرو،
وڃن گوندر گڏيون، لوڪ نہ آڇين پاڻ،
سورن اسان ساڻ، ننڍيئي نينهن ڪيو.

14 • **سر سورٺ**:

هن قصي ۾ پنج مکيہ نالا ڪتب آيل آهن. 1. راءِ ڏياچ راجا جو 2. جهونا ڳڙهہ جو 3. سندس راڻيءَ سورٺ جو 4. ٻيجل مشهور ساز وڄائڻ واري جو ۽ 5. انيراءِ نزديڪيءَ جي راجا جو.

اهل طريقت وارن انهيءَ جو مطلب اهو ڪڍيو آهي تہ ٻيجل مرشد حقيقي آهي، جو جڏهن حق جو ذڪر ٿو تنواري تہ سندس سچو مريد راءِ ڏياچ سر سوڌو قربان ٿو ٿئي. ان ۾ سورٺ نفس اماره آهي، جو ان ڪم ڪرڻ کان کيس روڪي ٿو ۽ انيراءِ الستي آواز آهي، جنهن جي اشاري تي ٻيجل تند تنواري کيس آزمائڻ ٿو گهري. جهونا ڳڙهہ هي سڌن وارن جي دنيا آهي. اگر انهيءَ آکاڻي جي سياسي رنگ ۾ تعبير ڪبي تہ راءِ ڏياچ حقيقي خادم ملڪ سان مشابهت ٿو رکي، جهونا ڳڙهہ ملڪ جي حڪمرانيءَ سان تشبيهہ رکي ٿو. سورٺ خود مطلبيءَ جي آرزو آهي. ٻيجل پبلڪ جي عام راءِ آهي. انيراءِ عام راءِ کي غلط استعمال ڪرائڻ وارا خود مطلب سياسي ليڊر. سر ۾ شاهہ صاحب مٿين مفهوم مطابق هڪ سچي قومي ليڊر جو مثال پيش ڪندي، ظاهر ٿو ڪري تہ ان وٽ عام راءِ کي ڪيڏو نہ وزن آهي، جو ان جي اڳيان باوجود ان عمل جي تہ ان کي ڪي نااهل ماڻهو خود مطلبي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب آڻي، سندس مخالفت ڪري رهيا آهن، تہ بہ هو ان جي اڳيان سر نمائڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي ۽ ان کي فاشستن وانگر ريٽي، طاقت هٿ ۾ رکڻ نٿو گهري. قرباني ۽ سخاوت (پراپڪار) سندس مکيہ خاصيتن مان آهن. ٻئي طرف وري صحيح عام راءِ جي طاقت ظاهر ڪري ٿو. ٻيجل کي هڪ ايماندار، هوشيار ۽ سندس اڳيان رکيل، مقصد جي حاصل ڪرڻ جي، ڪيتري قميت تي بہ راضي نٿو ٿئي. راڳ سان عام راءِ جي ڪافي مناسبت ۽ مشابهت آهي، ٻنهي ۾ وڏو اثر آهي. ٻنهي کي مؤثر نموني ۾ پيش ڪرڻ سان ڪافي هيجان پيدا ڪري سگهجي ٿو.

رواجي راڳ راڳيندڙن يا پبلڪ جي نمائندن جي قيمت ٿي سگهي ٿي، ليڪن ڀٽائي صاحب جي نظر انهن راڳيندڙن ۽ نمائندن تي آهي، جن جو مقصد بلند ۽ اخلاق اعليٰ آهي. هو مال تي راضي ڪونہ ٿيندا آهن، پر سر مڱڻ، سر گهرڻ جا سوالي هوندا آهن. هنن جي نظر غريبن طرف ڪانہ ويندي آهي، پر هو مير مارڻ تي هريل آهن. ڇٽ ڀڃڻ سان هٽڻ سندن ڪم آهي، اهڙن پبلڪ ورڪرن بابت شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

سؤ سرن پائي، جي تند برابر توريان،
اُتل اوڏانهين تئي، جيڏانهين ٻيجل ٻرائي،
سڪٽو هڏ آهي، سر ۾ سجڻ ناهه ڪي.

انهيءَ آواز ۾ ايڏي طاقت آهي، جو نوابن کي نائي، سندن ساهه سوري ڪيڏي ٿو. جهروڪن ۾ جهانءِ وجهي ٿو. جنهن جي اثر سان جهونا ڳڙهه جُهريو پون. هندين ماڳين هوءِ مچيو وڃي. ڪوٽ ڪريو پون. اهو تڏهين ٿي سگهندو جڏهن راجا ۽ راڳائي يا حاڪم ۽ پبلڪ هڪ هوندا. ٻنهي ۾ اخلاق ۽ ايمانداري هوندي. هڪڙا پٽ ڪٽڻ، تازي گهوڙن ۽ هاٿين ۽ روح رچندڙ دانن ني راضي ڪونه ٿين، ٻيا اهڙا سخي ۽ پر اپڪار ٿين ٿا جو چون ٿا ته:

مٿي اُتي منهنجي، هئڻ سرن سوَ هزار،
ته تنهنجي تند تنوار، هر هر وڍيم هيڪڙو.

15 • **سر بروو سنڌي**:

هن سُر ۾ مختلف جذبات جو اظهار ڪيل آهي. مثال خاطر ان مان هينيان بيت پيش ڪجن ٿا. جن مان پتو پئجي سگهندو.

اڄ پڻ اکڙين، سجڻ پنهنجا ساريا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون، بوندون بس نه ڪن،
سندي سڪ پرين، لوڪ ڏني ئي نه لهي.

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور ٻه اوڏا سپرين،
ڪي سنيرجن نه ڪڏهين، ڪي نه وسرن مور،
جئن مينهن ڪنڌيءَ پور، تئن دوست وراڪو دل سين.

ماڻهو گهرن مال، آءٌ سپ ڏينهن گهُران سپرين،
دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪيو نام نهال، مون کي محبوب جي.

16 • **سر مومل راڻو**:

هن سر ۾ مومل نالي هڪ شهزادي. ان جي طلسمي باغ، محلات ۽ راڻي مينڌري بنسبت هڪ آکاڻيءَ تي شاهه صاحب ڪلام چيو آهي. روحاني

معنيٰ تہ کھڙي بہ نہ ڪري. سياسي نقطہ نگاھہ سان ان کي جيڪڏھن ڏسڻ جي ڪوشش ڪبي تہ مومل ھڪ ھوشيار ۽ چالاڪ سياستدان سان تشبيھہ ٿي سگھندي. جو پنھنجي طلسمي باغ ۽ محلات جي ڏوڪيبازين ۽ اٽڪلن سان عوام کي منجھائي، سندن مال ۽ ملڪيت ھٿ ڪري ٿو ۽ پاڻ حڪومت جا مزا پيو ماڻي، ان جي اڳيان وڏا ماڻھو پنھنجي خود مطلبيءَ ڪري گھٽو قاسن ٿا. ليڪن راڻو جنھن جي مشابھت ھڪ عقلمند ۽ مخلص قومي، خادم سان ٿي سگھي ٿي، سو پنھنجي مستقل مزاجي ۽ ھوشياريءَ سان وڃي، ان کي مطيع ڪري ٿو. سياست ملڪ تي قبضي ڪرڻ بعد گلاب جي گلن جي رنگن وارا ويس، پاڻن جي پنن جھڙيون شالون، عطر ۽ عنبير، سون ۽ روپو مطلب تہ طرح طرح جون نعمتون نصيب ٿين ٿيون ۽ عام طرح خود مطلب وڏا ماڻھوان ڪري انھيءَ جي طلسم ۾ وڃي پاڻ ڦاسائيندا آھن. ليڪن قومي خادم ان تي قبضي ڪرڻ بعد بہ ان جي دام ۾ نہ ڦاسندو آھي ۽ موتي پنھنجي مقصد کي لڳي ويندو آھي. دنيا جي عياشي ۽ فرحتن جو ان تي ڪوبہ اثر ڪونہ پوندو آھي. سياست وڏن ماڻھن کي ڦاسائي ٿي، ان لاءِ شاھہ صاحب چوي ٿو تہ:

مومل ماري مير، آھيڙين کي آڪري،
سوڍيءَ گھڻا سجھائيا، پڙھيا پنڊت پير،
ھٽي تن کي تير، مٽيان جن مٿن ۾.

سياسي طلسمات ڪيئن پاڻ ڏي وڏن ماڻھن کي ڪشش ڪري ٿي. ان لاءِ چوي ٿو تہ:

سون ورنيون سوڍيون، ربي رانديون ڪن،
اگرڻ اوطاقن ۾، ڪٿوري ڪتن،
اوتيائون عنبير جا مٿي طاق تڙن،
پاٽن بيلھون بڏيون، پسيو سونھن سڙن،
ٿيا لاھوتي، لطيف چئي، پسڻ لاءِ پرين،
اجھي ٿا اچن، ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي.

خود مطلب سياستدانن ۽ ھڪ مخلص قومي ڪارڪن جي ڀيٽ ڪندي چوي ٿو تہ:

روءِ راڻي جي ناهه ڪو، سوڍو سيني سونهن،
لاتائين لطيف چئي، مٿان دلين دونهن،
ڪانهي ٻي ورونهن، ٿيو مڙوئي مينڌرو.

مخلص قومي خادم کي صبر ساڻ ميدان مارڻو آهي. ان لاءِ چوي ٿو ته:

سوڍا صبر تنهنجو ٻي عقل آڻي باز،
سندي صبر ساز، توبهه ڪاريم تڪڙي.

سچي قومي خادم تي حڪومت جي عياشي ۽ نعمتون اثر ڪري نٿا سگهن. ان لاءِ چوي ٿو ته:

ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا نه محلن،
ٻائن ۽ ٻانهن جي، ٻنڌڻ ڪين ٻُجهن،
لکين لاهوتين، اهڙيون اوريان ڇڏيون.

سچا قومي خادم، سياست ملڪ ۾ هڪ اٽلپ ۽ وڏي قيمتي سوکڙي ڏيندا آهن. اهي سياستدان ڪنهن لالچ ۽ لوڀ ڪري دلچسپي ڪونه وٺندا آهن، پر ملڪ ۽ ماڻهن جي سڌاري ۽ نفع لاءِ ملڪي سياست ۾ حصو وٺڻ لڳندا آهن، هو نازڪ مزاج ۽ نه ٽڪڻ وارا هوندا آهن. منجهن ذرا شڪ جو پوڻ پوءِ اهو ذاتي طمع جو هجي يا عوام جي گهٽ محبت ڏيڻ جي خيال جو هجي. هنن کي ميدان سياست مان نڪرڻ لاءِ ڪافي سبب ڏئي ٿو. پوءِ ورهين تائين ملڪي سياست ۾ ماڻهو انهن کي ياد ڪريو پيا رئندا ۽ هنجهون هاريندا آهن. شاهه صاحب چوي ٿو ته:

راڻو پانئي راند، وڃيو ڪيئن ٻيا وَرَ رائيين،
ور وڏوڻو اينئهين، جيئن پر پڄتوءِ پاند،
هي پڳيئي هيڪاند، سوڍو سارينديڻءَ گهڻو.

راڻي ڏاران راج ۾، مون نه گهرجي مال،
سوڍي کي سوال، ڪريان ٿي قرب ۾.

ڍولي ڍڪي آهيان، هيس اُگهاڙي اڳ،
جوڙي وڃان جڳ ڪڪر ڪيائينم ڪاڪ جو.

سوڍي ڏاران سرتيون، تيو پتن ۾ پنگُ،
اباڻجي اڄ ويو راڻا تو ريءَ رنگ،
هنئين سان هاڃو تيو، پيو اوسيڙي انگ،
مون توهي سين سنگ، پڇايو پڇان پهي.

17. **سر ڪاهوڙي**:

هن سر ۾ شاهه صاحب انقلابي ڪارڪنن جي پاڻ بچائڻ، هلت چلت ۽ عادات ۽ اطوار، خاصيتن ۽ صفتن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن جي ساراهه ڪندي چوي ٿو ته:

مون سي ڏٺا ماءُ، جنهين ڏنو پرينءَ کي،
اُنهين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي

انهن جي اعليٰ مقصدن ۽ ڏکين پنڌن پيچرن جو ذڪر هيئنين طرح ڪري ٿو:

ڏوٿي سا ڏورين، جا جوءِ سُئي نه ٻڌي،
پاسا متي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
ويا اُٿ ووڙين، جت نهايت ناهه ڪا.

سندن شڪل شباهت ۽ عادتن جو هن طرح بيان ڪري ٿو:

سڪا منهن سندن، پيرين پراڻا ڪيتڙا،
سا جوءِ ڏوري آئيا، سونهان جت منجهن،
ڳجها ڳجهيون ڪن، تهان پراهين پنڌ جون.

سندن ثمر ۽ ملڪيت مال جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

مون ڪاهوڙي لنگهيا، سمهن ڪين پٿي،
سمر ڪيائون سچ جو، ڏوري ڏٺ لهي،
ويا اُت وهي، جت نهايت ناهه ڪا.

انهيءَ سر ۾ جيڪي ڪجهه بيان ٿيل آهي، انهيءَ جو اختصار هي آهي ته انقلابي ڏُٺ تي گذارو ڪندڙ آهن. ڏونگر ڏورڻ ڪم اٿن. سندن پير لڪن سين لڳيو ڇڄيو ڇيهون ٿيو پيو ٿا. هنن سمهي سڪ نه ماڻيو آهي، جهنگلن ۾ جهٽڪن ٿا. سندن سمر سچ آهي ۽ جاءِ رهائش رائو رچ آهي، ڏکن ۾ ڏيل هٽي وڃيو مقصد ماڻين. جيتوڻيڪ پنڌ پراهون اٿن ته به پيرن ۾ ڪرڪٽا به ڪونه اٿن. سندن اهڃاڻ اهو آهي ته انگ تي سڄي اِڳڙي ڪانه اٿن ۽

سدائين اوسيڙو انهيءَ پنڌ جو اٿن. پيرن ۾ پراٺا ڪيتڙا پايو انهيءَ جوءِ تي هلن ٿا، جتي سونهان ٻه منجهيو وڃن. انقلابي طريقن جي ساراهه ندي چوي ٿو ته:

ويجهو وڃ م واٽ ڪي، ڪهج ڏانهن ڪواٽ.
اُجهي منجهان آٽ، اويسي تي آءُ تون.

ڪپيريءَ ۾ پير، ڪنهين پاتو پيرين،
جيان منجهڻ ماڙهئين، سجڻ تيانئين سير،
ان پون سندو پير، ڪوڙن منجهان ڪو لهي.

## 18• سر رامڪلي:

هن سر ۾ مذهبي ۽ اخلاقي رهبرن جو ذڪر ڪندي، انهن کي ٻن قسمن ۾ ورهائي ٿو. هڪڙا نوري ۽ ٻيا ناري چوي ٿو ته:

نوري ۽ ناري، جوڳيڙا جهان ۾،
ٻري جن ٻاري، آءُ نه جيندي ان ري.

پوءِ ٻنهي قسمن جي ماڻهن جون وصفون بيان ڪري ٿو. سندس خيال موجب نوري اُهي جوڳي آهن، جن ۾ هيٺيون وصفون هونديون آهن. آرام کي اُوڏا نه آهن، وتن ڪال ڪونهي، حال آهي، خود کي کائين ٿا، پاڻئڻ پيجي چڏيو اٿن.

”نڪي ڪٺن پاڻ سين، نه ڪو ساڻ اٿن.“

جزو وڃائي ڪل سين ڪم رکن ٿا، لُوڪ ۾ لِڪا پِٽن ٿا، ڪامڻ جون خبرون اٿن، ڳُجهه ظاهر نٿا ڪن، محبت جي ميدان ۾ لهي پيا آهن. پنج ڪٽي پنئو لڪا وتن، اهي ڪاپڙي ٻه سدائين صاحب ڪان پيا ڪنبن ٿا، ”سدائين سفر ۾ راهه مٿي رهن ٿا.“ ”تسيا ڏيئي سرير کي ساڙي چڏيو اٿن.“ جن جي ڪَتَ خاڪ آهي، جي نڪو ڏوهه ڪي، نڪو ڪي ثواب کي ڏسن ٿا، سيپئي سنگ چنن ٿا، طمع سپ ترڪ ڪن ٿا، گولن جا غلام تين ٿا، صبر جي شمشير سان ڪيني کي قتلام ڪن ٿا. وجود کي وڃائي پاٽان پاسي تين ٿا. جا ڳالهه ماڻهن لاءِ مصيبت آهي سا سندن لاءِ راحت آهي، نينهن جو دل ۾ درد دکائين ٿا. بغض ڪونه اٿن، سندن اوچڻ راز جي چادر آهي. نامرداريءَ ۾ نجهرو اٿن. طعام جا طامائو ڪونه آهن. سچ جي سڻ هٽن

ٿا، پٽ ڪٽي ڪين پنن ٿا. ”بک مرندي بڪئيا، ڪنهن ڪان ڪين گهرن ٿا.“ چشن لاءِ پنهنجا پيٽ نہ هيريا اٿن. سڏون ساڻ نٿا ڪٽن، پنهنجي پوڄا نٿا ڪرائين. ”جهڙا جڳ ۾ اچن ٿا، تهڙا موٽي وڃن ٿا.“ جا ٻتن جي براد آهي، سا آديسين اڄ آهي.“ جنهن مان لوڪ کي لڄ ٿئي ٿي، سو روپ اختيار ڪن ٿا.

نہ ڪلن، نہ ڪين، نہ ڪي ڳالهائين،
ڪنهن جنهن ۾ آهين، سا پر پروڙڻ ڏاڪڙو.

اهڙا رهبر ان لپ ۾ وقت جا مهمان هوندا آهن. جيڪڏهن هٿ اچن تہ هر گهڙي انهن جي صحبت مان فائدو وٺڻ گهرجي، جي جبڪر ويا هليا تہ ٻئي پيري ملڻ مشڪل آهن.

تان ڪي ساڻن اور، جان ڪي آهين اوطاقن ۾،
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾، پاڻ مٿائن گهور،
وئا جي هنگلور، تہ ڪوم. ملندءِ ڪاپڙي.

اهڙن بزرگن بابت جي گذر ڪري ويا آهن، هينئين طرح ذڪر ٿو ڪري:

اڄ نہ اوطاقن ۾، سندي جوڳين ذات،
ساري سنياسين کي، رنمر ساري رات،
مون تن جنين جي تات، سي لاهوتي لڏي ويا.

ٻيو گروهہ ان قسم جي مذهبي مهندارن جو آهي، جن کي ناري ٿو سڏجي. انهن جا اهڃاڻ هينيان آهن:

”گولا جي گراهہ جا، جونا سي جوڳي،
ڦتل سي ڦوڳي، جنين شڪر سانڍيا.“

هر هر اُميس ڪن ٿا ۽ ڏيهاڙي ڏوتيا ڏئن ٿا، پر نڪي رامر ريجهائين ٿا ۽ نہ ميس مارين ٿا. پنهنجي پوڄا ڪرائين ٿا. گنڊين، گبريون ۽ لانگوٽين تي زور ڏين ٿا. پنڌ پڇڻ جي عيوض، اُن جي پڇا ڪن ٿا.

جنهن سناسيءَ سانڍيو گنڊي ۾ گراهہ،
انهيءَ ڪان الله، اڃا آڳاهون ٿيو.

جيئن ٿا پڇن اَنُ کي، تئن جي پڇن پنڌ،
تہ رڙهي لڏائون رند، لتين لک لطيف چئي.

19• **سر رپ**:

هن سر ۾ شاهہ صاحب غم ۾ اوندهہ جا جذبات نهايت سهڻي نموني ۾ پيش ڪيا آهن. چوي ٿو تہ:

گوندر ڪيو غرق، ماءُ منهنجو جندڙو
ڏکوين مرڪ، مٿي سڳر پنڌڙا.

جاءِ نہ سجو ڏينهن، هيئڙو اوتي وڳ جئن،
مون پريان سي نينهن، چنڊ ڪارڻ نہ ڪيو.

نيڻ نہ ننڊون ڪن، ڀڳو آرس اکئين،
اجهاميو برن، توکي ساريو سپرين.

نهائينءَ کان نينهن، سکُ منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهَر ٻاڦ نہ نڪري.

20• **ليلا چنيسر**:

هن آکاڻيءَ ۾ چار مکيہ شيون آهن، جن پڙهندڙن جو ڌيان لهڻو. چنيسر، ليلان، ڪونرو ۽ هار. اهل تصوف وارن چنيسر کي ذات حقيقي، ليلان کي طالب، ڪونروءَ کي شيطان ۽ هار کي حرص هواسن سان تشبيهہ ڏني آهي.

جيڪڏهن انهيءَ آکاڻيءَ کي سياسي نقطہ نگاهہ سان ڏسبو تہ چنيسر جي اعليٰ مقصد، ليلان جي خادم ملڪ، ڪونروءَ سان خود مطلب سياستدان ۽ هار مان عارضي نفعي سان مشابهت ٿي سگهندي.

خادم ملڪ کي اعليٰ مقصد جي حصول کان ڪيئي خود مطلب سياستدان ۽ ظاهر جون لالچون، لقب ۽ سڏون مانع ٿين ٿيون. بعضي هو اکين جي ڏِوَ کي پيارو ڪري، حقيقي مقصد کان غافل يا اڻ ڄاڻ ٿيو وڃي، جنهن ڪري کيس ڪيئي صدما سهڻا ٿا پون. اهڙن ماڻهن کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

مٽيو ناهہ مٽيون، جو تون پسي هار هرکئين،
اصل آهي اڳهين، سنديون ڪوڙ ڪٽيون،
ان گهوڙن هنئي گهٽيون، دوستان دور ڪيون.

سياسي دنيا ۾ ڪيترائي ڪارڪن اصولن کي ڇڏي، عارضي نفعي، شخصي فائدي ۽ اقتدار کي منو ڪن ٿا. جيتوڻيڪ انهن کي وقتي فائدو حاصل ٿئي ٿو ليڪن تاريخ ان جي شاهد آهي ته انهن جي پڇاڙي اڪثر خراب ٿئي ٿي. انهن واسطي شاهه صاحب چوي ٿو ته:

مٽيي تي موهجي، هاريا! ڳيڙءِ هار،
ڪوڙيين ڪيا ڪيترا، انهين خر خوار،
پري ويو پتار، آيئي ڏنؤن ڏهاڳ جو.

اهڙن ماڻهن کي نصيحت ڪري چوين ٿو ته انهيءَ وقتي نفعي حاصل ڪرڻ جي ڳالهين مان، ڪجهه به هڙ حاصل نه ٿيڻو آتو. جيڪي اصولن خاطر مشڪلاتن کي منهن ڏين ٿا، آخر ته نيٺ انهن جي چڱي ٿيڻ واري آهي.

گهوريو سو سهاڳ، جنهن ۾ پسين پاڻ کي،
ڏوري لهه ڏهاڳ، جنهن ڪرلاهو داسڙو.

هڪ هنڌ انهن ماڻهن جو ذڪر ڪري ٿو جي عارضي فائدي خاطري، اصولن، اعليٰ مقصدن کي ترڪ ڪن ٿا، جنهن ڪري سندن عزت خاڪ ۾ مليو وڃي ۽ دنيا ۾ به جٺ ٿئين ٿي:

ٽڙڪي پسي ٽوڪ، ترڪي تڪبر ۾ ٿئي،
اچيو اچيو اگلي چئي، ليلان کي لوڪ،
اندر اويالن سين، ساڙي ڪيائونس سوڪ،
ٻالاپڻ جو ٻوڪ، ويو وبچاريءَ وسري.

اهڙا ماڻهو اڪثر پاڻ کي چالاڪ ۽ هوشيار سمجهي، دنيا کي بيوقوف بنائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ليڪن آخر سچ ۽ ڪوڙ پڌرو ٿيو پوي، ماڻهن کي سندن حرفت جي خبر پئجيو وڃي. انهن لاءِ چوي ٿو ته:

هئينءَ ته گهڻو هشيار ڪل به هيئي ڪانڌ جي،
تو پانيو موچاري ٿيان، ڳچيءَ پائي هار،
ڪانڌ ڪوڙيءَ جو نه وٺي، سئين پٽين سينگار،
وهم لهي وينجهار، دليون پرکي داسڙو.

اهڙن ماڻهن کي چوي ٿو ته ان ڏاهپ ڪان پورائي بهتر آهي، جو ان مان رنج رسي ٿو ۽ صفا دل واريءَ پورائيءَ مان جيتوڻيڪ ابتدا ۾ ڪي تڪليفون به رسن ٿيون، ليڪن آخر ڪاميابي ان مان حاصل ٿئي ٿي:

الله ڏاهي ۾ تيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سين مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

هن ڪي معلوم هو تہ، گهڻائي هوشيار ۽ چالاڪ ماڻهو سياسي دنيا ۾ اخلاقن ۽ اصولن کي ڦٽو ڪري، دولاب ۽ ٺڳيءَ رستي، عارضي طرح وچي اوج تي رسيا آهن، ليڪن ان مان ڪنهن کي دائمي ڪاميابي نصيب نہ ٿي هئي، ۽ گهڻن جو ڏاهپ هن اکين سان ڏٺو هو:

چنيسر سين چاڳ، متان ڪا منڊ ڪري،
جان مون پوءِ پروڙيو تہ هي نہ ماڻي ماڳ،
ڏمريو ڏاهپ، سگهو ڏئي سهاڳڻين.

ڪين مخاطب تي چوي ٿو تہ اوهان جنهن کي هشياري ۽ چالاڪي تي سمجهيو سا درحقيقت وڏين مصيبتن جو ٻج هئي، پر اوهان کي خبر نہ هئي.

تو جو ڀانيو هار، سو سورن سندو سگڙو
چنيسر چت ڪٽي، ٿيو پورهيت جو پار،
اُوٺت جو آچار، ڪانڌ ڪنهنسين م ڪري

**21• سر بلاول:**

هن سر ۾ ڪي بيت قديم سنڌين جي ساراهہ ۾ چيل آهن ۽ ڪي سندن نوڪر وڳند بابت مذاقيہ آهن. مثال لاءِ هيٺ ڏجن ٿا:

ڏمريو تہ ڏئي، پرچي تہ پاٽ پري،
جُنگ جکري کي، ٻئي چگيون چت ۾.

اسور سندي آسري، وينو آه و ڳنڌ،
هڏ نہ چڏيندو هنڌ، آيس بوءِ بهار جي.

**22• سر ڏهر:**

هن سر ۾ جدا جدا موضوعن تي بيت چيل آهن، پهرين فصل ۾ ڪنڌي جي وڻ ۽ ڪنهن تلاءُ سان مخاطب ٿي، ساڻن قديم واقعن جي ياد تازي ڪئي اٿس، اهڙيءَ طرح هڪ هنڌ مڇ کي وقت وڃائي، تانگهي پاڻيءَ ۾ ملاحن جي مهميزن ۾ ڦاسڻ تي تنبيهہ ڪيل آهي:

ڪنڌا، تون ڪيڏو جڏهين پريو ڏورو وهي،
جسودن جيڏو تو ڪر گڏيو پهيڙو.

جان جَرُ هئڙو جال، تان تون مڇ نـ موٽئين،
پونديءَ اڄ ڪ ڪالهہ، سانيوين سانگن جون.

ٻئي فصل ۾ مناجات ۽ مدح ۾ بيت چيل آهن. مثلاً

ستر ڪڄ ستار، آئون اگهاڙي آهيان،
ڍڪئين ڍڪڻهار، ڏيئي پاند پناهہ جو.

مديني جا مير، سُڻ منهنجا سڏڙا،
سرڻ تنهنجي سير، تون پار لنگهيائين پيڙا.

ٽئي فصل ۾ وطن جي طالب يا خادم کي، سستي ڇڏي هوشيار ٿيڻ لاءِ نصيحت ٿو ڪري.

ڪي سُمهُ، ڪي جاڳُ، ننڊ نـ ڪجي ايتري،
اي مانجهاندي جو ماڳ، جو تو ساٿيهہ ياڻيو
سمهٽان ساڙو، جيڏيون جيڏوئي ٿيو،
هوت لنگهيا هاڙهو، تون اناسي اوجهرين.

چوٿين فصل ۾ ڪونجن جو قصو ڪري، قومي محبت تازي ڪرڻ گهري ٿو:

وڳر وساري، ويئين ڪٿئن ماٺ ڪري،
ڪِـ تون، نـ ماري، رڻ جهڻ سندي سڄڻين؟

قوم جي دشمن کي مخاطب ٿي چوي ٿو تـ:

ماري مرين شال، سڀ وجنئي ڏيهون،
جيئن تو اڄي ڪالهہ، وڌو وچ ورهن کي.

وري ڪڇ ملڪ جي تاريخي واقعن جو ذڪر ڪندي اتي جي قديم دهقاني قبيلن جو ذڪر ٿو ڪري:

چنل چڄ هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا،
پورهي خاطر پانهنجي، اٿين سوارا،
اوڏ بہ ويچارا، لاڪا! وجن لڏيو.

23. **سر ڪاپائتي**:

هن سر ۾ بي عمل زندگيءَ کان پرهيز ڪرڻ، نيت سچي ۽ خلوص دل سان عمل صالح ڪرڻ جي تلقين ڪيل آهي. قابليت ۽ هوشياري سواءِ

خلوص جي بيڪار سمجهي اٿس، عمل تي فخر ۽ هٺ ڪرڻ جي بہ مخالفت ڪئي اٿس. هڪ هنڌ سنڌيءَ کي چوي ٿو تہ پنهنجو قيمتي وقت اجايو خرافات ۾ پيو وڃائين. تنهن جي زندگيءَ جا ڏينهن مختصر آهن، دنيا جون ٻيون قومون ترقي ڪري رهيون آهن، ۽ تون خواب غُفلت ۾ ستو پيو آهين، جلد هڪ ڏينهن ٻيٽ ٽيڻ واري آهي، اتي توکي شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪرڻو پوندو، تنهن ڪري جلد ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪا خدمت ڪري وٺ.

ڪتڻ جي ڪانہ ڪرين، ستي ساهئين هڏ،
سُيان ايندئي، اوچتي، عيد اگهاڙن گڏ،
جت سرتيون ڪنديئي سڏ، اتي سڪنديئن سينگارڪي.

ٻئي هنڌ چوي ٿو تہ زندگيءَ جون بهترين گهڙيون جاءِ طلبي، ناپائدار شين ۽ اجاين مشغلن ۾ ويهي وڃايا اٿئي، جلد ئي جواني گذري پوڙهپڻ ايندءِ، پوءِ وڃايل وقت لاءِ هٿ هٽندين، پر ويلُ وقت ڪو موتي ڪونہ اچڻو آهي:

سي تو ويهي وڃائيا، جي ڪتڻ سندا ڏينهن،
ارٽ اوڏي نہ ٿئين، پوريا پوري سيئن،
ڪنڌ ڪٽنديءَ ڪيئن، اگڻ عجيبن جي.

پر وري بہ چوي ٿو تہ، جيڪڏهن عمر جو گهڻو حصو تو اجايو وڃائي ڇڏيو آهي تہ بہ اميد نہ لاهہ ۽ عمل جي ميدان ۾ گهڙي پئو پوءِ جيڪڏهن ٻيو ڪجهہ هڙ حاصل نہ ٿيندءِ، تہ بہ خادمن جي لسٽ ۾ تہ نالو داخل ٿي ويندءِ.

توڙي وڏي ٿينءَ، توءِ اُٿي آتڻ آءُ،
ٿي پيڙي پيرم وارئين، ٻي هڏ ڪر م ڪاءِ،
تہ صراف تو صباح، ڪوني ڪاتارن سين.

هڪ جاءِ تي چوي ٿو تہ جيڪڏهن توکي ڪاميابيءَ سان ڪم ڪرڻ جو موقعو نٿو ملي تہ ان جي پرواهہ نہ ڪر، هر حالت ۾ خدمت ڪندو رهہ. ويٺي ڪان وندر بهتر آهي ۽ بيڪاريءَ سان پاڻ هيرڻ نيڪ نہ آهي.

پڳوئي پير، جانسين رتو راس ٿئي،
بريءَ بيڪاريءَ سين، هاري پاڻ م هير،
ڪت ڪنديون ڪير، نئين سين نہ جاڻجي.

جيڪي ماڻهو خود مطلبيءَ جي غرض سان، سياسي ميدان ۾ گهڙي ڪم ڪن ٿا، انهن کي آخر ڪوبہ فائدو حاصل ٿيڻو نہ آهي، پوءِ ڪهڙي بہ

هوشياريءَ ۽ جفاڪشيءَ سان بهترين ڪم ڪيو هجين. انهن واسطي چوي ٿو تہ:

چائٺ پائي چٽ ۾، سنهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن، ’دڪو داخل نہ ڪيو‘.

پر جن خلوص دل سان خلق خدا جي ڀلي خاطر ذرو بہ ڪم ڪيو هجي ۽ اهو ڪم بدنيتيءَ وارن جي معيار ڪان ڪيترو بہ گهٽ هوندو تہ بہ آخر اهو ئي عوام اڳيان قبول ڪرڻو آهي.

محبت پائي من ۾، رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو.

جن ملڪن جي خادمن ۾ دنيا جي ڪا ظاهري قابليت ۽ لياقت نہ آهي، ليڪن خلوص دل سان ڪم ڪرڻ گهرن ٿا، انهن لاءِ چوي ٿو تہ:

جا سنهون نہ سڪي، سا مَرُ رنڊا ئي روڙي،
سٽ تنين جو سڦرو، ويا ترازيءَ توري،
ٿلهي ۽ توري، ويچاريءَ سان وَڙُ ڪيو.

## 24• سر پرياتي:

هن سر ۾ لسٻيلي جي سخي سردار سپڙ ڄام جي نالي ۾ بخشش الاهي جو ذڪر ٿو ڪري:

ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون اٻوجهن جون، سپڙ ڄام سهي،
جو راءَ وٺ رات رهي، تنهن جُڳي تان نہ ٿئي.

جيڪي ڏڏن ڏي، ڳجهيان ئي ڳجھ ۾،
سو جي سُٽِن ڪڏهين، ڪرت وارا ڪي،
تہ ساز مڙوئي سي، هوند پٿون ڪن پلڪ ۾.

ميرا پسي مڱڻا، سير سڌ ڪيا،
سٻوجهن سٺا، اٻوجهن آسرو.

ڏاتار تہ تون، ٻئا مڙيئي مڱڻان
مينهن منداڻتا وسڻان، سدا وسين تون،
جي گهر اچين مون، تہ ميريائي مانُ لهان.

25. **سر گهاتو**:

هن سر ۾ شاهہ صاحب ڪلاچيءَ جي ڪُن واري مگر مڇ. ضعيف موروڙي مڇي مارينڌڙ ان جي ڇهن ڏلهن متارن ياڻرن جي قصي تي بيت چيا آهن، تصوف وارا ان جي معنيٰ ڪهڙي بہ ڪڍن، ليڪن هي تہ صاف تاريخي واقعا آهن تہ. ڪلاچيءَ جي ڪن واري جاءِ، جتي هينئر ڪراچيءَ جو شهر ٻڌل آهي، مان گهڻي وقت ڪان سنڌين کي نقصان پئي پهتا آهن، انگريزن بہ ان رستي ڪان اول سنڌ تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو هينئر بہ اتي جي سياست ڪري، سنڌ جي آزاديءَ ۾ رُخنو پيو پوي، تنهن ڪري هتي ڪلاچيءَ جي ڪن مان ٻاهرين سياست جو مرڪز مراد آهي. مگر مڇ ڏاريان حڪمران آهن، موروڙي جا ڏلها متارا ياڻر، سنڌ جي صاحب اقتدار طبقي جا ڪارڪن آهن ۽ موروڙو غريب سنڌي ڳوناٽي سان مشابهت ڏو رکي.

ڪو جو ڦهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي سو نئي،
خبر ڪونہ ڏئي، تہ رڇ ڪجاڙي رنديا؟

سنڌ جا ڏلها شڪاري يا سياستدان سڀ انهيءَ ڪن ۾ گُم ٿي ويندا. وري بہ ماگر مڇ کي غريب سنڌي (موروڙو) مارينڌو پر ان لاءِ خاص تياريں جي ضرورت آهي، شاهہ صاحب چوي ٿو تہ:

جيئن جهينگا پائين جهول ۾، ائين نہ مرن مڇ،
سير ڏار سمنڊ جا، ڪي راو رڱي رڇ،
هي ڄاڙون ۽ ڇڇ، اچا اوڙاهہ اڳاهون ٿيو.

26. **سر آسا**:

هن جا جا بيت ڇئن فصلن ۾ چيل آهن. پهرين ۾ وحدت الوجود جي مسئلي تي تشريح آهي. چوي ٿو تہ:

هي پڻ ڪونهي هن ري، هي نہ منجهان ڌار،
’اَلانسان سري وانا سَره“. پروڙج پچار،
ڪندا ويا تنوار، عالم عارف اهڙي.

صورت سُوجهہ ۾ تنهن جي، تون پڻ پڇين جو.
سخن آهي سو، جو منهن مقابل نہ ٿئي.

ٻئي فصل ۾ اکين جي عجب جهڙين عادتن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ جي ڪر سامهون ڪڻان ٿو تہ بہ پرين پسن ٿيون، جيڪي هڪ دفعي ڏسي آيون آهن، اوڏانهين پيئون پاڻ مراديون تاڻين، اهي ”سور پرائي ساٿ جا وڃيو وهائين“ اها مت پاڻ سان پاڻهي ڪئي اٿن، جو اتي وڃي لڳيون آهن، جتي جيءَ ڏني ڪانسواءِ ٻيو چارو ئي ڪونہ آهي. آخر ۾ چوي ٿو تہ:

اکيون اُهي ڏار، جن سان پسين پرينءَ کي،
ٻئي ڏي ڪيم نهار، گهٽو ريسارا سپرين.

ٽئين فصل ۾ سچيءَ محبت ۽ سڪ جو احوال ڪندي چوي ٿو تہ حق جي راهہ ۾ خلق خدا جي خدمت ڪرڻ وارن کي، ڪر ڪاري ڪين سگهندو، ڪر صرف انهن کي ڪاريندو، جن جو پريتڻو ماٺو هوندو:

ڪر ڪاريندو سي، ماٺو جن پريتڻو
جوش جلايا جي، ماري تن مات ڪيو.

بي اصول ۽ ظالم، جي حق جي آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، تن لاءِ پيشنگوئي ڪري چوي ٿو تہ اهي پاڻ ختم ٿي ويندا.

ڪر جا ڪڏ ڪنئي، پوڻ خاطر پرينءَ جي،
تنهين ۾ پاڻ پئي، غيبتي غار ٿيو.

چوٿين فصل ۾ وري وحدت جي واديءَ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

پاڻ پردو پاڻ کي، سُٽي ڪر سنيال،
وچان جو وصال، سو تان هئڻ هن جو.

پاڻ پردو پاڻ کي، طالب سڄ تون،
نڪا هان نہ هون، پردا سڀ پاسي ٿيا.

27**• سر مارئي**:

شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ مارئيءَ جي سر اندر حب الوطني، عوام جي محبت، آزاديءَ جي تمنا، قديم روايات کي برقرار رکڻ، ڏارين جي لالچن کان پرهيز ڪرڻ، غير جي ڏاڍائيءَ اڳيان سر نہ نمائڻ جا جذبات پريا پيا آهن. جيڪڏهن ان جي سياسي معنيٰ وٺبي تہ مارئيءَ کي محب وطن، عمر کي

ظالم حاڪم، عمرڪوٽ ڪي غلاميءَ جي زندگي ۽ ملير ڪي آزاديءَ جي دنيا سان تشبيهه ڏيئي سگهجي ٿي. شاهه صاحب مارو سنڌي عوام ڪي سمجهي ٿو ۽ ملير مان سندس مراد آزاد سنڌ آهي، ملير طرف مينهن جي وسڻ مان سندس مقصد، ان جي ترقيءَ جي اميد جو پيدا ٿيڻ آهي. هن ڪي سنڌين جي بدويانه تهذيب تي فخر آهي، سنڌين ڪي چوي ٿو ته ٻين جي محلاتن، پلنگن، سيجن، نرم وهاڻن، زري ۽ ريشم جي ڪپڙن، طرح طرح جي طعامن، عطرن عنبيرن وغيره کان، پنهنجون جهوپڙيون، ڪتا، لويون، ڏٿ ۽ پيرون هزار دفعا وڌيڪ بهتر آهي. عوام (مارن) سان گڏ آزاديءَ جي زندگي گذارڻ، لوئي نه لڄائڻ، عمر جي ڏاڍائي اڳيان سر نه نمائڻ، بند ۾ خوشي نه ملهائڻ، آزاديءَ ماڻڻ کان اڳ بند ۾ مرڻ کان پناهه گهرڻ ۽ ڪوٽن جي ڪِرڻ ۽ زنجيرن جي ٽٽڻ جي آس رکڻ، هن سر جا خاص جزا آهن.

چئي ’ڪن فيڪون‘، جڏهن خلقيا روح خداءِ،
گڏ جت گذران هئو، جڙ لڳي تنهن جاءِ،
مون توهين سي آهِ، اها ساجاءِ سپرين.

پنهنجي مارن لاءِ ڏاڍي محبت اٿس، انهن جي آزاديءَ جي زندگي گذارڻ، پنهنجي وسن کان ٻاهر ڏسي رت روئي ٿو:

ري اعرابين هت، گهنگهر گهارڻ مو ٿيو
”بڪت العينان في هواڪ دماً“، پجان ساڻ پرت،
من، اکيون، تن تت، جتي جنم جيڏيئين.

پنهنجي وطن سان جا ڪيس محبت آهي، ان جو پتو سندس هيٺين بيت مان پوي ٿو جنهن ۾ وطن جي مٽيءَ کي ڪٿوري جي برابر سمجهي ٿو:

پهي سڪا پيرن ڪيهه ڪو نينهن نياپو مارئين؟
ات اڪنڊي آهيان، تنهن آتڻ، تنهن ڏيهه،
سندي جا ساٽيهه، ڪيهه ڪٿوري پائئيان.

پنهنجي وطني پائرن جي محبت ۽ پيار کي هيٺيءَ طرح ادا ڪري ٿو:

ٿَرِ ٿَرِ اندر ٿاڪ، عمر ماروئڙن جا،
لاٿائون لطيف چئي مٿان لوئيءَ لاڪ،
عمرا ڪريو آڪ، پهريو ٿي پن چوان.

سنڌين جي بدويانہ تهذيب ۽ سنڌن خانہ بدوش زندگي، جهنگن ۽ ٻرن ۾ رهڻ کي، فخر جي نگاهہ سان ڏسي ٿو ۽ انهيءَ کي عيب سمجهي، شرمائي نٿو:

اسين تئان آئيون، جت کهنبو ناهِہ،
جي ويچون ڪنهن وهانءِ، تہ پڻ مٿهون لوئيون.

آڻين ۽ چاڙهين، ڏُت ڏيهاڻي سومرا،
ستا ڪيو سيد چئي! سائون سڪائين،
منجهان لنب لطيف چئي، چانور ڪيو چاڙهين،
پلاءَ نہ پاڙين، عمر، آراڙيءَ سين.

هڪ جاءِ تي چئي ٿو تہ اگرچ مسڪيني ۽ غلاميءَ جي زندگي، سنڌي عوام جو حال هيٺو ڪري ڇڏيو آهي پر هنن جو ست ايڏو آهي، جو آزاديءَ جي آسري تي ڪيڏي بہ قيمت تي، پنهنجي روايات کي نہ وساريندا.

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٿيام،
اباڻن جي آسري، ڪتي ڪان قيام،
جا ڍِت ڍِڪيام، تنهن جي پرور! ٻَنُ وهائيين.

سنڌي عوام کي غربت ۽ غلاميءَ جي قيد ۾ ڏسي ارمانُ ٿئيس ٿو پر دل مضبوط ڪري کيس دلاسو ۽ ڏڍ ڏيئي، دلداري ڏيندي چئي ٿو تہ پنهنجي روايات کي نہ وسارجو اهي ڏکيا ڏينهن جلد گذري ويندا، آخر آزاديءَ ۽ ترقي نصيب ٿيندوَ.

قسمت قيد قوي، نہ تہ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾،
لکئي آڻي لوح جي، هنڌ ڏيکاريم هيءُ،
پرچي ڪين پنوهار ري جان جُسو ۽ جيءُ،
راجا راضي ٿيءَ، تہ مارن ملي مارئي!

ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾ لوئي هڏ م لاهہ،
ڪامڻ آهنجي جي ڪُر جي، آڏ وڏائي آهہ،
هِتِ مَر پاڙِج هيڪڙو پائُر جي پساهہ،
`ستي! سيُل نباهہ، ملير ويندئين مارئي.

سنڌ جي عوام جي مشڪلاتن ۽ تڪليفن واري زندگيءَ هوندي بہ، هنن ۾ جو ست ۽ همت آهي، تنهن جو ذڪر ڪري هن طرح چئي ٿو:

زيرين هيٺرين لوھ ۾، ڳتن ڪيس ڳاھ،
سوڪي سندي سومري، هڏ نہ چاڙهيم ماھ،
سرتيون! دعا ڪجاھ، تہ پرم پاروڙيءَ رهي.

ملڪي حاڪم ۽سندن جواري حڪمران طبقا، جڏهن ملڪ جي سموري پيداوار تي قبضو ڪري، رنگ رليون ملهائين ۽ خوشيون ڪن ٿا، تڏهن شاھ صاحب عوام جو عيوضي ٿي، انهن کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ اسان مظلوم، محڪوم ۽ مسڪين آهيون، ان حالت ۾ اسان ڪهڙيءَ طرح خوشي ملهائي سگهنداسون، جيستائين اسان جو عوام آزاد نہ ٿيو آهي:

جا عمر! تو مل عيد، سا اسان سوءَ ورتي، سومرا،
ويئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريد،
سڪڻ ڪيا شهيد، مارو جي ملير جا.

عمر اَچا ڪپرا، ڪاٺياريون ڪيئن ڪن،
جنهين جا ترن ۾، ور ٿا ويڻ سهن،
هو جي حق پچن، سي ڪيئن ستيون سومرا!

آءُ ڪيئن سوڙين سمهان، مون ور گهاري وِلهَ،
ڪتيريءَ تان ڪِلَ، عمر ڪج مَ اهِڙي.

وري غلاميءَ جي زندگيءَ عوام جو جهڙو حال ڪيو آهي، ان جو ذڪر هيئين طرح ڪري ٿو:

سونهن وڃايم سومرا، ميرو منهن ٿيوم،
وچڻ تت پيوم، جت هلڻ ناھ حسن ري.

ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ جي سوال کي هو چوي ٿو تہ تيستائين نہ ڇڏيندو جيستائين سرير ۾ ساھ اٿس:

پيرنہ ڇڏيان پرينءَ جو، جان سين تي جيان،
ڪيرون ڪتيرن کي، وڃي ڏيهہ ڏيان،
ڪارڻ بن ڏينهان، آءُ ڪيئن لوئي لاهيان.

حڪمران طبقي ۽ ڏارين جي ساز ۽ سامان، حڪومت ۽ دٻدٻي، علم ۽ عقل کي ڏسي، جي ماڻهو عارضي نفعي خاطر پنهنجي روايات کي ڇڏي، سندن انڌي تلقيد ڪرڻ لڳن ٿا ۽ ملڪي معاملات سان غداري ڪن ٿا. تن کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

هي منهن ڏيئي ٻن، تون وهہ ڪائي نہ مرين،
تان جي ملير چائيون، توسين سنگ نہ ڪن،
تون ڪيئن منجهان تن، پاڻ ڪونائين مارئي!

ڪنهن وقت وجد ۾ اچي دعا گهري ٿو تہ خدا ڪري، اهو ڏينهن نہ ٿئي جو ملڪ ۽ قوم کي غلاميءَ کان آزاد ۽ مسڪينيءَ کان ٻاهر ڏسڻ کان اڳي مري وڃي. شل عوام جون مرادون پوريون ٿينديون ڏسي، پوءِ مري:

الله ائين م هوءِ، جٿن آءُ مران بند ۾،
جُسو زنجيرن ۾، راتو ڏينهن روءِ،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڄنم ڏينهڙا.

ڪڏهن عوام جو ملڪي معاملات پاسي گهٽ ڌيان ڏسي چوي ٿو تہ جيڪڏهن انهن ۾ قومي احساس هجي ها تہ غلامي گهڻو وقت ڪانہ رهي سگهي ها ۽ نہ ڪيس ئي ايتري اذيت ٿئي ها:

جي ڪر لڌائون تہ بنديءَ بند نہ ساريو،
ماروئڙن آئون، جيڪس ويس وسريا!

هن جڏهن ڏٺو تہ حڪمران طبقو يا ڌاريان حاڪم، سنڌي عوام بنسبت گلا ڪن ٿا تہ "هو جاهل، بزدل ۽ اڻ سڌريل آهن" تہ هن جي حب الوطنيءَ ابڙڪو کاڌو ۽ چيائين تہ:

جيها جي تيها، مون مارو مڃيا،
مون جيڏيون ملير ۾، تيون چونديين موڪ مها،
منهنجي آسرا ها ڪڏهين ڪيرائيندي ڪوٽ کي

**28• سر پورب:**

هن سر ۾ ٻہ فصل آهن. پهرين ۾ ڪانگ کي محبوب جو قاصد سڏي، ان سان دل جا حال اوريا اٿس. چوي ٿو تہ:

ڪانگل سيئي ڪوٽ، پرين جي پرڏيهہ ويا،
جنهين ريءَ جهان ۾، اُڪڙين اروٺ،

الله لڳ لطيف چئي، ڪج ڳاراچو ڳوٺ،
جي ڏمريا ڪنهن ڏوٺ، سي اُڏامي آڻ پرين.

ٻئي فصل ۾ خادمِ ملڪ کي مخاطب ٿي کي نصيحتون ٿو ڪري:

سامي چائيين، سک طلبين، تسئا ڏئين نہ تن،
ماڙهن ڪان منهن ڪيو پنين اتا ۽ ان،
ڪاپڙي تو ڪن، ڪِ چيرايا چشن لئي.

سامي چائيين سک طلبين، سڪئين نہ سامي!
اڄان اورئين پنڌ ۾، وينين وسامي،
گُر کي تون نہ گڏئين، چائيين انعامي،
دائم مدامي، پورو رهج پرينءَ سين.

**29. سر ڪاموڏ:**

هن سُر ۾ ڄام تماچيءَ ۽ نوري مهاڻيءَ جي قصي جو بيان ڪندي، ڄام تماچيءَ جي غريب مهاڻن سان محبت کي ساراهيو اٿس.

انهيءَ مان شاهہ صاحب، جي سياسي رجحان جو پتو پوي ٿو تہ، سياسي ليڊرشپ لاءِ، هو ڪن خاصيتن کي پسند ٿو ڪري:

ڪڪيءَ هاڻيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاڻا ڇڄ،
پاند ڄن جي پاند سين، لڳو ٿئي لڄ،
سمو ڄام سهڄ، ايو ڪري ان سين.

گند جن جي گوڏ ۾، پاٻوڙا پوشاڪ،
انهين جي اوطاق، راڄا ريجهي آئيو.

ڪوءِ سميون، ٻن سومريون، جي اڇن اوڇي ڳات،
ور سي ڪينجهر ڄائيون، جن تماچيءَ جي تات،
راڻِن ملا رات، ماڻڪ ميءَ پرائيو.

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪوڙيون، مور نہ موچاريون،
وني وينيون وات تي، ڪڪيءَ جون ڪاريون،
انهين جون آريون، سمي ريءَ ڪير سهي.

**30. سر ڪارايل:**

هن سر ۾ ٻه فصل آهن، پهرين ۾ سنڌ جي تهذيب ۽ امن کي، جو ٻاهرين اثرن ۾ اچي، خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ان جو ذڪر ڪندي سنڌين جي بي چارگيءَ جي حالت تي چيو اٿس:

اچو پاٽي لڙ تيو ڪالوريو ڪنگن،
ايندا لج مرن، تنهن سَرَ مٿي هنجهڙا.

سر ۾ پکي هيڪڙو پاريهر پنجاهه،
سندي آس الله، تو لڏي لهرن وچ ۾.

اها حالت سنڌين جي ڪين تي، ان بنسبت چوي ٿو ته، هو پنهنجي سادگيءَ ڪري ڏارين جي چقمقي ڳالهين تي پلجي پيا ۽ پاڻ وساري ڇڏيائون، جنهن ڪري ڦاسي پيا.

دلبو منجهَه درياهه، پسي پکي آئيا،
ويچارن ويساهه، آٽي ات اڙايا.

وري ٻئي فصل ۾ سنڌي عوام بنسبت حاڪمن کي چوي ٿو ته، هو اهڙي نسل ۽ روايات جا آهن، جو سدائين محڪوم رهي نه سگهندا، اگرچ ظاهر، ڪمزور ڏسڻ ۾ اچن ٿا:

سنها ياڻ ۽ مَر سپ، اٿئي وياءَ واسينگن جا،
جنين جي جهڙپ، هاٿي هنڌائين م ڇُري.

فصل نائون

# شاهہ صاحب جو سنڌين لاءِ سنيهو

هن کان اڳي بہ هڪ ٻن جاين تي، هن ڪتاب ۾ مون لکيو آهي تہ آءٌ شاهہ صاحب جي ڪلام جو سياسي مفهوم سمجهائڻ جي ڪوشش لاءِ، هيءُ ڪتاب لکي رهيو آهيان. تنهن ڪري سندس سنڌين لاءِ سنيهي جو بہ سياسي پهلوئي بيان ڪندس.

شاهہ صاحب جي ڪلام کي، هن وقت تائين گهڻو ڪري تصوف جي روشنيءَ ۾ پئي ڏٺو ويو آهي. ليڪن ان جي ڪلام کي هر پهلو کان ڏسي سگهجي ٿو.

منهنجي سمجهہ موجب، شاهہ صاحب جي ڪلام ۾، سنڌين لاءِ ڪي خاص پيغام ۽ سنهيا ڏنل آهن، جي انهن جي پوري کوجنا ڪبي تہ، اهي اڄڪلهہ جي گهڻن سياسي مسئلن جي حل لاءِ، سنڌين جي رهبري ڪري سگهندا. شاهہ صاحب جي ڪلام مان، جي پيغام نڪري سگهن ٿا، تن مان مکيہ هينيان آهن:

**1 • حب الوطني**:

شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ حب الوطني کي خاص جاءِ ڏنل آهي، هن جي ڪلام جو نچوڙ اهو آهي تہ سڄڻ (ديسي) ۽ ساٿيهہ (وطن) ڪنهن بہ ڳُڻي کان وسري سگهندا. مارئيءَ جو سڄو سُر انهيءَ جذبات ۽ خيالات سان ڀريو پيو آهي، شاهہ صاحب حب الوطنيءَ کي ايمان جو جزو ۽ مذهب جو بنياد ٿو سمجهي.

شاهہ صاهب جي زماني ۽ موجوده وقت جي حاڪمن جي سياسي پاليسي گهڻو ڪري ساڳي آهي. هو بہ اسلام ۽ شريعت جو نالو وٺي ڪتا ڏارڻ، شڪار ڪرڻ، ملڪي خزاني جو گهڻو حصو ذاتي عياشين ۾ خرچ

ڪرڻ ۽ پنهنجي طاقت کي برقرار رکڻ لاءِ خرچ ڪندا هئا ۽ سندن قول توڙي فعل يڪسان نہ هئا. هي بہ ڪم و پيش ساڳي رستي تي هلي رهيا آهن. انهن ڏينهن ۾ بہ اسلامي برادريءَ جي نالي ۾ عوام کي آزاد راءِ ۽ آزاد خيالي کان محروم رکيو ويندو هو هن وقت بہ ساڳي حالت آهي.

تنهن ڪري شاهہ صاحب جو سچو "سر مارئي" انهيءَ مضمون تي صَرف ڪرڻ بغير، ڪنهن مطلب ۽ مقصد جي نہ آهي. آءٌ اڳي بہ لکي آيو آهيان تہ مسلمانن ۾ قديم وقت کان ٻن خيالن جا ماڻهو پئي رهيا آهن. هڪڙا وطن جي محبت جي بنياد تي، انسانذات جي ترقيءَ لاءِ ڪوشان ڪرڻ جي راءِ جا پئي رهيا آهن تہ ٻيا مسلمانن کي هڪ جدا گروه بنائي، انهن کي انسانذات جي رهبري ڪرائڻ جا طرفدار پئي رهيا آهن. ٻنهي خيالن جي طرفدارن کي پنهنجا دليل آهن. جن جو مختصر احوال بہ اڳي ئي ٻڌايل آهي. هتي صرف هي ٻڌائڻ ڪافي ٿيندو تہ شاهہ صاحب پهرين خيال جو هو جنهن ڪري ئي ٻنهي نظرين کي نيشنلزم ۽ پئن اسلامزم سڏي سگهجي ٿو.

شاهہ صاحب نيشنلزم جو حامي هو. نيشنلزم ۽ حب الوطني ساڳي شيءِ آهي. اهو صاف سمجهڻ گهرجي تہ جيڪي سنڌي، شاهہ صاحب جا بہ مداح آهن ۽ ڊاڪٽر اقبال جا بہ پوئلڳ ٿيڻ گهرن ٿا، تن يا تہ ٻنهي جي خيالات جو مقصد سمجهيو نہ آهي يا ڄاڻي واڻي ائين ڪن ٿا. مطلب تہ شاهہ صاحب جو پهريون پيغام سنڌ جي سياسي، اقتصادي، ذهني آزادي ۽ ترقيءَ جي مقصد سان محبت رکڻ آهي ۽ حب الوطنيءَ جي صحيح معنيٰ بہ اها ئي ٿي سگهي ٿي.

**2• پاڻ سڃاڻڻ:**

شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ پاڻ سڃاڻڻ تي پڻ گهڻو زور ڏنل آهي. اڪثر معنيٰ ڪندڙ پاڻ سڃاڻڻ مان صرف روحاني ۽ صوفياڻو مطلب ڪيندا آهن. وحدت الوجود جي نقط نگاهہ کان هو چوندا آهن تہ "تو ۾ تنهنجو معشوق يا محبوب لڪل آهي، ٻاهر نهارڻ بي سود آهي 'نائي نيڻ نهارڻ'، 'اندر اُجارڻ' سان ان کي ڏسي سگهندين." شاهہ صاحب چوي ٿو تہ:

وڃين چو وٽڪار، هت نہ ڳوليِن هوت کي،
لڪو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻي پار،

تي ستي ٻڌ سندرو پرت پنهونءَ سين پار،
نائي نيڻ نهار، تہ تو ۾ ديرو دوست جو.

ان جي هيءَ بہ معنيٰ ٿي سگهي ٿي تہ ٻين يا ڏارين جي درن تي ڇو وڃي رُلين ۽ ڌڪا ٿو کائين. هوت (مقصد) تنهنجي هٿ ۾ آهي. رڳو همت جي درڪار اٿيئي، تہ پاڻ وٽان ئي هٿ اچي ويندءِ.

پنهنجو قومي نالو نشان، اصل نسل ۽ قديم روايات جي واقفيت قدر ۽ قيمت، سڀ پاڻ سڃاڻڻ جي معنيٰ ۾ اچي وڃن ٿا. دنيا ۾ انسان ڪنهن خاص مقصد لاءِ پيدا ٿيل آهي ۽ ان کي خاص فرض پورا ڪرڻا آهن. انهيءَ مقصد، مراد ۽ فرض اداين لاءِ، هر هڪ ماڻهوءَ ۽ قوم کي پنهنجو پنهنجو پارٽ ادا ڪرڻو آهي.

اهڙيءَ طرح سان سنڌين لاءِ بہ ڪي نصب العين هوندو ۽ انهيءَ جي سڃاڻپ ۾ ئي سنڌين جي پاڻ سڃاڻن جو راز لڪل آهي. سنڌين جو نصب العين اهو آهي تہ، جڏهن اقوامِ عالم کي پنهنجي 'ڪتيل سٽ' جي پرک لاءِ صرف 'عالم' وٽ سرتين جي سامهون سڏ ٿيندو تڏهن انهن کي ڪجهہ هجي، جو ڏيکاري سگهن ۽ شرم کان ڪنڌ هيٺ نہ ڪرڻو پوين.

ان جو 'سڃاڻڻ' تڏهن حاصل ٿي سگهندن، جڏهن هرهڪ سنڌ جو رهاڪو، پنهنجي شخصي ۽ طبقاتي نفعي کي قوم جي گڏيل مفاد لاءِ قربان ڪرڻ سگهندو پاڻ سڃاڻڻ ۾ شخصن جي فنا آهي ۽ قومن لاءِ بقا آهي. قوم جي نفعي لاءِ، پاڻ کي ماري يا فنا ڪري، هڪ قطري کي قومي قالب ۾ فنا ڪرڻ، پاڻ سڃاڻڻ جو بنيادي سبق آهي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

مر تہ موچاري ٿيين، ويهي جيءَ م جوءِ،
منڌ! مَرڻا پوءِ، پهچنديءَ پنهونءَ کي.

شاهہ صاحب جو سمورو ڪلام غور سان پڙهي ڏسبو تہ مقصد، محبوب، منزل، مارن وغيره کي پهچڻ لاءِ ڏُکن ۽ ڏاکڙن، ڪشالن ۽ مصيبتن جو سهڻ ۽ برداشت ڪرڻ، ضروري امر آهي. گهر ويني، بنا محنت ۽ تڪليف جي، ان درجي تي پهچڻ ڪوڙيون سڏون ڪرڻ آهي.

**3. بي خوف ۽ باهمت:**

شاهہ صاحب جو سنڌين لاءِ ٽيون پيغام، همت ڏارڻ جو آهي. جنهن ماڻهوءَ يا قوم کي خوف جي بيماري وڙهي ويل هوندي، سي نہ آزاد ٿي

سگهندا ۽ نہ ترقي ڪري سگهندا. جتي ايمان آهي، اتي خوف نہ آهي، جتي خوف آهي، اتي ايمان نہ هوندو. مؤمن ايمان ڪان سواءِ ٿي نہ سگهبو بزدلي، جهالت، احساس ڪمتري ۽ بي اتفاقيءَ ڪري خوف پيدا ٿئي ٿو.

جڏهن ڪي خود مطلب مڪاني حاڪم، عوام کي ڪمزور ۽ بزدل بنائي پنهنجو شخصي اقتدار قائم رکڻ گهرندا آهن تہ ٻيا وري خودمطلبي ۽ خانہ جنگيءَ جو فائدو وٺي، ساري قوم کي غلام بنايو ڇڏين ٿا. مقصد ان راند وانگر سولو ڪم نہ آهي، جا ٻيرو ڪيڏندا آهن، هتي تہ سسي نيز جي پاند تي اچلي اڏ ڪرڻي آهي.

دهشت جا درياهہ لنگهڻا آهن جت لُڙَ لهريون، لس ليٽ هوندا آهن ۽ جن درياهن جو سَنڌو سيڙهو ڪونہ هوندو آهي، اتي سڄا ٻيڙا سِير ۾ هيٺ هليا ويندا آهن، جن مان پُرزو بہ پيدا نہ ٿيندو آهي، جتي بحر جا سناٽا سيسار ۽ هيبتناڪ واڳون هزارين هوندا آهن. اتي اڻ تارن کي صرف ساهڙ جي صلاح پار لنگهائي سگهي ٿي، جا اها آهي تہ:

جتان وهي ٽئان واٽ، ڪپر پڇن ڪوڙيون،
جن کي سڪ ساهڙ جي، سي گهيڙ نہ پڇن گهاٽ،
جن کي عشق جي اُساٽَ، سي واهڙ پائن وڪڙي

شاهہ صاحب سنڌين ۾ جهالت، احساس ڪمتري، بي اتفاقي ۽ سستي ڏٺي ۽ انهن جملي مرضن لاءِ هڪ ئي واحد علاج، همت ۽ بهادريءَ جو ڏسيائين.

4• **قرباني**:

سنڌين لاءِ شاهہ صاحب جيڪو چوٿون سنيهو ڏنو آهي، اهو قوم ۽ ملڪ جي آزادي ۽ ترقيءَ جي رستي ۾ هر هڪ سنڌيءَ کي پنهنجي شخصي ۽ طبقاتي مفاد کي قربان ڪري، عوام جو ڀلو گهرڻ جو آهي، ڪابہ اهڙي قوم يا ملڪ ترقي ڪري نہ سگهندو جنهن جي فردن ۾ قرباني جو مادو نہ هوندو آهي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

تون جي ڪالهہ مُئي، تہ ڪالهہ ئي گڏئين پرينءَ کي،
ڪڏهن ڪانہ سُئي، تہ ڪا سگهي گڏي سڄڻين.

شاهہ صاحب چوي ٿو تہ انهيءَ فنا في القوم جي درجي کي پهچڻ لاءِ، سر جي سٽ ڏيڻي پوي ٿي. ڪامڻ سنديون خبرون پتنگن کان پڇي ڏسو جي

پنهنجي جيءَ کي آٽيو آگ ۾ جلائين ٿا، هو پهه پچايو مچ تي مٽن ٿا ۽ لهس ڏسي لچڪن ڪين ٿا. سچ مٿي سڙيو وڃن ۽ ڳچين سندا ڳچ وڃايو ڇڏين. جڏهن باهه ٻري ٿي تہ هو چڙهيو پيا ڇڪاسين ۽ ڏسيو پيا وهسن ۽ پاڻ ڪٽيو ڪوري ۾ وجهن. ڪنهن جاءِ تي اڱرن جو مثال ڏئي چوي ٿو تہ:

هيءَ پير اڱارن، ٻڌاهين ٻرن جي،
هڪ ڪوري ڪانئيا، ٻيو ڏوڏي منجهہ ڏڳن،
پاٽيان لهارن، ميڙي رکيا مچ ليءِ.

انهن کي لهار ٻاريو اجهائين، وري اجهايو ٻارين ٿا، تہ بہ هو پنهنجي ڪم ۾ پورا آهن. وري ملڪ جي خادمن کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

جان وڍيو هئين تان ويهہ نہ تہ ونيو واٽ ونءُ تون،
هي تنين جو ڏيهہ، ڪاتي جنين هٿ ۾.

انهن کي وري وري چوي ٿو تہ، جي تون سڪڻ سکيو آهين تہ ڪاتيءَ پئي ۾ ڪنجهہ ۽ ڪلالن جي ماٽيءَ وٽ پنهنجو متو ڪاتي رکڻ لاءِ تيار ٿي وڃ ۽ سر سٽ ۾ ڏيئي، پوءِ انهيءَ محبت واري مڌ مان ڪي پياليون پيئج. اڳتي هلي وري فرمائي ٿو تہ:

اصل عاشقن جو سِرُ نہ سانڍڻ ڪم،
سو سسنئان اڳرو سندو دوستان دم،
هي هڏ ۽ چم، پڪ پريان جي نہ پڙي.
سوريءَ چڙهڻ جو بيان ڪري چوي ٿو تہ:
سوري آهي سينگارُ اصل عاشقن جو
مُڙڻ، موٽڻ ميهڻو ٿيا نظاري نروارُ
ڪُسڻ جو قرارُ اصل عاشقن جو.

وري چوي ٿو تہ هڪ ٻن عاشقن جي پيدا ٿيڻ مان ملڪ ۽ قوم جو ڇوٽڪارو ٿيڻ وارو نہ آهي، اتي تہ ڪيئي ڪوڙين عاشقن جو پيدا ٿيڻ ضروري آهي. چاڪاڻ تہ ڪلالڪي گهر، ڪُسڻ جو ڪوپ پيو وهي، اتي وڍڻ، چيرڻ، چچرڻ، انهن جي پهت ۽ پَرَ تي ويئي آهي ۽ عاشقن کي وري مرڻ ۾ مشاهدو پيو ٿئي.

## 5• ستايلن جي سنگت ۽ حمايت:

شاهہ صاحب جا مٿي ذڪر ڪيل پيغام، رواجي طرح تہ هر سنڌيءَ لاءِ آهن، پر ڪيس خبر هئي تہ انهن ڳالهين تي عمل ڪرڻ اهڪو آهي ۽ انهن

ذريعن جي وسيلي، قومي آزاديءَ ۽ ترقيءَ جي مقصد کي پهچڻ جو پنڌ اٽانگو آهي.

جتي باري بر ۽ ٿڪائڻ وارا ٿَر سُڃن ٿا، اتي جبل جلدائي ڪري تڪ جو تاءُ ڏيکارين ٿا. ڪکر ڪوسا ٿين ٿا ۽ رڻ تتو رائو آهي، جوراٽي جبل جو سفر سناٽو آهي. وٽڪار جي وڏن وٽن ۾ نيلا نانگ رهن ٿا. جت ڪڙم قبيلا سات نتا ڏين، اتي سپ ڪا سڌ ڪانہ ڪندي، صرف جن جو اندر اڌ هوندو سي ئي ڏونگر ڏوري سگهنديون. انهيءَ ڪري سندس خطاب پَکَنِ ۾ رهڻ وارن پنوهارن، ڏيهہ جي ڏوتين، مالن چارڻ وارن مارن، هر ڪاهڻ وارن هارين، رهندڙ سنگهارن، پيار پريل سيڻن ۽ سرتين، ڪارن ۽ ڄارن وارن، مڇي مارڻ وارن مهاڻن، جن جي پاہوڙا پوشاڪ آهي، وڊيءَ جي واڊيوڙن ٻاروچن ٻارن، سڪا سبند ڪڇن ۾ ۽ پراڻن ڪتين ۽ نيڻ ٺمائيندڙ ڪاهوڙين، پڳهہ پاسي گهاريندڙن ۽ سڙهہ سنياهيندڙ ساموندين، گوندر ۾ گذاريندڙن، پهڻن تي پاسا ڪوڙيندڙن، سچ جي سفر وارن، نہ ٻڏي ۽ نہ سُئيءَ جوءِ جي ڏوريندڙن، جِت پڪيءَ جو پير نہ هجي، اتي باهڙي ٺمڪائيندڙن طرف آهي. انهيءَ ڪي خبر هئي تہ سندس پيغام ۽ سنيهن تي عمل، لوڪ جي لياڪن رکڻ وارن، نام نشان پويان هلندڙن، مال مڏيون گڏ ڪندڙن، سُک جي سانديندڙن، گندي ۽ گراهہ جي گولن، پٽ ڪٽي پندڙن، سنجهي ٔسمهي رهندڙن، پاڻ جي پوڄا ڪرائڻ وارن، ماني ۽ ماڳ موچاري پنيان هلڻ وارن، جُسن ۾ جڏن، پر ڪيڻ ۾ ڪڙن، مٽئي تي ماٽڪ وڪٽندڙن، ماڻهن ڪان منهن ڪيو اَٿو ۽ اَن پننڊڙن (جن کي اجڪلهہ جي زبان ۾ لقبن ۽ لالچن تي ضمير وڪڻڻ وارا، ميمبرين ۽ وزيرين خاطر ملڪ ۽ قوم قربان ڪرڻ وارا، رشوتن مان مال ۽ ملڪيتون ڪني ڪرڻ وارا، ٿوري جوف خاطر، ڏارين جا جوتا صفا ڪرڻ وارا، ڄاڻي سُڃاڻي ناحق ڪان ڊڄي مات ڪرڻ وارا، بداخلاقيءَ جو اڏو هئڻ جي باوجود دين جو نعرو لڳائڻ وارا، مسڪينن، خانہ بدوشن، اڻ ڄاڻن جي ڪمائيءَ تي عيش عشرت ڪرڻ وارا، ظلم ۽ ستم ذريعي پنهنجي طاقت قائم رکڻ وارا سڏي سگهجي ٿو) ڪان ڪين ٿي سگهندو، تنهن ڪري اهڙن ماڻهن کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

اڻ ڏکوين ڏکن جي، ڇو ٿيون پٽر پون،
ناهہ اوراتو ان کي، ٿيون لوڪ ريائون رون،
پنڻ پيڙيون هونِ، پار تنين جا پڌرا.

پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاڻان ڏوهه چڙهن، جيئن ورق وارين وترا.

ملڪ ۽ قوم جي خادم ٿيڻ لاءِ، هو ڪي شرط مقرر ٿو ڪري، جيڪي انهن پٺاندر هلندا، سي ئي ان ڪم لاءِ لائق ٿي سگهندا چوي ٿو ته:

سپ ننگيون ٿي نڪرو، لالچ ڇڏي لوپ،
سُپريان جي سوپ، ننڊون ڪندي نه ٿئي.

جن ماڻهن ۾ اهي ڳالهيون موجود نه آهن، مستقبل تي حال ۽ عوامي فائدي تي شخصي فائدو مٿائڻ لاءِ تيار آهن ۽ قوم جي مجموعي نفعي کي پنهنجي طبقاتي مفاد تي قربان ڪن ٿا، تن لاءِ چوي ٿو ته:

وصل تنهن وڃائيو سينڌ سرمي سيئن،
سا لوٽي ليلان جيئن، مٽيو جنهن مٽ ڪيو.

هن سنڌ جي صاحب اقتدار طبقي جي خامين باوجود، سنڌي عوام مان اُميد ڪانه لاٿي هئي ۽ انهن مصيبت زده، ستايل غريب ۽ اڻ ڄاڻ ماڻهن کي دلداري ڏئي، هن طرح مخاطب ٿئي ٿو:

ڏُکي ڏک مٿي ڪري، ونءُ ڇپر پيهي،
گڏبئي ڏيهي، سوڏيون ڏيندءِ خبرون.

وري چوي ٿو ته:

پيڙَي بڌُ بيهار، سورائتي سندرو،
ڏونگر هوتان ڏار، ڪانه ڏوريندي ڏک سين.

هو تڪليفن ۽ مصيبتن سان عادي ٿيڻ ضروري ٿو سمجهي، ڇاڪاڻ ته جيسين ماڻهو انهيءَ جو عادي ۽ هيراڪ نه ٿيو آهي، ان وقت تائين هن کان ڪو به بلند خيال ۽ اعليٰ مقام وارو ڪم پورو نه ٿي سگهندو. تنهن ڪري چوي ٿو ته:

سؤ سکن ڏيئي، وَرهُه وهايم هيڪڙو
مون ڪي تنهنِ نيئي، پيرِ ڏيکاريو پرينءَ جو.

سورن جا هيراڪ ٿيڻ بعد، ملڪ جي خادمن جو جيڪو حال ٿئي ٿو انهيءَ جا هينيان اهڃاڻ ٿو ڏسي:

ڏکوين اهڃاڻُ، ڳُلهي قاتل ڪنجرو
وڃن گوندر گڏيون، لوڪ نه آڇين پاڻُ،
سورن اسان ساڻُ، نندي ئي نينهن ڪيو.

فصل ڏهون

# شاهہ صاحب ۽ سياسي نظريا

شاهہ صاحب جي سياسي نظرين بنسبت، ڪجهہ ذڪر آءُ هيٺي فصل ۾ اڳيئي ڪري آيو آهيان تہ ان زماني، ماحول جا شاهہ صاحب تي ڪهڙا اثر پيا. جنهن صورت ۾ انهيءَ زماني جا تفصيل وار تاريخي احوال ملي نٿا سگهن. انڪري جيڪو بہ تاريخي احوال ملي سگهيو اٿم، ان تي ڳوڙهي ويچار ڪرڻ بعد، شاهہ صاحب جي ڪلام کي پڙهڻ ۽ وقت جي سياسي حالات کي مدِنظر رکي، قوي دليلن جي بنياد تي، آءُ جن نتيجن تي پهتو آهيان، تن جو ذڪر هن فصل ۾ ڪندس. ممڪن آهي ڪي تاريخدان يا اهل علم منهنجي هيٺ ذڪر ڪيل نتيجن سان شامل راءِ نہ ٿين، پر آءُ جن نتيجن تي پهتو آهيان، انهن لاءِ مون کي ڪافي دليل ۽ ثبوت آهن ۽ جيسين ان ڪان وڌيڪ قوي دليلن سان انهيءَ نتيجن کي ڪنهن رد نہ ڪيو آهي، مون کي پورو حق آهي، انهن خيالن جو اظهار ڪرڻ جو. اهو تہ دنيا جو دستور آهي، هڪ مريض جي تشخيص ۾ بہ ڪو ڇڏو بہ ڊاڪٽر پاڻ ۾ متفق ٿيندا آهن. تنهنڪري ممڪن آهي، ڪي صاحب مون سان بہ متفق نہ ٿين. ان زماني ۾ دنيا جا سياسي نظريا اڄڪلهہ وانگر صاف تي، ڪن بنيادي اصولن تي ظاهر ٿيل ڪونہ هئا. سنڌ ۾ ان وقت شخصي راڄ هو، تعليم گهٽ هئي، مغربي دنيا جي تهذيب ۽ تمدن سان، هتي ماڻهن جي واقفيت ڪانہ هئي. اسيمبليون، وزارتون، چونڊون، ووٽن ونڻ لاءِ، ڪن پروگرامن جي بنياد تي، ماڻهن کي اپيلون ڪرڻ، ڪن اصولن جي بنيادن تي سياسي پارٽين جو نهڻ، سوشلزم، نيشنلزم، پئن اسلامزم، ڪئپيٽلزم، فاشزم، ڪميونزم وغيره جا نظريا موجوده صورت ۾ ڪونہ هئا. سنڌ ۾ جاگيرداري نظام ۽ مذهبي نظرين جي هيٺ حڪومت جو ڪاروبار هلندڙ هو. انهيءَ وقت جي سياسي نظام ۽ ڪاروبار جي هاڻوڪي وقت جي معاملات سان مشابهت نيڪ نہ ٿيندي،

ليڪن ان ڳالھ ۾ وڏاءُ نہ ٿيندو تہ مٿي ذڪر ڪيل نظريا جيڪڏھن سنڌ ۾ موجوده صورت ۾ ان وقت نہ ھئا تہ بہ انھن نظرين جا ابتدائي عنصر تہ ضرور موجود ھئا. جيڪڏھن جاگيردارن ۽ ھارين جو وجود ان وقت ثابت ٿئي ٿو تہ ان مان سوشلزم جي لاءِ مواد موجود ھئڻ جو ثبوت ملي ٿو.

سنڌ تي ڌارين جي ڪاھن، تسلط ۽ اقتدار جا واقعا ۽ سنڌين طرفان ڀرپور مقابلا، آزاديءَ لاءِ جدوجھد واسطي ڪوشش جا مثال تاريخ ۾ موجود ھوندي، سنڌ اندر نيشنلزم جي جذبي يا تحريڪ جو بنياد ڪھڙي بہ شڪل ۾ ھئڻ کان انڪار ڪرڻ بي سود ٿيندو. سومرن ۽ سمن جي گھراڻن جون ڌارين سان جنگيون ۽ مڪاني شاعرن جا انھن جي ساراھ ۾ قصيده چوڻ مان قوم پرستيءَ جي بوءِ اچي ٿي.

سيد محمد ميران جونپوري ۽ ٻين مسلمان مذھبي ليڊرن جي تحريڪن ۾ پڻ اسلامزم جا صفا چٽا آثار نمايان نظر اچن ٿا. انھيءَ وقت جي مثالن مان قاضي قاضن جي شاھ بيگ محمد ارغون پنھنجي پير ڀائيءَ جي حمايت ڪرڻ بہ ان ڳالھ جو ثبوت ڏئي ٿي.

البت ڪئپيٽلزم پنھنجي موجوده منظم صورت ۾ موجود نہ ھو ليڪن اھو تہ اڃا تائين بہ سنڌ ۾ مغربي نموني ۾ پيدا ڪونہ ٿيو آھي. جنھن صورت ۾ فاشزم جا بنيادي مٿا ھي آھن، تہ چند ماڻھو پنھنجي شخصي يا طبقاتي مفاد خاطر، عوام جي آزاديءَ کي ختم ڪري، طاقت جي زور تي انھن تي قابض ٿي، عوام جي زندگيءَ جي ھر معاملي ۾ دست اندازي ڪن ۽ انھن کي پنھنجي مخصوص نقطہ نگاھ مطابق زبردستيءَ ھلائين تہ اھڙي فاشزم جا آثار ڪلھوڙن جي طريقي حڪومت ۾ عام جام ڏسجن ٿا.

مخدوم محمد ھاشم ٺٽويءَ جي فتوائن کي حڪومت طرفان نافذ ڪرڻ، کھڙن واري بزرگ ميان عبدالرحمان ۽ شاھ عنايت صوفيءَ جون اختلاف راءِ جي ڪري، شھادتون ڪرائڻ، انھيءَ ڳالھ جو ڪافي دليل آھي. مسلمانن کي ھڪ خاص نموني جون ڏاڙھيون رکائڻ، سٿڻ پارائڻ، ڪرِن ڪٽائڻ تائين مجبور ڪرڻ، ھندن جي مذھبي رسوم تي ڪي پابنديون لڳائڻ جي واقعن مان "فاشلزم" جا پڌرا آثار نظر اچن ٿا.

ڪميونزم جو نظريو ان وقت موجوده صورت ۾ نہ ھو. ليڪن ان جي پيدائش لاءِ مواد موجود ھو. جيئن ڪاٺ ۾ باھ ھميشہ موجوده ھوندي آھي،

ليڪن اها ظاهر تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن ان جي دڪائڻ لاءِ ڪارڻ پيدا ٿئي ٿو. ڏڪويل، ستايل، بي گهر ۽ انگ اگهاڙن ماڻهن جو موجود هئڻ، ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته، ان وقت به جماعتي نظام جي خرابين ڪري، انقلاب جي شديد ضرورت موجود هئي.

تنهن ڪري شاهه صاحب جي ڪلام مان، هيٺين نتيجن ڪڍڻ لاءِ، مون کي ڪافي سبب آهن. منهن جي خيال موجب شاهه صاحب:

1. نيشنلزم جو حامي هو.
2. جمهوريت جو طرفدار هو.
3. سندس رجحان سوشلزم طرف مائل هو.
4. هو پئن – اسلامزم جو حامي ڪونه هو.
5. ڊڪٽيٽرشپ يا فاشزم جو مخالف هو.
6. شاهوڪاري نظام جو مخالف هو.

آءٌ هيٺ سندس ڪلام مان حوالا ڏيئي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ته مٿي ذڪر ڪيل نتيجا ڪيتري قدر صحيح آهي.

### 1• نيشنلزم (قومپرستيءَ) جي حمايت:

قومپرستيءَ لاءِ ٻن ڳالهين جي ضرورت ٿئي ٿي. هڪ جاگرافي ۽ لساني لحاظ سان ملڪ جو تصور ۽ ٻيو انهيءَ وطن جي بنياد تي قوميت جو تخيل.

هن ڪتاب جي چوٿين ۽ پنجين فصل ۾ مون شاهه صاحب جي سنڌ ملڪ بابت خيالات ۽ سندس قومي تصور بابت گهڻو ڪجهه لکيو آهي، تنهن ڪري ساڳين دليلن کي هتي دهرائڻ ضروري نٿو سمجهان. جن ماڻهن کي ان ۾ شڪ هجي، سي شاهه صاحب جي ڪلام مان، مارئيءَ جو سر محب وطن جي نگاهه سان پڙهي ڏسن ته پتو پئجي ويندن.

### 2• جمهوريت جي طرفداري:

انهيءَ ڳالهه کان انڪار ٿي نٿو سگهي ته شاهه صاحب عوام جي اتفاق جو حامي ۽ ستايلن، مسڪينن، ڏڪويلن جي گڏجڻ ۽ ٻڌيءَ جو طرفدار هو. هن کي عوام ۾ نااتفاقي ڏسي، ڏاڍو ارمان ٿي ٿيو ۽ پکين جو مثال ڏيئي کين شرمايائين ٿي ته، اي ماڻهؤ اوهان ۾ پکين جيترو به شعور نه آهي:

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ چنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهونئان ميٺ گهڻو.

هڪ جاءِ تي سنڌ جي عوام کي، پنهنجي مشهور لقبن مان هڪ جي نالي چئي ٿو تہ اي سنگهار قوم جي ترقيءَ ۽ بهتريءَ جو خيال ڌاري، وري جدائي ڪرڻ، اهو سچن قوم پرستن جو ڪم نہ آهي. چوي ٿو تہ:

ڌرڻ ڌارڻ، ڌار رهڻ، ايءَ نہ سنگهارن سٽ،
ڪاهي ايندا ڪڏهين، مٿي وانڍ وهٽ،
جي هاڻو هونئي هٽ، تہ بہ اوڍ لاهہ م ان جو.

سنڌ جي عوام ۾ گذر جي تنگيءَ، جاگيردارن جي پاليسيءَ، مُلن جي تعصب ۽ پيرن جي خود مطلبيءَ ڪري، جو نااتفاقيءَ جو ٻج ڇٽجي ويو هو ۽ ساري قوم جو شيرازو تڪرا تڪرا ٿي ويو هو ان تي ارمان ڪائيندي ظاهر ٿو ڪري:

ڪٺا منجهہ قرار، هئا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهہ فراق جي، ڪيا ڌارون ڌار،
نہ جاڻا ٻيهار، ميلو ٿيندو سڄڻين.

هڪ هنڌ اتفاق ۽ ٻڌيءَ جا فائدا بيان ڪندي چوي ٿو تہ:

جي پائين وس چران، تہ سنگهارن سان لڏ،
تہ هاڃي سندي هڏ، ڪوڪ نہ سڻين ڪڏهين.

سورٺ جي سر ۾ راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل جي قصي ۾، هن ٻڌايو آهي تہ ڪيئن نہ عام راءِ، بادشاهن جا بہ ڪنڌ نمايو ڇڏي:

’نايو نوابن جا، سوري ڪيڏي ساهہ‘

محلين آيو مڱڻو ڪٺي ساز سُري،
لڳي تند تنبير جي، پيا ڪوٽ ڪري،
هنڌين ماڳين هوءِ ٿي، تنهنجي ٻيجل دانهن ٻُري،
جهونا ڳڙهہ جُهري، پوندي جهانءَ جهروڪ ۾.

وري هڪ گوشہ نشين يا عوام کان پري، وطني ياءُ کي ٿو چوي تہ:

وڳر وساري، وينئين ڪيئنءَ ماٺ ڪري،
ڪ تو نہ ماري، رُڻ جُهڻ سندي سڄڻين.

سندس ڪلام جا اهي اشارا سندس جمهوريت پسنديءَ لاءِ ڪافي دليل آهن.

**3. سوشلزم جي طرف رجحان:**

شاهه صاحب غريبن جي طرفدار هو ۽ ستايلن کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪيائين. ان جا مثال اڳيئي پيش ڪيا ويا آهن. هتي سندس ڪلام مان ٻيا مثال ڏيئي، ان ڳالهه کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ته جيتوڻيڪ شاهه صاحب، سموري وطن جي آزادي ۽ ترقيءَ لاءِ بارش (انقلاب) جي دعا پئي گهري آهي، پر انهيءَ مان سندس مقصد غريب عوام جو سک هو ۽ نه شاهوڪار طبقي جو سک هو. صاف چئي ٿو ته اي سارنگ (انقلاب) اُڃين ۽ بُکين جي سار لهيج ۽ اَن (رزق) گهڻو ڪج. جو سنگهار (عوام) سکيا ٿين.

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اڃين جي،
پاڻي پوج پٽن تي، ارزان ان ڪريج،
وطن وسائيج، ته سنگهارن سک ٿئي.

انهيءَ سوسائٽيءَ جي انقلاب مان جو ملڪ جي اقتصادي آزاديءَ جي بارش بعد پيدا ٿئي ٿو سندس مقصد هاري ڪلاس جي خوشنودي هئي. چوي ٿو ته:

مند تي منڊل وڄيا، تاڙي ڪي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سَرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

شاهه صاحب ڏڪارين، مهانگي لاءِ ميڙڻ وارن، پنجن مان پندرهن ڪرڻ وارن، ظالم زميندارن جي سخت برخلاف هو انهن جي ختم ٿيڻ لاءِ دعائون گهريون اٿس. سندس چوڻ موجب سچي اقتصادي آزاديءَ جي بارش (انقلاب) اهي سڀ آفتون ملڪ تان ٽاري ڇڏيندي:

حڪم ٿيو بادل کي، ته سارنگ ساٿ ڪجنِ،
وڃون وسڻ آئيون، ٿهه ٿهه مينهن ٿمن،
جن مهانگي لئي ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻنِ،
پنجن مان پندرهن ٿيا، ائين ٿا. ورق ورنِ،
ڏڪاريا ڏيهه مان، شال موڏي سڀ مرنِ،

وري وڏي وس جون، ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چئي سين، آه توه تنهنجي آسرو.

پنهنجي سنڌڙيءَ جي عوام کي، جڏهن ڏتڙيل تي ڏنائين ته دعائون تي گهريائين ته شل اهي سکيا ستابا ٿين ۽ گهر اڏي تمدن جي حياتي گذارين. فرمائي ٿو ته:

ونهيان ٿين وٿاڻ، ڏوکا هي هئان جي،
اوءِ پيٽيون ۽ ياڻ، موٽي مارن آڏيا.

غريب مڇي مارڻ وارن، اڏ اُگهاڙن ۽ اڏ بکين کي به نه وساريو اٿس ۽ دعا گهري چوي ٿو ته:

گند جن جي گوڏ ۾، پاپوڙا پينام،
انهين کي اِنعام، مجر ميڙيو ئي ٿيو.

شاهه صاحب وٽ جام تماچي عوام جو حقيقي ليڊر آهي، جنهن وٽ وڏ ماڻهپ جي شيخي نه آهي ۽ جارو ڪلهي تي ڪيو جبيرن جي وچ ۾ جُهلي رهيو آهي، جنهن جي اڳيان سميون ۽ سومريون جي اوچي ڳاٺ اچن ٿيون، سي ڪيس ياد نه آهن، ان کي صرف ڪينجهر جائين جي تات آهي ۽ وٽس گند سان گوڏين پريل، مٿي تي ککيءَ هاٺيون ڪاريون ۽ هٿن ۾ ڇڃيءَ هاٺان ڇج ساڻ ڪري، ڪاريون، ڪوجهيون مهاٺيون، صبح ۽ شام اچن وڃن ٿيون. راڻين ۽ سمين حڪمران قوم جي وڏن ماڻهن لاءِ هن وٽ ڪا جاءِ نه آهي، هن گندرن کي گاڏيءَ چاڙهي ڪٺي نوازيو آهي. هن انهن کي سچاڻي سندن ٻانهن ۾ پنهنجي محبت جو ٻيڙُو ٻڌو آهي ۽ ڪيس مڏ، مياڻيون، مڪڙا مڙيئي معاف ڪري ڇڏيا اٿس. شاهه صاحب چوي ٿو ته:

ٿيا تماچي جام سين، مهاڻا محروم،
ننڍي وڏي گندري، مٿي ماڙي ڏوم،
جي ڪينجهر جي روم، سي سڀ انعامي ٿيا.

ڪاريون ڪوجهيون، ڪُوڙيون، مور نه موچاريون،
وٺي وينيو واٽ تي، ککيءَ جون ڪاريون،
انهن جون آريون، سمي ريءَ ڪير سهي.

**4. پئن — اسلامزم جي طرفداري**:

آءٌ هن ڪتاب ۾ بيِن جاين تي ٻڌائي چڪو آهيان تہ ابتدا کان وٺي مسلمانن ۾ هڪڙو گروهہ اهڙو بہ پئي رهيو آهي، جو مسلمانن کي دنيا جي بهترين ۽ انسانن جي رهبريءَ لائق قوم سمجهي، ساري دنيا تي غلبہ اسلام جي نالي ۾، خلافت جي حڪومت قائم ڪرڻ جي فائدي ۾ ٿي رهيو آهي. خليفن ۽ مهدين جو وجود بہ انهيءَ اصول جي بنياد تي پئي رهيو آهي ۽ "پئن اسلامزم" انهيءَ نظريي جو جديد نالو آهي. انهيءَ نظريي مطابق جهاد، مسلمانن جي برتري ۽ غلبي جو مچڻ لازمي شيون ٿيو پون. جيڪڏهن انهن ڳالهين جي صداقت ۾ ويساهہ رکبو تہ اسلام جا بنيادي اصول، امن ۽ سلامتيءَ، مساوات ۽ جمهوريت جا رَدَ ٿي پوندا. هر صوفي اسلام جي اهڙي تخيل جي برخلاف پئي رهيو آهي.

شاهہ صاحب وحدت الوجودي ٿي ڪري، اهڙا خيال رکي نٿي سگهيو ازانسواءِ هن کي معلوم هو تہ هزار کان بہ مٿي ورهيہ گذري چڪا هئا تہ انهيءَ نظرئي جي پوئلڳي ڪندڙن جي طرزِ عمل مان، اسلام کي فائدي بدران نقصان پئي رسيو هو. اسلام کي هڪ محدود دائري ۾ بند ڪري، ان جي فروغ کي نقصان پئي پهچايو ويو.

شاهہ صاحب جڏهن:

پريان سندي پار جي، مڙئي منائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري

جي اصول کي مڃيو ٿي تہ اهڙي بزرگ کان پئن اسلامزم جي نظرين کي مڃڻ جيڪو "فاشزم" جو هڪ قسم هو اجائي اُميد ٿيندي.

**5. ڊڪٽيٽرشپ جي مخالفت**:

جنهن سوسائٽيءَ ۾ شخصي آزادي نہ هجي، جتي حڪومت جي واڳ چند ماڻهن جي هٿ ۾ هجي، جي ان کي پنهنجي شخصي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب آڻين ۽ پنهنجا خيال، حڪم، طريقا زوريءَ عام ماڻهن مٿان مڙهين، اهڙي طريقي حڪومت کي فاشست يا ڊڪٽيٽرانہ حڪومت سڏبو آهي، اهو طريقو جمهوريت جو مخالف آهي. شاهہ صاحب جيڪو ستايلن جي سنگت ڪني ڪرڻ جو حامي هو، سو اهڙي دستور جو حامي ٿي ڪين ٿي سگهيو. ازانسواءِ هر صوفي شخصي آزاديءَ جو ايترو گهڻ گهرو آهي، جو منجهانِ

ڪي تہ وچي ’انار ڪزم‘ جي اصول جا قائل ٿين ٿا، هو هر ظلم ۽ زبردستيءَ جي مخالفت ڪرڻ گهرن ٿا. پوءِ ڪٿي اها زبردستي مذهب يا سوسائٽيءَ جي نالي ۾ ئي ڇو نہ هجي. اهڙن ماڻهن کي مخاطب ٿي هڪ هنڌ چوي ٿو تہ:

ماري مرين شال، ڏٻ وجنئي ڏيهين،
جيئن تو اچي ڪالهہ، وڌو وڄ ورهن کي.

اهي ڊڪٽيٽر جڏهن تمام طاقتور ٿي، ڪنهن جي پرواهہ نٿا ڪن ۽ جذبات کي نوڪر هٽي، پيرن هينان لتاڙڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ، انهيءَ وقت شاهہ صاحب سندن لاءِ چوي ٿو تہ:

متو آهين مچ، ٿلهو تو ٿونا هٽين،
تو جا پائين اَڄ، تنهن پائي پنئي ڏينهڙا.

**6. شاهوڪاري نظام جي مخالفت:**

آءٌ مٿي لکي آيو آهيان تہ شاهہ صاحب جي طبع جو رجحان سوشلزم طرف هو تنهن ڪري ان جو لازمي نتيجو اهو نڪرڻو آهي تہ هو هر اهڙي نظام جي برخلاف هجي، جنهن مان سندس مارو ۽ سنگهار بکيا، اُجيا، اُگهاڙا ۽ بي گهر خانہ بدوش زندگي گذارين ۽ چند شاهوڪار طبقي جا ماڻهو پيا مزا ماڻين. مارئيءَ جو مثال ڏيئي هو ٻڌائڻ گهري ٿو تہ، اها ڪيڏي بہ قيمت تي، سواءِ مارن جي سکئي ٿيڻ جي، پنهنجي شخصي حالت بدلائڻ لاءِ تيار نہ آهي، هوءَ باوجود عمر جي هزار آڇن جي مارن کانسواءِ پاڻ کي سکي نٿي سمجهي، جڏهن هن جا مارو ولهہ ۾ سمهن ٿا تہ هيءَ ڪيئن سوڙن ۾ سمهڻ برداشت ڪندي. هو چوي ٿو تہ:

آءٌ ڪيئن سوڙين سمهان، مون وَرو گهارِي وِلهہ،
ڪٿيرن تان ڪل، عمر ڪج مَ اِهڙي

ايءَ نہ مارن ريتِ، جو سيڻ متائين سون تي،
اچي عمرڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪُريتِ،
پکن جي پريتِ، ماڙن سين نہ مٽيان.

فصل يارهون

# شاهہ صاحب ۽ اسان جون جوابداريون

هر قومي شاعر جي ڪلام جي اها خاصيت هوندي آهي، جو ڳوناڻي ڪان وٺي شهري ۽ جاهل ڪان وٺي عالم تائين تي سندس اثر پوندو.

اسان جي قوم شاعر شاهہ صاحب کي اگرچ ٻن سَون ورهين ڪان بہ مٿي زمانو گذري چڪو آهي ۽ ملڪ جي ماڻهن ۽ حالات ۾ گهڻي تبديلي اچي ويئي آهي، ايتري قدر جو سندس ڪلام ۾ آندل سنڌي زبان جا ڪيترا لفظ بہ اجڪلهہ غير مروج آهن، جنهن ڪري ڪيترن بيتن کي سمجهڻ واسطي معنيٰ لاءِ لغتن کي ڏسڻ جي ضرورت پئي ٿي. اجڪلهہ وڏن شهرن، ريلن، هوائي جهازن، تارن وغيره ملڪ جي اڳوڻيءَ زندگيءَ کي گهڻو بدلائي ڇڏيو آهي، ليڪن باوجود ان جي بہ جيڏانهن نظر ڪندا تہ اجا تائين شاهہ صاحب جو ڏاڪو ساري سنڌ تي وينل آهي. ڪي نڙ وڄائي ان جا بيت ڏيئي قلب کي سُرور پهچائي رهيا آهن تہ ڪيترن عالمن ۽ اهلِ دل وارن جي مجلسن جي رونق بہ شاهہ صاحب جي ڪلام سان وڌي ٿي.

جيئن سون مان حاڪم سڪا ٺاهي، ملڪ جي ڏيتي ليتي لاءِ ڪتب آڻي ٿو تہ واپاري پنهنجي مٽا سٽا لاءِ ان کي استعمال ڪري ٿو. امير ماڻهو ان مان برتن وغيره جو ڪم وٺن ٿا تہ خوبصورت ۽ شاهوڪار عورتون ان کي پنهنجي حُسن کي وڌائڻ لاءِ زيورن جي طور ڪم آڻين ٿيون. حڪيم صاحب ان مان ڪشتو بنائي دل جي قوت، خون جي گهٽائي ۽ بدن جي طاقت لاءِ ڪتب آڻي ٿو. تيئن هڪ بهترين شاعر جي ڪلام کي مختلف ڪمن لاءِ ڪتب آڻي سگهجي ٿو.

شاهہ صاحب جو ڪلام جيڪڏهن عالمن جي وعظن جي مجلسن جي رونق، هڪ طرف بنجي ٿو تہ ٻئي طرف اديب ان جي باريڪ نُڪتن، سلاست ۽ بلاغت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سونهن محسوس ڪن ٿا. اگر صوفي صاحب ان

۾ روحاني رمزون ۽ لدني نڪتا تو ڏسي تہ ڳوناٽو ان جي ٻڌڻ مان غير معمولي دل جو سرور يا درد تو محسوس ڪري، مطلب تہ جنهن جهڙيءَ نظر سان ان کي ڏٺو اهڙو فائدو حاصل ڪيائين.

منهنجي خيال موجب وقت اچي ويو آهي، جڏهن هن سون جي ڪُشتي کي قومي بدن جي صحت ۽ قوت لاءِ استعمال ڪجي، انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ شاهہ صاحب جي ڪلام کي سياسي نقط نگاهہ کان سمجهڻ جي سخت ضرورت آهي. آءٌ انهيءَ نظر سان ڪلام ڏسڻ جي شروعات ڪريان ٿو ممڪن آهي تہ علم جي ڪوتاهي، وقت جي تنگي ۽ معلومات جي ڪميءَ سبب انهيءَ نئين مهم کي پوري طرح وقت جي ضرورتن جي مطابق ادا ڪري نہ سگهيو هجان، ليڪن مون کي اُميد آهي تہ ٻيا عالم ۽ فاضل هن منهنجي ادنيٰ ڪوشش مان اشارو حاصل ڪري، انهيءَ مضمون کي زياده واضح ۽ اڻ ملهہ طريقي سان ادا ڪندا. مون کي پنهنجي خامين ۽ ڪوتاهين جي پوري پروڙ آهي، پر هي ڪتاب صرف سندن علمي غيرت ۽ جذبي کي تازيانہ هڻي چست ڪرڻ جي نيت سان لکيل آهي، اگر اردو دان حضرت ڊاڪٽر اقبال ۽ ٻين شاعرن تي سوين شرح لکي، ان کي هر مجلس ۽ موقعي لاءِ ڪتب آڻي سگهن ٿا تہ اسان سنڌي ڇو نہ بجا طور شاهہ صاحب جي ڪلام کي پنهنجي نوجوان طبقي ۾ قومي بيداريءَ ۽ سياسي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻيون ۽ اهڙيءَ طرح سان سنڌين ۾ قومي احساس پيدا ڪري، پنهنجي قوم کي دنيا جي ٻين قومن اڳيان منهن مٿي ڪٽي، ميدان عمل ۾ بيهڻ جو لائق ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.

اهو ڪم پوريءَ طرح سان تڏهن پورو ٿي سگهندو جڏهن اسان پنهنجون جوابداريون سنڌ جي قومي شاعر شاهہ صاحب جي طرف محسوس ڪريون.

شاهہ صاحب جي راڳ جون مجلسون سڏائڻ يا انهن ۾ وڃي قلب کي سُرور پهچائڻ، سندن ٻارها ملهائڻ، عرس جي موقعي تي سندس درگاهہ تي حاضر ٿي زيارتون ڪرڻ، مضمون ۽ ڪتاب لکي شاهہ صاحب جي پيغام کي ملڪي يا غير ملڪي ماڻهن تائين پهچائڻ بہ چڱا ڪم آهن، پر سندس ڪلام جي حقيقت معلوم ڪرڻ ٻي ڳالهہ آهي. اها آهي پنهنجي قوم جي سڃاڻپ ۽ ان سان گڏ انهيءَ جو نصب العين مقرر ڪرڻ ۽ ان جي مقرر ڪرڻ بعد، انهيءَ مقصد کي ڪشالا ڪاٽي، جبل جهاڳي حاصل ڪرڻ

آهي. اهو ماڻهو جو پاڻ منو ڪري سنڌي قوم ۽ سنڌ ملڪ جي آزاديءَ ۽ ترقيءَ لاءِ قرباني نٿو ڪري، سو حقيقي طرح شاهه صاحب سان محبت نٿو ڪري

سڪڻ ايءَ نہ سڏ، جيئن لکيو لياڪا پائين،
پئي پريان جي نہ ٿئين، مٿي اگهڻ اڏ،
ايءَ پڻ ڪوڙي سڏ، جيئن لکيو لياڪا پائيين.

اهو ماڻهو جو پنهنجي قوم جي سڃاڻپ نہ ڪري، مُنِ وانگر دانهون ڪري ته ۽ ٻين جا در پيو ڳولي تنهن بہ شاهه صاحب جي ڪلام کي صحيح طرح نہ سڃاتو آهي.

پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، مُورک اُڃ مَرنَ،
ساهان اوڏو سپرين، لوچي تان نہ لهنِ،
دم نہ سڃاڻنِ، دانهون ڪن مُنِن جيئن.

اهو ماڻهو ڪليو ڪايو سمهي ٿو پاڙي ۾ رنج رسيل جي پروڙ نہ اٿس، سورن وارن جي پچار ڪانہ اٿس، سندس راتيون روبو نہ ٿيون وهامن. سَگهو آهي، گهايل نہ آهي، گندي ۽ گراهه جو اونو اٿس، سُڃ جو ٿمر ساڻ نہ ڪنيو اٿس. انهيءَ ڪان بہ شاهه صاحب جي حب اڃا اڳاهين آهي، منهنجي خيال موجب هر هڪ سنڌيءَ تي جوابداري آهي تہ تيسين تائين آرام نہ ڪري، جيسين تائين هيٺيان مکيہ ڪم پورا نہ ٿيا آهن:

1. شاهه صاحب جو جملي ڪلام مستند نموني گڏنو ڪرائي، ان جا بهترين شرح لکارائي سني ۽ سستي ڇاپي ۾ ڇپرائڻ، جيئن هر سنڌيءَ وٽ اهو پهچي سگهي.
2. درگاهه عبداللطيف جي ٻاهر واري ميدان کي فرش ٻڌرائي چؤطرف ميلي جي وقت ايندڙ عوام جي رهڻ لاءِ هجرن جو انتظام ڪرڻ، جيئن شاهه صاحب جون ٻارهه ماهي مجلسون، ختمو ۽ سندس يادگار شين جو ڏيکارڻ، سهڻي ۽ عمدي نموني تي سگهي.
3. ڪرار ڍنڍ جي چؤطرف پڪو فرش، چاڙهين جي ڏاڪن سان ٻڌرائي، پارڪ بنارائي ان جي چؤطرف سنڌي تهذيب ۽ فن جي زنده ڪرڻ لاءِ هڪ درسگاهه کولجي، جنهن ۾ هڪ بهترين ڪتب خانو بہ هجي.
4. ڀٽ جي ڳوٺ کي صفائي، سُنائي جو ماڊل ڪريہ از سر نو تعمير ڪرائجي، جيئن ٻاهريان هلي اچي ان کي ڏسن.

5. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شاهه صاحب جي ڪلام جي کوجنا وغيره لاءِ هڪ چيئر کولجي، جو سنڌ جا بهترين عالم، ان تي وقت بہ وقت نئين نموني کوجنائون ڪندا رهن.
6. سنڌ جي جملي بهترين، شاهه کان اڳ ۽ پوءِ شاعرن جو ڪلام گڏ ڪري ڇپرائي پوءِ شاهه صاحب جي ڪلام تي، انهن جي اثر يا شاهه جي ڪلام جو انهن تي اثر بابت مطالعو ڪجي.

اهي آهن مختصر طرح اسان سنڌين تي شاهه صاحب جي محبت جا چند فرائض، جن کي ادا ڪرڻ جي جوابداري هر هڪ سنڌيءَ تي آهي.

فصل ٻارهون

# شاهه صاحب جا مختلف مضمونن تي چونڊيل بيت

شاهه صاحب جو جملي ڪلام سُرن ۾ ڪنو ڪيل آهي ۽ هر هڪ سُر ۾ وري ڪيئي فصل يا داستان آهن. جيئن ته اهو هڪ وڏو اڻ ملهه ذخيرو آهي، جتي ڪيئي موتي پيا آهن. انهيءَ مان آءُ ڪجهه بيت سنڌي زندگيءَ بنسبت پيش ڪريان ٿو.

1. **ڪلالڪوٽ (ملڪ جي خادمن جي سنگت)**:

جي اتيئي سڏ سرڪ ۾، ته ونءُ ڪلالڪي هٽ،
لاهي رڪ لطيف چئي، متو ماتيءَ وٽ،
سر ڏيئي ۾ سٽ، پئج ڪي پيالين.

2. **طبيب جو گهر (خادم جي مجلس)**:

اڄ پڻ ڪنجهو ڪنجهه، واڍوڙڪي مُنهين،
جه پڻ پيين منجهه، هو پنيون هو پٽيون.

3. **گزڙيو (خطاب غدار ملڪ)**:

ڪشي ڪانَ ڪمانُ مان، متان هٽي مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

4. **پتنگ ۽ مچ (قومي خادم ۽ خدمت)**:

پتنگن پهه ڪيو، مڙيا متي مچ،
پسي لهس نه لچيا، سڙيا متي سچ،
سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڃائيا.

5. **لهار جو گهر (انقلابي جماعت):**

سِرُ ساندارِ ڪري، پُڇج گهر لُهار جو
ڏڪن هيٺ ڏري، ماںَ گڏينئي رڪ سين.

6. **صوفيءَ جي مجلس (سچا خادم):**

ڏني ڏڪوئيا، اڻ ڏني راضي ٿيا،
صوفي تيئن ٿيا، جيئن ڪين ڪنيائون پاڻ سين.

7. **مڪتب (اڄڪلهہ جا سياستدان):**

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٽان ڏوهہ چڙهن، جيئن ورق وارين وترا.

8. **چوڏهينءَ جو چنڊ:**

چوڏهين چنڊ ايرين، سهسين ڪرين سينگار،
پلڪ پريان جي نہ پڙين، جي حيلا ڪرين هزار،
جهڙو تون سڀ جمار، تهڙو دم دوست جو.

9. **تارن هيٺ:**

هن تاري، هن جاءِ، هت منهنجا سپرين،
سجڻ ماڪيءَ ساءِ، ڪوڙا تين نہ ڪڏهين.

10. **اونداهي رات:**

اونداهيءَ اڌ رات ۾، پرينءَ پسايو پاڻ،
چنڊ ڪتين ساڻ، پيهي ويو پڙلاءَ ۾.

11. **ڪرهو (اُٺ) (سنڌي قوم):**

ڪَرها ڪَرُ سڃاڻ، پيڪو ۽ پانهنجو
اصل آهي اوهان جو ناليرو نڏاڻ،
ڪرها اسان ساڻ، ڪي چانگا ڪج چڱايون.

12. **سمنڊ جي سيوا (اعليٰ مقصدن جي محبت):**

سيوا ڪر سمنڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سوين سپجن سمونڊ ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو جڙئي مال، تہ پوڄارا پُر ٿئين.

13. **سمنڊ جا ہوتا** (**قوم ۽ ملڪ جا مفڪر**):

اي گت غواصن، جيئن سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجھ پاتار ۾، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرا لعل هٿن سين.

14. **پراڻي ٻيڙي** (**سنڌين جي موجوده حالت**):

ٻيڙي پراڻي، وکر پاءِ مَ وترو
تري ۾ تن پيا، ۽ پاسن ۾ پاٽي،
هيءَ هڏ وهاڻين، ڪڙهہ ڪالهوٽي ڏينهن ڪي.

15. **صرافڪو دڪان** (**حقيقي خادم**):

تا صراف سُجن، پاڻ ڪوناڻين جوهري،
ماڻڪ ڪري مٺ ۾، ونئن وني وٺ تن،
سندس ٿي سيد چئي، ڪهڙو قدر ڪن،
پاڻيٺ ٿي پرکن، ڪي ڪنچل گڏين ڪچ سين.

16. **وڻجاري جي وني** (**انقلابيءَ جي زال**):

جر تڙ ڏيا ڏي، وڙ تڙ ٻڌي وانڻتيون،
الا ڪانڌ اچي، آسائتي آهيان.

17. **درياءَ جي دهشت** (**مخالفت جو ميدان**):

دهشت ڏوم درياهہ ۾، جت ڪڙڪا ڪن ڪرين،
ٻچل ٻانڊي ٻار ۾، لهريون لوڏا ڏين،
سناور ساميا، جت سيڻايا نہ سنڌين،
جت ويريون وات نہ ڏين، اتي ساهڙ سير لنگهائيين.

18. **واهڙن جون پريون پائڻ** (**غير سنڌي اقتدار**):

واهڙ پريون نہ پاءِ، تو پڻ ليکو ڏيڻو
سدا سانوڻ ڏينهڙا، هئين نہ هونداءِ،
وهاڻيءَ ويندءِ، اوير اتاهان لهين.

19. **ٻيلن جا چڙا** (**حب الوطني**):

چوڏاري چڙا، ٻُرن ٻيلاين جا،
ستي سنيارن جو پيم ڪن پڙاءُ،
وهڻ مون نه وڙاءَ، سُٽيو جهانءِ جهجهي هنيون.

20. **ميهاران جي مهي** (**صحيح سياسي تعليم**):

ميهار مهي، پيتائين پريم جي،
ارڪ سرڪ سيد چئي، لڱس ڏوت ڏهي،
سگهي تان نه سهي، ملي جان نه ميهار کي.

21. **ڪچو گهڙو** (**جذباتي خيالن جون جماعتون**):

پيلي پلائي، پسي چٽ چري تي،
هر هر ٻڌي سهٽي، ويرن ۾ وائي،
ڪچي ڪيرائي، لعل لهرن وچ ۾.

22. **ميهار ۽ سندس مينهون** (**سنڌي ۽ سنڌ**):

مينهون هن ميهار جون، الا! سڀ جين،
ڪاريون ڪڪيون ڪنڊيون، وارا ڪيو وهن،
جوءِ جا جانارن جي ٻيلا ٻهه ٻهه ڪن،
اچي ريل رهن، مون سانيارا سپرين.

23. **سارنگ جي سار** (**انقلاب جي اڪير**):

سارنگ کي سارين، ماڻهو مرگ، مينهيون،
آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين،
سِپون جي سمنڊ ۾، نئين سج نهارين،
پلر پيارين، ته سنگهارن سک ٿئي.

24. **پٽ ۽ ڪرار جو ڪن**:

پري پٽ تي آئيو سارنگ سهج منجهان،
ڪڙيون ڪنڻ هار جيئن، وجون اتر واءِ،
سرها سبزا ٿيا، ڏامڻ ڏيپ ڪيا،
پهري پٽنئان، پريائين ڪن ڪرار جا.

**25. بادلن جا برج (انقلابي رنگ):**

اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪيڍيا برج سين،
ساز سارنگيون سُرندا، وڄائي برجنگ،
صراحيون سارنگ، پلٽيون رات پڌام تي.

**26. تاڙي جي تنوار (انقلابي آواز):**

مَند تي منڊل وڄيا، تاڙي ڪي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

**27. جهونجهارڪو جهڳڙو (اصولن جي خاطر مخالفت):**

ڏٺو ڪالهه ڪنهين، جهونجهارڪو جهڳڙو
هاٿين هڏ مڃائيا، ريلو رت نئين،
ڀانئين سا سنئين، جيان جي جوکو ٿئي.

**28. ڳجهڙن جو ڳارو:**

ڳجهڙين ڳارو راتو ڏينهان رڻ ۾،
پٽيو پڇن پاڻ ۾، ڪنهن منهن ڪيڏارو
ڪائن ڪڳ مارو، ڪانئر پيو ڪنو ٿئي.

**29. وٽڪار جا وڻ:**

وڏا وڻ وٽڪار جا، جت نانگ سڄن نيلا،
اتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪلن هيلا،
جت ڪڙم نہ قبيلا، ات رسج رهبر راهہ ۾.

**30. ڏونگر جا ڏکا (مخالفت جون مشڪلاتون):**

ڏکا ڏونگر لاهہ، آءُ اڳي مُئي آهيان،
آرياڻيءَ سين آهہ، ذاتي سڱ ضعيف جو.

**31. گس ۽ گسي (قديم روايات):**

هي گسي، هي گس، هي پهڻ، هي پيچرو
ويچاريءَ وڏو ڪيو، ويندن پنيءَ وس،
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر اتئي ڏس،
جڳ ۾ رهيس جس، سگر تي سردار جي.

**32. جنبور ڪتو (سنڌي مخالف):**

جاڳايس جنبُور، ڪتي قريبن جي،
ڀي پونڪي اٿيو گهڏي منجهان گهرو،
سڀ لاهيندو سور، گري هن غريب تان.

**33. هاڙهو جبل (سنڌ جي ترقيءَ جي راهه جون رڪاوٽون):**

هلندي هاڙهو هٽي، گسان تان م گُسان،
لڪن تان لطيف چئي، رڙهي مان رَسان،
پنهون شال پَسان، وهان تان نہ وس پيو.

**34. رجن ۾ رڙ:**

رُجن ۾ رَڙ تي، ڪر سارنگيءَ ساز،
ايءُ عشق جو آواز، ماڻهو رکن منڌ تي.

**35. اوپرا اُٺ (غير سنڌي اقتدار):**

اگڻ متي اوپرا، جڏهن ڏنئي اُٺ،
ڏايئي نہ ڏاگهن کي، اوڳي ساڻ اڳٺ،
تہ هوند نہ تنهنجي هٿ، سور پرايا سسئي.

**36. اُٺن جو اوڳارڻ (خادم قوم جي گوشہ نشيني):**

اوڳارينِ نہ اُٺڙا، ٻڌا چرن نہ ٻور،
ليڙن کي لطيف چئي، هلڻ جو مذڪور،
مَيَن کي مامور آهي اُٺ ٽُٺ اڳئين پنڌ جي.

**37. ڪيچ جو قافلو (سنڌي نيشنلزم جي تحريڪ):**

ڪيچان آيو قافلو ساٿ ڏٽي سرواڻ،
وار وڃي واڳون ڪريان، پوان هوند پلاڻ،
جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سٿا ساٿ جي.

**38. پرينءَ جو پاڙو (موجوده سياست):**

پريئن جي پاڙي، جاڙ گذاريم جيڏيون،
جنهين مون کي ماريو سورن سين ساڙي،
ارادي آڻي، سانگين سين سگ ڪيو.

**39. ڪانيو ۽ ڪارو جبل:**

چپر پمر پانيان، ڪانيو ۽ ڪارو
پب وجهنديس پٽ تي، صبح سوارو
وڃڻ مون وارو ڪين وهنديس وچ ۾.

**40. ڪرڙا ڏونگر (ملڪ جي ترقيءَ جي رستي ۾ رنڊڪون):**

ڪرڙا ڏونگر ڪھ گھٽي، جت جبل گونا گون،
ليڙن جو لطيف چئي، تنگ تنوارون پون،
جن ڏنو پير پنهونءَ جو سي نہ رُون نہ چُون،
هوند متي هونِ، لاڳاپا هن لوڪ جا.

**41. ڏکي ۽ ڏونگر (خادم ملڪ ۽ مصيبتون):**

ڪي جو ڪديا پار، ڏکيءَ ڏونگر پاڻ ۾،
سٽي سا تنوار، مرون پيا ماري.

**42. آتڻ ۽ چرخو:**

امڙ وڃي آڻ، چرخو آتڻ وچ مان،
ڪتيم جنهن ڪاڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

**43. سچ جون وٽن متان راسيون:**

ويو سچ وٽن تان، راسيون رتائين،
مون کي مارِيائين، آيل اونداهي ڪري.

**44. ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو متو اُگهاڙو:**

ڪُلهي ڦاٽو ڪنجرو، متو اُگهاڙو،
منهنجو ڪُجاڙو پينر هن پنيور ۾.

**45. سورن سانگهارو:**

سورن سانگهارو ڪڏهن تان ڪونہ ڪيو،
آيل اوپارو ٻائڙ ٻڌو ٻوڙهي.

**46. قطار مان نہ چچ** (**تنظيم**):

چِچ ۾ قطاران، ساٿ چڙهندو لڪئين،
مچڻ ٿئين پٽان، وڳ واٽ ئي نہ لهين.

**47. سَو سک هڪ ورهيہ برابر**:

سُو سُکن ڏيئي، ورهہ وهايم هيڪڙو
مون کي تنهن نيئي، پير ڏيکاريو پنهونءَ جو.

**48. سرندي جو ساز** (**صحيح قومي خادم**):

محلين آيو مڱڻو ساز ڪٽي سُرندو
سِرَ جي سدا سُرَ ۾، گهور هٽي گهُرندو
مٿي ريءَ ملوڪ جي، چارڻ نہ چُرندو
جهونا ڳڙهہ جهُرندو پوندي جهانءِ جهروڪ ۾.

**49. تند جي تنوار** (**عام رايو**):

سَوَ سِرن پائي، جي تندَ برابر توريان،
اتل اوڏانهين ٿئي، جيڏانهن ٻيجل ٻُرائي،
سگهو هَڏُ آهي، سِر ۾ سڄڻ ناهہ ڪي.

**50. نکٽن جي نئي وچڙ**:

اُيي اوياريام، نِکَٽ سپ نئي ويا،
هڪ مَيو پيو ميندَّرو سڄي رات ساريام،
ٻَوڙها ڳَل ڳاڙيام، سورج شاخون ڪيون.

**51. گلابي ويس**:

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا، ها ها هو هميش،
پسيو سونهن سيد چئي، نينهن اچن نيش،
لالن جي لبيس، آتڻ اکر نہ اُجهي.

**52. چورين جا چال**:

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نہ مال،
جي چورين ڏنا چال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا.

53. **گنجو ڏونگر:**

گنجو ڏنگر گام، پيهي جن پروڙيو،
ڪري تن تمام، لوچي لاهوتي ٿيا.

54. **جهنگل ۽ آهيڙي:**

نہ ڪتا نا ڪوڪار، نہ سي سڏ شڪارئين،
پٽيو ڪٽي پار، جهنگل آهيڙين ڪي.

55. **نانگا ۽ ناني:**

نانگا نانيءَ هليا، لوڪان ڪري لِڪَ،
ويئي موق وِهڪَ، آءُ نہ جئندي ان ري.

56. **تي تگا:**

سنگيون، سيليون، گبريون، تيئي قول تگو،
پٽ هٽي پٽ سين، پيري تن پگو،
لاهوت جن لڳو سي مڙهيان مور نہ لڳيا.

57. **گُر جي گودڙي (سچي سياست جي محبت):**

جا گر ڏني گودڙي، سا ٿئي لاهيندي لڄ،
سندا تنهن سهج، چيو چوندو ڪيترا.

58. **نهائين ۽ نينهن (رازداري):**

نينهن نهائينءَ جان، ڊڪي ڪوهہ نہ ڊڪئين،
جر چيري چڏي، تہ ڪئن پچندا تانءَ،
سندي ڪنياران، ڪن ڪريجا ڳالهڙي.

59. **سهاڳ ۽ ڏهاڳ (ڪاميابي ۽ ناڪامي):**

گهوريو سو سهاڳ، جنهن ۾ پسين پاڻ ڪي،
ڏوري لهہ ڏهاڳ، جنهن ڪرلاهو داسڙو.

60. **ڪلين ۾ ڪنڍي (محبت جي ميخ):**

ڪنڍي ڪلين وچ ۾، جڏهين هئين جن،
مون ڪي مُون پرين، ڪيڻ جي ڪانہ ڪئي.

**61. ڪونجن جي ڪُٽڪ:**

ڪونجون ٽيون ڪٽڪن، جيڪس هلڻ هاريون،
ٻچا پوءِ اٿن، وڃن واندا ڪنديون.

**62. ماري ۽ ميرا ڪپڙا:**

بغل ۾ بندوق، ماريءَ ميرا ڪپڙا،
ماريو مير ملوڪ، لتاڙيو لڪ چڙهي.

**63. اوڏ ويچارا:**

چنل چج هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا،
پورهي ڪارڻ پيٽ جي، ائين سوارا،
اوڏا ٻه ويچارا، وڃن لاڪا لڏيو.

**64. ٽڪ ڏنگي (انقلابيءَ جا وسائل):**

ٽڪ ڏنگي، در گهٽا، ڪتيان ڪچاڙو
ڪاپي متان ڪيترو آٽيان اڏارو
جي ور ڏئي وارو، ته سونهان سرتين وچ ۾.

**65. نيڻن جي نيرن:**

تن نيڻن ڪئي نيرانِ، جن ساجهر سيڻ سانپيتيا،
جيءَ، جسي ۽ جان، ڪر حضوري حج ڪيو.

**66. لوئيءَ جي لڄ:**

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٽيام،
اباڻن جي آسري، ڪتي ڪن ڪيام،
جا ڏت ڏيکيام، تنهن پرورَ پن رهائيين.

**67. كارا کبڙ ڏيهہ جا:**

کارا کبڙ ڏيهه ۾، ٻيا واريءَ منجهه وٿاڻ،
ساٿين کي، سيد چئي، پريو ڏين پاڻ،
عمر اُتِ اماڻ، ثابت رکج سومرا.

**68. سنهيءَ سئيءَ سان سيبو:**

سنهي سئيءَ سبيو مون ماروءَ سين ساهه،
وٺي ساريان سومرا، گولاڙا ۽ گاهه،
هنئيون منهن جو هُتِ ٽيو، هت متي ۽ ماهه،
پکن منجهه پساهه، قالب آهي ڪوٽ ۾.

**69. ڏٿين پٿين (دهقاني زندگي):**

ڏٿين پٿين ڏير، منهن ماروئڙن جا،
پائر سپ پچي پيو گهر گهاريندي ڪير،
ڪوئين گهاري ڪير، محلين مُنجهي مون هنئون.

**70. سپن جو سير (انقلابيءَ جي توڪل):**

سکو سپ سرتيون، سپن مان سير،
پيو مٿائي نير، اُپيون آبر آسري.

**71. برجو بير (ڪوهر) (مخالفت جو ميدان):**

بير ڪنيائون بر ۾، پيارين پهون،
سنجن ساتيڪن تي، وڏيءَ وير وهون،
پايو جر جندن ۾، ڪوڏان ڪن ڪهون،
ڏينهان ڏينهن نئون، مون کي ورهه ويڙيچن جو.

**72. ڏيرا ڏٿارڻ (عارضي نفعو):**

ڪيئن ڏٿاريان ڏيرا، ويندس ڪنهن نه وهانءَ،
مون مل مارو ناهه، اچا اوڍيان ڪِنِ کي.

**73. ڪانگل نه ڪوڙو (حق جو آواز):**

پريان سندي پار جو، ڪانگل نه ڪوڙو
اچي وجي وچ ۾، مٿي در دوڙو
جو اندر اوسيڙو سو لاٿائين لطيف چئي.

**74. چاريون ۽ ڪاريون (عوام جي محبت):**

چاريون، ڪاريون، ڇج ڇپريون، جن جي محبت مڇيءَ سان،
رهڻ، وهڻ، سر پانڌئين سيپئي بدبوءِ هاڻ،
لُڌڙن جئين لطيف چئي. پاٽيءَ وجهن پاڻ،
تن ملاحن جو ماڻ، سمي سر ڪيو پانهنجي.

**75. پکيءَ جو قالب (ڏاڍي جو خوف):**

پکي جنهن پچائيا، تنهن ۾ ساهه نه ماهه،
منجهه ڪرنگهر ڪات جو مٿي پکن چاهه،
ويچارن ويساهه، مٿي پکين آئيو.



# شاه جون وايون

# كافيون

# فهرست

* مهاڳ

## وايون


| نمبر | مُنڍ وائيءَ جو | صفحو |
|---|---|---|
| 1. | سيڪا پرين ڪُون پوڄي | 233 |
| 2. | عشق تُساڏي مين گهايل ڪيتي | 233 |
| 3. | عشق رانجهن دا، لڳا مينون ماهي | 233 |
| 4. | مَنڌُ پيئندي مون، ساڄَنُ سهي سڃاتو | 234 |
| 5. | تيندو تَن طبيبُ، دارون منهنجي درد جو | 234 |


### سر يمن ڪلياڻ


| نمبر | مُنڍ وائيءَ جو | صفحو |
|---|---|---|
| 1. | ورسيا ويڄَ ويچارا، دل ۾ درد پرين جو. | 235 |
| 2. | اڇي سارَ لهيج، ساڄَن! سور تماري آءُ ماري. | 235 |
| 3. | جيءُ جياريو جيءُ جياريو ڪينَ مُنهنجڙو هاريو | 235 |
| 4. | پلو ميان، محبتي، منا ماٺهو الا! | 236 |
| 5. | دوس پيهي در آيو، ٿيو ملڻ جو ساعيو | 236 |
| 6. | سي وَنَڙيو هوتَ وڃن، ووا! | 237 |
| 7. | وسارج مَ ويڙ، جوڀَن ٻ - تي ڏينهڙا. | 237 |
| 8. | عشق تمام، برهه تمام، ووا مَين لوٺي يار لوڪوا | 237 |
| 9. | سپيريان جي سونهن جي، ڳالهه ڪينَ وڃي. | 238 |
| 10. | يار سڄڻ جي فراق، ڙي جيڏيون، آءُ ماري! | 238 |
| 11. | دل رانجهن دي نالو لوڪو من رانجهن دي نال لوڪو | 238 |


### سر ڪنيات


| نمبر | مُنڍ وائيءَ جو | صفحو |
|---|---|---|
| 1. | جيڏيون! هيءُ ضرور، آيل! ڪيئن رهندو پرين ري؟ | 239 |
| 2. | اڱڻ آيامِ پيهي، يا الا! مون سارينديَ سُپرين | 239 |
| 3. | وَهلي وَنءُ مَ وهامِي، رهه رات! رائيندِيَس پرينءَ ڪي | 240 |

4. آهينمِ ڳالهڙيون، ماءِ مرادون پرينءَ سين 240
5. سَڏين سيڻ نـ هونِ، نينهن نياپي نـ ٿئي 241
6. توٽي تڙيين تون، يا الا، تو درُ توءِ نـ ڇڏيان! 241


## سر سريراڳ


1. سهسين شڪرانا، ڪوڙيين پال ڪريم جا 242
2. پچان ٿي ٿَن، هادي سائين، ڪتي پرينءَ جا پکڙا! 243
3. مون ۾ تون موجود! آءُ اڳاهين آهيان! آءُ اسونهين آهيان 243
4. ڪنڌي ساريان ڪانَ، يا اَمن امانُ! 244
5. آئيو هو الا، لالن آيڙو 245
6. باجهين مڱان، مهرين مڱان، الايا هو آءٌ تو باجهين مڱان 245
7. ساٿين نندا بارَ ووا ٿَن پانڌين نندا بارَ توکي آرس اکڙين ۾ 246
8. جاڳو يارا! جيڏيون، پاڻ پِرن جي، جاڳو جو شان جيڏيون 248
9. عمر سپ عبث، ويلَ وڃايم پانهنجا 249
10. اي يا الا! ڪيان لهنديءَ سي، وحده، جي وديا 249
11. هي جي، هُو جي لڪ، مون مارينڊا لڪ 249


## سر سامونڊي


1. پريَنِ جي پنڌا، مون ڪي جي جهلينديون، سي نـ پڄنديون 250
2. تڙَ نهاريان تي، منهن جا بندر ويڙا جي، مان سِڙهہ سڄاڻان سڄڻين 250
3. آيل ڪريان ڪيئن منهنجو نينهن اَپليو نـ رهي 251
4. ويندي آءُ هوتن وٽ، مون وَهُہ وڻجارن سين 251
5. اَئين اڇي پسو جيڏيون! ووا هي جو وَهُہ منهنجي جندڙي 252
6. اَئين مون کي زورِ مَ جهليو جيڏيون! آءٌ هلنديس هوت ڏي 252
7. ڪرهل پائي لَڄُ، ڪُهُہ نـ ويئينءَ ان سين؟ 253
8. ذڪ لاهيندم ڏونگرا! وو ماءُ! پِريَن جا مون کي سيپئي 253


## سر سهڻي


1. ڪهڙي منجهہ حساب، هئڻ منهنجو هوت ري، لا! 254
2. سچا ساهڙا! مون کي تون، ايہ وهيا واهڙا! مون کي تون 255
3. ڪُهُہ جاڻان ڪيڏا هين؟ منهنجو تن تٽي تيڏا هين 256
4. مون کي ڪام جهلي، سيڪا پاڻ پلي، آءُ وڏڙي نينهن اُڇلي. 256
5. توکي مڱان. جو تون آهين، بيو در ڪونـ سڃاڻان. 256
6. نَهين نَهين ميڏي وَس، ووا بنا دلبر هَي دل ماندي 256
7. آيل! اَمڙا! تي جيان، لا! جي سارينمِ سُپرين 257

8. هوئج هشيار، خبردار، تِرڪڙ آهي تَڙ ۾ 257

9. وڃي سا وهاڻي، ريءَ پسڻ پرينءَ جي 258

10. جان جاڳان، تان نهين وي نال سڄڻ دي 258

11. اکيون پير ڪري، وڃجي، ووا وڃجي 258

12. لَڙڪي لنئن نہ سجاتو راند پانيائين راز کي 259

13. مون پاريچيءَ سار، آءُ جا ويندڙي وَٽِ وچار 259

14. ويني ڪين وساري، محبت وڏڙي ماري 259

15. مدتَ تي ميهار يار، ساهڙا سائِر سير ۾ 260

16. منهنجيون سيپئي، آيل! ماءِ! مَنَ مرادون پُنيون 261

**سر سارنگ**

1. منهنجي سيد لهندو سار، مون کي آهي اميد الله ۾ 262

2. اکيون مينگهہ ملار، صورت تنهنجي سڀ جڳهہ موهيو 262

3. آئي مُند ملار، آئي ميگهَہ ملارَ آءُ کهنبا ڪنديس ڪپڙا. 262

4. ملجان ملجان، چوري چوري 263

**سر ڪيڏارو**

1. ميندي لاوڻ ڏي، جئين شاهہ ميندي لاوڻ ڏي 264

2. اڄ نہ آيو امام، واويلا، مومنا ماتام، واويلا! 264

3. واويلا ڪيو ملڪن رڻ ماتام، هَي هَي شاهہ حسين سِڏاريو 264

4. امامن جو ڪريو ماتام، شهيدن جو ڪريو ماتام 265

5. اڄ مير مومنن جا، مدينو چڏي هليا 265

6. يا علي! علي! سر يتيمن جي آئي، آيو حڪم الله جو يا امام 265

7. سارو ڏينهن، رڻ ۾ رهيا سي امام 265

**سر سسئي آبري**

1. ادا ڙي ڏوتي! آءُ پچان توتي 266

2. ڪهڙو سنگ سياڪو هاريءَ مون هوتن سين 266

3. پانڌي پريِنِ جو اي، آءُ مانَ ڪو پسان 267

4. آتڻ ۾ سڀ ويهي، دعا ڪريجاهُ جيڏيون! 267

5. جيڏيون! آءُ تان نہ چوندي، لوا ڏک ڏوراپو سيڻن کي 267

6. ڪا جا ڳالهہ هئي، سا جي لوڪ سُئي، لوا ڀاروچي جي من ۾ 268

7. ويجهي وندر جي وٽن، اي، اوڏي آيس، جان پريان جي پيچري 268

8. هوءِ جي هليا، هوت سونهارا، مون نہ وهيٽان، پنهونءَ سگهيٽان 268

9. غفلت يار گنواريو ٻڙي جيڏيون! ڪيئن ڪريان آءُ، ڪُهُ تيوا 269

10. تن پرين کي اُڪنڊي آ، لَڪَ لنگهيائون 283
11. ڇوري ڇڏ مَ ڇپرين، ٻاروچل! ٻانهِي 284

## سر ڪوهياري

1. گلا ڪا مَ ڪري، لکيو تان نہ ٽري، ٻڙي! جيڏيون!
منهنجِي ووا شهر ڀنڀور ۾. 285
2. آهيان جنِ سندي ڙِي، اڙي ميان! مون کي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا. 285
3. مون کي نيندا ساڻ، ٻاروچا ٻاجهہ پِئِي، اَلوا اَلوا! 286
4. ٻاروچي ساڻ، ٻڙي! اي جيڏيون! هيڪر ٽيان هيڪاندي 286
5. توٽي نِين نہ نِين، الوا ميان! آءُ اُنهن جِي آهيان 286
6. زاري سا زاري، الوا پلوا ڪوهياري ساڻُ، آءُ جا ڪنديس زاري 287
7. جنهن جِي آهيان ڏونگر ڏوري، تنهن ڪوهياري کي ڪَهَلَ پوي! 287

## سر حسيني

1. جي هُوندَ ڏِٺائون، وو جيڏيون، حالُ منهنجو وو هِهَڙو جِهَڙو! 289
2. شاديءَ جو سينگارُ آيل، آيل، مَرڪُ منهنجو مُون پرين 290
3. لَگو مَنجهہ لَڪَنِ، آيل، آيل، تازو پيرُ پنهونءَ جو 291
4. هوت، هوت، اي هوتا، ڏِيندِيس ماهُ مِرُن کي، آءُ جَرا جيءُ ڪري 291
5. ڏُونگرِ ٿي ڏوري، وِندُر ٿي ووڙي، جَتن لئي جيڏيون 292
6. پُنهون پريشان، ٻَرٻَر، نڪو خان نہ مان، هَئي هَئي! حال منهنجو 292
7. پاڙيچيون ڪا پچارَ منهنجا ڏيرَ ڏَمرَ ڪِنهن ڏيهہ وِيا 293
8. ڪوهياري جي ڪاءِ، مارِينديم ماءِ! مون کي من اندر جا ڳالَهڙي 293
9. منهنجي حجت ناهي واڻَ، ڪانهي واڻَ، جِيجان! تن جتن سين 294
10. من کي ڇپر تان مَ ڇڏيجا، ٻاروچا! پلئي لڳي آهيان 295
11. هِتان ٿي هَلندِيس، ميان! سامُهِين ساٽيهہ ڏي 295
12. منهنجو ساهہ نِيو سيٽانِ، آيل، آيل وِهان ڪِئن ڀنڀور ۾؟ 296
13. شال هاڙهي پوءِ پچار، پوءِ تنوار، ڪميٽيءَ جِي ڪيچ ۾ 296
14. هو ارمان اُنن، ميان، سَسُئيءَ جي سورن لئي 296
15. وَڃِي وينَڙي ٿِي، جِت، پيرُ سجاتَئِين پرينءَ جو 297
16. وسان ٿي وييِاس، آيل، لڳم ٻاڻ بروچ جو 297
17. تہ ڪو هوتُ سجڻُ نِيندا، هوا ڏيرا 298
18. ڪارون وَس ڪِيام، ڙِيا هَئي هَئي! لَڏي ڏُور ويام 299
19. جِتي راڄ رهن، سي تہ سُکِ وَسن، آءُ تنهن جبل منڙان گهوري 299

**سر سورٺ**


1. تنھن جيَ تند تنوارَ يار! مون من موھيو 300
2. متو ۾ ڪنڪار يارَ! ڏاڻ ڏيندو سئين مڱڻان! 300
3. ڏنو راءِ ڏياچ ھي سر صاحبَ تان صدقو 301
4. الوداع! ووا الوداع! ووا الوداع! جاني ڪيوءِ جدا 301


**سر بروو سنڌي**


1. ھوت نيٽان دا دلبند لوا يلو جيڏيون 302
2. مولو ڪندو مارِ منھنجي الله ڪندو مارِ 302
3. ھاڻ ايندو الا! مُنھنجو سَڄڻ شال ايندو 303
4. سڄڻ ٻاروچي جي ذات! دلبر ٻاروچي جي ذات! 303
5. وتان وج مَ مون منھنجو ٿونھين تون ڪونہ سُٺي ڪو ٻيو 304


**سر مومل راڻو**


1. مَيو تُون موتاءِ مون رُوندي راتِ وھاءِ سائين ڪارڻ سپرين 305
2. ساٿيئڙا ابا! پانڌي! پرينءَ سنيھو نيئي نيئي ڏيجا 305
3. نيئي نيئي ڏيج اي ادا پانڌي ساٿي پرينءَ سَنيھڙو 306
4. راڻا جي رَجپُوتَ مُومَل سيئي پسندا 306
5. تان تون ويھ سنبھي ساٿي ميان! پانڌي ميان! ڪاڪ ھَلبو ڪڏھين! 307
6. ڪِي جو ڪاڪ تڙاءِ چانگي چڙھو چڪيو 308
7. مَينڌڙا! مون ڪي راڻا! جمَ وساري ڇڏيين! 308
8. ڪئن ڪريان ڪاڏي وڃان؟ مون ڪي سودو سَجھُہ نہ ڏي 309
9. ڏُور وڃيو ڏينھن لائي ڪا سوڊَل ڪي سمجھائي 310
10. آءُ راڻا! رَھُہ رات تنھنجي چانگلَ ڪي چَندَنُ چاريان 310


**سر ڪاھوڙي**


1. وَسائيندڙي مينھَن مانَ مِلان ڪي سَڄڻين 311
2. آءُ جيھائي ذات تون پاڻُ سجاڻج سُپرين 311
3. سياڪو سيٽان پوري تو پاڻُ سُڃاڻي نہ ڪيو 311
4. جاڳي آڪَڙين تو ڪوھ اوجاڳو نہ ڪيو! 312


**سر رامڪلي**


1. سَنڌڙيان سِگڙي ڳالھ ڳجھڙي مُون مارِيندي ڪڏھين 313
2. ڪلپتي آئيا ھو ماءُ! آءُ ھَلَندي اُن سين 314
3. آسرو آھي موتي ايندا مون نہ ڇڏيندا پاڻُ پسندا 314
4. جنھن جي من ۾ مالا جوڳي سوئي 315

5. ويهه مَ ويسَري، تُون ڪِي جاڳِي اورِ الله سين 315
6. رانوَلُ رهي نہ راتِ، جيڏيون! منهنجو رانوَلُ رهي نہ راتِ 315
7. ٿَن ڳُڻَن ڳَهَر وڃائِي، هو مائِي! جوڳِيَن مون سين جي ڪيا 316
8. ٿَن اکين آءُ اڙائِي، ٻڙي! جيڏيون! ڳنهن دَرِ ڏِيان دانهَڙي؟ 316
9. مِڙيَنِئُون موڪلَ، ڪالهہ ڳندا وِيا ڪاپڙي 317
10. جوڳِي جَڳِ ڳهٽان، آلا: مون وَهہ ويراڳِيُن سين 317
11. جوڳِي ڏادِي ذات، جيجان! سامي ڏادِي ذات 317
12. ڪاپڙي ڳَن چِيرَ، ويا ويراڳِي نِڪري 318
13. پانڌي ڪا پريان جي، ڪر ڪا ڳالهڙي 318
14. ڪوئي ڏونگر ڏوريان، ڪوئي جبلُ جهاڳيان 319


## سر رپ


1. جو نَوازي ڏَڏَ، آسَرَ لاهہ مَ اُنَ جِي 320
2. جي سيٽائي سَڳُ، تي تي ڏونگرَ ڏوريان 320
3. سر تيون! سَڪڙيُون! ساريان پرين پانهنجو 321
4. هاڙهو ڳاڙهو هوتَ، ڪيچِي ڪالهہ لنگهي وِيا 321
5. جِٺري زيارَتَ، جي مان هوءِ پِريَنِ سين! 321
6. نيئي پريان کي ڏيج، تانڪو نيهَن نياپو 322
7. ڏيهہ وَڻَ تيا مُئيءَ کان ڏور، جاني! الوا 322


## سر ليلان چنيسر


1. آءُ پِرين گهَرِ پيهِي، ميان چنيسَرَ! هارُ هٿان مون ڇڏيو 323
2. مون تي وَهَرَ وَري، وارو ڏيندُم وَلَهو 323


## سر بلاول


1. مون ۾ عيبَ اَپار، يارا! آءُ جا طامِع آهيان تنهنجِي 324
2. آسرو آهي، الا، مون کي هوتَ حبيب جو 324
3. جٽان ڏنائون پير، جٽان ڏنائون پيرَ 325
4. ڏِڪَ ڏِڪِيندو، مُون نہ ڇڏيندو، شَفِيعُ شافِعُ سُپِرِين 325


## سر ڏهر


1. لائي جا وَرَن کي، سا ڪانڌَ منهنجي ڪورا 327
2. مون کي نِنڊ نہ نيٽين نيٽين، ڪالَهُون پوءِ لَڳَن ۾ 327
3. مون سين هوت نہ ڪندڙا هِيئَن، ماءُ ڇام نہ ڪندڙا هِيئَن 327
4. تون جو وَڃِين ڪيچ ڪَهِي، اي ادا، ڏيج پارايو پِرينءَ کي 328
5. هي سڀ هلڻ هارا، ڪونہ رهندو ڪو هتِ، جيڏيون! 328

## سر ڪاپائتي


1. ها هِينئين سين لاءِ، پوري! ڪا هِينئين سين لاءِ 329
2. آءُ جا ويندڙي پار پِرينِ جي، مون کي آيل جهَلَ مَ پاءِ 329


## سر پرڀاتي


1. ٻي دَرِ وَنءُ مَ ڪيڏانهين، آلا! تون چام مڱَندين مڱڻا! 330
2. وڏڙا ڏاڻَ ڏِنائين، ڪنيائين رَختُ ريزالَن جو 331
3. مون کي ڇڏ مَ ڇپرين، اي عاقل پنهون اتور 331
4. سگهر منجهه سُٺِينِ، يا آلا، سَڏ منهنجا سُپرين 332
5. ڪيچي ويا جيڏانهين، جيڏيون آهيم آس اوڏاهين 332
6. ڏيني سان ڏاتارَ تِي موچاري مڱڻي 332


## سر گهاتو


1. جيڪُسِ جهَليا مڇَ، گهاتُو گهرِ نہ آئيا 333
2. هو جي ويا مون هِٽي الا، آءُ تنهن جَڙَ جَڏي ڪَئِي 333


## سر آسا


1. پِريَنِئُون پوءِ موتِي، موتِي مَ وهامي راتِ، راهَہ رَمَندَڙي روءِ 334
2. اي ميان سجڻ، توري اوري، ڪِئن رهندا نيڻ مُنهِينجا 334
3. وَجهَہ مَنجهہ خليلُ، اندر آذَرُ آهِيين 335
4. الله سائين! سائين! پُٺان پِرِينئُون مَ پانهين، مون تان آسرو آهي اوڏانهين 335
5. جيڏيون! آءُ ڪا پاڻ وهيٺي آهيان؟ ڪا مون سار لهيجا 335
6. موتَ مُندَ نہ آهي، تائب ٿيو تڪڙا 336
7. پانڌي سو ميڙيوم، هادي هٿ ڏيوم 336
8. ڪِي اُنهين منجهہ آهي، هُوءِ جي جهُونا پسجن جهُوپڙا 337


## سر مارئي


1. پَرچن شال پنوهارَ ڍوليا! مارو مون سان، الا. 338
2. ويڙهيچن ڏي ويندي، عمر آءُ ماروئڙن ڏي ويندي، ڏيهہ ڏاڏاڻي پَکَڙين 338
3. منهنجو هِينئڙو سنگهارن ساري، هوءَ جي ويجها رهن وَس کي 339
4. لوئيءَ ۾ لائون، مون ماروءَ سين لَڏيون 339
5. منهنجو من ميان! واڳيو ويريچَن سين 340
6. عمر! آءُ مَري تان نہ ڇڏينديس، لوا مِٺِي ماروئڙَن جِي 340
7. مَنجهہ رهِي ملير ، هاري! مون ڪوهہ ڪيو؟ 340
8. ڪتيءَ منجهہ ڪتيائين، مارُو چامُ مليرَ جو 341
9. عمر! آءُ وِيندَڙو پُڇان ڪوءِ، جتي مارو تتي پانڌي، آلو! 341

10. شڪر آڻ بجاءِ، آهِئين اَهل الله سين 342
11. روندي رات وِهاءِ، مون کي رويو راءِ وهاءِ 343
12. اُنَ نہ مَتيان پٽ، آءُ جا ڪِرڙ ڪپور نہ مَتيان 343
13. مون مَ ڪَسيجاهہ، مون مَ ڪَٽيجاهُہ لوئي، ميان عمر! 343
14. مون مَن ماروءَ جو، ماروءَ جو منهنجو ميان! 344
15. منهن جو مَن، ماروءَ ڍِٽڙي رَچي 344
16. ٿَپُ ٿَڙيائين، سَمُنڊِ وِڌائين، نيائين مرض مومنن تان 345

## سر ڍول مارئي

1. مارو مون کي مليو ڄِيلن حالَن سان 346

## سر ڏناسري

1. هرجا آهي هادي، پِيرُ پنهنجو پاڻ سين 347

## سر پورب

1. سائِين سَڱُ سَندوم، مَ ڇِڃي سين جوڳِئين 348
2. جَن جو وارث تون، الا! سي ڪِئَن رهندا نيڻ منهنجا؟ 348
3. ڪوا 'ڪان ڪان' ڪندا، وهاڻِي وِٽَن ۾ 348

## سر ڪاموڏ

1. هِيري هَٿُ وڌائين، ويهي ساٿين وچ ۾ 350
2. ٿَنهن کي ڪير چوندو مي، اڙي! ايءَ سمي جا سَمنڱِي 350

## سر ڪارايل

1. پلو جيڏيون، آءُ جا بلوچي جي آهيان 352
2. جي مان چارائِين، جيڪر جيڏيون، ووا ڪَرهہ سندانِ چاريان 352
3. ڪوڙي راند، ڪوڙو چَٽڪو لِڪَ سِيئَن لَلوُ پَتو 352

## سر بسنت بهار

1. اڄ سڄڻ گهر آيم جيڏيون، الله اميدون پچايم ايڏيون! 353

# ڪافيون

1. ڇو تو پڇين پند پيرا ووا پيرا، وات وِندُر جي وڻ پيا ڏسيندا 354
2. جهاتيءَ ۾ دل ڦاٽي، رمز ڪوهيارل لاتي 354
3. هيءَ تہ نماڻِي ڪيرا مون کي پِرت پرايا هِن پير 354
4. منهنجو ملڪ ملير، آءُ ڪِئَن ويني هتِ گهاريان! 355
5. ڪانگ وجي تہ ڏجو منهنجو ڪو پنهل کي نياپو 355
6. منهنجو پنهل ويو دل کسي، ڙي جيڏيون! مون کي ڏجو پنهل جو ڏس، ڙي جيڏيون! 355

| | | |
|---|---|---|
| .39 | ڏيئي ويا اٿم ڏير، الا! اوجاڳو اکڙين کي | 364 |
| .40 | ادا ڙي عمر هِي حال چوان تي، وڃي پِرَ کي پهچايو | 364 |
| .41 | ڪامل ويا ڪبندا، الاجي ڪيئن ڪندا، مون تہ ويهي عمر وڃائي ساري | 365 |
| .42 | چپر ۾ هِيءَ چوري، هوت چڏي ويا هيڪلي | 365 |
| .43 | سچو نينهن لڳو ڪنديس ڪونہ ٻيو جيجان تن جتن ري | 365 |
| .44 | ڏوراپا ڏينديس، وو يار، حجاڻتا هوتن کي | 365 |
| .45 | اديون آريچن ان سڱ چو ڪيائون، مُئي جو ماڳ نہ لڌائون | 366 |
| .46 | گهوري ننڊ نماڻي، ويندي رات وهاڻي، جاڳو جاڳو يارو! | 366 |
| .47 | تازو ٻيهر پنهل جو، لڳو منجهہ لڪن، وو يار | 366 |
| .48 | واڳ ڏٺيءَ جي وس، وو يار، آءَ ڪا پاڻ وهيٺي! | 367 |
| .49 | پينر پيچو ڙي پيچو، منهنجو پهہ تہ پرين سان | 367 |
| .50 | ڪُهڻ جون ڪاتيون، وو يار، لائي ويو جانب جيءَ سان | 367 |
| .51 | راڻل تو بن رات، ميان، مون کي ويئي وَرهيہ لنگهي ويا | 368 |
| .52 | ترس نہ پيين تِر جيترو، ڏاڍي ذات جتن جي | 368 |
| .53 | مان ملان شل سڄڻين، وسائيندڙي مينهن | 368 |
| .54 | لَڙهہ لڳي جنهن جِي لارَ، سو ڳڻل ٻاروچل پاڙي پاڙي | 368 |
| .55 | شل ڪا پوي پچار، ڪميٺيءَ جي ڪيچ ۾ | 369 |
| .56 | پسي ڳاڙها گل، متان ڪا چانگي کي چاري | 369 |
| .57 | اٿم ارمان عجيبن جو، مون کي نال نہ نيائون | 369 |
| .58 | آءَ پنهون تون پيهي، تہ وڃنم سور سيپئي | 370 |
| .59 | ڪهڙو لقب مان ڏيرن کي لايان، پنهنجي ڪرم لکئي ڏانهن پانيان | 370 |
| .60 | دل ڪر درخت جي دستور | 370 |
| .61 | ڪيچي قول ڪري ويا، هيءَ نہ ويل وڃڻ جي | 370 |
| .62 | مان ساريان سانگيئڙن کي منهنجا مارو وسن ملير | 371 |
| .63 | آءَ ٻاروچل اچ ميان، پنهل چام پرچ، موٺ وڃوڙو تو ماري، اچ... | 371 |
| .64 | لائي تہ ويا مئيءَ کي لوري، هيءَ گهوري، منهنجي جندڙي جتن سان | 371 |
| .65 | ننڊ نا ڪر تون نماڻي، متان ويلڙي وهاڻي | 372 |
| .66 | ڏني ڪا ماءُ سورن جي پينگهي ۾ لولي | 372 |
| .67 | پيرين پونديسانِ، رهي وڃو رات پنيور ۾ | 372 |
| .68 | آءَ جي جاڻان، ساڻ نہ نيندا، چوٽي سيج وڇايان | 372 |
| .69 | مان ڪِيئن جيئنديس جڳ ۾، پنهنجي پنهل پڄاڻان پڄاڻان | 373 |
| .70 | محبت جي ماري، ويچاري، پنهل لاءِ رڙندي وتي | 373 |

71. پيچ پنهل ويو پائي، هل ڪاهي، هت چاهي 373

72. هن ڪي خيال جو بيا گهٽا، مان ليڪي ۾ ناهيان 374

73. سچڻ هجن شال سنوان، سچ تي چوان 374

74. اُتي تون چرخي ڪي چور، مون سُتي سور پرايا 374

75. تُنهنجي پَلئي لڳي آهيان، مون ڪي پلئي لائڻ ڏيو 374

76. بوند برھ جي بهار لڳي، درد ونديءَ جو ديس وسي 375

77. عمر ميار تي مون ڪي ماري، ڳٽتي اباڻن جي ڳاري 375

78. ڪيئن وساريان وڙُ اديون، منهنجو حال محرم يار هو 375

79. ڪيچين سان پوندو ڪم، ڙي اديون، هاڻي هلبو، هاڻي هلبو چپر چڙبو 375

80. گهڙي تہ پلڪ هتي رهنداسون، آخر ديس وطن تي ويندا سون 376

81. نچ ناچوئڙا اَتئي ويل نچڻ جي، پوءِ نہ ملندءِ وار يار! 376

82. اکيان وچي رانجهن نال لڳيان 376

83. ساري رات وڃايم، ستي، ستي، حيف منهنجي حال ڪي 376

84. اکيان دا ڏوھ نہ ڪوئي، دليان دا مالڪ موليٰ 377

85. رات ڏٺو هئم خواب ۾، عمر! سکيا سانگيڙا ويني ساريان 377

86. ڪاڪيون قريبن جي اڳيان، ڪتيم ڪين ڪي، چا بڏايان! 377

87. گورن جا گوڏا، ونگينديس وارن سان 377

88. لائي تندُ تنوارِ، سُتي مون سور پرايا 378

89. پرھ نهاري تي پيرَ، پنهنجي هوت پنهل جا 378

90. هيءِ هيءِ هوت مياس، دوست مياس، لڳي يار لڪن ۾ 378

91. آيل مون ڪي اماڻ، هل مون ساڻ، پونديس پيش پرينءَ جي 378

92. هلو هلو توهان هوتا، وريتيون وڃو، نہ هلو نال نماڻي 379

93. حق حيدر حيدر هو الا، اسان جو مير محمد مرسلا 379

94. جن لکيو انگ، ڙي اديون، قلم ڪان ڪاڏي وڃان 379

95. ڏاڍي بلوچن جي ذات، اديون، منهنجو پنهل وٺي ويا رات، اديون 379

96. منهنجو جيڙو جياريو جن، الله تن ڪي آڻي وري! 380

97. هت اسان جو هيڏو حال، توکي پنهنجا سانگ سيباڻا 380

98. چو تيون ڏيو مون ڪي متيون، وس پنهنجي ۾ ناهيان 380

99. لائي تہ نماڻيءَ سان نينهن، دوست ايئن دل نہ متجي 381

100. هوت نہ ڪندڙا هيئن، چوري نہ چڏيندا چپرين، الاميان 381

101. هتان هليو ويندين، وري نہ ايندين، شوق دنيا جا سڀ چڏ لاهي 381

102. راڻا پنهنجو پاڻ سجاڻ، لڪ لنگهي ويا قافلا 382

| | | |
|---|---|---|
| .103 | ڪالهه قطارون ڪاهي ويا، جت پنهل وٺي ويا پاڻ سان | 382 |
| .104 | لايو ٽيو سجايو هوت پنيور ۾ آيو | 382 |
| .105 | توهين آهين تون، ٻيو ور نه ڪنديس ڪونه ڪو | 382 |
| .106 | عمر چو منهنجو روح رنجايو اٿئي، سانگين ڪاڻ سڪايو اٿئي | 382 |
| .107 | سڪ مارن جي سمهڻ نٿي ڏئي، آءُ شل ويڙهيچن وچان | 383 |
| .108 | عشق الاجي آهي ڇا؟ برهه الاجي آهي ڇا؟ | 383 |
| .109 | مُلان مار مَ مون، سڄڻ ڏسان ڪي سبق پڙهان | 383 |
| .110 | منهنجو پاڙو پنوهارن سان، ڏٺي ڪر مَ ڏار! | 383 |
| .111 | لااله الا الله هو الله | 384 |
| .112 | اپيو تي عرض ڪري، ليلا ڄام چنيسر کي | 384 |
| .113 | ڏوٽي ويڙا ڏُور، مارو منهنجا ملڪ مٿي ويا | 384 |
| .114 | ماروءَ جو مذڪور، راتو ڏينهان روح ۾ | 384 |
| .115 | آخر هلبو گهر، دنيا درگذر، ڪر ڪو نظر، سدا يار ساٿيهه جو | 385 |
| .116 | پل پل پور پون، مون کي وسري تان نه وڃن | 385 |
| .117 | مون ڪنهن سان ڪين ڪيون، سي ڳالهيون مارن جون، ميان عمر | 385 |
| .118 | ماروءَ جي ملڪن، چڱي طرح چمڪن، ڏيو وراڪا وسن | 386 |
| .119 | ڪوٽن ۾ ويٺي قيد گذاريان، هاجو ڪر نه همير! | 386 |
| .120 | ادا پيهي وارا يار، پنهنجي پوک سنڀيار، متان جهتي نه وڃنئي جهار | 386 |
| .121 | ميليندو مانَ خدا، مارن جي ملڻ جي اميد مون کي آهه | 387 |
| .122 | رهجي اچي شال رس، منهنجو ماروئڙن سان | 387 |
| .123 | ڏاڙو هٽي جت، ڙي اديون، منهنجو پنهل وٺي ويا پاڻ سان | 387 |
| .124 | هلي پڇو ڪو پنڌ، ري اديون، آيل آديسين جو | 387 |
| .125 | سورن منجهه ساماڻي آهيان، مان ڏکن ڪاڻ ڄائي آهيان | 388 |
| .126 | آهيڙي ڪا ساهيڙي، جا منهنجو پنهل پرچائي، ڙي! | 388 |
| .127 | ماڙيون پانيان ماتام، ملڪ اباڻو ڪيئن وساريان | 388 |
| .128 | ڏونگر ڏي ڪو ڏس، ڙي يار، مون کي ڄام پنهل جو | 388 |
| .129 | مون کي مرم مارن جو تو ماري، اهي مارو ڪيئن رهان مان وساري! | 388 |
| .130 | آءُ پنهنجا ڪرڙ ڪڪوريا، ڪيئن مٽيان! | 389 |
| .131 | منهنجا ويڙهيچا ولهار، ساريو روز سڪان ٿي | 389 |
| .132 | منهنجا سمورا سائين آءُ ٻندياڻي آهيان | 389 |
| .133 | شل نه نينهن نبيري، ٻانهي آهيان مان گولي | 389 |
| .134 | ووڙيندي وُڃ ميان، ڪارڻ ڪانڌ ڪوهيارل جي | 390 |

| | | |
|---|---|---|
| 135. | سجڻ تو لاءِ ويٺي سڪان، تنهنجي محبت ماري آهيان | 390 |
| 136. | سورڙا ڏئي نه ساڙ ماري ڇڏ ته مري وڃان | 390 |
| 137. | جيئن تا ڏينهن لنگهن، تيئن ٿا پور پون | 390 |
| 138. | برو فازا سندن ٻولي، هن گوليءَ ڪي نال نه نيائون | 391 |
| 139. | تنهنجا ڪهڙا ڪيان آءُ بيان، الا | 391 |
| 140. | عمر ڪين وڻن تنهنجيون ماڙيون، اسين ماروئڙا مال چاريون | 391 |
| 141. | پنوهارن جا پير، مون نه ڏٺا اڄ ڏيهه ۾ | 391 |
| 142. | ٻاٻاڻن جون ٻيريون، ڪاهڙ جون ڪيريون، سي مان ساريان سومرا | 392 |
| 143. | هاڙهي جي هوت ڪي، منهنجي دل ساري! | 392 |
| 144. | آيل ڙي، منهنجي دل جو دوست وني ويا، مون سان ڏاڍي ڪئي ڏيرن | 392 |
| 145. | اڄ نه پکي آئيا، واهيري جي اڻن وير | 392 |
| 146. | اِجهو سج لٿو ڪر ڪا ڪار ڪتڻ جي | 393 |
| 147. | سومرا مان توکي، ڳالهيون چونديس دل جون | 393 |
| 148. | ٻانهي آهيان ٻاروچل جي، آهي مون ۾ آل وو! الو ميان! | 393 |
| 149. | نڪري هوند نهاريان، هاڙهي هوتن لاءِ، بلوچن لاءِ | 393 |
| 150. | هنجهڙا نه پسان پنهنجا، سي اڏامي ويا واهيرن تي! | 394 |
| 151. | محبت وڏي آهيان مامري، نه ته ڪير ڪشالا ڪري | 394 |
| 152. | رويو ويٺي رو پنهل ڪان پوءِ، ڏيندس ٻاهه ڀنڀور کي | 394 |
| 153. | تون ويهه مَ، وير نه لاءِ، توکي ساٿي سڏيندا ويا ساٿ جا | 394 |
| 154. | هت هئا جي هنجهڙا، مئي کي ويا ماري | 395 |
| 155. | هو ويا مون هٿي، تن جي جاڙَ جڏي ڪئي | 395 |
| 156. | مان هلان تو ساڻ ميان، مان گولي تي گذاريان | 395 |
| 157. | ملندم شال موٽي، آءُ پنهل لاءِ آهيان اداسڻ | 395 |
| 158. | هوت پنهون تو لاءِ، جوڳڻ ٿينديس جڳ ۾ | 396 |
| 159. | پنهنجا عمر اباڻا، وسئون مون ويڙهيچا نه ڇڏيا | 396 |
| 160. | آهيان خان پنهل جي گولي، گولي مانَ چون، ٻانهي مانَ چون | 396 |
| 161. | ساهڙ لهه سنڀار، آءُ مل يار، منهنجا الا | 396 |
| 162. | سر پنهل تان صدقي، شل رهجي اچي رس | 397 |
| 163. | ڪَهه ڪانگل ڪڏهين ايندا، ايندا جوڳيئڙا، الا! | 397 |
| 164. | توکي راڻا رسڻ نه گهرجي، نه ته مَري ويندي سانءِ مينڌرا! | 397 |
| 165. | آءُ وڪاڻل مُلهه، وو يار، آهيان اصل خريدَ انهن جي | 397 |
| 166. | ڪهڙي سليان پنهنجي وائي، وو الا! مون کي مارو ئڙن جي سڪ سدائي | 398 |

| | | |
|---|---|---|
| 167. | اوڏڙِ اوري آءُ، توکي لاڪي ڪوٺيو | 398 |
| 168. | اڳ نہ هيم ڄاڻ، تہ ڪهي ڪوهيارل ويندم | 398 |
| 169. | ڏونگر ڏورڻ آئيو ڪيچي تا ڪيچ وڃن | 398 |
| 170. | اديون پينر اڄ وو يار، جادو لائي ويا جيءَ ۾ | 399 |
| 171. | سرتيون ڏيو ڪا صلاح، باب بنديءَ جي ٻٽي آ ٻٽي | 399 |
| 172. | جوڳي جوان جبل جي پاسي، جبل پيئي تي ووڙي | 399 |
| 173. | ڏنڌا دنيا جا سڀ توڙي، هٿ جوڙي، آيو عشق ميدان ۾ | 399 |
| 174. | جتن لاءِ ڙي پينر، جبل پئي تي ووڙي | 400 |
| 175. | ٻڌ ڪوڪون قبر جون ڪَنَ سان، دوستيءَ واري دم سان، وو يا، | 400 |
| 176. | ڏونگر ڏي ڪو ڏس، اوهان ڪو ڏنو منهنجو جانب جتن سـ | 400 |
| 177. | مون کي درشن يار ڪرائيندو واڳ وطن تي واريندو | 400 |
| 178. | عشق عقل جو لڳو آهي جهيڙو ڪير نبيري ڪير، ميان | 401 |
| 179. | لوٺيءَ کي مَ لڄايو ڪري هوت هلڻ جي | 401 |
| 180. | وڃان پيرپري، جهڙي تهڙي حال سين | 401 |
| 181. | آءُ آهيان جن سندي، مون کي سي نہ ڇڏيندا | 402 |
| 182. | رسج تون رحمان، تُرهو ڇنم تار ۾ | 402 |
| 183 | جت نہ زوراور ذات اديون، منهنجو پنهل وٺي ويا رات، اديون | 402 |

# مهاڳ

شاهه عبداللطيف عليه الرحمة جو نالو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل آهي. سندس ڪلام جون ڪيتريون مصراعون روز مرهه جي گفتگوءَ ۾ مثال طور پيش ڪيون وڃن ٿيون.

اهو اثر صرف مسلمانن تائين محدود نه آهي، پر هر سنڌي انهيءَ رنگ ۾ رڱيل ڏسجي ٿو. سنڌ جي هندن سندس ڪلام ۽ پيغام کي مشتهر ڪرڻ، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ جي ڪوششون ورتيون آهن، سي پنهنجو مٽ پاڻ آهن. نه صرف سنڌ ۾ بلڪ اتان لڏي وڃڻ بعد ڀارت ۾ يا دنيا جي جنهن به حصي ۾ رهن ٿا، اتي شاهه لطيف جو نالو سندن زبان تان نٿو وسري. شاهه جون ورسيون ۽ صوفي سماگم هر هنڌ پيا ملهائين.

مون شاهه جو نالو ننڍي هوندي کان ٻڌو هو. ليڪن جڏهن ٽئين درجي سنڌيءَ ۾ ٿيس، ته ڪلاس ماستر ريواچند کان شاهه جون ڪافيون ٻڌي، اسان شاگردن کي جو سُرور پهچندو هو، سو منظر اڃا مون کان وسري نٿو سگهي. جڏهن ڇهه درجا سنڌي پڙهي، پارسي پڙهڻ ويٺس، ته ان وقت منهنجي اها حالت هئي ته شاهه صاحب جو رسالو ۽ ديوان حافظ سدائين ساڻ هوندا هئم. شاهه جي ڀٽ تي جمعي رات وڄي راڳ ٻڌڻ جو شوق به ان وقت کان پيدا ٿيل هو. هالا تعلقي جي ڳوٺن، ڀاٽوٽ ۽ هالا پراڻا ۾ جڏهن به عزيزن ۾ ويندو هوس، ته اڪثر جمعي رات درگاهه تي وڄي راڳ ٻڌندو هوس. اهڙيءَ طرح آهستي آهستي شاهه صاحب ڏانهن رغبت وڌندي ويئي.

ڊسمبر 1924ع جي آخر ۾، برادرم ميران محمد شاهه مرحوم ۽ آءٌ گڏجي ڀٽ شاهه تي زيارت لاءِ وياسون. تنهن کان پوءِ ته ٻيئي سندس شيدائن جي قطار ۾ داخل ٿي وياسون.

1925ع کان جڏهن ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جي سلسلي ۾ ڪراچيءَ ۾ زياده رهڻ جو موقعو مليو، تڏهن کان آءٌ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾ وڃڻ لڳس، جتي معلوم ٿيم ته انهيءَ ميخاني جي مَنڊَ مان مون وانگر ٻيا به ڪيئي خماريل هئا.

برادرم ميران محمد شاهه مرحوم، ضلعي لوڪل بورڊ حيدرآباد جي پريزيڊنٽ ٿيڻ بعد، 1930ع ۾، شاهه جي ميلي جي موقعي تي، صوفيانه ۽ ڪلچرل ڪانفرنس جو جڏهن انتظام ڪيو ته ڪراچيءَ مان دادا چيٽمل پرسرام، سرڳواسي لالچند جڳتياڻي، منگهارام ٿهلراماڻي ۽ آءٌ به اچي ان ۾ شريڪ ٿياسون. ڪراڙ ڍنڍ جي ڪناري تي تنبو لڳي ويا هئا. اديبن، شاعرن ۽ صوفين جو چڱو تعداد ڪنو ٿيل هو. ٻه ٽي ڏينهن چڱي موج لڳي. اهو نظارو اجا اکين اڳيان پيو ڦري. انهيءَ ابتدائي ڪوشش اڳتي هلي موجوده ڀٽ شاهه ڪلچرل ڪانفرنس ۽ مرڪز جي صورت ۾ اختيار ڪئي.

مون کي آهستي آهستي پتو پوڻ لڳو ته انهيءَ ڪشش ۾ شاهه صاحب جي صوفيانه ڪلام ۽ واقع نگاريءَ کان سواءِ ٻيا به ڪي اونهان راز سمايل هئا. انهن مان هڪ سنڌ جي شاندار ماضيءَ جي ياد کي زنده ڪرڻ جو مقصد هو ۽ ٻيو سموريءَ انسانذات کي ملڪ، رنگ، ذات پات، مذهب ۽ فرقي جي تفاوت کان سواءِ محبت جي ڌوريءَ ۾ پوئڻ جو پيغام هو.

سنڌ هزارن ورهين کان تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز پئي رهي هئي. ان جي قديم زماني جو احوال واريءَ جي دڙن ۾ لڪتجي، ماڻهن جي يادگيريءَ تان لهي ويو هو، جنهن کي مغربي ملڪن جي تاريخدانن کوٽي ظاهر ڪيو. ليڪن ان کان پوءِ جي سنڌ جي رومانوي دورن، سومرن ۽ سمن جو احوال به تاريخ نويسن جي بيتوجهيءَ ڪري ذري گهٽ وسري ويل هو. جيڪڏهن ان جي چند واقعن کي چوندي شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ذريعي پڌرو نه ڪري ها، ته اهو احوال به پردي غيب ۾ ڇپيل رهجي وڃي ها. ان سان گڏ، شاهه صاحب سنڌ جي قديم سيبتا جي مکيه روايتن، جهڙوڪ حب الوطني، سرويڇي، وفاداري، سخاوت، مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ، قومي حميت ۽ غيرت، رواداري، بي تعصبي ۽ همه گير محبت جو جهڙيءَ طرح ذڪر ڪيو آهي، اهو مرده دلين کي به زنده ڪري سگهي ٿو. تنهنڪري سنڌي، شاهه صاحب جو اهو احسان ڪڏهن به وساري نٿا سگهن. هن وقت انهن مان ڪي زماني جي گردش ڪري ڪٽي به هجن، ته به اهو نينهن جو نير ٽٽي نٿو سگهين. سندن روايتون به اهڙيون آهن، جي دنيا کي آچيندي لڄ نه ٿيندي

ٻي ڳالهه، جا شاهه جي ڪلام مان اسان کي ملي ٿي، سا آهي ان جي انسانذات جي اتفاق، امن ۽ ترقيءَ جي تعليم. دنيا ۾ انسان جي پيدائش کان وٺي ٻن رجحانن جا ماڻهو پئي رهيا آهن. انهن مان هڪ هو خودي ۽ خود

مطلبيءَ جو لاڙو ۽ ٻيو هو بيخوديءَ ۽ بيطمعيءَ جو لاڙو. پهرئين لاڙي جي ڪري ماڻهو نسلن، قبيلن، ۽ قومن وغيره جي محدود دائرن ۾ ورهائجي ويا، جن جي ڪري ماڻهن ۾ نفرت ۽ بدامني پيدا ٿي پيئي، ۽ سندن ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون پوڻ لڳيون. جيئن ته گهڻا ماڻهو ذهني ۽ نفسياتي طور اڃا ڪيترين حيواني خواهشن کي ماري ترقي ڪري نه سگهيا هئا، ان ڪري ان پهرينءَ لهر ۾ گهڻا لڙهي ويل هئا.

پر دنيا ڪڏهن به سالم دل ۽ دماغ ماڻهن کان خالي نه رهي آهي. هر ملڪ، زماني، قوم ۽ مذهب ۾ ڪيترا اهڙا ماڻهو به پيدا ٿيا آهن، جن ذات پات، دين ڌرم، ملڪ ۽ قوم جي ويڇن کي وساري سموري انسانذات کي محبت جي ڌوريءَ ۾ سلهاڙي، متحد ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. اهڙا ماڻهو مصر، يونان، روم، هند، ايران، چين، عرب وغيره ملڪن ۾ پيدا پئي ٿيا آهن. جن ماڻهن جي ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت ڏٺي هئي، ۽ ان ڪري ماڻهن کي حقيقت شناسيءَ جو سبق پئي ڏنو. شاهه لطيف به اُن پاڳوان ۽ انسانيت جي محسن گروهه مان هو. سندس پيغام جو مقصد به اهو ئي هو، جو نبي ڪريم حضرت محمد صلعم، حضرت موسيٰ، حضرت عيسيٰ، زرتشت، ڪرشن ۽ ٻين رهبرن ٻڌايو هو. پنڊتن، پادرين، مُلن، حاڪمن انهن جي پيغام کي غلط نموني پيش ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو هو ليڪن اُها سچ ۽ محبت جي دونهين دکندي رهي آهي، ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌندي پر گهٽبي ڪانه.

هن زماني ۾ اسان جي معاشري ۾ نفرت، ناراضگي ۽ بدامنيءَ جي فضا پيدا ٿي آهي، انهيءَ اسان جي گهٽين قديم روايتن جا سبق وسارائي ڇڏيا آهن. تنهنڪري هن وقت ان ڳالهه جي وڌيڪ ضرورت محسوس ٿي رهي آهي ته شاهه جي پيغام کي گهر گهر پهچائجي.

اها ئي ڳالهه آهي، جنهن مون کي قلم هٿ ۾ کڻڻ لاءِ آماده ڪيو آهي. اهو ئي نقطي نگاهه آهي، جنهن موجب هي وايون ۽ ڪافيون جمع ڪري رهيو آهيان. ۽ انهيءَ خيال کان لطيف سائين جي پيغام کي نئين سر ترتيب ڏيئي پيش ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو. شاهه صاحب جي ڪلام جي ڪيترن صاحبن تشريح ڪئي آهي، جن مان ڪي ٻاهريان هئا. جهڙوڪ ٽرمپ صاحب، ڊاڪٽر سورلي ۽ مس اينمي ميري شمل. سنڌين جي لسٽ تمام ڊگهي آهي، جن مان مير عبدالحسين سانگي، ميرزا قليچ بيگ، مسٽر ليلارام

وطن مل، دادا چينمل پرسرام، ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، مولوي دين محمد وفائي، غلام محمد شهواڻي، علامہ آءِ. آءِ قاضي، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ٻيا قابل ذڪر اصحاب آهن. انڪانسواءِ ٻيا ڪيترائي بزرگ، جهڙوڪ سچل سرمست، شاهہ نصير، بيدل، ديوان ڏيارام، ساڌو واسواڻي ۽ ٻيا انهيءَ مسلڪ وارا بزرگ ۽ درويش بہ سڏيءَ ۽ اٽسڏيءَ طرح سندس شارحن ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا. آءٌ بہ پاڻ کي 'خريدارن' جي لسٽ ۾ داخل ڪرڻ لاءِ، لطيف سائينءَ جي واين ۽ ڪافين ڪٺي ڪرڻ ۽ سندس پيغام لکڻ جو هيءُ ڪم ڪري رهيو آهيان. جي قبول پيو تہ ميروئي مانُ لهندس.

شاهہ صاحب جو جملي ڪلام بيتن، واين ۽ ڪافين ۾ ورهايل آهي. اڪثر صاحبن رسالي جي نسخن ۾ بيتن ۽ واين کي ڪٺي ڪرڻ طرف زياده توجهہ پئي ڏنو آهي. شاهہ صاحب جي درگاهہ تي هر جمعي رات راڳ جي مجلس ٿئي ٿي. ان ۾ بيت ڳائي، آخر ۾ وائي ڳائي وڃي ٿي. پر ٻاهرين مجلسن ۾ صرف وايون يا ڪافيون ڳايون وڃن ٿيون. البت ڪڏهن وچ ۾ هڪ بہ بيت ڏوهيڙي طور چيا وڃن ٿا. سنڌ ۾ شاهہ صاحب جون ڪيتريون اهڙيون ڪافيون ڳايون وڃن ٿيون، جي نہ صرف رسالن ۾ لکيل نہ آهن، پر ڪنهن بہ هڪ ڪتاب ۾ جامع نہ ڪيون ويون آهن. گهڻي وقت کان ان ڳالهہ جي ضرورت کي ڪيترن دوستن محسوس پئي ڪيو هو. پر ڪوبہ صاحب جملي واين ۽ ڪافين کي هڪ ڪتاب ۾ ڪٺي ڪرڻ جو ڪم اڃا تائين سرانجام ڏيئي نہ سگهيو هو. تنهنڪري اهو ڪم هٿ ۾ کڻي رهيو آهيان.

مون ان ارادي ڪرڻ بعد اخبارن ذريعي سيني دوستن کي عرض ڪيو تہ ڪافين جي گڏ ڪرڻ ۾ مون کي مدد ڪن. پر گهڻي مدد ملي نہ سگهي آهي. ڏوهہ ڪنهن کي ڏجي! بهرحال، جيڪي مواد هٿ ڪري سگهيو آهيان، ان کي ڪنو ڪري، هن ڪتاب ۾ پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

هن ڪتاب جون وايون اڪثر ميرزا قليچ بيگ جي ڇاپي نسخي (ق. ب) تان ورتل آهن. انهن جي پيٺ هيٺين ڇاپي نسخن سان ڪيل آهي:

1. گورنمينٽ بوڪ ڊيپو نسخو (گ. ڊ)
2. ميان غلام محمد شهواڻيءَ جو نسخو (غ. ش)
3. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو نسخو (ڪ. ا)

4. علامہ آءِ. آءِ. قاضي جو نسخو (ع. ق)
5. محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو نسخو (م. ڏ)

سڀني نسخن ۾ آيل واين لاءِ حوالو ڏيڻ ضروري نہ سمجهيو ويو آهي. ميرزا صاحب جي نسخي کان وڌيڪ واين جن نسخن تان ورتل آهن، انهن جا حوالا مٿي ڏيکاريل اکرن وسيلي ڏنل آهن. ان کانسواءِ ڪن نسخن ۾ جيڪڏهن ڪي اهم جدا پڙهڻيون ڏنل آهن، تہ اهي بہ ڏنيون ويون آهن.

هن مجموعي ۾ جيڪي ڪافيون پيش ڪيل آهن، اهي سنڌ ۾ شاهہ عبداللطيف عليہ الرحمت جي نالي ۾ جهر جهنگ ڳايون وڃن ٿيون. انهن مان سواءِ ڪن ٿورين ڪافين جي، ٻين جو معيار ادبي توڙي معنوي اعتبار کان ڪافي اوچو آهي. هتي ڪل 183 ڪافيون آنديون ويون آهن، جي سڀ هيٺينءَ ريت هٿ ڪيل آهن:

پهريون 59 ڪافيون، شولداس ٿانور داس، تاجر ڪتب، شڪارپور جي نومبر 1910ع ۾ ڇاپيل ڪافين جي ڪتاب تان.

60 کان 83 تائين ڪافيون، پروفيسر رام پنجواڻي، بمبئي (ڀارت) جي 1959ع ۾ ڇپايل ڪافين جي ڪتاب "سڪ جي سوغات" تان.

84 کان 98 تائين ماستر عبدالرحيم، هيرآباد، جي گڏ ڪيل ۽ پوڪرداس، تاجر ڪتب، شڪارپور جي سنہ 1915ع ۾ ڇاپيل ڪافين جي ڪتاب تان.

99 کان 101 تائين پير الطاف احمد، سکر، کان.

تنهن کان پوءِ جون 5 ڪافيون (102_106 تائين) ميان سڪندر خان، بيلف، حيدرآباد کان.

چار ڪافيون (107 کان 110 تائين) ماستر دودي خان، ڪلري سن، کان.

111 کان 123 تائين سيد محمد شاهہ، اڏيرو لعل کان.

124 کان 129 تائين فقير الهڏتي نَوَل "اداسي"، نورپور، کان.

اٺ ڪافيون (130 کان 137 تائين) سيد محسن علي شاهہ، ٽنڊو آدم کان.

چار ڪافيون (138 کان 141 تائين) ميان محمد ڪبير هالائيءَ کان.

ٻہ ڪافيون (142 ۽ 145) خليفي حاجي گل محمد، بلاولي، هالا کان.

ٻہ ڪافيون (143 ۽ 144) ميان محمد خان، پٽ شاهہ کان.

149 کان 169 تائين حافظ محمد اسحاق، بلالپور، سيوهڻ، کان.

170 کان 183 تائين، چوڏهن ڪافيون ميان حسن علي، سيوهاڻيءَ، کان.

آخري ڪافي، جيڪا شاهه جو شيدائي ۽ ڳائڻو نارو ڀڳت، ٽاڻي بولا خان وارو ڳائيندو هو، اُها شامل ڪيل آهي.

جيئن تہ هي ڪافيون هنڌين ماڳين ڳايون وڃن ٿيون، ۽ ڳائڻا، فقير ۽ درويش انهن کي پنهنجي پنهنجي حافظي ۾ ٿي سنڀاليندا رهن ٿا، تنهنڪري انهن جي ٻولن ۾ ڦير گهير جو موجود هجڻ لازمي ڳالهہ آهي.

تنهنڪري هتي ڪن حالتن ۾ ڪافين جي پڙهڻين کي پنهنجي ٻُڌ سُڌ تي قائم ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب جي ترتيب ۾ ڪن دوستن هيٺئين احوال جي اضافي جي تجويز ڏني هئي:

1. ڪافيءَ ۽ وائيءَ جي تحقيق ۾ مضمون لکجي.
2. ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏجي.
3. اِها کوجنا بہ ڪجي تہ واقعي ڪهڙيون ڪافيون يا وايون شاهہ صاحب جون آهن ۽ ڪهڙيون نہ آهن.
4. هر هڪ ڪافيءَ جي ڳائڻ جي راڳڻيءَ جو سُر پيش ڪجي.

افسوس آهي تہ سندن اِنهن تجويزن جي، مختلف سببن ڪري، پوئواري ڪري نہ سگهيو آهيان. مون کي اميد آهي تہ انهيءَ ڪميءَ جي پورائي ٻيا اديب ڪندا.

ممڪن آهي تہ شاهہ صاحب جون ٻيون بہ ڪيتريون ڪافيون هجن، جي مون کي هٿ اچي نہ سگهيون آهن. اميد تہ اهي ڪافيون ٻئي ڇاپي يا ضميمي ۾ ڏيئي سگهبيون.

ادبي نقطي نگاهہ کان هن ڪم ۾ ڪيتريون خاميون رهجي ويل هونديون. ان لاءِ معافي طلب آهيان. آءٌ نهايت شڪر گذار ٿيندس جيڪڏهن وڌيڪ ڪافيون يا هن مجموعي ۾ آيل ڪافين ۾ اضافن يا درستين جون تجويزون مون کي موڪليون وڃن. ممڪن آهي تہ ٻئي ڇاپي وقت انهن تجويزن موجب اضافو ۽ اصلاح ڪئي وڃي.

سن،
15-4-1964ع

**- غلام مرتضيٰ**

# وايون

# سر ڪلياڻ

(1)

سيڪا پرين ڳُون پُوڄي،
نينهن نيٽڻ ڳڙ ڳالهه وڙا
جا چتايم چت ۾ سڄڻ سا تو ٻُجهي،
نينهن نيٽين ڳڙ ڳالهه وڙا
لات جا "لطيف" جي، سڌ تَنهن جو سُڄي،
نينهن نيٽڻ ڳڙ ڳالهه وڙا

(ق ب، گ ڊ، م ڏ)

(2)

عشق تساڏي مين گهايل ڪيتي،
وو ميڏي ميان، درد رانجهن دي.
هڪ جو اڳي ئي سهڻا، بيجهي بيپرواهي،
وو ميڏي ميان، درد رانجهن دي.
ويج طبيب پچندي مين تڪي،
وو ميڏي ميان، درد رانجهن دي.

(3)

عشق رانجهن دا، لڳا مينون ماهي.
راتيان ڏينهان درماندي، لوڪان خبر نہ ڪائي
مون ڪي مرض ماريو سڄڻ هٿ سگهائي،
دارون هن درد جو آهين تون الاهي.

(ق ب، گ ڊ، م ڏ)

(4)

مَنڊُ پيئنندي مون، ساجَنُ سهي سڃاتو.
پِي پيالو عشق جو سَيُڪي سمجهيوسون،
ساجَنُ سهي سڃاتو.
پريان سندي پار جي، اندر آڳ اٿئون،
ساجَنُ سهي سڃاتو.
جِيئڻُ ناهي جڳ ۾، ڏينهَن مِڙيئي ڏُون،
ساجَنُ سهي سڃاتو.
الا "عبداللطيف" چئي، آهين تُونهِين تون،
ساجَنُ سهي سڃاتو.

(غ ش، ڪ ا، ع ق، م ڏ)

(5)

تيندو تَن طبيبُ، دارون منهنجي درد جو.
ٻُڪِي ڏيندُم ٻاجهه جي، اچي شال عجيب.
دارون منهنجي در جو.
پرِيَن اچي پاڻ ڪيو، سندو غور غريب،
دارون منهنجي در جو.
ڏُکندو سيوئي ڏور ڪيو مَنجهئون تَنَ طبيب.
دارون منهنجي در جو.
اديون "عبداللطيف" چئي، هاتِڪُ آهه حبيب،
دارون منهنجي در جو.

(غ ش، ڪ ا، ع ق، م ڏ)

## سر يمن ڪلياڻ

(1)

ورسيا ويجَ ويچارا، دل ۾ درد پرين جو.
اٿو ويچا! مَ وِھو وَجو ڏِيَ ڪٽي،
دل ۾ درد پريَن جو.
ٻُڪي ڏيندا ٻاجھَ جي، آيامِ سور ڏٽِي،
آيا جيءَ جيارا،
دل ۾ درد پريَن جو.

(2)

اچي سارَ لهيج، ساڄَن! سور تماري[1] آءٌ ماري.
سور تماري جي مَران، تان مون ڏوھ مَ ڏيج،
ساڄن! سور تماري آءٌ ماري.
ڏِيَن يَري ھَتَڙا، دارون دوست ڪريج،
ساڄن! سور تماري آءٌ ماري.

(3)

جيءُ جياريو جيءُ جياريو ڪينَ مُنهنجڙو هاريو
منهنجي جيءُ جياريو!
پريَن جيءَ پچار سيڻن جيءَ سنيار
جڏڙو جِيءُ جِياريو!
اُچيو تَنُ عميق مان، پِريَن پوڄُ پيياريو
منهنجو جيءُ جياريو!
مرضُ مريضن تان، اشاري ساڻ اُتاريو
منهنجو جيءُ جياريو!

---

[1]. تنهنجي (ع ق)

ڪَرَمَ ڪريمن جي، مون ڪي، اَهُڪيءَ مان اُڪاريو
منهنجو جيءُ جياريو!
سَنئون مُنهُن ڪري، سپرين! اَئين نرمل نُور نهاريو
منهنجو جيءُ جياريو!
سائِلنَ جيئن سَڏَ ڪري، آئين طيرن جِئن تنواريو.[1]
منهنجو جيءُ جياريو!

(ع ش، ع ق)

(4)

يلو ميان، محبتي، منا ماٺهو الا!
پرين پرچن، جيءُ جياريو جن.
ري سرمي سهٽا پرين، ڪجل ڪوهه وجهن؟
ميرائي مارينِ مون، تان جي پکڙجن.

(ق ب، گ ٻ، م رڏ)

(5)

دوس پيهي در آيو، ٽيو ملڻ جو ساعيو.
ڏينهين پُجاڻون آٽي اسان کي، مولي مُحب ملائيو
ٽيو ملڻ جو ساعيو.
وبو وڇورو ٽيو ميلاپو، واحد واءُ ورائيو
ٽيو ملڻ جو ساعيو.
هو جِنهين جو ڏَسُ ڏورانهون، اوڏو اج سو آيو
ٽيو ملڻ جو ساعيو.
"عبداللطيف" چئي، اچي عجيبن، پاڻَ فضلُ فرمايو
ٽيو ملڻ جو ساعيو.

(غ ش، ڪ ا، ع ق، م رڏ)

---

[1] . آئين طالحن کي تاريو. (غ ش، ع ق)

(6)

سي وَڻڙيو هوتَ وڃن، ووا
جهليان پليان، هينئڙو نہ رهي!
آءُ جَنِين جي آهيان، ڳَڙي مَ تيان تن،
جهليان پليان، هينئڙو نہ رهي!
ڳَڻهين ڀَتيين گهوريان، سندي ڀاڄهہ ڀين،
جهليان پليان، هينئڙو نہ رهي!
مَرُ مران، مارينِ مون، پرزا پرزا ڪن،
جهليان پليان، هينئڙو نہ رهي!
آءُ مُيائي گهورِئي، جي مان محب ملن،
جهليان پليان، هينئڙو نہ رهي!

(7)

وسارج مَ ويڻ، جوين ٻہ - تي ڏينهڙا.
لونيون سهن لوڪ جا، وهاٽيءَ تيون ويڻ،
جوين ٻہ - تي ڏينهڙا.
اصل آسارن جا، سُتي ويڙا سيڻ،
جوين ٻہ - تي ڏينهڙا.
جيڏيون، جي مان وِسهو ننڊ مَ هيريو نيڻ،
جوين ٻہ - تي ڏينهڙا.
راتڙيون جاڳن جي، سي آءُ ڳنڍڙي سيڻ،
جوين ٻہ - تي ڏينهڙا.
آڏي رات اُٿي ڪري، جهل تون ننڊان نيڻ،
جوين ٻہ - تي ڏينهڙا.

(8)

عشق تمام بِرهہ تمام، ووا مَين لوني يار لوڪوا
سيج ستي نون جهپ نہ آويہ نيڻن نندر حرام
راتيان جاڳن صاحب سنڀالڻ، اِي فقيران دا ڪام
مت عقل ني سُنجهہ ڳئي، آيا عشق امام
(ق ب. گ د ع ش ح ڪ ا، م ذ)

(9)

سپيريان جي سونهن جي، ڳالهہ ڪينَ وجي.
وجي درد دوستن جي، سوريءَ سر هجي.
عاشق انگُن چڙهيا، ٻيو سيڪو ڀَجي.
پڇج پوءِ پريتڻو پهرين سِر سجي.
عاقل ئي اوڇون ٿيا، ڀورو ڪينَ ڀَجي.

(10)

يار سڄڻ جي فراق، ڙي جيڏيون، آءُ ماري!
در دوسن جي ڪئين جو هوندا، مون جيها مشتاق،
ڙي جيڏيون، آءُ ماري!
جاتي ڪاتي محبوبن جي، آهہ حَسن جي هاڪ،
ڙي جيڏيون، آءُ ماري!
سرمو سهي ڪر اکين جو خاص پريان جي خاڪ،
ڙي جيڏيون، آءُ ماري!
”عبداللطيف“ چئي، پرين اسان جو هميشہ حُسناڪ،
ڙي جيڏيون، آءُ ماري!

(غ ش، ڪ ا، ع ق، م ڏ)

(11)

دل رانجهن دي نالو لوڪو من رانجهن دي نال لوڪو.
مئن رانجهن دي، رانجهن ميڏا، ٻيو سڀ ڪوڙو ٽوڪو
محبت دي ميدان ۾، سر وڍي ڪو ڪو

# سر ڪنڀات

(1)

جيڏيون! هيءُ ضرور، آيل! ڪيئن رهندو پرين ري؟
سَگھو ساعت نہ جندڙو، اٿ ئي پَهر مَلُور،
آيل! ڪيئن رهندو پرين ري؟
مَن ۾ مشتاقن جي، ساجن تنهنجو سرو،
آيل! ڪيئن رهندو پرين ري؟
پيرين آءُ نہ پُڄڻي، ڏيهہ پِريان جو ڏُور،
آيل! ڪيئن رهندو پرين ري؟
وجي ويلَ سَيڪنهِين، هينئڙو پرينءَ حُضور،
آيل! ڪيئن رهندو پرين ري؟

(2)

اڱڻ آيامِ پيهي، يا الا! مون سارينديَ سُپرين.
مشڪُ عَطرُ مون پِرين، سِڪيس جَمَ سيپئي،
يا الا! مون سارينديَ سُپرين.
تَن جَنِين جو طالبو روحَ تنين سين ريهِي،
يا الا! مون سارينديَ سُپرين.
ساجن سنديءَ سونهن جِي، آءُ ڳالھ ڪريان ڪيهي!
يا الا! مون سارينديَ سُپرين.
ٿيو لطف، "لطيف" چئي، دوسُ آيو در پيهي،
يا الا! مون سارينديَ سُپرين.

(3)

وَهلي وَڃڻ مَ وِهامِي، رهه رات! رائيندِيَس پرينءَ کي.
شمع ٻِيندِيَس شب ۾، اِن خوشيءَ کان ڪامِي،
رهه رات! رائيندِيَس پرينءَ کي.
بابُوئَن سنديَ باهه جِئَن، ٻران شال اُجهامِي،
رهه رات! رائيندِيَس پرينءَ کي.
پرت جا پِيتَمَ جي، سا ڪِئَن پروڙي عامِي!
رهه رات! رائيندِيَس پرينءَ کي.
مون کي مون پرينءَ جو، آهي درد دَوامي،
رهه رات! رائيندِيَس پرينءَ کي.
هوءَ جا لَئُون "لطيف" چئي، مون کي آهه مدامي.
رهه رات! رائيندِيَس پرينءَ کي.
روشن ٿيا رُجن ۾، جي هئان لَئُون اِنهين لامِي،
رهه رات! رائيندِيَس پرينءَ کي.
ڪاري سا قِيام سَئِين، هوت جنهن جو حامِي،
رهه رات! رائيندِيَس پرينءَ کي.
آيم تَنهِن لوڪ سين، جيسين مان چُوڻِ سُوامي،
رهه رات! رائيندِيَس پرينءَ کي.

(4)

آهينم ڳالهڙيون، ماءِ مرادون پرينءَ سين.
جي مان پيئون پرينءَ ري، کوءِ سي راتڙيون،
ماءِ مرادون پرينءَ سين.
جي مان اوريون پرينءَ سين، ور سي راتڙيون،
ماءِ مرادون پرينءَ سين.
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، ٻاتِيَم جهاتڙيون،
ماءِ مرادون پرينءَ سين.
آڏيءَ "عبداللطيف" چئي، ڪُهَنِ ڪاتڙيون،
ماءِ مرادون پرينءَ سين.

(5)

سَڏين سيڻ نہ هونِ، نينهن نياپي نہ ٿئي.
ڪاريءَ رات رت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رون،
نينهُن نياپي نہ ٿئي.
موٽڻ جنين مهڻو پڙَ تي سيئي پُون،
نينهُن نياپي نہ ٿئي.
جَن مسافِرَ سپرين، سي مَرُ رويو رُون،
نينهُن نياپي نہ ٿئي.

(6)

توٽي ترڙيين تون، يا الا، تو درُ توءِ نہ ڇڏيان!
مون ڪي سو مشاهدو جي مُنهن نَہ ڏيين مُون،
يا الا، تو در توءِ نہ ڇڏيان!
مون هيا دَرَ گهٽا نِهاريا، آهِيين ٿُونهِين تون،
يا الا، تو در توءِ نہ ڇڏيان!

# سر سريراڳ

(1)

سهسين شڪرانا، ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
حمد چئج حڪم کي، جور هٽي جانا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
تو ڏيکارين تون ڏٺي باطن جا باڻا[1]،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
متان مرد وسارين، تون صاحب جو ثنا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
دوستُ رکِي دل ۾، پڙهه لالَنُ لسانا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
جفا ڏيئي جيءَ کي، تي فڪر منجهه فنا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
تُسِي توسين توھُ ڪري، من آگو احسانا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
ڪڍ تون دغا دل مان، ٻانهپ سين ٻانا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
صاحب وٽي سچ سين، تيءُ دانَهُه، ديوانا!
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
جي تسليمَ سين تحقيقُ هئا، سي ڪِئَن آمانا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
جاڳيا جي جبار لئي، سيئي سمانا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
"فاذ ڪروني اذڪر ڪم"، ڳهيو قُرآنا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.

---

1. تو ڏيکاري تو ڏٺي، باطن جا بانا. (ع ق، غ ش، ڪ ا)

”وَشْڪُروالي ولا تڪفرون“ ڪيو تون ڪفرانا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
سڀ سَنواريا سُپرِين، ڪُوَلَ تو ڪَنا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
چڱي چئج چاهہ سين، مَدَح ايءَ منا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
تائبَ ٿيو تڪڙا، جوشان جُوانا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.
لهين تون لطيف ڪان اَمُن ايمانا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا.

(2)

پچان ٿي تَن، هادي سائين، ڪتي پرينءَ جا پکڙا!
جتان جَتن لڏيو چڙهيا پکي پن.
جر موتيءَ جيئن هاريو منهنجي هينئڙي ڀڳا ڀَن.
(ق ب، گ ڊ، م ڏ)

(3)

مون ۾ تون موجود! آءُ اڳاهين آهيان!
آءُ اسونهين آهيان!
اڪيون اڪڙين ڪي، سِڪيو ڪن سجود،
آءُ اڳاهين آهيان!
آءُ اسونهين آهيان!
تيلانهن رسيون بود ڪي، جيلانهن ٿيون نابود،
آءُ اڳاهين آهيان!
آءُ اسونهين آهيان!
ماڙهن جي مونڻ جو صاحبَ هٿ سُجُود،
آءُ اڳاهين آهيان!
آءُ اسونهين آهيان!
اِن دَر سيئي اگهيا، جن وڃايو وجود،
آءُ اڳاهين آهيان!
آءُ اسونهين آهيان!

(4)

ڪنڌي ساريان ڪانَ، يا اَمُن امانُ!
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ٻائِيان.
ڳجهڙ ڳاٽيتو ناهه ڪو اپر تيا عصيان،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ٻائِيان.
خبر ناهه قبر جي، نسورا نِسيانَ،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ٻائِيان.
والي! رسج وَهلو ارک تيا انسان،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ٻائِيان.
سُڻ سباجها سپرين! نعرو نگهبان،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ٻائِيان.
مديون پسي منهنجيون، شرمايا شيطان،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ٻائِيان.
هن منهنجي حال تي، هئي هئي ڪن حيوانَ،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ٻائِيان.
سائين سڪاڻي آهيين، ساموندڀءَ سُبحان،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ٻائِيان.
تُرهو ڇنم تار ۾، رسج تون رحمان،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ٻائِيان.
ٻيلِي جو ٻُڏَنِ جو مون تي موڻي مانَ،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ٻائِيان.
وينو ڀِني ڀِنڻو ڪر پيرو مٿي ڀانَ،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ٻائِيان.
خالق تان خوب ڪيا، گولن جا گذرانَ،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ٻائِيان.
آءُ پڻ انڌو ان ۾، وينو پنان پان،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ٻائِيان.
سڀ سوالي سَمَگيا، داتا ڏِئي دان،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ٻائِيان.

وَلها سڀ ونهيان ڪيا، تُنهنجي جود جوان،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ياٽِيان.
متان مون کي ڇڏيين، ٻيلي سندا ٻانَ،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ياٽِيان.
وير وسيو آهيين، داڙو ۾ ديوانَ،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ياٽِيان.
لاءِ ڏُهارين ڏينهَن کي، خيمو اڏيو خانَ،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ياٽِيان.
اتي ”عبداللطيف“ چئي، سُڄ ڪا سلطانَ،
يا الاهي! ٻاجهه ٻِلاتي ياٽِيان.

(5)

آيو هو الا، لالن آيو.
چئا چندن اهڳ، ڪتوري لالن لڳن لايو
آيو هو الا، لالن آيو.
ٻڌو چئي ٻاجهه تي، ڪوڙيو پريم گهر پايو
آيو هو الا، لالن آيو.
ڳاهون ڏِيئي ڳُجهيون، مون پاٽهي پرچايو
آيو هو الا، لالن آيو.
لوڪاٽي لِڪون ڪري، مون رات سَجيائي رانيو
آيو هو الا، لالن آيو.

(ق ب، گ ڊ، م ڙ)

(6)

ٻاجهين مڱان، مهرين مڱان، الا يا هو،
آءُ تو ٻاجهين مڱان!
تون مارين، تون جيارين، لطف اُتارين لَڱان،
آءُ تو ٻاجهين مڱان!
ڏٽيءَ جا ڏوبي چئي، ڪم مڙيئي چڱان،
آءُ تو ٻاجهين مڱان!

هِت پڻ تونهين، هُت پڻ تونهين، ٻي در ڪاڏي وڃان،
آءُ تو ٻاجهين مڱان!
ڪَننديِن ڪَتِي چَئي، سُڻ صاحب جي سڱان،
آءُ تو ٻاجهين مڱان!

(ق ب، گ ٻ، م ڏ)

(7)

ساڻين نَندا ٻارَ، ووا! تَن پانڌين نَندا ٻارَ،
توکي آرس اکڙين ۾.
پاتا پاڙي وارين، پڳهه منجهه پاتار،
توکي آرس اکڙين ۾.
پترڻ تو پور ڪري، آئي تُنهنجَڙي وار،
توکي آرس اکڙين ۾.
سڄيون راتيون سُمَهين، ڪِيو منجهه خمار،
توکي آرس اکڙين ۾.
ڪِ تو ڪنين نہ سئي، هلڻ جي هاڪار،
توکي آرس اکڙين ۾.
تائب تيو تڪڙا، پڙهو[1] ايءُ ٻچار،
توکي آرس اکڙين ۾.
ننڊ نہ ڪجي ايتري، سُڄَج ادا يار،
توکي آرس اکڙين ۾.
سائينءَ مُڪين سچ ڪي، تون ڪوڙو منجهه قطار،
توکي آرس اکڙين ۾.
ڪِ تو ڪنين نہ سئي، ڪُپر جي ڪوڪارَ،
توکي آرس اکڙين ۾.
گهِڙان تِي ريءِ گهڙي، الاهي تو آهار!
توکي آرس اکڙين ۾.

[1] سچِي ايءَ سنيارَ (ش ع، ڪ ا، ع ق)

هو جو شڪ شارڪ جو تِئان رک ستارَ!
توکي آرس اکڙين ۾.
"ڪل نفس ذائقہ الموت"، سچِي اِيَ[1]، سنيارَ
توکي آرس اکڙين ۾.
شڪار تو شهبازَ جو، تون تان منجهہ شڪار
توکي آرس اکڙين ۾.
"يوم يُفرُالمرءُ من اَخيہ"، جت يَجندا يارَ
توکي آرس اکڙين ۾.
ترهو چنو تار ۾، اچج تون، اوسارَ
توکي آرس اکڙين ۾.
لک مڙيئي لُٽيا، هُنهِين ويا هزار
توکي آرس اکڙين ۾.
ڏِنَئي جي الله کي، هوند تِيين پَريين پار
توکي آرس اکڙين ۾.
جوتَنِ مٿان جُتِڪي، دُنِي تُنهنجي دارَ
توکي آرس اکڙين ۾.
جيفو آهہ حديث ۾، انڌي اِي آچار
توکي آرس اکڙين ۾.
وَتِيَئِي ڪينَ وِلهَنِ سين، ڪنبِي پر قهار
توکي آرس اکڙين ۾.
سا ڪيئن هلي توسين، جا پِڳِي ڪان پتار
توکي آرس اکڙين ۾.
جيڻ جالَ نہ نِبَهي، سُٽج اِيءَ سنيارَ
توکي آرس اکڙين ۾.
جِم وسارِيين ويسرا، پِتِن جي پُلڪارَ
توکي آرس اکڙين ۾.
آرس اکڙين ۾، آهي تو گينوار
توکي آرس اکڙين ۾.

---

1. پڙهو ايءَ پچار (ش ع، ڪ ا، ع ق)

(8)

جاڳو يارا! جيڏيون، پار ڀِرن جي،
جاڳو جوشان جيڏيون.
هلندي حبيبن ڏي، ويلو وڄ نہ ڪجي،
جاڳو جوشان جيڏيون.
مٿان اُهِسَ اُسِري، پتنگ جيئن پئجي،
جاڳو جوشان جيڏيون.
عرض احوال ان کي، چڱيءَ يَت چئجي،
جاڳو جوشان جيڏيون.
ڪري نيازُ نَڪِڻُون، واحد ڏي ورجي،
جاڳو جوشان جيڏيون.
آهي موت مٿني تي، گوڙيون ڪيو گَجي،
جاڳو جوشان جيڏيون.
اجل ايندءِ اوچتو جو سدا تو سجهي،
جاڳو جوشان جيڏيون.
اڳيان اونداهيءَ جو، سمر ساڻ ڪجي،
جاڳو جوشان جيڏيون.
تان ڪي قوت قبرجو، ڪوڙيون آن گهرجي [1]،
جاڳو جوشان جيڏيون.
آڳو عيب آنهجا، ڍڪيا ڳجهه ٻُجهي،
جاڳو جوشان جيڏيون.
جيڪي وهي وجود ۾، صاحب سو سمجهي،
جاڳو جوشان جيڏيون.
امن آهي ان کي، جو منجهہ الله آجهي،
جاڳو جوشان جيڏيون.

[1]. ڪڻ تون قوت قبر جو گهڻو تو گهرجي. (ع ق، غ ش، ڪ ا)

(9)

عمر سپ عبث ويلَ وڃايم پانھنجا.
ويٺي لکيو لوڙيان، جيڪي ڪِيئڙو مَسُ،
ويلَ وڃايم پانھنجا.
اڇي اياڻين ڪي، راسخ اڇي رس،
ويلَ وڃايم پانھنجا.
حال منھنجو ھھڙو جھڙو، تان تون پِريَم پس،
ويلَ وڃايم پانھنجا.
قلب ڪارو جو ٿيو ڪاتب لاھيين ڳسُ،
ويلَ وڃايم پانھنجا.

(10)

اي يا الا! ڪيان لھندينءَ سي، وحدهُ جي ويا.
جتي وحدهُ وڍ ٿئي، جيڪو مون کي ني،
سسي ڏيان ساھہ سين، آءُ تنھن پانڌيءَ کي.

(ق ب، گ ڊ، م ڏ)

(11)

ھي جي، ھُو جي لَڪَ، مون مارِيندا لڪ.
يا والي، ڪيچو نہ اوڏڙي ڇڪ،
مون مارِيندا لڪ.
انت نہ ڏجي عام کي، لوڪان ڪجي لڪ،
مون مارِيندا لڪ.
پارِ ۾ پاريون ڪري، نيھَن وھائجي نِڪَ،
مون مارِيندا لڪ.

# سر سامونڊي

(1)

پريَنِ جي پنڌا، مون ڪي جي جهليندين، سي نہ پڇنديون،
پلي ڪري آئيو ٽاٽارو ڏيها،
مون ڪي جي جهليندين، سي نہ پُڇنديون.
پگِي ڪُٽ سِڄي ٽِي، لَٽي جاڪِ ٻِرا،
مون ڪي جي جهليندين، سي نہ پڇنديون.
سرتين سور پرائيا، هاٽي هِن هنڌا،
مون ڪي جي جهليندين، سي نہ پڇنديون.
تان ڪين واس وهائيان، ٻاروچي مُلا،
مون ڪي جي جهليندين، سي نہ پڇنديون.
تان ڪين ڏونگر ڏوريان، جان ڪُڙه اندر ساھ،
مون ڪي جي جهليندين، سي نہ پڇنديون.
مَتيون موٽڻ سنديون، تون هڏ آچ مَ ماء،
مون ڪي جي جهليندين، سي نہ پُڇنديون.

(2)

تڙَ نهاريان تي، منهن جا بندر وِيڙا جي،
مان سِڙَھ سڃاٽان سڄٽين.
اُپِي اوسَهِ پائيان، ڪارڻ وڻجاري،
مان سِڙَھ سڃاٽان سڄٽين.
گهٽو اُڪنڊي آهيان، پرينءَ پنهنجي ڪي،
مان سِڙَھ سڃاٽان سڄٽين.
آسائتي آهيان، الا ڪانڌُ اچي،
مان سِڙَھ سڃاٽان سڄٽين.

(3)

آيل ڪريان ڪيئن منهنجو نينهن اَپَليو نہ رهي.
ويو وڻجارو نڪري[1]، مون کي چاڙهي چِيئن،
منهنجو نينهن اَپَليو نہ رهي.
سامونديءَ جي سَنگ کي، روئان راتو ڏينهن،
منهنجو نينهن اَپَليو نہ رهي.
اُڏوهيءَ جيئن ڏکڙا، چَڙهيا چوٽيءَ سيئن،
منهنجو نينهن اَپَليو نہ رهي.
گوندرَ متي چِندڙي، وريا ولين جيئن،
منهنجو نينهن اَپَليو نہ رهي.
مادر پائي مُنديون، وڃان هاديءَ سيئن،
منهنجو نينهن اَپَليو نہ رهي.

(4)

ويندي آءٌ هوتن وٽ، مون وَهُہ وڻجارن سين.
پکِهُہ کڻ مَ پاٽڻي، جاني مون لاءِ جَٽِ،
مون وَهُہ وڻجارن سين.
وايون وڻجارن جون، اديون اڄ نہ هَٽِ،
مون وَهُہ وڻجارن سين.
ڳرهيان سورُ سفر جو هلي پنهنجي آرَٽِ،
مون وَهُہ وڻجارن سين.
پورينديس پريَنِ ڏي، ڪانہ ڪرينديس گهٽِ،
مون وَهُہ وڻجارن سين.
ڏيئي سِڙهہ سِير تيا، پيرُ نہ لائيئون پَٽِ،
مون وَهُہ وڻجارن سين.

1. اوهري (ع ق، ڪ ا، غ ش)

(5)

اَئين اڄي پسو جيڏيون!
ووءِ! هي جو وَهُه منهنجي جندڙي
پاڻي ويڙا پير ۾، منجهان ڪَرِسَ ڪَسو
ووءِ! هي جو وَهُه منهنجي جندڙي
ڏيئي ويڙا ڏاهِ کي، سورن جو سَرَسو
ووءِ! هي جو وَهُه منهنجي جندڙي
آءُ ڏوريندي ان کي، ڏيئي تنَ تسو
ووءِ! هي جو وَهُه منهنجي جندڙي
ساءُ نه آيان سورَ جو هاڻي ٿيون هَسو
ووءِ! هي جو وَهُه منهنجي جندڙي
متان وهو ويسريون، رڙهو تان رسو
ووءِ! هي جو وَهُه منهنجي جندڙي
منداڻتي مينهن جيئن، ويروتارِ وسو
ووءِ! هي جو وَهُه منهنجي جندڙي

(6)

آئين مون کي زورِ مَ جهليو جيڏيون!
ووءِ آءُ هلندي هوت ڏي
اونهي ويَڙا اوهَري ترازُون تاري،
ووءِ آءُ هلندي هوت ڏي
مري رَهنديس ماڳِهين، سامُونبدي ساري،
ووءِ آءُ هلندي هوت ڏي
سور تَنهنجو سپرين، مون معذور کي ماري،
ووءِ آءُ هلندي هوت ڏي
هاڻ نه جيان جيڏيون، آءُ جا ڪُنيس ڪوهياري،
ووءِ آءُ هلندي هوت ڏي

(7)

ڪَرهل پائي لَڄُ، ڪُڇُ نہ ويئينءَ ان سين؟
اُجاريائون اوليون، ڏٺاريائون ڏَڄ،
ڪُھُ نہ ويئينءَ ان سين.
متان وهين ويسَري! اُتي ڀُورلَ ڀَڄُ،
ڪُھُ نہ ويئينءَ ان سين.
سيٹن ساجهر لڏيو تون اَئِي نهارين اڄُ،
ڪُھُ نہ ويئينءَ ان سين.
ڪالھ سبائِيي ڪنجرو اَنگون پاتيئِي اَڄُ،
ڪُھُ نہ ويئينءَ ان سين.
ڪير سُٽيندو تنهنجيون، اَدورائون اَڄُ،
ڪُھُ نہ ويئينءَ ان سين.

(8)

ڏک لاهيندم ڏونگرا! وو ماءُ!
پِريَن جا مون کي سيئي.
جو پسان سو پانئيان، پريان جو پَهِي.
ڏادي ذات جتن جي، ويئي ڏيل ڏُهِي.
آءُ ڏوريندي ان کي، رائي رات رَهِي.
ڏنا ورڻ ڪوهيار جا ويئي اُڃ لهِي.

# سر سهڻي

(1)

ڪهڙي منجهه حساب،
هئڻ منهنجو هوت ري، لا!
گولي! ڀڄ گناهه ڪان، ڪونهي سُولُ ثواب،
ڪهڙي منجهه حساب،
هئڻ منهنجو هوت ري، لا!
نڪين تقاوت ۾، نڪين منجهه رباب،
ڪهڙي منجهه حساب،
هئڻ منهنجو هوت ري، لا!
خوديائي خوب تيين، لائيين جي لُعاب،
ڪهڙي منجهه حساب،
هئڻ منهنجو هوت ري، لا!
پليتَ ئي پاڪ ٿئي، جُنبو منجهه جَناب،
ڪهڙي منجهه حساب،
هئڻ منهنجو هوت ري، لا!
سو نہ ڪنهن شيءِ ۾، جيڪين منجهه تُراب،
ڪهڙي منجهه حساب،
هئڻ منهنجو هوت ري، لا!
هوءِ جي جرڪيا جر تي، سي تان سڀ حباب،
ڪهڙي منجهه حساب،
هئڻ منهنجو هوت ري، لا!
هاديءَ سين هن پار ڏي، رڙهين ساڻ رڪاب،
ڪهڙي منجهه حساب،
هئڻ منهنجو هوت ري، لا!

چنبو وجهي چور ڪي، آءُ چڙ،ٿ عقاب،
ڪهڙي منجهه حساب،
هيئڻ منهنجو هوت ري، لا!
ديدُ وڃاءِ مَ دوست جو، هلي منجهه حجاب،
ڪهڙي منجهه حساب،
هيئڻ منهنجو هوت ري، لا!
ڪثرت آهي قرب ۾، اِدغام ۾ اعراب،
ڪهڙي منجهه حساب،
هيئڻ منهنجو هوت ري، لا!
فنا وجهي قَمَر ۾، ڪارڻ تيءُ ڪباب،
ڪهڙي منجهه حساب،
هيئڻ منهنجو هوت ري، لا!
ڏي طهورا تن ڪي، جي سڪن لاءِ شراب،
ڪهڙي منجهه حساب،
هيئڻ منهنجو هوت ري، لا!
مُنيءَ ڪيا مرض ۾، جاوا سب جواب،
ڪهڙي منجهه حساب،
هيئڻ منهنجو هوت ري، لا!

(2)

سچا ساهڙ! مون کي تون، اي، وهيا واهرا! مون کي تون،
اي! نيئي اولِ پريان جي پار ڏي،
ڪُنَ جي ڪارونيار جا، ووا سي آءُ پائيان پُون،
اي! نيئي اولِ پريان جي پار ڏي،
سندو جيڻ آسرو ووا منان لاتو مُون،
اي! نيئي اولِ پريان جي پار ڏي،

(3)

ڪُهَنُ جاٽان ڪيڏاهين؟ منهنجو تن ٽٽي تيڏاهين.
سائين! نيڻن نينهڙو لڳائي ويڙا.
جيڏاهن عالم آسرو مون پڻ آهي اوڏاهين.
دونهين دوست ميهار جي، ڏِئي جيئن ڏنائين.
ساري سُپيرينءِ کي، رَهَه ٻر رَتُ رنائين.

(4)

مون کي ڪام جهلي، سيڪا پاڻ پلي،
آءُ وڏڙي نينهن اُڇلي.
ويندي آءُ پار پريان ڏي، مون کي ڪام جهلي،
آءُ وڏڙي نينهن اُڇلي.
تَنُ وڏائين تار ۾، آڌيءَ رات اُڇلي،
آءُ وڏڙي نينهن اُڇلي.
پسي دونهيون دوست جيون، منهنجو جيءُ جلي،
آءُ وڏڙي نينهن اُڇلي.

(5)

توکي مڱان، جو تون آهين،
ٻيو در ڪونہ سڃاڻان.
الاهي عنايت سين، نوازين نماڻان.
انڌا ڪرين اڳيان، ڪونائين ڪاڻان.
(ق ب. گ ڊ. غ ش. ڪ ا. م ڎ)

(6)

نَهين نَهين ميڏي وَس، ووا بنا دلبر هَي دل ماندي
سڪان ٿي سنگهارن کي. بابَ نہ منهنجي بَسِ.
مون کي مت ميهارَ جِي. ڪانہ آچي ٻي ڪَسِ.
درد دَسِي آهيان. درد مُنهين جو دَسِ.
سُک نہ پيچي سُهڻي. ڏُکُ ڏکيءَ کي ڏَسِ.

(7)

آيل! اَمڙ! تي جيان، لا! جي سارينِم سُپرين.
ساهڙ مٿاءُ صدقو ڏهين ڏَم ڏيان،
جي سارينِم سُپرين.
مَٿان ماڻڪَ هيڪڙي، اَمُلَ آٽ ڏيان،
جي سارينِم سُپرين.
اچين، ”عبداللطيف“ چئي، تہ جانب نِتُ جيان،
جي سارينِم سُپرين.

(8)

هوئج هشيار، خبردار، تِرڪڻِ آهي تَڙ ۾.
ڪڏون، ڪُوبا، چڪَ، چِڪنديون، تان ڪِي نَئِي نهار،
تِرڪڻِ آهي تَڙ ۾.
آڏيءَ سي آڪُڙندِيُون، اَکيون جَن ڪپار،
تِرڪڻ آهي تَڙ ۾.
مون سو ملاحن ڪان، تَڙَ اَڙانگا تارِ،
تِرڪڻ آهي تَڙ ۾.
هوتُ هلنديُن ڪتيو، وِهَڻُ، منڌا! وسار،
تِرڪڻ آهي تَڙ ۾.
ڪهہ آتڻ ۾ جيڏيون، ڏيراٽيون ڏُئارِ،
تِرڪڻ آهي تَڙ ۾.
پڪو ڪٺج پاڻ سين، پرين تنهنجو پارِ،
تِرڪڻ آهي تَڙ ۾.
ويندي واناٺُڙَن ڪي، پَٽيءَ ڪيم پچار،
تِرڪڻ آهي تَڙ ۾.
پُونديين مُنهن ميهار جي، ڏَم وٺ ڏينهُن مَ گهارِ،
تِرڪڻ آهي تَڙ ۾.
ساهڙ ڪي، سڻ، سهڻي! ٻچَل آڏي ٻارِ،
تِرڪڻ آهي تَڙ ۾.

تار تَرندِئن، لُڙ لنگهندِئَن عشق جي آذار،
تِرڪڻ آهي تَڙ ۾،
پاند مَ ڇڏج پرينءَ جو پِهين جي پاتار،
تِرڪڻ آهي تَڙ ۾،
ٿيندو سڏ ساهڙ جو توڏيا ٿيءُ تيار،
تِرڪڻ آهي تَڙ ۾،

(9)

وڃي سا وهاڻِي، ريءَ پسڻ پرينءَ جي.
ههڙا اوڏا سپرين، تو ڪِئن ننڊ رِهاڻي.

(10)

جان جاڳان، تان نهين وي نال سڄڻ دي،
اس جاڳڻ ڪَنون سمهڻ چڱيرا، جس جاڳڻ مين لُٽي، وي،
خواب خلوت پاتئيان، اس بيداري مين مُٺي، وي
جان جاڳان، تان جاني گيو اس ڪاتي مين ڪُٺي، وي
(ق ب، گ ڍ، م ڏ)

(11)

اکيون پيير ڪري، وڃجي، ووا وڃجي.
سُپيريان جي ڳالهڙي، ڪنهن سان ڪين ڪِجي،
وڃجي، ووا وڃجي.
لڪائي لوڪ کان، ڳجهڙي ڳوٺ نجي.
وڃجي، ووا وڃجي.
محبتي ميهار جو سورُ نہ ڪنهن سَلجي،
وڃجي، ووا وڃجي.

(12)

لَڙڪي لنئن نـ سجاتو راند پانيائين راز ڪي.
انڍو اُلوهيت ڪان، آهي ايءُ اماتو [1].
صباح سو نـ شمار ۾، ليکيان چو اج لاٿو.
پيس ڪاڻ ڪريم سين، تيس نمرودي ناتو.

(13)

مون پاريچيءَ سار، آءُ جا ويندڙي وَٽِ وچار.
ڏم مَ جاڳي، لوا! مون پاريچيءَ سار.
مون کي تِتي ميڙيين، جت ڪُنڍين جي قطار.
آءُ جا ويندڙي وَٽِ وچار.
ٻُرن ٻيلاين جا، سانيارا سيار.
آءُ جا ويندڙي وَٽِ وچار.
وچ مَ پوءِ وصال کي، سباجها ستار.
آءُ جا ويندڙي وَٽِ وچار.
گهَرِ گهَرِ گِلا جا وهي، پاڙي پنڌ پچار.
آءُ جا ويندڙي وَٽِ وچار.
تاڪُن تڪي آهيان، سگهو رس سهاڻ.
آءُ جا ويندڙي وَٽِ وچار.

(14)

وينِي ڪين وساري، محبت وڏڙي ماري.
ديوانِي، يارا! وا! مستاني، دلبرا! جاني، وا!
وينِي ڪين وساري.
جنهن کي سڪ ساهڙ جي، سا گهايل گهر نـ گهاري.
وينِي ڪين وساري.
ڏَمُ ڏُهيلو ڏکيو سِر ۾ سوٽا ماري.
وينِي ڪين وساري.

---

[1]. اُماتو (ڪ ا).

بيلي پاس ٻُرن جي، تن ڪَرڳن وڌيس ڪاري،
وينِي ڪين وساري
بيلي ٻنهي ڪنڌئين، محب مينهون تو چاري،
وينِي ڪين وساري
هُوءِ هُونگارون، پُونِ پُڪارون، تَڙَ تَڙَ دوس تنواري،
وينِي ڪين وساري
هوءِ جا پِڪ پِرين جي، آهيان تِنهِن آساري،
وينِي ڪين وساري

(15)

مَدتَ تي ميهار يار، ساهڙ! سائِر سير ۾.
اونهان ڪُنَ اَتانگ تڙ، اولي هَڻ آڌارَ!
ساهڙ! سائِرَ سير ۾.
ڏينهن ڏُهلا ڏَم سين، آهيان اَهِڙان ڏار،
ساهڙ! سائِرَ سير ۾.
ٻِچَل باندي ٻار ڪري، اَتِ اُبتا آرَ
ساهڙ! سائِرَ سير ۾.
تتي گهڙي سهٽي، آڳَهَ ريءَ آڌار،
ساهڙ! سائِرَ سير ۾.
ڪاري رات ڳچو گهڙو توڏيءَ ڪي تنوار،
ساهڙ! سائِرَ سير ۾.
سنيوڙو سيٽاهہ سين، سگهو رس سنگهار،
ساهڙ! سائِرَ سير ۾.
اوراران آهون ڪريان، پهچان شال پرار،
ساهڙ! سائِرَ سير ۾.
سٽيو جهانءِ جهجي هِنئون، سانياران سنيار،
ساهڙ! سائِرَ سير ۾.
آيَم ريلي ريءَ سين، اللهُ تو آهار،
ساهڙ! سائِرَ سير ۾.

تار ترنديس پرين پسنديس[1] وينديَس وٽ وچار،
ساھڙ! سائِرَ سير ۾.
ٻوريندس پار مٽي، سهسين جي سيسارَ
ساھڙ! سائِرَ سير ۾.
گولِي گھاگھائي گھِڙي، جُڪَن تا جانار،
ساھڙ! سائِرَ سير ۾.

(16)

منهنجيون سيپئي، آيل! ماءِ! مَنَ مرادون پُنيون.
جهڙي پريان ڳالهڙي، تهڙي ٻي نہ ڪاءِ،
ڪِجي تان ڪوڙُ تئي، سُجي تان سِيباءِ،
ويهہ داتا جي در تي، شڪر جنهن جڳاءِ،
ڪانهي حد حمد جي، تہ ڪريان لالن لاءِ،
ڳَٽيو ڳٽيان ڪيتريون، وَڏيُون وَڏاياءِ،
سو مون هٿان نہ تئي، جيڪي تو جڳاءِ،
تو سَجيون، سو سَنديون، سِڪن توهين ساءِ،
اُج تنهنجي اُجِيَون، لوچن توهِين لاءِ،
دل دانهُن ري نہ رهي، مون کي ماٺ جُڳاءِ.

---

[1] لُڙَ لنگهنديس (غ ش، ڪ ا، ع ق).

# سر سارنگ

(1)

منهنجي سيد لهندو سار، مون کي آهي اميد الله ۾.
سجدي پَئي سُپرِين، زاريون زور ڪريندو.
امت ڪارڻ احمد ات، پرمل پاڪ پنندو.
صور ڏڪاءُ ٿيندو، اڪيون سڀ سچ ڪڍندو.
ميڙو ٿيندو مومنين، ات محمد مير ملهندو.
نفسا نفسي سيڪو ڪري، داتا در ڏوڙندو.
مهت ڏيندس مولو ات بديون بخشائيندو.

(2)

اڪيون مينگهه ملار، صورت تنهنجي سڀ جڳ موهيو.
سجدو فيل في الحال ڪيو، پسي مطلب نُورُ نراڙَ.
جاپن وقت جام جي، ڪِريا ڪوٽ ڪفار.
آگي آسمانن جو، توکي ڪاربو سير ستار.
'ولَسوف يُعطيڪَ ربّڪ' توسين قادر ڪيا قرار.
قادر پاڻ قسم ڪيو، خاڪ قدمن جو ڪرتار.
آهين ڪرم ڪريم جا، احمد سان اپار.
اُڪنديا جي اَبَر کي، سرها ٿيا سنگهار.
موڪل ٿي مينهن کي، دوست هٿان دلدار.

(3)

آئي مُند ملار، ائي ميگهَه ملارَ
آءُ کهنبا ڪنديس ڪپڙا.
وسڻ جا وس ڪيا، اڄ منهنجي يار،
آءُ کهنبا ڪنديس ڪپڙا.

لار لائيندي وڇڙا، ڀنرس ڀنيا وار
آءُ کهنبا ڪنديس ڪپڙا.
پڪي آءُ پرين تون، لهه تون سيد سار
آءُ کهنبا ڪنديس ڪپڙا.

(4)

ملجان ملجان، چوري چوري،
اسانون، سجڻ سانول ملجان.
بادل برسي وڄڙي چمڪي، بوند پَڙي توري توري،
صاحب دانا بي نشانا، مين تيڏي گهوري گهوري،

(ق ب. گ ڊ)

# سر کيڏارو

(1)

ميندي لاوڻ ڏي، جئين شاھ، ميندي لاوڻ ڏي،
قاسم شاھ سيج وڇاوڻ ڏي
ميندي تيڏي رنگ رنگيلي، چوٽا لعل گلال.
ماءُ پيءُ ڏِتئي سهرا، جند نماڻي دي نال.
(ق ب. گ د)

(2)

اج نہ آيو امام، واويلا،
مومنا ماتام، واويلا!
ان نہ پاڻي ان کي، نڪو ونڙن مينهن.
هٿا ستائي جنگ ۾، نو رتيون ڏھ ڏينهن.
دلدل گهوڙو شاھ جو مٿس لال پلاڻي.
شير شهزادي لڏيو سيد سيج نہ ماڻي.
(ق ب، گ د، غ ش، ڪ ا، م ڏ)

(3)

واويلا ڪيو ملڪن رڻ ماتام،
هَي هَي شاھ حسين سِڏاريو.
ڪربلا جي پڙ ۾ خيما کوڙيائون.
جيڪا تقدير رب جي، لکيو لوڙيائون.
ڪربلا جي پڙ ۾ آيا اج امير.
جهڙ جهوريءَ جهليا، طرف سنديءَ تقدير.
پسي سختي مير حسين جي، رنو نبين زارون زار.
ملڪ فلڪ ڏرتي ڏبي، آئي عرش مٿان اوچنگار،
"فرزند عليءَ جا دادلا"، چيو بيبيءَ فاطمہ.

خون ڇڪيندس ڪين ڇڏيندس جاني اوهان جو ڏينهن قيامت
فرزند عليءَ جار دادلا، مون تان ڪوڙ نپائيا.
بيبيءَ بتول جنت خاتونءَ، پار ڪڍي ڳر لائيا.
(ق ب، گ د، غ ش، ڪا، م ڏ)

(4)

امامن جو ڪريو ماتام، شهيدن جو ڪريو ماتام.
روئي روئي رت سين، اکيون ڇو نہ ڀريو!
جيڪي امامن سين ٿيو سو تان پاڻ ڌڻيءَ پيدا ڪيو.
(ق ب، گ د، غ ش، ڪا، م ڏ)

(5)

اڄ مير مومنن جا، مدينو ڇڏي هليا.
مدينو ڇڏي هلئا، سي مدينئون لڏي هليا.
سج، چنڊ، مصطفيٰ ڏي، يڪدل گڏي هليا.
هي! هي! انڌارو ٿيو تارا لڏي هليا.
(ق ب، غ ش، ڪا، م ڏ)

(6)

يا علي! علي! سر يتيمن جي آئي،
آيو حڪم الله جو يا امام.
ٻن وڇوڙو موت جو هَي! وو! چارئي پهر جدائي.
آتر پاتر ميڙي سائين! الا! ٻي ٻيءَ ديگ چڙهائي.
جنين ڪارڻ چاڙهيائين، سي تان ڪرن جدائي.
(غ ش، ڪا، م ڏ)

(7)

سارو ڏينهن، رڻ ۾ رهيا سي امام.
تون جان وڃين ڪونجڙي، هي هي ناني ڏج سلام.
مون کي ويرين ويڙهيو مولا مينهن وساءِ
(غ ش، ڪا)

# سر سسئي آبري

(1)

ادا ڙي ڏوٽي! آءُ پڇان تو ٿي:
ڪيچ رسنديس ڪيئن، ڏس مون ڏي!
نہ سمي، نہ سومري، نہ آءُ جتِ نہ اوٺي.
آءُ انهين مان آهيان، جي ٻانيڻ پڙهن پوٿي.
پَرتِ ٿيندس، پرين پڇائنديس، پَڇاڙيندس پوٿي.
سنجهي ويڙو سپرين، ساجن پڇان سو ٿي.
روبو رئان رجن ۾ هي، هي، آءُ هت ڪوهہ ٿي؟
ساجهر ساٿ پلاڻيو تو پلاڻيو پوءِ ٿي.
هتان ٿي هوت ويو جَت پڇين جو ٿي.
هلج هوت پنهونءَ ڏي، منجهان نينهن نڪو ٿي.
آتڻ وجهي آگ ۾ منجهان جوئن جوءِ ٿي.

(2)

ڪهڙو سنگ سياڪو هاريءَ مون هوتن سين.
آءُ هيڪلي حب ۾ نہ مون مِٺُ نہ ڪاڪو
هاريءَ مون هوتن سين.
مُندّ پيادي، پندّ گهڻو نہ مون اُٺ، نہ ناقو
هاريءَ مون هوتن سين.
چڙهي نہ سگهان چوٽيين، ڏونگرَ ڪونهي ڏاڪو
هاريءَ مون هوتن سين.
پرين پڇنديس پب ۾ وڻ وڻ وجهنديس واڪو
هاريءَ مون هوتن سين.
هوءَ جا پِڪ پنهونءَ جي، چٽيان تنهن چُٺاڪو
هاريءَ مون هوتن سين.

پسڻ ڏاران پريڻ ۽ جي، فقير پوءِ مَ فاقو.
هاريءَ مون هوتن سين.
وڃُ مَ پوءِ وصال ۾، لِڪَ مَ پوءِ لياڪو.
هاريءَ مون هوتن سين.
آتڻ وجهي آگ ۾ پُڇنديَس پوءِ پهاڪو.
هاريءَ مون هوتن سين.

(3)

پانڌي پريَنِ جو، اي، آءُ مانَ ڪو پسان.
ڀينر ڀِنيءَ اُسهو ڏونگر ڏورڻ اسان.
مندائتي مينهن جيئن، ويلو ويل تي وسان.

(4)

آتڻ ۾ سڀ ويهي، دعا ڪريجاهُ جيڏيون!
ڪانهي بس بهير ڪي، هَل چَل پئي پيئي.
راهه مسافر سيڪو ڪونه ڏنوسون هت ڏيهي.
سارينداا صلوات ڪي، منجهه قبر سڀ پيهي.
ڪوٺائو ڪريم جو ڳالهه پڇندو ڪيهي.
نوازيندو نورسين، ناقص ڪي ات نيئي.
"الله هيڪ محمد برحق". شال چُئان هيئي.

(5)

جيڏيون! آءُ تان نہ چوندي لوا
ڏک ڏوراپو سيڻن ڪي.
سڱا وڃن سپرين، مِنَتَ موٽن مان.
ڀينر ڀيٽي حَج جي، ڪوهياري سين ڪان.
سو تون صاحب آهيين، جو تون ڀيراڀين پانَ.
سوين سوالي سمگيا، داتا ڏيئي دانَ.

(6)

ڪا جا ڳالھ ھئي، سا جي لوڪ سُئي، لوءِ ڀاروچي جي من ۾.
سِرو سگِرِ، پُر پيچري، تون جا لوڪ سُئي.
سَسئي سگرَ پٽيين، ڪيرُ چوندو مُئي.
پنڌ ڪريندي پِريَنِ ڏي، ڪڏھين ڪانہ ڪُھي.
آن ڪا ڏني اونَيا، ھوتن وٽ ھُئي.

(7)

ويجھي وندر جي وٽن، اي اوڏي آيس،
جان پِريان جي پيچري
جي تو ويجھا ڀانئيا، سي ڏونگر ڏور ڏَسن.
جي مدي نہ ھين من ۾، ڪيچان ڪوھُ اچن.
مرڻ منھنجي ڪي ڪيو، ھي ڀَھُ ڀاروچن.
سونھن سگر پٽئين، مَنَھَن معذورن.
وندر وائِي جا وَھي، مون ڪي سا نہ سلن.
آٽي ٻڌا اونيين، موتي ڪي مَيَن.
لاٽائون "لطيف" چئي، لڏون سِرِ لڪن.

(8)

ھوءِ جي ھليا، ھوت سونھارا،
مون نہ وھيڙان، پنھونءَ سڱيٽان.
سَسُئي پچي ساٿ جا، اوطاقون اوتارا،
مون نہ وھيٽان، پنھونءَ سڱيٽان.
آن ڪي ويندا ڳڏيا، آرياڻي اِنھ پارا،
مون نہ وھيٽا، پنھونءَ سڱيٽان.
ٿليون ٿَؤنر ھَلِوَيون، مَيَن سر موچارا،
مون نہ وھيٽان، پنھونءَ سڱيٽان.
مون ڪي نيندا پاڻ سين، ڪامل ڪُرَ اُجارا،
مون نہ وھيٽان، پنھونءَ سڱيٽان.
اديون "عبداللطيف" چئي، دوس آيا دلدار
مون نہ وھيٽان، پنھونءَ سڱيٽان.

(9)

غفلت يار گنواريو ٻڙي جيڏيون!
ڪيئن ڪريان آءُ، ڪُهُ تيو!
سُتيس تان سات ويو اُٿيس تان ڏک آئيو
ڪيئن ڪريان آءُ، ڪُهُ تيو!
پچان پوءِ پنهونءَ ڪي، عبث تان اَنُ ڪائيو
ڪيئن ڪريان آءُ، ڪُهُ تيو!
هوت هلندي جا ڪئي، سا مون ڳالهه سڻائيو
ڪيئن ڪريان آءُ، ڪُهُ تيو!

(10)

ٻاروچا ٻاجهه گهٽي، آن تي ڇلان ڇپرين.
آءُ پنهنجي پرينءَ سين، وبنديس واڳَ وٽي،
آن تي ڇلان ڇپرين.
مر تان پويم منهن ۾، سندي پِيَ پٽي،
آن تي ڇلان ڇپرين.
ڪونهي هن ينيور ۾، ڏاران دوس ڏٽي،
آن تي ڇلان ڇپرين.
هٿان هڏ نہ ڇڏيان، آريءَ جي ٻہ آٽي،
آن تي ڇلان ڇپرين.
آهي هوتن هٿ ۾، سندي جِيَ جٽي،
آن تي ڇلان ڇپرين.
ڪين وِرميا ڪِتَهين، جُليا جَڙَ هَٽي،
آن تي ڇلان ڇپرين.
مون کي ڪونيو پاڙ ڏي، هاديا هَٿُ ڪٽي،
آن تي ڇلان ڇپرين.
پنهونءَ ڏاران پب ۾، ٻيلِي ناهہ ٻٽي،
آن تي ڇلان ڇپرين.

توريءَ تيلُ نه پائيان، نَڪا سينڌ ڦٽي،
آن تي چِلان چيرين.
اديون! ”عبداللطيف“ چئي، لڳيم تن تٽي،
آن تي چِلان چيرين.

(غ ش. ڪ ا. ع ق).

(11)

معلوم حال، حبيب! مون کي درد قديمي، ووا
درد جديدي، حب حبيبي.
آلودي آزار کان، تو ريءَ ٿيس طبيب،
درد جديدي، حب حبيبي.
شادي ڏيين صحت جي، غمي لاهه غريب،
درد جديدي، حب حبيبي.
آهئان تي آنهون ڪريان، نعرو منجهه نصيب،
درد جديدي، حب حبيبي.
ڪاهِل آهيان ڪُوَڙي، رَسِي لاهه رقيب،
درد جديدي، حب حبيبي.
حاذق آهين هِن جو اچيين شال عجب،
درد جديدي، حب حبيبي.
دوا آهيين دل جي پيچ پيچ رهيس طبيب،
درد جديدي، حب حبيبي.

(12)

اَهکيءَ آڳهه آهي، مون کي تان نه ڇڏيندو تک ۾،
پڇي پوءِ پِيَن کي، لڪن ۾ لڏ لاهي.
آري اگهاڙن کي، پنهون جام پِراهي.

(13)

مون انڌيءَ ڏي ايندا، هوت سلامت سپرين.
پلئي لائي پانهنجي، نِيَ کي اُت نيندا،
هوت سلامت سپرين.

سگ نہ ڪندا سڪ سين، سور سگيٽا تيندا،
هوت سلامت سپرين.
رکي ٻگل ٻگلن تي، نينهن نياپو ڏيندا،
هوت سلامت سپرين.
ٻرِيت نيندا پاڻ سين، چوري تان نہ ڇڏيندا،
هوت سلامت سپرين.

(14)

هوت سي هلڻ هارا، وو جيڏيون!
ڪيئن ڪريان، آءُ ان سين!
ڪوءِ پلنگ، ٻن ماڙيون، ڪِيَن سي تئڙم ڪارا،
ڪيئن ڪريان، آءُ ان سين!
سونهنِ سپريَن جا، آتڻ وٽ اوتارا،
ڪيئن ڪريان، آءُ ان سين!
وينو ڏي ڏکين ڪي، پنهون چام پوچارا،
ڪيئن ڪريان، آءُ ان سين!
آهيان ٻرت پنهونءَ جي، ڪنديس ڪُنر ڪارا،
ڪيئن ڪريان، آءُ ان سين!
پيرُ مَ ڇڏج پرينءَ جو هَي هَي هَٿ اسارا،
ڪيئن ڪريان، آءُ ان سين!
ڪيچين ڪرهہ پلاڻيا، ميا تيڙم مارا،
ڪيئن ڪريان، آءُ ان سين!
انڌيَن آهين آسرو موتج منهن موچارا،
ڪيئن ڪريان، آءُ ان سين!
وينو ڏئي ڏکيءَ ڪي، پنهون چام پوچارا،
ڪيئن ڪريان، آءُ ان سين!
پسو آسڻ ان جا، روئندا نيڻ ويچارا،
ڪيئن ڪريان، آءُ ان سين!
وڃن جت جڏي ڪيو جي ورونهن وارا،
ڪيئن ڪريان، آءُ ان سين!

(15)

وڃي وڃي ٿيندِيس ويجهي،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.
آڏا ڏونگر لڪيون، موتِ محب مجيجي.
پچان ٿي پهنوار، تو ٻَيَر آهيان ٻي جي.
نَمُ گهرجي نينهن جو آهيان آءُ آريجي.
جا نه هلندي هوت ڏي، پيءُ تنهين جو پاجي.

(16)

درد مٺيءَ جا دارون، ووا، موٽُ سڀاڄها سپرين.
مون لڳيون، مون وسهو محبت جون مارون،
ووا موٽ سڀاڄها سپرين.
مائِٽَنِئان مون سين گهٽا، ڪُسڻ ڪيا ڪارون،
ووا موٽ سڀاڄها سپرين.
سُکن مون سين ڪين ڪيو سورن لڌيم سارون،
ووا موٽ سڀاڄها سپرين.
منهنجون شهر ڀنڀور ۾، ٻلپل ٻوُنِ پچارون،
ووا موٽ سڀاڄها سپرين.

(17)

مون ڪي تان جهل مَ پايو وو جيڏيون!
آءُ هلندي هوت، ڏي
هيءُ جو بار ڀنڀور جو لونيءَ تان سڀ لاهيو
آءُ هلندي هوت ڏي
آهي عاجِزِن تي، پَسَن سندو ساعيو
آءُ هلندي هوت ڏي
ڪِينَ وِهنديس ڪُنڊ ۾، نه مون پيءُ نه پايو
آءُ هلندي هوت ڏي
وهاري وطن ۾، شُهديَ ڪي مَ سڪايو
آءُ هلندي هوت ڏي

ڪنل ڪجاون ۾، چاڙهي هِيَ هلايو
آءُ هلندي هوت ڏي
منهنجو پنڌ پنهونءَ ڏي، ريبي تان مَ رهايو
آءُ هلندي هوت ڏي

(18)

ڳالهيون هوت ٻاروچي ساڻ، ووا
منهنجي جيّ جون، جيڏيون!
چلي ڀيڀس ڇِپَرين، سگ تُهين جي ساڻ،
منهنجي جيّ جون، جيڏيون!
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، پرزا ڪنديس پاڻُ،
منهنجي جيّ جون، جيڏيون!
رُلي چُلِي ڇپرين، جامَ وڃايُم جاڻُ،
منهنجي جيّ جون، جيڏيون!
هتان هڏ نہ ڇڏيان، سندو نينهَن نڌاڻُ،
منهنجي جيّ جون، جيڏيون!
نصيب ڪر نہ سُنهي[1] ڪي، پنهون، اُتَ وتاڻُ،
منهنجي جيّ جون، جيڏيون!

(19)

پلڪ نہ رهي دل توري، وَرُ ميان خان بلوچا!
اُٺ چاريندس اُن جا، متان تَڪر توري،
ورُ ميان خان بلوچا!
ڏيئديس ماهہ مرن ڪي، متان ڪُلهن ڪوري،
ورُ ميان خان بلوچا!
ڪانگ ڪينم ڪيچ جا، ماس چُنجن سان چوري،
ورُ ميان خان بلوچا!
ڏُکَ لاهيئديس ڏيل جا، ساڻ عجيبن اوري،
ورُ ميان خان بلوچا!

---

[1]. نہ سُئي (ع ق، ڪ. غ ش).

(20)

ڪرھا مَ ڪاھيو ميان ڪيچي! آءُ آرياڻي عرض چوندي:

ڪري ھوت ھلڻ جي، لونيءَ ڪي مَ لڄايو.
وسيلو ولھيءَ جو، آڳانڊيو اَئين آھيو.
ولھيءَ جي وھاڻ ۾، واڄٽ سڀ وڄايو.
اُڳھاڙيون آتڻ ۾، پنھنجيون پاڻ پَراھِيو.
سائينءَ ڪارڻ سپرين، صورت ڪي مَ سڪايو.
ساڪِنَ تي شھر جا، معذور ڪي مَرڪايو.
پنھون جام! ڀِريٺ سين، ويھي سور ورھايو.
لاھي بارُ پنيور ۾، ويندو گھوٽ وَناھيو.
پنھونءَ جاجئڙن ڪي، رڏي ڪيڻ ڪارايو.
پرڻائي پنھونءَ ڪي، نيڪيٽي نڪڙايو.
ٻيلي تي بانيڻ سين، ڏُڪِيَ ڏيج ڏيڪاريو.
اديون! "عبداللطيف" چئي، سجڻ ڪي ساراھيو.

# سر معذوري

(1)

خوبي منجهه خفت، اي! دوست! دقت آهي ”عبداللطيف“ کي.
مدح مون کان نه ٿئي، سندي سور صفت.
هجي ڪريان هيج سين، مطالع محبت.
حُزنُ هوت پنهونءَ جو رڳيائي راحت.
پريان جي پار جو فاقوئي فرحت.

(2)

هل هوتڻ ڪارڻ حالَ، شال سَڄَڻِ تيندينءَ سات جي!
پيرَ پنهنجي پرينءَ لَئي، ڪوڏَرَ تائين ڪالَ،
شال سَڄَڻِ تيندينءَ سات جي!
چڙهندي سِرِ چوٽئين، لَڳن ڪِيَڙَس لالَ،
شال سَڄَڻِ تيندينءَ سات جي!
جي ڀايين جتن جي، ويجهي ٿيان وصالَ،
شال سَڄَڻِ تيندينءَ سات جي!
پُري پٻ وَڙن ۾، وجهج ڪا وَڙالَ،
شال سَڄَڻِ تيندينءَ سات جي!
ڪيچا آيو قافلو مَيَن مٿي مالَ،
شال سَڄَڻِ تيندينءَ سات جي!
ايندي بوءِ بوتنِ جِي، تُون جهلج پَٻ پيالَ،
شال سَڄَڻِ تيندينءَ سات جي!
جتي جَمازَن کي، جبل ٿِيِن جنجالَ،
شال سَڄَڻِ تيندينءَ سات جي!
پڇي پيادِيَن کي، اُت آرياڻي احوالَ،
شال سَڄَڻِ تيندينءَ سات جي!
اديون ”عبداللطيف“ چئي، سڄڻ ملندم شالَ،
شال سَڄَڻِ تيندينءَ سات جي!

(3)

اڇي لالن! لَٽِ ميان! مُيَ جو لوڙهه لڪن ۾.
هو ڪَاڻُ ڪٿوريءَ هيرئون، مون ۾ صابڻ چِٽ.
آرياڻي اڇي ڪري، ڪا گهڙي مون وٽ جٽ.
ڪٿوريءَ ڪُشبوءِ سين، هاريائون هَٽِ هَٽِ.
درد منهنجي دل جو ڪامل اڇي تون ڪَٽِ.
اديون "عبداللطيف" چئي، سر تائين آهي سَٽ.

(4)

جيڏيون! جا جڙ لائِي، جيءَ جتن سين،
سا مون، سرتيون! سيباڻيام: تنهن جِئڻُ جال ڪيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
مَهَر جا مَيَن جي، سَنجهي هٽ هيام،
صبح سُتي سک ۾، ويسَلي ويام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
هڪل هوت پنهونءَ جِي، سَڳَر منجهه سُيام،
ڏوريندي ۾ ڏونگرين، ٿُهَرَ توپَ تيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ڪوڙيين يالَ پنهونءَ جا گَنجي منجهه گُهريام،
سُتي سَڳَر پٽيين، سِگهَڙي سارَ لَڌيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ڪيهون ڪوهَن پٽيين، ڪُوڪُون جمازانِ،
هوتاڻِي هٽ ڪٽي، پنهون پِيادياڻِ،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ڏکون، بکون، ڏاکڙا، ڪارڻ جَن ڪيام،
موٽي ماءِ پنيور ۾، اڱڻ سي آيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!

(5)

توڏن تان نہ تنواريو منهنجي لالن واريو
الله ڪارڻ، ميان اونيا!
شرف لهي سسئي، ڪُتلِ ڪي ڪَمُ ڪارِيو
منهنجو لالن واريو.
مينديَ مور ملير جا، چانگن کي سڀ چاريو
منهنجو لالن واريو.

(6)

ويهه مَ واٽ ورچي، هوا الا ميان!
جٽن ڳهندڙن، تِٽن لهندئن.
ڳنين اچي ڪا ڳهِي، ڪنين اَچي ڪا چَٽِي.
جٽن ڳهنڊِئن، تِٽن لَهندئن.
اَمُل پانيان ان ڪي، ساجن مون ڪي جا چَٽِي،
جٽن ڳهندِئن، تِٽن لَهندئن.
پيرِ پٽائين ڳونٺرا، رائي ڪِيَس رَچِي،
جٽن ڳهندِئن، تِٽن لَهندئن.
منهن ڪر معذورن ڏي، پنهون چامُ پَرَچِي،
جٽن ڳهندِئن، تِٽن لَهندئن.
مون ڪي تِنهِين ماريو جتن جا چَٽِي،
جٽن ڳهندِئن، تِٽن لَهندئن.
ونڌُرَ واٽڙين تي، ڪانڌي ڌِيندم ڪيچِي،
جٽن ڳهندِئن، تِٽن لَهندئن.

(7)

تن من منجهه تنوارَ هو يارا سدا آهي سڪ جي.
تئن چِٽڪن چت ۾، جئن سا ڳهَندڙي لارَ،
هو يارا سدا آهي سڪ جي.
لڳي اُج اکين کي، سگهو موٽ ستارَا
هو يارا سدا آهي سڪ جي.

پسان ڪِينَ پريتَمُ، ڪاڏي پِرت پچارَ؟
هو يار! سدا آهي سڪ جي.
بندياٽي پنيور ۾، آهيان اَهان ڌارَ.
هو يار! سدا آهي سڪ جي.
مون کي ڇڏ ۾ ڇپرين، آرياڻي آڌارَ!
هو يار! سدا آهي سڪ جي.
ڏيان خيرُ خِزان ۾، جي تون منجهه بهارَ.
هو يار! سدا آهي سڪ جي.
مُضِر تان مون کي ڪيا، حڪيمن هزارَ.
هو يار! سدا آهي سڪ جي.
دوا آهيين دل جِي، وارو واقِفَ ڪارَ!
هو يار! سدا آهي سڪ جي.
آڻي ڏي عِليلَ کي، معجونون موچارَ!
هو يار! سدا آهي سڪ جي.
آهي "عبداللطيف" کي، تنهن جي پِرِي پچارَ.
هو يار! سدا آهي سڪ جي.

(8)

هي گهايل هَڏِ گهوري،
وو! الا ميان! ڪيچي مون نہ سَگّيٽان.
عشق آريءَ چام جي، هِيءَ جهونڙي هَڏِ جهوري.
وو! الا ميان! ڪيچي مون نہ سَگّيٽان.
رَهِي جا رُجن ۾، سا ڇِپرِ ڇڏيو مَ ڇوري.
وو! الا ميان! ڪيچي مون نہ سَگّيٽان.
اديون آريچَن لَئي، ڏونگرَ ڏينديَس ڏوري.
وو! الا ميان! ڪيچي مون نہ سَگّيٽان.

## سر ديسي

(1)

ڏاگھن، ڏيرن سانڍُ، ڪرھن، ڪيچين سانڍُ،
متان ڪا ٻي لَنؤن لائي!
آءُ سُتِي، ھو ھليا، وِتڙا ڪَرَھَل ڪاھي،
متان ڪا ٻي لَنؤن لائي!
آسڻ اڳيان اُن جي، ”ٻربرا!“ ڪِيو ٻاڏائي،
متان ڪا ٻي لَنؤن لائي!
چِتُر ڏيئي چِت ڪي، وِتڙا ھوت ڇُپائي،
متان ڪا ٻي لَنؤن لائي!
جيڪا ھُين من ۾، وِتڙا پنھنجي پڄائي،
متان ڪا ٻي لَنؤن لائي!
اديون ”عبداللطيف“ چئي، ايندَم واڳ ورائي،
متان ڪا ٻي لَنؤن لائي!

(2)

لالَنُ آيڙو ٻيھي، وِتڙا سور سيئي،
جِيَس جِيَس! وو جيڏيون.
ڳالھيون ڪنديس ڳُجھيون، منھن مقابل ويھي،
جِيَس جِيَس! وو جيڏيون.
ڪٿوريءَ بارُ ٻِري، آيو ڏونگر ڏيھي،
جِيَس جِيَس! وو جيڏيون.
سرڪشي سردار سين، مون ڪميٽي ڪيھي،
جِيَس جِيَس! وو جيڏيون.
ھُئِي شِڪَستي سَسُئي، راز پنھونءَ جي ريھي،
جِيَس جِيَس! وو جيڏيون.
اَديون ”عبداللطيف“ چئي، سجڻ آيم سيئي،
جِيَس جِيَس! وو جيڏيون.

(3)

هوت نہ ڀانئيم هيئن، آءٌ جا ماري، سڄڻ تنهنجي نيهَن،
ووا ڇڏي تون کو ڇپر ويندين.
لُڪون لڳن ڪوسيون، ڏاڍيا تپن ڏينهن،
ووا ڇڏي تون کو ڇپر ويندين.
عشقَ آرِيَ جام جي، ڪِيس نماڻِي نيهَن،
ووا ڇڏي تون کو ڇپر ويندين.
جهونگاريندين جهنگ ۾، ڏوتِيَن ڏنڙي ڏينهَن،
ووا ڇڏي تون کو ڇپر ويندين.
آن جا ڇڏي ڇپرين، ڪيچ رَسندي ڪِيئن،
ووا ڇڏي تون کو ڇپر ويندين.
ولَهيءَ هتِ وَسائيا، سندا محبت مينهَن،
ووا ڇڏي تون کو ڇپر ويندين.
اديون "عبداللطيف" چئي، پهچان سيڻن سيئن،
ووا ڇڏي تون کو ڇپر ويندين.

(4)

ڇا ڪي تا ڪرهہ قطاريو
ووا مون نماڻيءَ تان ڪي نہ ڇيو.
الله ڪارڻ اونيا، اَئِين واڳ وٺي وَرُ واريو
ووا مون نماڻيءَ تان ڪي نہ ڇيو.
رهو رات ڀنڀور ۾، تان ڪا گهڙي هت گهاريو
ووا مون نماڻيءَ تان ڪي نہ ڇيو.
سِڪي جنهن سنگ ڪيو تنهن معذور کي مَ ماريو
ووا مون نماڻيءَ تان ڪي نہ ڇيو.
سائينءَ ڪارڻ، سپرين! دوست دَرَسَنُ ڪاريو
ووا مون نماڻيءَ تان ڪي نہ ڇيو.
موڙي مَڃَر تاريون، ڇانگن کي آئين چاريو
ووا مون نماڻيءَ تان ڪي نہ ڇيو.
آيري "عبداللطيف"، ڏي واڳ وَنهِيل آئين واريو
ووا مون نماڻيءَ تان ڪي نہ ڇيو.

(5)

هينئڙو ٿو هن ساري، منهنجو ساهه سڄڻ کي ساري،
جيڏيون! آءُ هلندي ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آءُ ڳهندي ويندي هوت ڏي
هوتن هَلَڻُ من ۾، ڪيرَ ڳَهڙي هِت ڳهاري؟
جيڏيون! آءُ هلندي ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آءُ ڳهندي ويندي هوت ڏي
آسَر پيري آهيان، مانَ واحِدُ آڻين واري!
جيڏيون! آءُ هلندي ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آءُ ڳهندي ويندي هوت ڏي
پَندَّ اڙانگا پٽيين، مون کي ڪوهيارو ٿو ڪاري،
جيڏيون! آءُ هلندي ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آءُ ڳهندي ويندي هوت ڏي
سچو سخن سپرين، مانَ پنهلَ پنهنجو پاري،
جيڏيون! آءُ هلندي ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آءُ ڳهندي ويندي هوت ڏي
جيرو اندر چِندڙي، ويو پاروچل پاري،
جيڏيون! آءُ هلندي ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آءُ ڳهندي ويندي هوت ڏي
وڏا ڪم ڪريم تي، هن ويچاريءَ واري،
جيڏيون! آءُ هلندي ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آءُ ڳهندي ويندي هوت ڏي
اديون "عبداللطيف" چئي، وهندم ڪينَ وساري،
جيڏيون! آءُ هلندي ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آءُ ڳهندي ويندي هوت ڏي

(6)

ويندَيس ڪيچ ڳهي، سيڻن ساڻُ سَهي،
وو! پينَرا! آءُ چِيندِيَس تان نـ جَتَن ري

وِھان ڪيئن ماٺ ڪري، ھيڏو سور سَھِي،
وو! پيِنَرا! آءُ جِينڊِيَس تان نہ جَتَن ري،
ھيڏي شھر پنيور ۾، ساريان ڪونہ سَھِي،
وو! پيِنَرا! آءُ جِينڊِيَس تان نہ جَتَن ري،
صبح ڏونگرُ ڏوريان، ڪنھن ٻَر رات رھِي،
وو! پيِنَرا! آءُ جِينڊِيَس تان نہ جَتَن ري،

(7)

گھمان جالَ جَبَلَ، ميان،
جيڏيون جانب جت لئي.
ڏوريندِيَس ڏونگرين، ڳندِيَس آءُ اُڃَلَ،
جيڏيون جانب جت لئي.
ھيڏي شھر پنيور ۾، رھان نا ھِڪَ پَل،
جيڏيون جانب جت لئي.
پنھون پاڻَ نہ وچِڙو ڪو مُونھين ۾ وَلُ،
جيڏيون جانب جت لئي.
اوڏي ٿي "عبداللطيف" چئي، ھوت ڪارڻ ھَلُ،
جيڏيون جانب جت لئي.

(غ ش، ڪ آ، غ ق)

(8)

لَڳَڙي آھہ لَغارَ وو يار! لُوئَن لُوئَن ۾ لالن جِي،
سَندَ سَندَ ۾ ساجَنَ جِي.
آءُ سُتِي، ھو ھليا، سَنجھي تِيَڙا سُوارَ
وو يار! لُوئَن لُوئَن ۾ لالن جِي.
جيڪِين اورَڻُ پرينءَ سين، جيڪِين پرينءَ پچارَ
وو يار! لُوئَن لُوئَن ۾ لالن جِي.
ڪوءِ سي جِيَڻ ڏينھڙا، جي ٻُونِ پرينئِان ڏارَ
وو يار! لُوئَن لُوئَن ۾ لالن جِي.

لَڳِي آهي نہ لَهي، سندي عشق پچارَ،
وو يارا لُوئَن لُوئَن ۾ لالن جِي.
گهڻو اُڪنڍي آهيان، تَن جتن جي جنسارَ،
وو يارا لُوئَن لُوئَن ۾ لالن جِي.
گڏي ويندِيس گس ۾، ڪاڪيون! ساڻ قطارَ
وو يارا لُوئَن لُوئَن ۾ لالن جِي.
ميخون محبت سنديون، هينئڙي منجهہ هزارَ
وو يارا لُوئَن لُوئَن ۾ لالن جِي.
ڪانگن قطارُن ڪِيون، چُڪيءَ کي چوڌارَ
وو يارا لُوئَن لُوئَن ۾ لالن جِي.
آءُ نماڻي نِڪَتِي، دَمج تون دلدارَ
وو يارا لُوئَن لُوئَن ۾ لالن جِي.

(9)

هوتن بنا نِي، ميان! درد فراق نِي، ميان!
پنهونءَ سائينءَ، جيڏيون! الولوا ماري آهيان!
هوتن بنا نِي، ميان!
اَديون! آرِيچن جي، آءُ نِهوڙَيَس نفاق،
هوتن بنا نِي، ميان!
ڏونگر ڏوريو نہ ٿئي، مون وِلهِيءَ کان واڪَ،
هوتن بنا نِي، ميان!

(10)

تن پرين کي اُڪنڍي آءُ، لَڪَ لنگهيائون،
ڏيرَ قراريا ڏيهہ ۾، تن اُنن گهوري آءُ.
چڙهي ڏاڍين ڏُونگرين، ٻانيڙ اُڇلي ٻانهون،
ڏيرَ قراريا ڏيهہ ۾.
هيس پاس پَرِتَ جي، ٻانيڙ ڏيءَ نائون،
ڏيرَ قراريا ڏيهہ ۾.

(11)

چوري ڇڏ مَ ڇڇرين، ٻاروچل! ٻانهِي.
جانب جهِڙو جڳ ۾، ناهي ڪو ثاني،
چوري ڇڏ مَ ڇڇرين.
پُنهلَ نيو پاڙ سين، پورهيت پرِيتياڻي،
چوري ڇڏ مَ ڇڇرين.
پورهيو ڳنڍِيس پرَ جو، يَرِيندس پاڻِي،
چوري ڇڏ مَ ڇڇرين.
هوت! مَ ڇڏيو هيڪلي، هيءَ جاوِندُر وِڪاڻِي،
چوري ڇڏ مَ ڇڇرين.
اديون "عبداللطيف" چئي، ايندُم آرياڻي،
چوري ڇڏ مَ ڇڇرين.

# سر ڪوهياري

(1)

گلا ڪا مَ ڪري، لکيو تان نہ ٽري
ٻڙي! جيڏيون! منهنجي ووا شهر ڀنڀور ۾
جو سينگار سرتيين، سو مون ناهہ ڳري
جهڙي ٿهَڙي حال سين، وڃان پيرَ پري
جنهن وڻ هيٺان هَليا، سجڻ سانگُ ڪري
لامون تنهن وڻ سنديون، لوڏيان، لايان ڳري
قضا جا ڪريم جي، ڪنهن تان ڪين ٽَري
جيڪي لکيو لوح ۾، پاڙيان، سو پڙي
اديون "عبداللطيف" چئي، قادر ڪرم ڪري

(2)

آهيان جَنِ سندي ڙي، اڙي ميان!
مون کي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.
ڀَهائيندِيَس پنهونءَ کي، آءُ ڳچيءَ پائي گندي،
مون کي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.
وينئي آهيان واٽ تي، آهيان آسَرَوَندي،
مون کي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.
پرين پڃاڻان هِتَهِين، آءُ رتي تان نہ رَهندي،
مون کي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.
ڪَرم[1] ساڻ ڪريم جي، آءُ پرينءَ مِلندي،
مون کي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.

---

[1]. لطف ساڻ لطيف جي (مرڌ).

(3)

مون کي نيندا ساڻ، ٻاروچا ٻاجھ پئِي. اَلوا اَلوا
ڏيندا مون ڏُکيءَ کي، الله لڳ اَھڃاڻ،
ٻاروچا ٻاجھ پئِي. اَلوا اَلوا
”لاَ تَقنَطوا! مِن رَحمِت الله“ ٻرِيَن چيو پاڻ،
ٻاروچا ٻاجھ پئِي. اَلوا اَلوا
”انَّ الله يَغفِرِ الذُنُوبَ جَمِيعاً“ سچو اي پرِياڻ،
ٻاروچا ٻاجھ پئِي. اَلوا اَلوا
اديون، ”عبداللطيف“ چئي، اھڙو آھي اڳواڻ،
ٻاروچا ٻاجھ پئِي. اَلوا اَلوا

(4)

ٻاروچي ساڻ ٻڙيا اي جيڏيون! ھيڪر ٿيان ھيڪاندي
چڙھي نہ سگھان چوٽيئين، يارَ ٻنان، دل ماندي!
ھيڪر ٿيان ھيڪاندي
پھچائج پنھونءَ کي، ھِيَ پيادَڙي، پانڌي،
ھيڪر ٿيان ھيڪاندي
پينَرُ ھِن پنيور ۾، آءُ اِرادي آندي،
ھيڪر ٿيان ھيڪاندي
پورھيت پنھونءَ ڄام جي، باندِيَن جي باندي،
ھيڪر ٿيان ھيڪاندي
ڪَرَم ساڻُ ڪريم جي، ڪيچي ٿيندَم ڪانڌي،
ھيڪر ٿيان ھيڪاندي

(5)

توٽي نِين نہ نِين، الوا ميان! آءُ اُنھن جِي آھيان.
زورو ھِنَ ضعيفِ سان، ڪامِلَ ڪوھُ ڪَرين،
الوا ميان! آءُ اُنھن جِي آھيان.
ڄَتَ پنھنجِي جُوءِ ۾، جانب مانَ ڄَتِين!

الوا ميان! آءُ اُنهن جِي آهيان.
پِڪَ پَدَمَنِئا اڳري، سُرڪي مانَ سَجِين!
الوا ميان! آءُ اُنهن جِي آهيان.
بانهي ٻاروچا پانهنجي، سَگَرَ مانَ سڏِين!
الوا ميان! آءُ اُنهن جِي آهيان.
پيرين آءُ نہ پُڄَڻين، ڪَرَهَلَ هُو نہ جهَلِين،
الوا ميان! آءُ اُنهن جِي آهيان.

(6)

زاري سا زاري، الوا! پلوا! ڪوهياري ساڻُ،
آءُ جا ڪنديس زاري،
ڪِينَ جِيئَندِيَس جيڏيون! سور پريان جي آءُ ماري،
آءُ جا ڪنديس زاري،
اُٺ گُنگائي هليا، بوتا هُئَڙَن باري،
آءُ جا ڪنديس زاري،
ڪري ڪوهيارو هليو، مون سين قيامت ڪاري،
آءُ جا ڪنديس زاري،
مانَ وِرمن وچ ۾، اولاٺي، آري،
آءُ جا ڪنديس زاري،
هندن جِئن هولِي ڪري، مُون ڏوڙ مٿي تان واري،
آءُ جا ڪنديس زاري،
لالَنِ لَڳ "لطيف" چئي، واجهائي ٿِي ويچاري،
آءُ جا ڪنديس زاري،

(7)

جنهن جِي آهيان ڏونگر ڏوري،
تنهن ڪوهياري کي ڳَهَل پوي!
نيو نماڻي پاڻ سين، چَپَر چڏيو مَ چوري،
تنهن ڪوهياري کي ڳَهَلَ پوي!

آءُ تان گھوري گھوٽ جي، ماڙھو ڄُونم پوري،
تنھن ڪوھياري کي ڪَھَلَ پوي!
روئِي رَڱِيندِيَس رت سين، ساڻ ڄُڻائڪن چوري،
تنھن ڪوھياري کي ڪَھَلَ پوي!
اديون آرِيچَن جو لَھُه لڳو مون لوري،
تنھن ڪوھياري کي ڪَھَلَ پوي!
ڪَشي ڪانُ ڪمانِ مان، لائي وِيَڙا لوري،
تنھن ڪوھياري کي ڪَھَلَ پوي!

# سر حسيني

(1)

جي هُوندَ ڏِنائون، وو جيڏيون،
حالُ منهنجو وو هِهَڙو جِهَڙو!
چَڙهي نہ سگهان چوٽئين، مارَڳُ مٿاهون،
حالُ منهنجو وو هِهَڙو جِهَڙو!
ڏُکيءَ سَندي ڏيجَ ۾، ڏونگَرُ ڏنائون،
حالُ منهنجو وو هِهَڙو جِهَڙو!
ويندي ڪيون وٽن سين، سُسئيءَ سُڪائون،
حالُ منهنجو وو هِهَڙو جِهَڙو!
وَٺي پنهون پاڻ سين، اَچان جي آئون،
حالُ منهنجو وو هِهَڙو جِهَڙو!
ڏينديِس شاخ سَيَڪِنهِين، وَڻِ وَڻِ واچائون،
حالُ منهنجو وو هِهَڙو جِهَڙو!
هِينئَڙو ڏندَڻ پاڙ جِئَن، چِڪي چِنائون،
حالُ منهنجو وو هِهَڙو جِهَڙو!
هِينئڙو ڏاڙهونءَ گُلَ جِئَن، ريهي رَتائون،
حالُ منهنجو وو هِهَڙو جِهَڙو!
هوءِ جي پهڻ پپ جا، مَٽيان مڪائون،
حالُ منهنجو وو هِهَڙو جِهَڙو!
هُونِ سلامَت سپرين، گهوري سا آئُون،
حالُ منهنجو وو هِهَڙو جِهَڙو!
سو جي سُئوم ڪَنن سين، پَهُ جو ڪيائون،
حالُ منهنجو وو هِهَڙو جِهَڙو!
ٻانهُون ٻيلَ نہ لاهيان، پنهل کي آئُون،
حالُ منهنجو وو هِهَڙو جِهَڙو!

آيا ”عبداللطيف“ چئي، ڀُنيون من جون مدعائون،
حالُ منهنجو وو هِهَڙو جِهَڙو!

(2)

شاديءَ جو سينگارُ آيل،
آيل، مَرڪُ منهنجو مُون پرين.
آهي ڳَهُه ڳِچيءَ جو ڏي هالورا هارُ
آيل، مَرڪُ منهنجو مُون پرين.
آهي اُگهاڙِيَن کي، جانبَ جو جِنسار
آيل، مَرڪُ منهنجو مُون پرين.
آهيين ڪاجُ ٻُکيَن جو تون تان طعامُ تِيارُ.
آيل، مَرڪُ منهنجو مُون پرين.
اعليٰ اچو عيدَ ۾، دوستاڻو ديدار،
آيل، مَرڪُ منهنجو مُون پرين.
حسن هوت پنهونءَ جي، ڪڪوريو ڪوهيار،
آيل، مَرڪُ منهنجو مُون پرين.
سجَ ڪِيائين سُرهِي، واسيائين وٽڪار
آيل، مَرڪُ منهنجو مُون پرين.
ڇَپَرَ ڇاٽُون مُڪيون، عَطرو تيو آدار
آيل، مَرڪُ منهنجو مُون پرين.
ڪوڙيين تيا ڪيترا، نالي تان نثار
آيل، مَرڪُ منهنجو مُون پرين.
سدا صَلابَت جِي، گولِي گرِفتار،
آيل، مَرڪُ منهنجو مُون پرين.
گهوريان گهَرُ گهِٽيءَ تان، اچي جِئان آڌارُ
آيل، مَرڪُ منهنجو مُون پرين.

(3)

لَڳو منجهہ لڪَنِ، آيل،
آيل، تازو پيرُ پنهونءَ جو.
نہ ڪنهن واءَ وڃائيو جهوريو تان نہ جهَڪُن،
آيل، تازو پيرُ پنهونءَ جو.
ڪِهَہ ڪتورئان آڳري، هاٺِي جا هوتَن،
آيل، تازو پيرُ پنهونءَ جو.
بورائو بَرن جو رڙهيو منجهہ رَندَن،
آيل، تازو پيرُ پنهونءَ جو.
لطف ساڻ ”لطيف“ چئي، ڪندو وَرِ وِلَهن،
آيل، تازو پيرُ پنهونءَ جو.

(4)

هوت، هوت، اي هوتا، ڏِيندِيَس ماهُہ مِرُن کي،
آءُ جَرا جيءُ ڪري
ڏيئي باهِہ ڀنڀور کي، آءُ آيَس تو ڳَري
آرياڻِي پنهونءَ ري، مون کي سَرَتيون تان نہ سَري
جَندي پايو جانِ ۾، ڏُکِي ڏُکَ ڏري
آءُ اوراهُون سُپرِين، وڃ مَ پِيَّ پري
مون ڏِني، مون وِسَهو ورچِي تان نہ وري
ڏُکيءَ جي ڏيکاريين، ڏاران مُنهَن مري
ڀيالي پِرينِ جي، موهِيَس ميٺَ ڪري
آريءَ جي عشق جِي، مون کي اندر آگ ٻري
توکي توءِ نہ چڏيان، جي وڃان پوڻ تَري
ڏَڙ وِجهنديَس ڏوڙ ۾، متو ڏار ڏري
هَلَڻُ سُٽِي هوت جو ڏُکي، پَسُ ڏري
پِرين ڪٽج پانهنجون، اکيون باجهَہ ڀَري

(5)

ڏُونگرِ تِي ڏوري، وِندُر تِي ووڙي،
جَتن لئي جيڏيون، ڏونگرِ تِي ڏوري،
سُورَ پائِي ٿِيَس سيج ۾، جام پُنهل ڪان اوري،
جَتن لئي جيڏيون، ڏونگرِ تي ڏوري،
اُٺ چاريندَيس اُن جا، تَڪرپاسِ توري،
جَتن لئي جيڏيون، ڏونگرِ تي ڏوري،
مهارون تن مَيَن جون، خوب خوشيءَ مان جوڙي،
جَتن لئي جيڏيون، ڏونگرِ تي ڏوري،
ڪاهي ڪَڍَ ڪيچِيَن جي، ڪِينَ پُڇي، تڙ توڙي،
جَتن لئي جيڏيون، ڏونگرِ تي ڏوري،

(غ ش، ڪ ا، ع ق)

(6)

پُنهون پريشان، ٻَرٻَر، نڪو خان نہ مان،
هَئي هَئي! حال منهنجو،
مون کي ٻُڪ بوتَن جِي، ناقي پانيان نانُ،
هَئي هَئي! حال منهنجو،
شهر صحرا پائيان، مون ليکي ميدان،
هَئي هَئي! حال منهنجو،
رئان تي رُڃن ۾، آريءَ لَئي عريان،
هَئي هَئي! حال منهنجو،
پِنيان مُنهُن پسڻ لَئي، هِتي تِي حيران،
هَئي هَئي! حال منهنجو،
آهي آريءَ جام جو، مون کي ڪاري ڪانُ،
هَئي هَئي! حال منهنجو،
ديوانيءَ کي دِل ۾، سورن جو سامان،
هَئي هَئي! حال منهنجو،
ڪڏهِن ٿيندو ڪيچ ۾، مُنيءَ جو مڪانُ،
هَئي هَئي! حال منهنجو،
آهيين ”عبداللطيف“ کي، اڳيان تون اڳوانُ،
هَئي هَئي! حال منهنجو،

(7)

پاڙيچيون ڪا پچار،
منھنجا ڏيرَ ڏَمَرَ ڪِنھن ڏيھِ وِيا.
ويٺي ڳوڙھا ڳاڙيان، تِن جامن لاءِ چمار،
منھنجا ڏيرَ ڏَمَرَ ڪِنھن ڏيھِ وِيا.
ڪر ڪا ڪانگ اچڻ جي، تِن جي ڪا تنوار،
منھنجا ڏيرَ ڏَمَرَ ڪِنھن ڏيھِ وِيا.
مئي ماري ھليا، ڪيچي ڪاھي قطار،
منھنجا ڏيرَ ڏَمَرَ ڪِنھن ڏيھِ وِيا.
سيڻن لاءِ ”سيد“ چوي، جھجِيَس سي چمار،
منھنجا ڏيرَ ڏَمَرَ ڪِنھن ڏيھِ وِيا.

(غ ش، ڪ ا، ع ق)

(8)

ڪوھياري جي ڪاءِ،
مارِينديَم ماءِ!
مون کي من اندر جا ڳالَھڙي.
چڙھان ڏونگرَ چوٽِيين، سُپيريان جي ساءِ،
مون کي من اندر جي ڳالَھڙي.
نھاريندِيَس نڪري، ھاڙھو ھوتن لاءِ،
مون کي من اندر جا ڳالَھڙي.
پانڌيڙا! پيرَ پري، پِريان کي پھچاءِ،
مون کي من اندر جا ڳالَھڙي.
مولي! مون کي ميڙيين، سندي جانبَ جاءِ،
مون کي من اندر جا ڳالَھڙي.
ھوت ھلن، آءُ وِھان، تہ ڪا اِيئن جڳاءِ!
مون کي من اندر جا ڳالَھڙي.
سسئيءَ جي سِريَ کي، اوڏاھين اُناءِ،
مون کي من اندر جا ڳالَھڙي.

پيرانديءَ پنهونءَ جي، منهنجو لوڙهہ لَتاءِ،
مون ڪي من اندر جا ڳالَهڙي
الا ”عبداللطيف“ چئي، ايها آسَ پُڄاءِ،
مون ڪي من اندر جا ڳالَهڙي

(9)

منهنجي حجت ناهي واٽَ،
ڪانهي واٽَ، ڄيجان! تن جتن سين.
ڪاٽيءَ ڪي ڪانئي ٿِي، جيري جي جَرات،
ڪانهي واٽَ، ڄيجان! تن جتن سين.
ڪنديس ڪيچ ڏٽين لاءِ، لَڳن ۾ لُولات،
ڪانهي واٽَ، ڄيجان! تن جتن سين.
تازو پير پنهونءَ جو، لُڙيو منجهہ لڙاٽَ،
ڪانهي واٽَ، ڄيجان! تن جتن سين.
آهيم آريءَ جام جِي، اندر منجهہ اُساٽ،
ڪانهي واٽَ، ڄيجان! تن جتن سين.
ماريو ڪِيمَ مُئِيَ ڪي، ڪيچي ڪاهي ڪنوات،
ڪانهي واٽَ، ڄيجان! تن جتن سين.
ڪٽيو نيڻ نهاريان، ڳوڙهن پَريو ڳاٽ،
ڪانهي واٽَ، ڄيجان! تن جتن سين.
سَبَبِ تِنهن سُتي ويا، جهوُنّي ڏِنيَم جهاٽ،
ڪانهي واٽَ، ڄيجان! تن جتن سين.
ڏنم ڏُکوين جا، چپر ۾ چُونچاٽ،
ڪانهي واٽَ، ڄيجان! تن جتن سين.
اديون ”عبداللطيف“ چئي، لالَ ڏنائين لاٽ،
ڪانهي واٽَ، ڄيجان! تن جتن سين.

(10)

من کي ڇپر تان مَ ڇڏيجا، ٻاروچا! ٻَلئي لڳي آهيان.
ڇوري ڇِني آهيان، نيهُن نباهي نيجا،
ٻاروچا! ٻَلئي لڳي آهيان.
پنهون منهنجو آن سين، ساٿُ سلامت نيجا،
ٻاروچا! ٻَلئي لڳي آهيان.
مون تان وَڙُ وِڃائيو اَئين پنهنجو وَڙ ڪريجا،
ٻاروچا! ٻَلئي لڳي آهيان.
جوڳِئَڪو ويس ڪري، منهنجِي سگهڙي سار لهيجا،
ٻاروچا! ٻَلئي لڳي آهيان.
ڇوري ڇڏي ڇپرين، اَئين ڪيڇي ڪيم وڃيجا،
ٻاروچا! ٻَلئي لڳي آهيان.
آرياڻي "عبداللطيف" چئي، مون تي وهلو وَر ڪريجا،
ٻاروچا! ٻَلئي لڳي آهيان.

(11)

هِتان تي هَلندِيَس، ميان! سامُهِين ساٽيهه ڏي،
وڏا پيندا پنڌ جا، مَيزَل ماٽيندِيَس، ميان!
سامُهِين ساٽيهه ڏي
آلاهَر عجيبَ کي، لَڪن مان لَهندِيَس، ميان!
سامُهِين ساٽيهه ڏي
جيڏيون جوڙُ جتن جو جڏهين آءٌ ٽيندِيَس، ميان!
سامُهِين ساٽيهه ڏي
حُجائتا هوت کي، ڏوراپا ڏيندِيَس، ميان!
سامُهِين ساٽيهه ڏي
فريادِيون فراق جون، پُنهل کي چُوندِيَس، ميان!
سامُهِين ساٽيهه ڏي
اديون! "عبداللطيف" چئي، مَنَهِن آءٌ مِلَنديَس، ميان!
سامُهِين ساٽيهه ڏي

(غ ش، ڪ ا، ع ق)

(12)

منهنجو ساھ نيو سيٽانِ، آيل،
آيل وِهان ڪِئن پنيور ۾؟
مون کي ويا نہ وِسَريِ، نيهَن پريا نيٽان،
آيل وِهان ڪِئن پنيور ۾؟
سو ڪِئن هينئَڙو جهَليان، جهِجي جو ڪيٽانِ،
آيل وِهان ڪِئن پنيور ۾؟
مادر پايو مُنديون، ڳُوڪِيان وَرُ ڪيٽانِ،
آيل وِهان ڪِئن پنيور ۾؟

(13)

شال هاڙهي پوءِ پچار، پوءِ تنوار ڪميٽيءَ جِي ڪيچ ۾.
اُٺ چاريندِيَس اُن جا، مَيا جهلي مَهار.
اَڙيا آهن اَنگُن ۾، وبچاريَ جا وار.
سسئي ميڙِيين ساٿ کي، شرم ساڻ ستار.
ڪميٽيءَ جو ڪيچ ۾، ڪونهي ڏٽيان ڏار.[1]
(ق ب. گ ڊ)

(14)

هو ارمان اُنن، ميان، سَسُئيءَ جي سورن لئي.
ڪجاوا ڪَرَهن تي، جوڙيا جال جتن، ميان!
سَسُئيءَ جي سورن لئي.
پيير نہ تِڪن پوئتي، تا ڪامُن سان ڪُتجن، ميان!
سَسُئيءَ جي سورن لئي.
مهارون مَيَن جون، واڳون وَسِ ڏٽِيَن، ميان!
سَسُئيءَ جي سورن لئي.
تَڪر ۾ ٿونڪارَ تي، صبحَ ساٿِيَڙَن، ميان!
سَسُئيءَ جي سورن لئي.

[1] ۽ گ. ڊ ۾ آهي ٻين نسخن ۾ نہ آهي، جو آخري مصرع ۾ مڱيل نالو پيل اٿس.

سانگ تہ تُنھنجو سَسُئيءَ! ھاٿي ھوتَ نہ ڪَن، ميان!
سَسُئيءَ جي سورن لئي.

(غ ش، ڪ ا، ع ق)

(15)

وَڃِي وينَڙي تِتِي، جِت، پيرُ سڄاتَئِين پرينءَ جو
پير سڄاتَئِين پرينءَ جو منجھان نينھن نِرتِي.
ھو ويا وڻڪار ڏي، ھِنَ پوريءَ پانيا ھتي،
پير سڄاتَئِين پرينءَ جو.
جِنھن ڇيڙي وڏيس ڇپرين، سو ڪوھيارو ڪٿي؟
پير سڄاتَئِين پرينءَ جو.
آما، ليما، قاروھان، ڳاڱا راڱا جتي،
پير سڄاتَئِين پرينءَ جو.
مَري رھنديَس ماڳِھين، نہ تہ ھادي اڄج ھتي،
پير سڄاتَئِين پرينءَ جو.
مون کي ڇڏي ھليا، ڪا پِيَن مَٿي پِتي،
پير سڄاتَئِين پرينءَ جو.
لَڳَن منجھہ ”لطيف“ چئي، مِلِي تان سَرَتي،
پير سڄاتَئِين پرينءَ جو.

(16)

وسان تي ويياس، آيل، لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.
پُرزا پَٻَ ورن ۾، پِٽون تِي پيياس،
آيل، لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.
تہ پڻ ڪاڍو ڪيچ ڏي، توٽي ماءِ مُياس،
آيل، لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.
تہ پڻ ڪاڍو ڪيچ ڏي، توٽي ماءِ مُياس،
آيل، لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.
ٻاڻ وِڄايم پيرَ تي، چُتي آءُ چُتياس،
آيل، لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.

آيم آنڌي لوڪ سين، مُنهي آءُ مُنياس،
آيل، لڳم ڀاڻ ڀروچ جو.
هيڏي شهر ڀنيور ۾، نڪو پيُ نہ ماسِ،
آيل، لڳم ڀاڻ ڀروچ جو.
پيئُم وچُ وصال ۾، سَنجهي آءٌ ستياس،
آيل، لڳم ڀاڻ ڀروچ جو.
پييَم پنهونءَ جام سين، ڪُٺِيَ آءٌ، ڪُٺياس،
آيل، لڳم ڀاڻ ڀروچ جو.
آلا اُنِ مَ وِسَران، ڏِٺي جِن جِياس،
آيل، لڳم ڀاڻ ڀروچ جو.
پييَس ور وصال جي، جانڪِين تان جِيَندِياس،
آيل، لڳم ڀاڻ ڀروچ جو.
اديون "عبداللطيف" چئي، محبن کي ملندياس،
آيل، لڳم ڀاڻ ڀروچ جو.

(17)

تہ ڪو هوتُ سجڻُ نِيندا، هوا! ڏيرا،
ڪل نہ پييَم ڪا، مون نہ پروڙيا ماءِ.
ڪُهِي ڪميڻي هليا، ڀانيَڻ ڪري ڀيرا،
ڪل نہ پييَم ڪا.
پسان شال اکين سين، دوست سَندا ديرا،
ڪل نہ پييَم ڪا.
سيڻن ساجهُر لڏيو، پوءِ تي پُڇين پيرا،
ڪل نہ پييَم ڪا.
ڏارَ وجهي ڏاگهن کي، وَنگِيَئِي نہ تنهن ويرا،
ڪل نہ پييَم ڪا.
ڀَڙڪن تا ڀانيڻ جا، جيءَ اندر جيرا،
ڪل نہ پييَم ڪا.

(18)

ڪارون وَس ڪِيام، ڙَيا هَئي هَئي! لڌي ڏُور ويام!
منهنجو هوتُ نہ موٽيو ووا ڪارُون وَس ڪيام.
ٻَنڌَرَ ٻاروچن جا، پِينگهي منجهہ پيام،
ووا منهنجو هوت نہ موٽيو.
ڳَئِين قاصد ڪيچ ڏي، محبن لاءِ مڪام،
ووا منهنجو هوت نہ موٽيو.
سدا سُپرين جا، سانڍڻُ سورُ پيام،
ووا منهنجو هوت نہ موٽيو.
هوت هلندي جي ڪِئا، سي نہ سڌ سُئام،
ووا منهنجو هوت نہ موٽيو.

(19)

جِتي راج رهن، سي ٿَر سُکِ وَسن،
آءُ تنهن جبل متڙان گهوري
آما، ليما، ڦل ڦاروها، جِت ڪنڊٺهار ڪلن،
آءُ تنهن جبل متڙان گهوري
ٻاروچاڻيون ٻانهيون، ڪهڙي چال چَلن!
آءُ تنهن جبل متڙان گهوري
مٿن پوتا پَٽ جا، گهگها ساڻ گُلن،
آءُ تنهن جبل متڙان گهوري
سونهَن سُپرين جا، پَڪا منجهہ پَٽن،
آءُ تنهن جبل متڙان گهوري
جِئان ويهِي اُٿيا، هينئڙو تن هَنڌن،
آءُ تنهن جبل متڙان گهوري

## سر سورٺ

(1)

تنهن جيَ تند تنوارَ
يارا مون من موهيو.
مَلِهي آئين مڱڻان، گَجِي ۾ گرنار،
يارا مون من موهيو.
سِر جي صدا ڇڏ تون، ڏيانءِ ڏيجَ اَپار،
يارا مون من موهيو.
دان ڏيانءِ ڏِهرا، هزارين هزارَ
يارا مون من موهيو.
الا ”عبداللطيف“ چئي، پسان پِرينِ پار،
يارا مون من موهيو.

(2)

مٿو ۾ ڪِنڪار يارَا ڏارڻَ ڏيندوسئين، مڱڻان!
جاجڪ! جهوناڳڙهه ۾، هَلُ تہ تِيهُون يارَ
ڏارڻَ ڏيندوسئين، مڱڻان!
مٿان ڪا مُنهنجِي ڪريين، گلا جي گفتار،
ڏارڻَ ڏيندوسئين، مڱڻان!
مٿي اُتي منهنجي، جي هُون سِر هَزار،
ڏارڻَ ڏيندوسئين، مڱڻان!
هَر هَر وڃيان هيڪڙو تنهنجي تَندُ تنوارَ
ڏارڻَ ڏيندوسئين، مڱڻان!
لَڄيندي تو لاهيان، ڪيهي منجهہ ڪپارَ
ڏارڻَ ڏيندوسئين، مڱڻان!
آهي ”عبداللطيف“ ڪي، تنهن جي ٻِيَ پچار [1] ،
ڏارڻَ ڏيندوسئين، مڱڻان!

---

[1]. غ, ش, ڪ ا ۾ پوئين مصرع هن طرح آهي: اديون عبداللطيف چئي، لڳيس لنولغار. (غ ش, ڪ ا).

(3)

ڏنو راءِ ڏياچ. هِي سِرُ صاحبَ تان صَدَقو.
چيڙي هليا هِتِهين. راٽيون، پنهنجا راجَ،
هِي سِرُ صاحبَ تان صَدَقو.
اگهيو در الله جي، ڪوڙين پُنَس ڪاجَ،
هِي سِرُ صاحبَ تان صَدَقو.
مڱي وتو مڱٽي، ڪَهِي ساڻُ ڪُماچَ،
هِي سِرُ صاحبَ تان صَدَقو.
اديون "عبداللطيف" چئي، تيس ڪم سَڪاجَ،
هِي سِرُ صاحبَ تان صَدَقو.

(غ ش، ڪ ا، ع ق)

(4)

الوداع! ووا الوداع! ووا الوداع! جاني ڪيوءِ جدا،
هَي هَي، سورٿ تِي ساري،
هَڻُ تون تَندُ طَريقَ جي، ووا واجَٽ سڀ واري،
هَي هَي، سورٿ تِي ساري،
سورٺِ سَرَتِن وچ ۾، وو اُپِي اوساري،
هَي هَي، سورٿ تِي ساري،
"ڏيندو سانءِ" ڏياچ چئي، "هيءُ سِرُ سينگاري"،
هَي هَي، سورٿ تِي ساري،
هيءُ جو آيو مَڱَڻون، سو مَتارا ماري،
هَي هَي، سورٿ تِي ساري،
دوسَ دوسَنئان دُور ڪِيو، تو ڏَيا ڏيڪاري،
هَي هَي، سورٿ تِي ساري،
ڪنڌ مُنهنجو ڪاٽيو نِيهَن سندي نَعري،
هَي هَي، سورٿ تِي ساري،

## سر برووسنڌي

(1)

هوت نيٽان دا دلبند، لوا! پلو جيڏيون!
هيڏاهن، هوڏانهن سڀرين، ڪاڏي واريان ڪنڌ!
لوا! پلو جيڏيون!
چڙهي ڏايين ڏونگرين، راهہ پڇايان رَنڌُ،
لوا! پلو جيڏيون!
ساجن سَينئُون سُهڻو سائينءَ جو سوڳند،
لوا! پلو جيڏيون!
اديون ”عبداللطيف“ چئي، ميڙيندُم صمند،
لوا! پلو جيڏيون!

(2)

مولو ڪندو ماڙِ منهنجي الله ڪندو ماڙِ
هادي ڏيئي هَٿڙا، اَچي چِڪڻ منجهان چاڙهہ
منهنجي الله ڪندو ماڙِ
ڪِشتي ڪمينَنِ جِي، الله لڳ اُڪار،
منهنجي الله ڪندو ماڙِ
هُو جو ويري واٽَ جو سائين! نيئِي ساڙ
منهنجي الله ڪندو ماڙِ
ڪَرَمَ سارُ ڪريم جي، سڀ لَنگهيندا پارِ،
منهنجي الله ڪندو ماڙِ
الله ”عبداللطيف“ ڪي، ڏاتر ڏيهہ ڏيڪار،
منهنجي الله ڪندو ماڙِ

(3)

هاڻ اِيندو الا! مُنهنجو سَجڻ شال اِيندو.
آڱُر[1] لائي آنديون، وِجِي وسِيئَن وجهندو
مُنهنجو سَجڻ شال اِيندو.
نماڻيءَ جو نِجهُرو پاسي پارَ آڏيندو
مُنهنجو سَجڻ شال اِيندو.
مٿان لَڳن ساٿَرو صحيح سلامت نِيندو
مُنهنجو سَجڻ شال اِيندو.
مَهند تيندو مصطفيٰ، پُٺيءَ لوڪ لنگهيندو
مُنهنجو سَجڻ شال اِيندو.
آچِي "عبداللطيف" کي، دوستُ دلاسا ڏِيندو
مُنهنجو سَجڻ شال اِيندو.

(ق ب، گ ٻ، غ ش، ڪ ا، م ڏ)

(4)

سجڻ ٻاروچ جي ذات! دلبر ٻاروچي جي ذات!
اُٺ ڳُنگائي هليا، وائِي ڳن نہ وات.
جانِي جَتَ وني ويا، رِڻ ۾ پِيئَن رات.
ڪُهي ڪَمِيني هليا، اَديون آڏيءَ رات.
آءَ سُتِي، هو هليا، من کي ڪري مات.
انن گهڻون اُجليو، رائو سَجيائي رات.
مِلان محبوبن کي، وِهاڻيءَ پِريات.
اَديون، "عبداللطيف" چوي، ذاتر ڏيندو ذات.

---

[1]. آڪِن (غ ش).

(5)

وٽان وچ مَ مون، منهنجو ٽُونهِين ٽُون،
ڪونہ سُٽي ڪو ٻيو وٽان وَچُ مَ مون.
تون [1] تڏهانڪر منجهين، جڏهين ”ڪُن فَيَڪُون“،
وٽان وَچُ مَ مون.
اَهُڪِيءَ رسج اَحمدا، اڳيان سوڙهِي پُون،
وٽان وَچُ مَ مون.
رَسج محمد ڪارڻِي، جتي هُونگ نہ هُون،
وٽان وَچُ مَ مون.
آڳَهُ هِن امت جو آهِين ٽُونهِين تون،
وٽان وَچُ مَ مون.
ڏِج ڪا لَپ [2] ”لطيف“ ڪي، طَهور منجهان تون،
وٽان وَچُ مَ مون.

[1]. مون تڏهانڪر مچيي (ق ق).
[2]. لت (غ ش).

# سر مومل راڻو

(1)

مَيو تُون موٽاءِ، مون رُوندي راتِ وهاءِ،
سائينءَ ڪارڻ سپرين، لا! مَيو تُون موٽاءِ.
گهَرَ مَهارا گهورِيان، سُرَهو مُون نہ سُهاءِ،
سائينءَ ڪارڻ سپرين، لا! مَيو تُون موٽاءِ.
ڪاڪِئان وَڃڻُ ڪيڏِهِين، راڻا! تون نہ رِهاءِ،
سائينءَ ڪارڻ سپرين، لا! مَيو تُون موٽاءِ.
سَنَمِ [1] ساهيڙِيَن جا، طعنا توهِين لاءِ،
سائين ڪارڻ سپرين، لا! مَيو تُون موٽاءِ.
سوڍا! سُکياڻِي تيان، پيرُ پرچِي پاءِ،
سائين ڪارڻ سپرين، لا! مَيو تُون موٽاءِ.
آسائتيءَ کي، "عبداللطيف" چئي، موليٰ! محب ملاءِ،
سائين ڪارڻ سپرين، لا! مَيو تُون موٽاءِ.

(2)

ساٿيئڙا، ابا! پانڌي! پرينءَ،
سَنِيهو نيئي نيئي ڏيجا.
ڪالهہ قلاريا گلڙا، سي اڄ سڪا متي سيجا،
سَنِيهو نيئي نيئي ڏيجا.
جان آن پيرو نہ ڪِيو تان مون مُئي سڏيجا،
سَنِيهو نيئي نيئي ڏيجا.

---

1. سٽيمر (ق ب، گ د).

(3)

نيئي نيئي ڏيج، اي ادا، پانڌي،
ساٿِي، پرينءَ سَنِيهَڙو.
پيرين وِجهي هٿڙا، زاريون زورِ ڪَريج،
ساٿِي، پرينءَ سَنِيهَڙو.
ڪاڪ[1] ڪوماڻا گلڙا، سُڪا متي سيجَ،
ساٿِي، پرينءَ سَنِيهَڙو.
جي آن پيرو نہ ڪيو تان مون مُئِي سُڃيج،
ساٿِي، پرينءَ سَنِيهَڙو.
نماڻيءَ جي نِجهُري، پيهي پيهي[2] پُڇيج،
ساٿِي، پرينءَ سَنِيهَڙو.
تو لئي هنجهون هاريان، هَي جي مَنجهان هيج،
ساٿِي، پرينءَ سَنِيهَڙو.
اوکيءَ "عبداللطيف" چئي، اچي آڏَر ڏيج،
ساٿِي، پرينءَ سَنِيهَڙو.

(4)

راڻا جي رَجِپُوتَ، مُومَل سيئي[3] پسندا.
پَڙهيا، پَندت، پِيرَ[4]، توڻي مير، همير، مرندا،
مُومَل سيئي پسندا.
مَجي رضا ربّ جي، هِتان سَڀ هلندا،
مُومَل سيئي پسندا.
ڪلمي سان لَڏائيين، هاديا هِنَ هَنڌا،
مُومَل سيئي پسندا.

---

1. ڪالهہ (غ ش، ع ق).
2. تون (ع ق).
3. سهي (ع ق).
4. پڻت (ع ق).

سَھُڪِي سَڪرات ڪرين، وائِي[1] وير وِداع،
مُومَل سيئي پسندا.
آھڪيءَ جھَلج تون، اُتي، احمدا!
مُومَل سيئي پسندا.
متان چڏئين مَڳٽو مَھندان، مرشدا!
مُومَل سيئي پسندا.
”ڪُل نفسٍ ذائَقَتہُ الموتِ“، سَچِي ايءَ صدا،
مُومَل سيئي پسندا.
اَصل لِکيو آنگ ۾، ٿيندو تان پہ ادا،
مُومَل سيئي پسندا.
اديون ”عبداللطيف“ چئي، فائق فضل ڪندا،
مُومَل سيئي پسندا.

(5)

تان تون ويھہ سنبھي، ساٿي ميان! پانڌي ميان!
ڪاڪِ ھَلبو ڳڏھين!
لَکين لُدوٽِيان مَٽِي، مَتي وات ويا ٿِي، ميان!
ڪاڪِ ھَلبو ڳڏھين!
جنھن کي پيچان، سو چوي، ”آئيو ڪونہَ اُتان تِي، ميان!“
ڪاڪِ ھَلبو ڳڏھين!
ڪونائو ڪريم جو آئِيو پَھِي پَريان تِي، ميان!
ڪاڪِ ھَلبو ڳڏھين!
حُڪُم ڏيندءِ ھٿ ۾، ”ھاٽي ھَل ھِتان تي، ميان!“
ڪاڪِ ھَلبو ڳڏھين!
اديون ”عبداللطيف“ چئي، پِريَنِ پاس پُران تِي، ميان!
ڪاڪِ ھَلبو ڳڏھين!

---

[1]. والي (ع ق).

(6)

ڪِي جو ڪاڪِ تَڙاءُ، چانگي چَرهو چڪيو.
ڳَرهو سَرهو ڏيهَه ۾، نہ تنهِن ڏِڀُ نہ ڊاءُ،
چانگي چَرهو چَڪيو.
پاهُہ پِرائي آئِيو لالِي لُڏاڙِئاءُ،
چانگي چَرهو چَڪيو.
ڳَرهي ڪا نيئا رَتا، نائي ناڪيلاءُ،
چانگي چَرهو چَڪيو.
وَڳُ واسيائين پانهِنجو سَيِ ئِي سُراهئاءُ،
چانگي چَرهو چَڪيو.
تون ڊِاتِي ڏِيَٿَ ڏٽِي، تُون راڻو تُون راءُ،
چانگي چَرهو چَڪيو.
مُومل مُحتاجِيُون ڪري، عاجِزِيُون اڳِئاءُ،
چانگي چَرهو چَڪيو.
آءُ تون، "عبداللطيف" چئي، موتِي هِنَ محلاءُ،
چانگي چَرهو چَڪيو.

(7)

مَينڌرا! مون کي، راڻا! جِمَ وِساري ڇَڏِيين!
مون کي طعنا تُنهنجا، ڏيهه مِڙوئِي ڏي،
جِمَ وِساري ڇَڏِيين!
راڻي تي رِيس ڳِئِي، ڪَرَ سين ڪِليمَ جي[1]،
جِمَ وِساري ڇَڏِيين!

(8)

ڪِئَن ڪريان، ڪاڏي وڃان؟
مون کي سوڍو سَجهُہ نہ ڏي،
راڻو رات رُسِي ويو، ڳَرَ تِي ڳُلّ مٿي،
ڪِئَن ڪريان، ڪاڏي وڃان؟

---

[1]. ڪرسين ڪِليمَ تي. (ق ب، مرڏ).

اچيو آتَڻَ واريون، طَعنا ڏِينِم تي،
ڪِئن ڪريان، ڪاڏي وڃان؟
ميهڻا تنهنجا مينڌرا، مون کي ڏيهُ سڄو ئي ڏي،
ڪِئن ڪريان، ڪاڏي وڃان؟
پَترِ وارِ وِڃايان، آءُ رِيجهِي راڻي کي،
ڪِئن ڪريان، ڪاڏي وڃان؟
ڪارايان کِير وليون، چاريان چانگي کي،
ڪِئن ڪريان، ڪاڏي وڃان؟

(9)

ڏُور وڃيو ڏِينهن لائي، ڪا [1] سوڌَلَ کي سمجھائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ٻاجهه [2] پُئي.
ڇَنا، مَنهَن، ماڙيون، اوڏانهن اڏائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ٻاجهَ پُئي.
ميڙِ مُنجان تِي مَينڌرا، تو درِ تيلاهي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ٻاجهَ پُئي.
مِنَتَ مَنهِنجي مَينڌَرو مانَ مَ موٽائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ٻاجهَ پُئي.
قَتِيل مِينهن فراق جا، وينِي وَسائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ٻاجهَ پُئي.
سوڍا، سِرُ پُڻ گهوريان، آءُ ڪَرهو ڪاڪِ وَرائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ٻاجهَ پُئي.
لُڏوڻيا "لطيف" چَئي، شل پيرُ مُئيءَ ڏي پائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ٻاجهَ پُئي.
(ق ب، غ ش، ڪ ا، ع ق، م ڏ)

---

1. تنهن کي ڪا ورائي (ق ب).
2. رحم پوي (ق ب، م ڏ).

(10)

آءُ، راڻا! رَهُہ رات. تنهنجي چانگلَ کي چَندَنُ چاريان.
مون کي آهي مَينڌرا، وائي تنهنجي وات،
تنهنجي چانگلَ کي چَندَنُ چاريان.
راتيان ڏينهان روح ۾، تَنَ تُونهين جِي تات،
تنهنجي چانگلَ کي چَندَنُ چاريان.
وينِي نِتُ نهاريان، اَچين جي پريات،
تنهنجي چانگلَ کي چَندَنُ چاريان.

(ق ب)

# سر ڪاهوڙي

(1)

وَسائِيندڙي مينهَن، مانَ مِلان ڪي سَڄڻين.
آءُ مِلندي پرينءَ کي، راتيُون ڏوري ڏينهَن،
مانَ مِلان ڪي سَڄڻين.
مون کي پِرينِ ميڙئين، روجهَڙيون ميڙئيين مينهَن،
مانَ مِلان ڪي سَڄڻين.
اکِيَن آگم لائِيا، گَرُ مُندائِتا مينهَن،
مانَ مِلان ڪي سَڄڻين.
مادَرا! موتِي نَہ وِهان، جان پريان سين نينهَن،
مانَ مِلان ڪي سَڄڻين.
اديون "عبداللطيف" چئي، وِينديَس ساجَن سِيئن،
مانَ مِلان ڪي سَڄڻين.

(2)

آءُ جيهائِي ذات، تون پارِڙُ سجائج سُپرِين.
اوئِيُون آديسيَن جُون، پَريان ساري رات.
جي ٻانهين ڪونين ٻاجهَ سين، تہ ڪَرَ لَڌِيم ذات.
تان ڪِي ڏونگَرَ ڏوريان، جان نہ وهامي رات.
ڳنديَس عرض الله کي، وِهاڻِي پِريات.

(3)

سِياڪو سيڻان، پوري تو پارِڙُ سُڃاڻِي نَہ ڪِيو.
موتِي ماڳَ نِهارِئين، ڪِهَڙي مُنهن ڪيڻان،
پوري تو پارِڙُ سڃاڻِي نَہ ڪِيو.
مَڄُ پَسِي ڪِئَن موٽئين، سَڙئيي نہ لَئي سيڻان،
پوري تو پارِڙُ سڃاڻِي نَہ ڪِيو.

واريءَ جِئن وِجِرِي هِنئون، ڪُٺڪي لَئي ڪيٽان،
پوري تو پارُ سجاڻِي نَہ ڪِيو.
آتَن مُنهنجا اَنگڙا، ڳَلَ نہ پُئي ڪيٽان،
پوري تو پارُ سجاڻِي نَہ ڪِيو.

(4)

جاڳِي اَڪَڙِيَنِ، تو ڪوهہ اوجاڳو نَہ ڪِيو!
اڪڙيون پِريَن لئي، تَهہ تَهہ ڪِيو تِمَن،
تو ڪوهہ اوجاڳو نَہ ڪِيو!
جي سَنجهيئِي سُتيون، سي مَر سورُ سَهَن،
تو ڪوهہ اوجاڳو نَہ ڪِيو!
تون آٽاسِي اوجهَرين، هوءِ تا هوت هَلَن،
تو ڪوهہ اوجاڳو نَہ ڪِيو!
جِن ڪي آرسُ اکيين، سي ڪئن پرين پَسن؟
تو ڪوهہ اوجاڳو نَہ ڪِيو!
جِن نيڻ هيرايا نِندِ سين، سي ڪِئن محب ملن؟
تو ڪوهہ اوجاڳو نَہ ڪِيو!
جي سيج وڇائي سُتيون، سي مَرُ رَت روئَن،
تو ڪوهہ اوجاڳو نَہ ڪِيو!
وهاٽيءَ وَهائِين، ڳوڙها سَر ڳِلَن،
تو ڪوهہ اوجاڳو نَہ ڪِيو!

# سُر رامڪلي

(1)

سَندِڙيانِ، سِڱَڙي، ڳالهِ ڳُجهڙي،
مُون مارِيندي گَڏهِين.
جا وَجائين جَتَڙا، نہ تنهن نَڙَ جِهَڙي،
مُون مارِيندي گَڏهِين.
مرليءَ کي جنهن مات ڪيو نہ تنهن ٿُلَ ٿُنبَڙي،
مُون مارِيندي گَڏهِين.
تاريو جنهن توڏيءَ کي، نہ سو گهندُ گهندَڙي،
مُون مارِيندي گَڏهِين.
ڏاريو جنهن ڏياچ کي، تندُئان تنهِن تِڪَڙي،
مُون مارِيندي گَڏهِين.
نہ سِري، نہ سِندُ ڪا، نڪا هِندُ هِهَڙي،
مُون مارِيندي گَڏهِين.
ڪوڙين واجِتَ ڪيترا، لَکين لائُون هَٽَندَڙي،
مُون مارِيندي گَڏهِين.
گوڙي ڪُلاتَن کي، محبت وارن مِنڙي،
مُون مارِيندي گَڏهِين.
مِنائِيان مِني گهٽو ڇُوندا جَن چَکِيئَڙي،
مُون مارِيندي گَڏهِين.
وانءُ اُوناءِ اُن کي، ويهہ مَ، ڪرڻ وِڪَڙي،
مُون مارِيندي گَڏهِين.
بيخود بابو سي ٿِيا، ٻُرندي، جَن ٻُدَڙي،
مُون مارِيندي گَڏهِين.
جا ساراهِيَل سبحان جِي، تنهن واڪاڻ ڪِهَڙي؟
مُون مارِيندي گَڏهِين.

سَهسين سُرُودَن کي، پاٽان پوءِ وِجهَندَڙي،
مُون مارِيندي گَڏهِين.
گهاندارَ مِرُون موهيا، هِيءَ ماڙهو مُهَندَڙي،
مُون مارِيندي گَڏهِين.
اديون ”عبداللطيف“ چئي، مُئا جِيارِيندَڙي،
مُون مارِيندي گَڏهِين.

(2)

ڪَلَپَتي آئيا، هو ماءُ! آءُ هَلَندي اُن سين.
حرصَ هَوائِي جَن جا، سُکين تان نہ سَڏائِيا،
هو ماءُ! آءُ هَلَندي اُن سين.
تِن تَڪيا تاڪي ڇڏيا، جي ايهي [1] وِرهَہ وَڏائيا،
هو ماءُ! آءُ هَلَندي اُن سين.
توشَڪون ۽ تَڪيا، وِهاڻا جِن وراهيا،
هو ماءُ! آءُ هَلَندي اُن سين.
هلوا! تہ پسون اُن کي، جِن لُنگ لاهوتِيَن لائيا،
هو ماءُ! آءُ هَلَندي اُن سين.
اديون! ”عبداللطيف“ چئي، اَڱڻ مون آئيا،
هو ماءُ! آءُ هَلَندي اُن سين.

(3)

آسرو آهي، موتي اِيندا، مون نہ ڇڏيندا، پارُ پَسندا.
اِيندا آديسي، وري، دونهِيون دُکائي.
پَتَرِ وارَ پِرَ لئي، ويهہُ تون وِڃائي.
ڏُک لاهيندا ڏِيل جا، ڳُجهو ڳالهائي.
مون کي نِيندا پارُ سين، هي سَڱُ ساڱاهي.
(غ ش، ڪ ا، ع ق)

---

[1]. ايهيءَ وِرونهن (ع ق).

(4)

جنهن جي من ۾ مالا، جوڳي سوئي.

جنهن جي مَنَ ۾ مُندرا، سامي سوئي.
پيئنا سون مڙهيءَ ۾، اِلا الله ست گروءَ جي سَنگا.

(ق ب، گ ڊ، م ڙ)

(5)

ويهُه مَ ويسَري، تُون ڪِي جاڳي اورِ اللهَ سين.
مَحَبت جي ميدان ۾، سُڃي ڳالھ ڳَري،
تُون ڪِي جاڳي اورِ اللهَ سين.
اوسِيَڙي[1] آڌِيَ اُٿن، تون تان ڍانگ ڍَري،
تُون ڪِي جاڳي اورِ اللهَ سين.
سُتي ساجن[2] نہ مِلي، آهي اِيَّ ڪَري،
تُون ڪِي جاڳي اورِ اللهَ سين.
سي پرڻ رُئندا رَت ويا، مِڙِيا جي مَري،
تُون ڪِي جاڳي اورِ اللهَ سين.
وَئِي ميرائِي من تان، سيڪا ڳالھ سَري،
تُون ڪِي جاڳي اورِ اللهَ سين.

(6)

رانوَلُ رهي نہ راتِ، جيڏيون!
منهنجو رانوَلُ رهي نہ راتِ.
ڪوهُہ ڪَرِينديَس ڪانڌ ري، وِهاڻي پرِيات،
منهنجو رانوَلُ رهي نہ راتِ.
مِٺَ نہ مَعذورِيَن جا، ڪا جا جوڳيءَ ذات!
منهنجو رانوَلُ رهي نہ راتِ.
لَڳُم لاهوتِينَ جو منجهان ڪِينَر ڪات،
منهنجو رانوَلُ رهي نہ راتِ.

---

[1]. جي اوسِيَڙي آڌيءَ اُٿن، تَنِين واڳَ وَري (غ ش، ع ق، ڪ ا).

[2]. سجڻ (م ڙ).

(7)

تَن ڳُٺَن ڳَهَر وڃائِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪيا.
ڪري مَرِج ڪاپڙيا! گَر وَٽ گدائِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪيا.
اشارَتوون اُن جِيُون، وَنءُ ڪپي تون ڪائِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪِيا.
نِندَ تَنهين کي ناهہ ڪا، جا آديسَن اُنائِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪِيا.
آهي اُنهيءَ ڳالهہ جِي، رانوَل! اِيَ رُباعِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪِيا.
هيڪائِي هيڪُ تيا، ٻُٽَن ڪا نَ ٻِيائِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪِيا.
اکين آرَس ڇڏيو دل ۾ تہ ناهِ دَغائِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪِيا.
”اِنَّ الله وِتريُحبُّ الوِ ترِ“. اِيَ اُنهين لَئي آئِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪِيا.
ريجهائي رَمُوز سين، ڪاهوڙيَن آءُ ڪاتِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪِيا.

(8)

تَن اکين [1] آءُ اڙائِي، ٻڙي! جيڏيون!
ڪنهن دَر ڏِيان دانهَڙي؟
ڦَڪيون ڏيئِي ڦِڪيون، ويڄَن آءُ وِرچائِي،
ٻڙي! جيڏيون! ڪنهن دَر ڏِيان دانهَڙي؟
حُسن [2] هوتَ پنهونءَ جي، لالِيءَ، آءُ لڄائي،
ٻڙي! جيڏيون! ڪنهن دَر ڏِيان دانهَڙي؟

1. دل (ع ق).
2. حسن هوتن جي اديون (غ ش، ڪ ا، ع ق).

اُلفت ڪَرم اُن سين، قُربَ جا ڪَڙائِي،
ٻڙي! جيڏيون! ڪَنهن دَر ڏِيان دانهَڙي؟
صُحبَت سُپيرين جِي، مِني آهه مِنائِي،
ٻڙي! جيڏيون! ڪَنهن دَر ڏِيان دانهَڙي؟
آلا، ”عبداللطيف“ سين، وَحدت وَٽَ وِرهائِي،
ٻڙي! جيڏيون! ڪَنهن دَر ڏِيان دانهَڙي؟

(9)

مِڙيَئِيُون موڪلَ، ڪالَهه ڪَندا وِيا ڪاپَڙي
ڪَڏهِن اُتر سامُهان، ڪَڏهِن دونهين ۽ جهَلَ،
ڪالَهه ڪَندا وِيا ڪاپَڙي
هُن سيڪِيندي هنڌڙا، مُون ٻَاڙِيندي ٻُلَ،
ڪالَهه ڪَندا وِيا ڪاپَڙي
چِيري چندن ڪاٺَ جِئَن، سور ڏنائون سَلَ،
ڪالَهه ڪَندا وِيا ڪاپَڙي
بابوُ ڪَنِ نہ ٻِڪيا، نہ ڪا وَلِن وِلَ،
ڪالَهه ڪَندا وِيا ڪاپَڙي
جَرَ جراٽِين چِندَڙا، ڪوري ڪائِين ڪَلَ [1] ،
ڪالَهه ڪَندا وِيا ڪاپَڙي
الا ”عبداللطيف“ چئي، اِيندَم شال اَمُلَ،
ڪالَهه ڪَندا وِيا ڪاپَڙي

(10)

جوڳِي جَڳِ گهَٽان، آلا: مون وَهُہ ويراڳِيُن سين.
پاچِي ڪَن نہ پارِڙَ سين. تُنبِيءَ مَنجهي ڪَٽان، الا،
مون وَهُہ ويراڳِيُن سين.
جان ڪِي ڏاٽِيوُن ڏوڙ ۾، جان ڪِي ڪِينِ چَٽان، الا،
مون وَهُہ ويراڳِيُن سين.

[1]. هيءَ مصرع (م ڏ) پروڏيڪ آهي.

وينِي وانَرِيَن تي، پِڻَن جِڻَن پِٽان، الا.
مون وَهُه ويراڳِيُن سين.
ساريو سَناسِيَن کي، وينِي هَٿَ هٽان، الا
مون وَهُه ويراڳِيُن سين.
آيَل! آديسِيَن جا، مون تي ڳُنَ گهڻان، الا،
مون وَهُه ويراڳِيُن سين.

(غ ش، ڪ ا، ع ق)

(11)

جوڳِي ڏاڍي ذات، جيجان! سامي ڏاڍي ذات،
ماءُ! مون قبوليا ڪاپڙي
راتيان ڏِينهان روح ۾، مون کي سَندِيَن تات،
ماءُ! مون قبوليا ڪاپڙي
سِڱها ايندَم سُڀِرين، شل سُياڻي پِريات،
ماءُ! مون قبوليا ڪاپڙي
اُنهن آديسِينَ جِي، مون کي وائِي آهي واتِ،
ماءُ! مون قبوليا ڪاپڙي
ڪَرِيان عرضُ الله کي، آءُ اُتي آڏيءَ راتِ،
ماءُ! مون قبوليا ڪاپڙي
اديون ”عبداللطيف“ چئي، ڏاتر ڏيندم ڏات،
ماءُ! مون قبوليا ڪاپڙي

(غ ش، ڪ ا، ع ق)

(12)

ڪاپَڙي ڪَن چيرَ، ويا ويراڳي نِڪري
دل هٽي ويا دَلَق سين، ڦورُو هُئڙا فَقِير،
ويا ويراڳي نِڪري
هَٽي ويا حِلم سين، سِڱيون منجهه سرير،
ويا ويراڳي نِڪري

(ق ب، گ د، م ڙ)

(13)

پانڌي ڪا پريان جي، ڪر ڪا ڳالهڙي
ڏيئِي باهِ پنيور کي، جَتَن سين آءُ جاندَڙي
حڪايت هوتَن جِي، ادا تو ڪا آندَڙي!
مون کي پيتم پاهيو خمر جي آءُ خواندَڙي
سا پَرتِيَئِي سُپرين، اَلست جا آندَڙي
ڳڏهِن ٿِيندِيَس ڪيچَ ۾، هوتن سين هيڪاندَڙي
پَسڻ ڏاران پِرينءَ جي، مُنِي هيءَ پَس ماندڙي
(ق ب، گ ڀ، م ڏ)

(14)

ڪوئِي ڏونگَر ڏوريان، ڪوئِي جبلُ جهاڳيان،
پهچان، وو شال پرينءَ کي.
لَڳَڙي پيرِ پِرينءَ جي، آءُ جا ڏونگَر ڏوريان،
پهچان، وو شال پرينءَ کي.
(ق ب، گ ڀ، م ڏ)

# سر رپ

(1)

جو نَوازي ڏَڏَ. آسَرَ لاهِہ مَ اُنَ جِي.
ويھہ داتا جي در تي، لنگھا! لاهي لَڏَ،
آسَرَ لاهِہ مَ اُنَ جِي.
اوڏايان اوڏو گھَٽو گھڙا ڳرئين سَڏَ،
آسَرَ لاهِہ مَ اُنَ جِي.
آڳَلن ڪي اوڏو وِهي، گندا ڪري گَڏَ،
آسَرَ لاهِہ مَ اُنَ جِي.
گھڙا جَڏَ جَڏوئين، جُودَ مَهندان، جَڏَ،
آسَرَ لاهِہ مَ اُنَ جِي.
اڳيان عجيبن جي، اَهُڪا ٻَڌَڻُ مَڏَ،
آسَرَ لاهِہ مَ اُنَ جِي.
آدَم تئائين خلقيو[1]، هوءِ جا ڪَڄي منجهان ڪَڏَ،
آسَرَ لاهِہ مَ اُنَ جِي.
اوليءَ ”عبداللطيف“ چئي، سَجڻ ڏيندو سَڏَ،
آسَرَ لاهِہ مَ اُنَ جِي.

(2)

جي سيٽائي سَڱُ، تي تي ڏونگَرَ ڏوريان.
ويو ٻاروچو نِڪري، اَنگُن چاڙهي اَنگُ
اُتَ مَ پلاٽيو اونيا. تان ڪو ڏَميو ڏَمُ.
ميڙي مينديءَ گُلَڙا. رات رَتائون رنگُ.
ٻانهي ٻاروچَن جي، ٻُنيءَ لَڳَڙي وَڄُ.
مُون آن سين نہ ڪيو، چِنَڻَ ڪارڻ سَنگُ

[1] . آپيو (غ ش. ڪ ا).

جان ڪوهيارو ڪيچَ ۾، تان مون پئي نہ ٻنگُ
گهٽو آهيم آسرو سرهو سيد سڱُ
(ق ب، گ ب، م ڏ)

(3)

سرتيون! سَڪڙيُون! ساريان پرين پانهنجو.
مون پنهنجي پِرينءَ سين، ڳُجهيون ڳالهڙيون.
ڳالهيون پريما! تنهنجيون، وڏي وَڻُ ٽيون.
گوشي پِرين نہ گڏيا، ڪَرَ سين مُون نہ ڪيون.
لالائيءَ جي لوءَ ۾، ساري رات سُيون.
توبهہ آهي ٿَن ڪان، جي هَٿان مُون ٿِيُون.
مون کي ڏِئين نہ مُنهَن ۾، جي مون ڪالهہ ڪيون.
ارَتو اوتڻ سِکيون، عادت اڪَڙيون.
منهنجا ڪم ڪريم تي، ٻيا ڪَن ٻيون.
الا، "عبداللطيف" چئي، صاحب ڪَجِ سَنيون.
(ق ب، گ ب، غ ش، ڪ ا، م ڏ)

(4)

هاڙهو ڳاڙهو هوتَ، ڪيچِي ڪالَهہ لنگهي وِيا.
سِڪَ ٻاروچي نہ لَهي، مَٿي تائين موتَ.
لَنگهيندي لَڪن ۾، پاٽان ٽِيَس پوتَ.
متان مون کي ڇَڏِئين، هِتِ هوتاڻِي هوتَ.
ڏيندِيَس ڏاڍين ڏونگرين، توهِين ڪارَڻ جهوتَ.
(ق ب، گ ڏ، م ڏ)

(5)

جِئري زيارَتَ، جي مان هوءِ پِرِيَنِ سين!
سَڌر منهنجا سُپرين، مون تان لاهِہ مَ هَٿَ،
جي مان هوءِ پِرِيَنِ سين!
مولي، مون کي ميڙِئين، سُپيرِيان جي سَٿَ،
جي مان هوءِ پِرِيَنِ سين!

چَنديان ڪِهَ اَکِين سين، پيرين وجهان هَٿَ،
جي مان هوءِ پِريَنِ سين!
ڏُوران ڏِٺم سُپرين، سَچي جَنِ صِفَتَ،
جي مان هوءِ پِريَنِ سين!
مِلَڻ ۾ مُشتاق سين، ڪانه ڪيائون ڳَٺَ،
جي مان هوءِ پِريَنِ سين!
اديون "عبداللطيف" چئي، مچيائون مِنَٿَ،
جي مان هوءِ پِريَنِ سين!

(6)

نيئي پريان کي ڏيج، تانڪو نيهَن نياپو.
ڳَڏِهِن مون سين ڪونہ ڪيو سيڻن سِياڪو.
اَتم گهڻو اُن جو اَندَرِ اولاڪو.
ڳَڏِهِن مُڪائون ڪونَڪو ڏُکيو ڏوراپو.
وجي ڏِجا مُئيءَ جو پانڌيا پاراپو.
(ق ب، م ڏ)

(7)

ڏيهہ وَڻَ تيا مُئيءَ کان ڏور، جاني! الوا!
هَلڻ سُٽي هوتَ جو مُئينءَ نہ معذور.
ڪيچين ڳَرهہ ٻلاٽيا، آٽي اُٺَ اسُور.
تو ڪِيئَن وِيَڙو وِسري، ساجَنُ ڪهڙي سُور.
(ق ب، م ڏ)

# سر ليلا چنيسر

(1)

آءُ پرين گهر پيهي، ميان چنيسر!
هارُ هٿان مون ڇڏيو.
پُڇن لِيلا، هو ڳن ڃيلا، ٻهران اَچيو ٻيٺي،
هارُ هٿان مون ڇڏيو.
دوسُ نِيائُون داسَڙو ويساهي وَرُ ويهي،
هارُ هٿان مون ڇڏيو.
اَوڳُڻَ، عيبَ، مَنائِيون، ڍولا! ڍَڪِ سَيِيئِي،
هارُ هٿان مون ڇڏيو.
تو در اچي، داسڙا! آر ڪرينديَس ڪيهِي،
هارُ هٿان مون ڇڏبو.

(2)

مون تي وَهَرَ وَري، وارو ڏيندُم وَلَهو.
توکي ساري، سُپرين! آءُ ٻونديَس ماٻِ مَري،
وارو ڏيندُم وَلَهو.
توکي سَري سُپِرِين! اَسان تان نَ سَري،
وارو ڏيندُم وَلَهو.
اَسان تو ري ناهِ ڪا، ٻُجهاندَرَ ٻَري،
وارو ڏيندُم وَلَهو.

# سر بلاول

(1)

مون ۾ عيبَ اَپار يار! آءُ جا طامِع آهيان تنهنجِي.
هيڪُ وڃايم ويسري، جاڻِي سڀ ڄمار،
آءُ جا طامِع آهيان تنهنجِي.
هِنَ منهنجي حال جِي، تو کي سُڌ ستار،
آءُ جا طامِع آهيان تنهنجِي.
اَمُرَ اوڏي نہ ٿيان، نَهِيءَ ڪِيَسِ نِڪارَ،
آءُ جا طامِع آهيان تنهنجِي.
جيڪي وَهي وجود ۾، سو جاڻين جاڻڻهار،
آءُ جا طامِع آهيان تنهنجِي.
ڄِڻَن سي گل گلاب جا، ڪِڙيا ڪنڊڻهارَ،
آءُ جا طامِع آهيان تنهنجِي.
مون کي سڪ "سيد" چئي، آهي مَدِيني موچار،
آءُ جا طامِع آهيان تنهنجِي.

(2)

آسرو آهي، الا، مون کي هوتَ حبيب جو.
جان جان اوڏا ڪَرَها، پُڄان تان ڪاهي،
مون کي هوتَ حبيب جو.
موٽُ منهنجا سُپِرين، واڳُون ورائي،
مون کي هوتَ حبيب جو.
شفاعت جا شفيعَ جِي، تنهن ۾ ڦيرو هَڏِ ناهي،
مون کي هوتَ حبيب جو.
ميرُ مُحَمَّدو ڪارِڻِي، آڙيا ڇَڏائي.
مون کي هوتَ حبيب جو.

اِهي ڪَمَ ڪريم جا، جِتَن لنگھا ن[1] لنگھائي،
مون کي هوتَ حبيب جو.
لطف ساڻ ”لطيف“ چئي، مُوڙها ملائي،
مون کي هوتَ حبيب جو.

(3)

جئان ڏنائون پير، جئان ڏنائون پيرَ.
ڀڳا ڪوٽ ڪفار جا، اچي علي شير،
جئان ڏنائون پير.
متي اَڱڻَ آئِيا، سُونهَڻَ لَڳا سير،
جئان ڏنائون پير.
جِئان ٺِي نِبي نِڱيو، ڀَري مبارڪ پيرَ،
جئان ڏنائون پير.
لَتا ڏُک سُک ٿيا، ٿِي واڌائِيءَ وير،
جئان ڏنائون پير.
سار ي[2] شفيع جام کي، هينئڙي لَڳِي هيرَ،
جئان ڏنائون پير.
لطف تو ريءَ ”لطيف“ چئي، ڪندو ٻيو ڪير؟
جئان ڏنائون پير.

(4)

ڍَڪَ ڍَڪِيندو مُون نہ ڇڏيندو
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين.
انڌا، اُونڌا، آڪُڙِيا، سڀ نباهي نِيندو
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين.
واتان ويچارَن جي، دارُون پاڻ ڏَريندو
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين.

---

[1]. لنگھا (ع ق).

[2]. هي مصرع رڳو م. ڏ نسخي ۾ آهي.

جي ڏُهارين ڏاڪڙا، لَڪَ سي لنگهائيندو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين.
نُورُ ناڪارو نـَ ڪري، مُحَمّدُ مِنٿَ مَڃيندو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين.
هِت پڻ حامي هيٺن جو هُت پڻ آدَر ڏيندو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين.
طَهُورا تَرَّيَن کي، پاڻئُون پيِاريندو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين.
پارِڙُ سچاڻي پاڻَهِين، ڪامِلُ ڪَرمُ ڪرِيندو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين.
تنبو آڻي تاءَ ۾ عاصيَن ڪارڻ اَڏِيندو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين.
داتا دوزَخِيَن تان، ليڪو لَهرائيندو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين.
رَسَڻ وير، رَسِي ڪري، مُشڪَ رَنگُ مَتِيندو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين.
”رحمت لِلعالمِين“ اَهُڪِيءَ آڳَهُ ٿيندو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين.
اُتي ”عبداللطيف“ جو هادي هَٿُ جهليندو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين.

## سر ڏهر

(1)

لائي جا وَرَن ڪي، سا ڪانڌَ منهنجي ڪورا.
اَچن پِرين پَٻَڪِيا، ڳر ٻاٻيهو جِئَن مورا.
ماءُ! مارِيندَم ڳَڏِهِين، هن پرينءَ جا هورا.
سيٽين سِر ڪَندُ سَپجي، ٻيو عَطُرَ پرين آتورا.
ڇَپَرُ ڪٿوري ٿِيو ٻِي تازي قُلَن قورا.
الا ”عبداللطيف“ ڪي، سانول ميڙ سَنيورا.

(2)

مون ڪي نِنڊ نہ نيٽين نيٽين، ڪالَهُون پوءِ لَڳَن ۾.
موٽ آيَل ماءُ مُنهِينجِي، تان تو ڏک نہ ڪيٽين، ڪيٽين،
ڪالَهُون پوءِ لَڳَن ۾.
هوءِ نہ نينِمِ پاڻ سين، آءُ تان ويندڙي سيٽين سيٽين،
ڪالَهُون پوءِ لَڳَن ۾.
ڪالُهوٽيان اج گهٽِي، جهورَڙي جهيٽين جهيٽين،
ڪالَهُون پوءِ لَڳَن ۾.
ٻيون سڀ واڳيون وَرَن سين، آءُ واڳڙي ويٽين ويٽين،
ڪالَهُون پوءِ لَڳَن ۾.
هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جِيئَن، روئِي رتو ڪيٽين ڪيٽين،
ڪالَهُون پوءِ لَڳَن ۾.

(3)

مون سين هوت نہ ڪندڙا هِيئَن، ماءُ چام نہ ڪندڙا هِيئَن،
الا، مون نہ ڇڏِيندا ڇَپَرين.
هوتَنِ جي هيڪاند ڪي، آءُ روئان راتو ڏِينهن،
الا، مون نہ ڇڏِيندا ڇَپَرين.

چيڙي وِڏيس چِڀَرين، ووا باروچاڻي نينهَن،
الا، مون نہ چڏِيندا چِڀَرين.
لُڪون لڳن ڪوسيون، ڏاڍا تپن ڏِينهن،
الا، مون نہ چڏِيندا چِڀَرين.
مون کي پريَنِ ميڙيين، روجهَڙيون ميڙئين مِينهَن،
الا، مون نہ چڏِيندا چِڀَرين.

(4)

تون جو وَچِين ڪيچ گهِي، اي ادا، ڏيج پاراپو پِرينءَ کي.
ڏک منهنجي ڏِيل ۾، سگهان ڪين سَهِي،
ڏيج پاراپو پِرينءَ کي.
آءُ قوڙائي مارِئي، منهنجا واقِف وِئڙا وَهِي،
ڏيج پاراپو پِرينءَ کي.
پينَرُ هِن پنيور ۾، سارِيان ڪونہَ سَهِي،
ڏيج پاراپو پِرينءَ کي.
مون مُئِيءَ مٿان ڪيترا، وِئڙا ڪانگ لَئِي،
ڏيج پاراپو پِرينءَ کي.

(ق ب، گ ب، م ڏ، ع ق).

(5)

هي سڀ هلڻ هارا، ڪونہ رهندو ڪو هتِ، جيڏيون!
آڏيا رهندا اِتَهين، هي سڀ ماڳ موچارا.
جِن کي بادشاهيون بلند هيون، سي ويا ڇڏي ويچارا.
”ڪُل نَفس ذائقتہ الموت“ سمجهج اهي اشارا.
داڙو دڙي اِتَهين، بخشائيندو بدڪارا.
الا ”عبداللطيف“ چئي، اُتِ سَتُر ڪج ستارا.

(غ ش، ڪ ا)

## سر ڪاپائتي

(1)

ڪا هِينئين سين لاءِ، پوريا ڪا هِينئين سين لاءِ.
تنبائي تاڪِيد سين، جِن ٻجايو پاءِ،
پوريا ڪا هِينئين سين لاءِ.
لَسِي تَندُ "لطيف" چَئي، هَلي تِن هٿاءِ،
پوريا ڪا هِينئين سين لاءِ.
ڀِيون ٽُنهنجِيون جهرڪن جهوريُون، ٻيون اُڏايون واءِ،
پوريا ڪا هِينئين سين لاءِ.
اَرٽَ پاسي اوجهَرين، توڪي سُمهڻ آئِيو ساءِ،
پوريا ڪا هِينئين سين لاءِ.
آڏيَ "عبداللطيف" چئي، روئي ريجهائج راءِ،
پوريا ڪا هِينئين سين لاءِ.

(2)

آءُ جا ويندَڙي پار پِريَنِ جي، مون ڪي آيل جهَلَ مَ پاءِ.
جهَلُون پَلُون پائِين، پاٽان مَت نه آڇئين ڪاءِ،
آءُ جا ويندَڙي پار پِريَنِ جي.
ويو ٻاروچو نڪري، سورَ چڪائيُم ساءِ،
آءُ جا ويندَڙي پار پِريَنِ جي.
منهنجا ڪمَ ڪريم تي، ريبي مون مَ رَهاءِ،
آءُ جا ويندَڙي پار پِريَنِ جي.
ويبون ڪنهن وِڳهه تَڙ پيڙا، ٻَجِي ماءِ،
آءُ جا ويندَڙي پار پِريَنِ جي.
آٽَڻَ متي آسَري، آيَس اُنين لاءِ،
آءُ جا ويندَڙي پار پِريَنِ جي.
جَنين سورُ سرير ۾، تِنَئا، هت نه ڪاءِ،
آءُ جا ويندَڙي پار پِرِينِ جي.

(ق ب، گ ٻ، مرڏ، ع ق)

# سر پرڀاتي

(1)

ٻي دَرِ وَنءُ مَ ڪيڏانهين، آلا! تون جام مَڱَندين مڱڻا!
ڦيرِ مَ هِيئون، ڪنڌُ، ڪِيائڙي، ٽيندَءِ هاج هِٽائِين،
آلا! تون جام مَڱَندين مڱڻا!
ماڻڪ، موتي، مال خزينا، ڏيندُءِ ٻيلي سائين،
آلا! تون جام مَڱَندين مڱڻا!
وِرچي تون وِهاڱَ ڪان، متان ڏِيين پاهِين،
آلا! تون جام مَڱَندين مڱڻا!
در داتا مَڱ مَڱڻا، آنڌا! هوئج اوڏِهين،
آلا! تون جام مَڱَندين مڱڻا!
ٻيون ڏيئي ٻين ڪي سمو ڪُڻُ سوائِين،
آلا! تون جام مَڱَندين مڱڻا!
"اِنَّ الله وِتر يُحَبُّ الوِترِ" وحدتَ واڱَ وڌائِين،
آلا! تون جام مَڱَندين مڱڻا!
پنهنجي طرف پاڻَهِين، سائِلَ سڏيائِين،
آلا! تون جام مَڱَندين مڱڻا!
جِتي جُواڻن ڪي، ڪوني ڪُٺائِين،
آلا! تون جام مَڱَندين مڱڻا!
اُتي عُشاقن ڪي اُلفت اُهجَ ڏِنائِين،
آلا! تون جام مَڱَندين مڱڻا!
"آلانسانُ سِرّي وَ آنا سِرّہ" اِن پر اُتائِين،
آلا! تون جام مَڱَندين مڱڻا!
ڳُجهُ ڳجهاندَرَ ڳالِهيون، رازُ نہ رکيائِين،
آلا! تون جام مَڱَندين مڱڻا!

ٻَسو ٻينارن جي، پَٽَ ۾ پارڻ وِڌائِين،
آلا! تون ڄام مَگَندين مڱڻا!
ڪيرتُ ڪر قرب سين، خُلت ڪاج ڏنائِين،
آلا! تون ڄام مَگَندين مڱڻا!
اديون ”عبداللطيف“ چئي، مون سين مهر ڪيائين،
آلا! تون ڄام مَگَندين مڱڻا!

(2)

وڏڙا ڏارَ ڏِنائين، ڪنيائين[1] رَختُ ريزالَن جو.
انڌا مَنڊا آئيا، سخا سَڌِ وِڌائين.
ڪِينَ منجهان جو ڪِي ڪري، سو نہ ساراهِين سائِين!
ڏاتيون ڏِئي ڏڏن کي، سنديون سو سائين.
”وتُعِزّمَن تَشاءُ وَتُذِلّ مَن تَشاءُ“ آهي سڀ اُتائين.
نوازيائين نطفو، منجهان ڪِينَ ڪيائين[2]
حرفت حريفَن جِي، پيري سڀ پڳائين.
حاسد سڀ حُزن ۾، مُدعي پارڻ مُنائِين.
اديون! ”عبداللطيف“ چئي، آهہ پارَ وٽندڙ سائِين.

(3)

مون کي ڇڏ مَ ڇپرين، اي عاقل پنهون آتور.
ڇَپَرُ ڪتوري تيو تازي قُلن قور،
مون کي ڇڏ مَ ڇپرين.
ورَ مڙيئي واسيا، لائي ڪنگوءَ ڪورَ،
مون کي ڇڏ مَ ڇپرين.
پَرتي ڄام پنهونءَ جي، هينئڙي لتا هور،
مون کي ڇڏ مَ ڇپرين.

(ق ب)

1. ڪِيائين (ع ق).
2. ڪديائِين (ع ق).

(4)

سگر منجهه سٽين، يا آلا، سَڏ منهنجا سپرين.
ڪا جا آڙڪ اونئين، ڪرهل ڪوڏ ڳشين.
ڪامِل ڪَچيءَ تَندُ جِيئن، ڳالهائي ڳنديين.

(ق ب. م ڏ)

(5)

ڪيچي ويا جيڏانهِين، جيڏيون آهيم آس اوڏاهين.
بندي هيءَ بازار ۾، شال مَ پَوي پانهِين.
هاري وجِي هوت ڏانهن، تيندِيَس آئون ڏانهِين.
پيرُ سجاڻِي پرينءَ جو موتان ڪِيئن پانهِين.
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، پُونديس اُت آڳاهِين.

(ق ب. م ڏ)

(6)

ڏيني سان ڏاتارَ تِي موچاري مَڱڻي.
اَچِي چارڻ چوري، ڪا جا تند تنوارَ.
تِي موچاري مَڱڻي.
سا سيباڻِي راڃيٽي، سباجهي ستار
تِي موچاري مَڱڻي.
آيو حاتم اوچتو لنگهي جيءَ تنوار
تِي موچاري مَڱڻي.

(ق ب. م ڏ)

# سر گهاتو

(1)

جيڪُسِ جهَليا مَڇَ، گهاتُو گهَرِ نہ آئيا،
ڪاهي ويجو ناڪُئا، ڪري بُري تي ٻڇ،
گهاتُو گهَرِ نہ آئيا.
ڪاتي سندِيَن ڪُنديون، ڪاتي سندن رڇ،
گهاتُو گهَرِ نہ آئيا.
ڪُن ڪَڙهو ڏاڍو، اَتوَ اڳيان اَڇ،
گهاتُو گهَرِ نہ آئيا.
اديون ”عبداللطيف“ چئي، سڀ لنگهيندا ڇَڇِ،
گهاتُو گهَرِ نہ آئيا.

(2)

هو جي ويا مون هِٽي الا، آءُ تنهن جَڙَ جَڏي ڪَئِي.
بندر متان بارَ سي، وِيڙا ڪالهہ ڪٽِي،
آءُ تنهن جَڙَ جَڏي ڪَئِي.
سامونڊِيَن سِڙهہ سنياهيا، چِني تِن تَٽِي،
آءُ تنهن جَڙَ جَڏي ڪَئِي.
لائيندِيَس لِڱَن ڪي، سَندي پرينءَ پٽِي،
آءُ تنهن جَڙَ جَڏي ڪَئِي.
اُن سين ”عبداللطيف“ چئي، ميڙيندوم ڏَٽِي،
آءُ تنهن جَڙَ جَڏي ڪَئِي.

(ق ب. م ڏ)

# سر آسا

(1)

پِريَنِئُون پوءِ موتِي، موتِي مَ وهامي راتِ،
راهَ رَمندَڙي روءِ.
ڦوڙائو فقير کي، قادِرَ ڪوهُه ڏِنوءِ؟
راهَ رَمندَڙي روءِ.
چَڙهيا ڏاڍين ڏُونگرين، سيڻن سانگ نه ڪوءِ،
راهَ رَمندَڙي روءِ.
اَچِي اورانهون ٿئي، شال ساجَنَ سانگ سندوءِ،
راهَ رَمندَڙي روءِ.
وينِي واٽَ نهاريان، مَن پِرِيَنِ باجهَه پوءِ،
راهَ رَمندَڙي روءِ.
آديون "عبداللطيف" چئي، محب سِگهو ملندوءِ،
راهَ رَمندَڙي روءِ.

(2)

اي ميان سجڻ، توري اوريه
ڪِئن رهندا نيڻ مُنهِينجا.
جَن جو وارث تون، جن جو آذَرتون،
آءُ تِيَس لائِق يُون.
جِئان اُلَهي اُيِريه توڻي تِهان پِري
توءِ وِجِهي تَن ڏِي، اکيون پيرَ ڪري
(ق ب، گ ڊ، ڪ ا، م ڏ، ع ق)

(3)

وَجهَ [1] مَنجهہ خليلُ، اندر آذَرُ آهِيين.
سَڌَ مَ ڪر صِحت جي، اجا تون عَليلُ.
نالو ناهہ نِفاقَ جو جتي رب جليلُ.
مُنهَن ۾ مسلمان تون، قَلبُ تان قليلُ.
وِتَر جي وصال ۾، ڏُوئي ناهہ ڏَليلُ.
الا "عبداللطيف" چئي، سچو رکائج سِيلُ.

(4)

الله سائين! پُٺان پِريَنِئُون مَ پانهِين،
مون تان آسَرو آهي اوڏانهِين.
جتي ديرو دوست جو سا ڪئن جُوءِ آڳانهِين،
مون تان آسَرو آهي اوڏانهِين.
ڀَنڀيُون پيري آئِيُون، آيل! اُتانهين،
مون تان آسَرو آهي اوڏانهِين.
قلمُ جَن جي هٿ ۾، سي سيڻَ سباجها سائين،
مون تان آسَرو آهي اوڏانهِين.
بنديءَ جي باب ۾، شال م لِکَن لائِين،
مون تان آسَرو آهي اوڏانهِين.

(5)

جيڏيون! آءُ ڪا پاڻ وهيٽي آهيان؟
ڪا مون سار لهيجا.
واڳ ڌَڻين هٿ ۾، ڪيڏاهن ڪَرهَلُ ڪاهيان،
ڪا مون سار لهيجا.
جيڏانهن وارينِم سُپرين، پيرُ اوڏانهين پائِيان،
ڪا مون سار لهيجا.
قلمُ ڪاتب هٿ ۾، آءُ[1] ڪا لِک لکيي مان لاهيان،

[1]. مُنهن (غ ش، ڪ ا).

ڪا مون سار لهيجا.
سدا سُپيريَن لَئي، وينِي ڪانگ اُڏايان.
ڪا مون سار لهيجا.
ايندا "عبداللطيف" چئي، آس اميد نہ لاهيان.
ڪا مون سار لهيجا.

(6)

موتَ مُندَ نہ آهي، تائب ٿيو تڪڙا.
عَجَلوا بالتَو بتہ قَبل الموتِ. ويهي تون ويرم لاهي،
تائب ٿيو تڪڙا.
پِريان ڪارڻ پاڻ کي، سِگهو ويهہ سنياهي،
تائب ٿيو تڪڙا.
اَجل اَسارن کي، ڪامَ ونيو تو ڪاهي،
تائب ٿيو تڪڙا.
وِڏائين وڏڻ لَئي، ڳَرُ ڪهاڙيءَ پاهي،
تائب ٿيو تڪڙا.
عمارتون اَنڌن جون، ڍاهيو تو ڍاهي،
تائب ٿيو تڪڙا.
نِيا گهوٽَ گهَرن ڏي، ڪنهن وڏيءَ وير وناهي،
تائب ٿيو تڪڙا.
اُتي "عبداللطيف" چئي، بنا ڪفن پراهي،
تائب ٿيو تڪڙا.

(ق ب. گ ڊ. غ ش. ڪ ا. م ڏ)

(7)

پانڌي سو ميڙيوم، هادي هٿ ڏيوم،
سائين سو سچوم، ميون سو مِنوم.
سَگهائي صِحَتيان، ڪريم پاڻ ڪندوم،
سائين سو سچوم، ميون سو منوم.

---

[1]. ڪئن لِکيي مان لِک لاهيان (غ ش. ڪ ا).

جڏا جياري، ڪين وساري، صاحب سو سندوم،
سائين سو سچوم، ميون سو منوم.
جنهِين جهڙو ناهه ڪو ڏسڻ سو ڏنوم
سائين سو سچوم، ميون سو منوم.
جَنهِين گهوري آهيان، لائِقُ سو لَڌوم،
سائين سو سچوم، ميون سو منوم.
اَڱڻ آيا سپرين، گوڙين ڪاڄُ سَندوم،
سائين سو سچوم، ميون سو منوم.
لَقاءَ جو ”لطيف“ جو شُناسو تيوم،
سائين سو سچوم، ميون سو منوم.

(ق ب، م ڏ)

(8)

ڪِي اُنهِين مَنجهه آهي، هُوءِ جي جهُونا پسجن جهُوپڙا.
اِنَ در سيئي آگهيا، جَن کي ڪونہ چِتائي.
ڏارِيان پائِين ڏاريون، پاڻُ پِريان سين ڪائي.
”اِنَّ اَولِيَائِي تَحتَ قَبائِي“ پنهنجا پاڻ پَراهي،
”لاَ يعرِ فُونَهُم غَيري“ پَرَ کي ڪِينَ پَسائي.
پنهنجون چِڏي پَٽ ۾، رِڙهه اُنِين جي رائي.
خِذمَت ڪر خُلق سين، پاندُ گِچيءَ ۾ پائي.
اَديون ”عبداللطيف“ چَئي، اُتاهِين ڪِي آهي.

# سر مارئي

(1)

ڀرچن شال ڀنوهارَ ڍوليا! مارو مون سان، الا.
مُون مُوران ئي مَديون، آهِن سيڻَ سَتار،
ڀرچن شال ڀنوهارَ.
عيبن ڀَري آهيان، سَتُر ڪج سَتار،
ڀرچن شال ڀنوهارَ.
اُنا مينهن ملير ۾، تَڙ تَڙ پوءِ تنوار،
ڀرچن شال ڀنوهارَ.
پائي آيَس پاند ۾، آوَڳُڻَ عيبَ اَپار،
ڀرچن شال ڀنوهارَ.

(2)

ويڙهيچن ڏي ويندي، عمر آءٌ مارو‌ئڙن ڏي ويندي،
ڏيهہَ ڏاڏاڻي پکڙين.
سَگُر ساهيڙِين سان، ساٽيهہَ مَنجهہِ سَتيندي،
ڏيهہَ ڏاڏاڻي پکَڙين.
اُنا مينهَن ملير ۾، ڏاڳا ڏِبَر ڏُوندي،
ڏيهہَ ڏاڏاڻي پکَڙين.
عمر! اُنهِين ڏيهہَ جا، ڪُونڊِير ڦُوت ڪرِيندي،
ڏيهہَ ڏاڏاڻي پکَڙين.
گولون گولاڙن جون، جهَپي ساڻ جهپيندي،
ڏيهہَ ڏاڏاڻي پکَڙين.
ڪوڪڙ ڪونڊِيرن ۾، ڦوڪيو ڦَڪَ پريندي،
ڏيهہَ ڏاڏاڻي پکَڙين.

عيدُن برادُن تي، ڪِهَ مانڊاڻون ڪِيندي،
ڏيهہَ ڏاڏاڻي پَڪَڙين.
پُسِي ڪائِي پيٽَ مِ، ڏؤنرا ڏَن آءُ ڏِيندي،
ڏيهہَ ڏاڏاڻي پَڪَڙين.

(3)

منهنجو هِينئڙو سنگهارن ساري،
هوءَ جي ويجها رهن وَس ڪي.
آءُ هميرا! پَچُ زنجير، هئن نہ سگهان گهاري،
قَلب منهنجو ڪوٽ مِ، گهايَلُ تو گهاري،
الاهي عنايت سين، شال ڪينءَ مران ڪِنڪاري،
وڃان شال وطن ڏي، پَر پڇاڻي پاري،
مران شال ملير مِ، گولن سان گذاري،

(4)

لوئيءَ مِ لائُون، مون ماروءَ سين لَڏيون.
سونَ برابر سَڳِڙا، مون ڪي بانهُنِ ٻَڌائون،
مون ماروءَ سين لَڏيون.
سو ڪِئن پَٽُ پهريان سومرا، گهورِئو عمر جو آئون،
مون ماروءَ سين لَڏيون.
ڪاڄُ ڪَتيرن سَفَرو سَڳُرُ ۽ سائُون،
مون ماروءَ سين لَڏيون.
سا ڪئن ڪائي ڪارڪون، جِنهن ڪي ڏونرا ڏيجُ ڏنائون،
مون ماروءَ سين لَڏيون.
ڪِهہ مانڊاڻون، مَڪِڙي، قُوت جَنين جو سائُون،
مون ماروءَ سين لَڏيون.
عُمَرَ تي جور ڪري، جيلاهَن، راڄُ آڳاهون،
مون ماروءَ سين لَڏيون.

(غ ش. ڪ ا، ع ق)

(5)

منهنجو من ميان! واڳيو ويريچن سين.
پاهي پاڪِي پَٽڙي، ٻِرِيَن ساڻ پِيان!
واڳيو ويريچَن سين.
پيرُ نہ ڇڏيان پرينءَ جو جانسين تِي جِيان،
واڳيو ويريچَن سين.
حَرفَ لَتي هيڪڙي، هتي تان نہ هُئان،
واڳيو ويريچَن سين.
ڪِيرون ڪَتيرن ڪي، وِجي ڏيهہِ ڏيان،
واڳيو ويريچَن سين.
آءُ ڪئن لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻِن ڏينهان،
واڳيو ويريچَن سين.

(6)

عمر! آءُ مَري تان نہ ڇڏينديس لوءِ!
مِٽي ماروئَڙن جِي.
مِينهين اُني مارُئين، لالَن ساڻُ لڏينديس،
مِٽي ماروئَڙن جِي.
سِري مُنهنجِي سُومرا! ٿَرن ڪِينَ ٿَڪينديس،
مِٽي ماروئَڙن جِي.
هَميراٽا هَٽَڙا، مِهري ڪِينَ مَٽينديس،
مِٽي ماروئَڙن جِي.

(غ ش، ڪ ا، ع ق)

(7)

مَنجهہ رهِي ملير ، هاري! مون ڪوهہ ڪيو؟
مون هٿان، منهنجا ڏٿي، سَهسين ٿئا صَغِيرَ،
هاري! مون ڪوهہ ڪيو؟
پکي منجهہ پهنوار جي، گوڙيين ڪيم گبير،
هاري! مون ڪوهہ ڪيو؟

توون ڏيين، تون ڏکي، دلاسو دلگيرَ،
هاريءَ مون ڪوهه ڪيو؟
ٻُڙو لاهه مَ ٻاجهه جو مون تان منهنجا پيرَ،
هاريءَ مون ڪوهه ڪيو؟
تڏيون وليون ٿَرن ۾، ڪوڙيين ڪرڙَ ڪريرَ،
هاريءَ مون ڪوهه ڪيو؟

(8)

ڪٿيءَ منجهه ڪٿيائين، مارُو چامُ مليرَ جو.
ٻَرچي ڀَهنوارن سين، لوئي ڏيجُ لڏائين،
مارُو چامُ مليرَ جو.
سيلُ نباهي، سومرا! پنهنجو ڀِيُّ پُڇيائين،
مارُو چامُ مليرَ جو.
جهُوپيو جهانگيڙن جو مارُيءَ سان نہ مَٽيائين،
مارُو چامُ مليرَ جو.
سَگَرَ ساهيڙين سين، ڪاٿُونبا ڪاڏائين،
مارُو چامُ مليرَ جو.
مارُوءَ پاسِ مليرَ ۾، چَسا سڀ چَکيائين،
مارُو چامُ مليرَ جو.
اُتي ”عبداللطيف“ چئي، شَرَمُ رکين، رَبَ سائِين،
مارُو چامُ مليرَ جو.

(9)

عمر! آءُ وِينڌَڙو پُڇان ڪوءِ،
جتي مارو تتي پانڌيءَ آلوا!
مَتي ماڙيءَ مارئي، روئاڙي ۽ روءِ،
جتي مارو تتي پانڌيءَ آلوا!
ٻَنڌان ڪارِيو ٻَهيڙا، ڪِين جو اُپري چوءِ،
جتي مارو تتي پانڌيءَ آلوا!

ساريو سانپيڙن کي، روحُ منھنجو روءِ،
جتي مارو تتي پانڌيءَ اَلوا!
پانڌي پَھنوارن جو ڪالھ نہ آيو ڪوءِ،
جتي مارو تتي پانڌيءَ اَلوا!
راڄُ پرتو ربَ کي، سومَرا سندوءِ،
جتي مارو تتي پانڌيءَ اَلوا!
سھج سوري پانئِيان، سومرا سندو ءِ [1]
جتي مارو تتي پانڌيءَ اَلوا!
مِلڪ ماروءَ جي آھيان، زور نہ ٿيان جوءِ،
جتي مارو تتي پانڌيءَ اَلوا!

(10)

شڪر آڻ بجاءِ، آھِئين اَھل الله سين.

گھوڙو ھِن گروھَ ۾، حَمد ساڻ ھلاءِ.
سرھي ھن سلڪ سين، پڄي تون پڄاءِ.
ٿيءُ تہ ٿوڪَ پرائيين، لاشڪ تِنھين لاءِ.
ترڪ ڪر طلب سين، لاھوتي مَ لڄاءِ.
خودي ڪڻ مَ پاڻ سين، جوڳين وٽ جلاءِ.
مھندان مشائخن جي، چلڻ سڀ چلاءِ.
ڪام تنھنجو ڪاپڙيءَ، سامين وٽ سماءِ.
آسڻ اڳيان اُن جي، ٻَر ٻَر ڪري ٻاڏاءِ.
شيھو جا سون ڪري، تنھن صحبت کي مَ سڪاءِ.
سُرھِي سناسِينَ جِي، سُٺِي ڪا سُئاءِ.
آھيم آس اِسم جي، ڏاڳو تون ڏُلاءِ.
الله "عبداللطيف" کي، اُنھِين ساڻُ اَگھاءِ.

(ق ب، گ ڍ، م ڏ) [2]

---

[1]. مصراعون ق ب، گ ڍ، ۽ م ڏ ۾ وڌيڪ آھن.

[2]. ھن وائيءَ جو سُرُ رامڪلي ۾ ھئڻ ھوند مناسب ٿئي.

(11)

روندي رات وِهاءِ، مون کي روبو راءِ وهاءِ،
عمرا! ميان سومرا!
آءُ بندياڻي بند ۾، ڪِ ڪي بند ٻيا،
عمرا! ميان سومرا!
مون کي ڏيهان نِڪريي، ٻَ تي توڪَ تِيا،
عمرا! ميان سومرا!
هِڪُ عمر مَندِيا ماڻِرا، ٻِئو مارُو تَرِ تيا،
عمرا! ميان سومرا!
عُمرا! بندياڻِين سين، جورو تو نہ جُڳاءِ،
عمرا! ميان سومرا!

(12)

اُنَ نہ مٽيان پَٽَ، آءُ جا ڪِرڙَ ڳَپُور نہ مَٽيان.
وجي شال ولوڙيان، ڍولي پاسي ڍَٽ،
آءُ جا ڪِرڙَ ڳَپُور نہ مَٽيان.
پکا پکن سامَهان، پيهيُون پيهِن وٽ،
آءُ جا ڪِرڙَ ڳَپُور نہ مَٽيان.
پيرون چونديس پرينءَ سين، ڪانبو ڪانبي وٽ،
آءُ جا ڪِرڙَ ڳَپُور نہ مَٽيان.
مون ڏکيءَ ڪو ڏوهُ ڪيو! پيون سڀ وَرن وٽ،
آءُ جا ڪِرڙَ ڳَپُور نہ مَٽيان.
ڪِيرون ڏينديُم جياڻيون، وِجان جي وَرَ وٽ،
آءُ جا ڪِرڙَ ڳَپُور نہ مَٽيان.

(ق ب، م رڏ)

(13)

مون مَ ڪَسيجاهُ، مون مَ ڪَٽيجاهُ لوئي، ميان عمر!
ساڻ پلاهَ نہ پاڙيان، سندي ڌَوَنرن ڏوئي،
ميان عمر! مون مَ ڪَسيجاهُ.

ڪانڌُ نہ ڪنديس ڪو ٻيو، مون وَرو مارو سوئي،
ميان عمر! مون مَ ڪَسيجاءُ.
ڪوءِ سي طعام تيُن جا، وَرُ سان ڏَؤنرن ڏوئي،
ميان عمر! مون مَ ڪَسيجاءُ.
جهانگِي جو جهنگن جو، سيڻُ ڪميٽيءَ سوئي،
ميان عمر! مون مَ ڪَسيجاءُ.

(14)

مون مَن ماروءَ جو، ماروءَ جو منهنجو ميان!
مُنهُن مُنهِنجو سومرا! مَرُ ميروئي هوءِ،
مون مَنُ ماروءَ جو.
"ڏوتوءِ ڏورارَن ۾"، متان مارو چوءِ،
مون مَنُ ماروءَ جو.
لاڙون جي لُڙِڪن جيون، ڳِڙِي وجان توءِ،
مون مَنُ ماروءَ جو.

(15)

منهن جو مَن، ماروءَ، ڏِنَڙِي رَچي.
الاهي عمر سين، سِيلُ نباهيو سَچي،
ماروءَ ڏِنَڙي رَچي.
ڪنڊون ڪائي ڪِير سين، ماروءَ ري ڪِٿَن مچي؟
ماروءَ ڏِنَڙي رَچي.
متي ماڙيءَ مارُئي، پَنوهارن لاءِ پَچي،
ماروءَ ڏِنَڙي رَچي.
اچڻ وَسُ نہ منهنجو آٽائِيو تان اچي،
ماروءَ ڏِنَڙي رَچي.
ڦوڪَ ڦِڪائِيءَ جا، ڪِي ڪوڙُ ڳالهايو ڪچي،
ماروءَ ڏِنَڙي رَچي.

(ق ب. گ ڊ. مرڏ)

(16)

تَپُ، تَڙَيائين، سَمُنڊِ وِڏائين،
نيائين مرض مومنن تان.
اگها سڀ سگها ٿيا، ڏکندو ڏُور ٿِيائين.
گروهَ گودَڙِين جي، سالِڪَ صحت ڏنائين.
ميڙي مُريد پنهنجا، رَحمت هيٺِ رکيائين.
(ق ب، گ ڊ، م ر ذ)

# سر ڏول مارئي

(1)

مارو مون کي مليو حِيلن حالَن سان.
چونڪي چاري ڪيترا، بينا واڻون جهَليو.
ساري سُپيرين کي، جيرو مون جَليو.
گهَرَ جو مَحرم مَنگَتو درد پِيتَم پَليو.
ڪوڙين ٻانيڙ ڪيتَرا، وجهن ڪَڏُن ڪِليو.
نڪريو نرور سيرَئين، راجا رنمل رليو.
(ق ب. گ ڊ. م ڏ)

# سر ڌناسري

(1)

هرجا آهي هادي، پِيرُ پنهنجو پاڻ سين.
سَمر آهي سچ ۾، وفادار برادي
ميون مُريدن جي، دانهن سُڻندو دادي
ڪوٺيندو قرب سين، مَهند ٿيندو مُنادي
آهي ”عبداللطيف“ ڪي، سُوءِ اُنين جي شادي

(ق ب. گ ڊ)

# سر پورب

(1)

سائِين سَڱُ سَندوم، مَ ڇڇي سين جوڳِئين.
هلڻ جو هنگلاج ڏي، آديسين اُتوم،
سائِين سَڱُ سَندوم.
نيئي پورب پار ڏي، ويراڳِيَنِ وِڌوم،
سائِين سَڱُ سَندوم.
سوئي تيرَٿ تَڪيو، سوئي پَنڌُ سندوم،
سائِين سَڱُ سَندوم.
هو جو تيرٿُ تڪيو، سامين سُونهايوم،
سائِين سَڱُ سَندوم.

(2)

جَن جو وارث تون، الا! سي ڪِئن رهندا نيڻ منهنجا؟
آڳي اُپَ خلقيا، پَلي خلقيائين پُون،
جَن جو وارث تون، الا!
جوڙيائين جوڙ جهان جِي، چئي "ڪُن فَيَڪُون"،
جَن جو وارث تون، الا!
ڪوڙي دنيا، ڪوڙا پَسارا، ڏينهَن مِڙيئي ڏُون،
جَن جو وارث تون، الا!
آهيون الف آسري، مُحَمّد مَحِبو سون،
جَن جو وارث تون، الا!

(3)

ڪوا 'ڪان ڪان' ڪندا، وهاڻِي وڻن ۾.
مون ڏٺا، مون وِسَهو، اڳي پيچي آنڌا،
وهاڻِيءَ وڻن ۾.

آچي عدالت ۾، ويهي وِٽ وِجهندا،
وهاڻِيءَ وٽن ۾.
حلال چڱيو هِتَهِين، مَٽي ڍونڍَ ڍَرندا،
وهاڻِيءَ وٽن ۾.
قِتل ڦهيارن تي، اورپائين آڙندا،
وهاڻِيءَ وٽن ۾.
سَنگُ جيڏاهين سُرهو تيڏانهن نہ تَرسندا،
وهاڻِيءَ وٽن ۾.
هَندِ هدايت جي، اِسختوان آڻِيندا،
وهاڻِيءَ وٽن ۾.
چمڙي جِنَ چهنب وڍيا، هماءِ سين نہ هلندا،
وهاڻِيءَ وٽن ۾.
طالع طائوسن جا، پَسِيو زاغ جلندا،
وهاڻِيءَ وٽن ۾.
هُدهد پسيو هَنجڙا، وينائي وِهسندا،
وهاڻِيءَ وٽن ۾.
ڪوڙا ڪِرفتيءَ تي، سَتون ڏِيو سڙندا،
وهاڻِيءَ وٽن ۾.
حَدَ لنگهيائون حَقَ جِي، ٻِنهِي پير ٻجهندا،
وهاڻِيءَ وٽن ۾.

(ق ب. گ د. م ڏ)

## سر ڪاموڏ

(1)

ھِيري ھَٽُ وڌائين، ويھي ساٿين وچ ۾.
نوازَشِ نوريءَ جِي، آھي تماچيءَ تائين،
ويھي ساٿين وچ ۾.
گندگيءَ گوشو ڪري، عَطر اوتَ اوتِيائين،
ويھي ساٿين وچ ۾.
انڌا منڊا آئِيا، سخا سَڌُ وِڌائين،
ويھي ساٿين وچ ۾.
ٻَسو جُود جُوانَ جو ڪو ھنڌ ڪونَ مَٽيائين،
ويھي ساٿين وچ ۾.
قيمتَ ڪميڻَن سين، جِھڙِي وَٽَ وٺيائين،
ويھي ساٿين وچ ۾.
موتي مَڇيءَ ھَٽَ تي، ڪوڏِنِ جِئَن ڪَڍِيائين،
ويھي ساٿين وچ ۾.
ماڻِڪَ مِياڻِين ۾، ڇِلُرَن جِئَن ڇَٽِيائين،
ويھي ساٿين وچ ۾.
ڏيئي سونُ سوالَ ۾، رُيي راند ڪيائين،
ويھي ساٿين وچ ۾.
پاڻِيتَ آڻي پاڻ سين، لَعلُون سڀ لُٽيائين،
ويھي ساٿين وچ ۾.
فيروزا فقيرَن تان، گھوري سَڀِ گھورِيائين،
ويھي ساٿين وچ ۾.
اُتي "عبداللطيف" چئي، اُچلي اَمُلَ ڏِنائين،
ويھي ساٿين وچ ۾.

(2)

تَنھن کي ڪير چوندو مي،
اڙِيا ايءَ سمي جا سَمنگِي.
سمي جي سھاڳ جو مِينديو ڳُتو مي.
جارو جام ڪُلھي ڪِيو عشقُ اِئن ڪري
جَنِ وِھَڻُ نہ ڏِني وَٽ ۾، تيا سلامِي سي.
عالَمو انعامي ڪيو نوريءَ نازُ ڪري

# سر ڪارايل

(1)

يلو جيڏيون، آءُ جا بلوچي جي آهيان.
ڪنيزڪ ڪيچين جي، ناتر نانءُ سڏايان،
آءُ جا بلوچي جي آهيان.
پيزار پنهونءَ چام جِي، اکين ساڻ انايان،
آءُ جا بلوچي جي آهيان.

(ق ب، گ ڊ، ڪ ا، م ڏ)[1]

(2)

جي مان چارائِينِ، جيڳر جيڏيون،
ووا ڳَرهَہ سندانِ چاريان.
پيرين آءُ نہ پُڄِڻِي، ڳرهَل هو نہ جهلِين،
ووا ڳَرهَہ سندانِ چاريان.
ڳُجِهي آءُ نہ وِڄڻِي، پَڏِرِ پِرين نَہ نِين،
ووا ڳَرهَہ سندانِ چاريان.

(ق ب، گ ڊ، ڪ ا، م ڏ، ع ق)

(3)

ڪوڙي راند، ڪوڙو چَنڪو لِڪَ سِيئن لَلوُ پَتو
لَنيو جِئقن لامين چَڙهين، ڪريو ڪارايل ڳَنڪو
ڪوڙي راند، ڪوڙو چَنڪو.
ڪِ تو ڳَنين نہ سُئو شهباز جو سنڪو؟
ڪوڙي راند، ڪوڙو چَنڪو.

---

[1] . هن وائيءَ جو سسئيءَ جي ڪنهن سُرَ ۾ هئڻ هوند مناسب ٿئي.

# سر بسنت بهار

(1)

اج سڄڻ گهر آيم جيڏيون،
الله اميدون پڄايم ايڏيون!
ٻِيرين ڦقيرين ٻُوندِيَس ٻيرين،
ڪيم سڪائون جن سان ڪيڏيون!

(ق ب. گ ڊ. مڏ)

# كافيون

(1)

چو تو پڇين پنڌ پيرا ووا پيرا.
وات وِندُر جي وڻ پيا ڏسيندا.
مجنون ليلان ڪاڻ ديوانو
تنهن ڪي ولن ڪِيا هِن ويڙها ووا ويڙها...
سهڻي ميهر ڪاڻ ديواني،
جنهن ڪي ڪُنن ڪِيا هِن گهيرا ووا گهيرا...
سسئي پنهل ڪاڻ ديواني،
جنهن جا پِٺُن متي هِن پيرا ووا پيرا...
اديون "عبداللطيف" چئي،
عشق جا دل ۾ هِن ديرا ووا ديرا...
(روپ بروو)

(2)

جهاتيءَ ۾ دل ڦاتي، رمز ڪوهيارل لاتي.
پينگهي منجهه پياري وَئين، يار ڪَنبي تِي چاتي.
ڏيرن مئيءَ سان ڏاڍ ڪيو يار تِئين وڃي ياڪي.
اديون "عبداللطيف" چئي، ساهه رهيو وڃي باقي.
(روپ ڪوهياري)

(3)

هيءَ تہ نماڻي ڪيرا مون ڪي پِرت پرايا هِن پير.
واقف نہ آهيان وات اِنهيءَ جي، ڏمرجي ويا تم ڏير.
سُتي پَئي هُيس سيج پلنگ تي، عشق ڪري ويو انڌير.
سرتيون "شاهه لطيف" چئي، سجڻ متي تم سير.
(روپ پيروي)

(4)

منهنجو ملڪ ملير، آءُ ڪِئَن وينني هت گهاريان!
مون جيڏيون ملير ۾، ڪليو پيين ڪير.
لڳمر واءُ سرير ڪي، هينئڙي آيم هير.
ڪيو بنديائٽي بند مان، جِئري لاهه زنجير.
سرتيون "شاهه لطيف" چئي، ميلو ڪندم پير.

(روپ برو)

(5)

ڪانگ وڃي تہ ڏجو،
منهنجو ڪو پنهل کي نياپو.
پينر مون ياڳي ٿيو، اديون اوجاڳو.
وِهان وِهڻ نہ اچي، سُمهان سيڙاپو.
اديون "عبداللطيف" چئي، ٿيندو ميلاپو.

(روپ جوڳ)

(6)

منهنجو پنهل ويو دل کسي، ڙي جيڏيون!
مون کي ڏجو پنهل جو ڏس، ڙي جيڏيون!
پٽ پٽيهر زينت زريون،
ڪين وٽن تا هس، ڙي جيڏيون.
چڙهي جبل چوٽ تي،
گورن لايو گس، ڙي جيڏيون!
اديون "عبداللطيف" چئي،
ڪونهي مئيءَ جو وس، ڙي جيڏيون!

(روپ پهاڙي)

(7)

پرين منهنجا شال اچن، ڙي آيل،
آءُ ويٺي ڏينهن گذاريان، آلا...

اُنن ڳانا ڀٽ جا، وو ميان، آلا، جڙيا لعل جتن،
آءُ وينس...

پکا پکن، وو، سامهان، ميان آلا، اڏيا آريچن،
آءُ وينس...

تکر متي باهَڙي، وو ميان، آلا، باري باروچن،
آءُ وينس...

اديون ”شاهه لطيف“ چئي، وچڙيا محب ملن،
آءُ وينس...

(8)

چو تي ڏورين ڏيهه؟ ڳولج يار اندر ۾!
مَڪي مطلق نا وڃا، حاجي هجري ويهه.
پورب پنڌ پري تيو سامي ءَ سندو ڏيهه.
اديون ”عبداللطيف“ چئي، محب پکي اچي پيهه!

(9)

عمر جام امير! ڪئي مون کيهي تقصير؟
ڪڍ بندياڻي بند مان، جِئَري لاهه زنجير.
ڀَٽ ڀِرينس ڪِينڪي، لوئي اباڻي لِيڙ.
ٻن چانور تنهنجا چورما، ٻن کنڌون ۽ کير.
مون جيڏيون ملير ۾، پيئن پاڪ پَنير.
سرتيون ”شاهه لطيف“ چئي، ست رهيم سِيرُ.

(10)

لنگهي ويئون ڪالهه قطارون،
ڪونجڙين جون، ڪيچ وٽن ڏي.
رُخُ رکيائون روهه تي، تڙ تڙ ڪن تنوارون.
ڪونجون هليون ڪيچ ڏي، پسي باغ بهارون.
وينڙي آهيان واٽ تي، روز پڇان تي راهون.
انن ڳانا پٽ جا، موتِن جَڙيون مهارون.
سرتيون ”شاهه لطيف“ چئي، لاهي وڃان لوڪ ميارون.

(11)

مون کي وسري تان نہ ويو، منھنجو ٻاروچو ٻنيور ۾.
دل جو دلبر ھيڪڙو، ڪنديس ڪونہ ٻيو.
ڳولڻ مون ٻروچ کي، جبلن ۾ تہ پيو.
مديني جي ملڪ ۾، پيدا پاڻ ٿيو.
سرتيون ”شاھ لطيف“ چوي، مون سان قادر ڪرم ڪيو.

(12)

گولي ٿي تہ گذاريندس، اُٺڙا خان پنھل جا چاريندس.
اٿم ڏک ڏيرن جو ڪيچ اُنھن لاءِ ڪاھيندس.
ٻڪر ٻاٻاڻن جا، وَلر ڪيو مان واريندس.
اُٺ تہ آريءَ ڄام جا، مھارون وٺي مان موڙيندس.
ٿَڪر مٿي ٻاھڙي، ڏونھان درد جا دکائيندس.
اديون ”عبداللطيف“ چئي، اَمر لکيو وٺي پاريندس.

(13)

ويندس محب مري، ڙي مري، تنھنجي درد فراق ۾.
ياد ھجان پنھنجي يار کي، وڃان نہ وسري، ڙي وسري.
پيرون چونڊيندس پاند ۾، لاھُن پاسي لڙي، ڙي لڙي.
ڏور ڏئي وئين ڏکِيءَ کي ڍولڻ ڪج نہ ڍِري، ڙي ڍِري.
چڙھي جبل چوٽ تي، لَڪن پاس لَڙي، ڙي لڙي.
اديون ”لعل لطيف“ چئي، ملندا محب وري، ڙي وري.

(روپ جھنگلو)

(14)

جھم ڪريو ٿيون جھرڪن، اکيون عاشق ڄام جون.
اُنا سانوڻ مينھڙا، بوندون بس نہ ڪن.
پينگھہ وتايم پٽ جي، سائين، لِيمن پاس لڏن.
جنھن مٿي مامرا، سي ڪيئن سک سمھن!
جبل مٿي ٻاھڙي، ٻاري ٻروچن.
اديون ”عبداللطيف“ چئي، ڏونھان درد دکن.

(روپ جھنگلو)

(15)

ماءُ مُنيءَ مون کي سورن جي ڏني لوڏي ۾ لولي.
آٽي آب اکين ۾، رات رڱيم چولي.
تَڪر ڀانيم پالڪي، ڏونگر تيڙم ڏولي.
سرتيون "شاهه لطيف" چئي، آهيان گولن جي گولي.

(روپ جوڳ)

(16)

مون چاڙهيندو وڃ، مهاڻا، ٻيڙيءَ وارا!
ٻيڙي چندن، عاج جي، روپا سندس ڳن.
پتڻ ڏينديس پانهنجو، پار لنگهائيندو وڃ.
بندر جي بازار ۾، ڪونهي منهنجو ڪم.
لهرون لوڏا نہ سهان، آهي رڳي رڃ.
سرتيون "شاهه لطيف" چوي، چڱو ساڏن سنگ

(روپ جوڳ)

(17)

اديون، شل پوندي ٻاجهہ ٻاروچل کي،
هن نماڻيءَ عيبن هاڻيءَ جي.
پاڻي پرينديس آءُ پرَ جو، واري سينهُون سر تي.
جوکو نہ آهي جهاز کي، سِيرَ لنگهايم سَچي.
سرتيون "شاهه لطيف" چوي، آري جام شل اچي.

(روپ ڪوهياري)

(18)

ستي تان نہ سَري، جاڳو يارو رات وهاڻِي.
رات جهليندي ڪينڪي، اِجها ٻِرهہ پُڄاڻي.
سمر ڪڄو ساٿيو، اڳئون آن نہ پاڻي.
تُرهو بڌج تار ۾، اڳيئن پُرهين تِي پاڻي.
سرتيون "شاهه لطيف" چوي، ٿيندو سيد ساٿي.

(روپ جوڳ)

(19)

جيڪس هيڙس ڏاري، جوڳيءَ مون نه سڃاتو.
گڏيا گورکنات کي، تيرٿ تند تنواري
گڏيا گورکنات کي، مرلين سان من ماري
چيلهه ٻڌائون چمڙا، تنبين سين تان تاري
سرتيون "شاهه لطيف" چئي، ڳل ڳوڙها سَوَ ڳاري

(روپ جوڳ)

(20)

مڙهيون ماڳ وسائي، جوڳي ويا ڪا جَڙَ لائي.
چمڙا ٻڌائون چيلهه سان، پورب پنڌ پچائي.
تري نه ڇاٽان تار مان، سچو سِيرَ لنگهائي.
ويني آهيان وات تي، وڇڙيا محب ملائي.
اديون "شاهه لطيف" چئي، هادي هوت ملائي.

(روپ جوڳ)

(21)

جوڳي ننڊون نه ڪن، تنهنجون ڪئن ڪڪوريون ڪاپڙي
دونهن پاسي دوست جي، اونڌي ڪنڌ اورن.
آديسين کي اندوهه جا، اندر آڳَ ٻرن.
سامي هليا ديس ڏي، سمرٽيون سورن.
دونهان درد تنين جا ڏورئن تا ڏسجن.
سرتيون "شاهه لطيف" چوي، آهي ارادو اکڙين.

(روپ جوڳ)

(22)

ويا جوڳيڙا جَڙلايون، تن سانگين جا سير نهاريان.
مست آواز مُرلين جا، ويا رمزن سان روح ريجهايون.
چيلهه ٻڌائون چوتيا، ويا پورب پنڌ پچايون.
مچ ٻرن تا مام ۾، ويا دونهان درد دکايون.
اديون "شاهه لطيف" چئي، ويا تر کي تورو لايون.

(روپ جوڳ)

(23)

نيئي تہ پرين ڪي ڏجو، منهنجو نينهن نياپو.
ٻاهر ٻاق نہ نڪري، اندر اوراپو.
ڪم نہ اُجهي ڪار تو، آهي رڳو سڙاپو.
جاڳو جاڳو جيڏيون، اديون اوجاڳو.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، تيندو ميلاپو.

(روپ جوڳ)

(24)

تنهن لَئي تيندي جوڳياڻي، جو لنؤن لائي ويو اتم آرياڻي.
ويني آهيان واٽ تي، تيندو اچي ساٿي.
ٿَڪيءَ ڪي ٻہ ٿرن ۾، پهچائيندو پاٿي.
سنها پنڌ پيچرا، ڏسي تان ڪُوماٽي.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، رڻ ۾ رات وهاٽي.

(روپ جوڳ)

(25)

هِت روئان زارون زار، شال ملان پنهنجي ماروئڙن کي.
تڪا ڪانَ قريب جا، هينئڙي ۾ هزار.
اُنڙا مينهن ملير تي، گاهن ڪئي گلزار.
ٻيني هيس ٻر ۾، رڻ ڇڏي ويو ريبار.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، محب ملندم دلدار.

(روپ جوڳ)

(26)

ووا مون سان ڏاڍي ڪئي ڏيرن، دل جو دوست وٺي ويا.
جهليان تان جهيڙو ٿئي، پليان تان نہ رهن.
لوڪ ستو پيو ننڊون ڪري، مون کي تا مڇ ٻرن.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ هچئي، آهي اوجاڳو اکين.

(روپ راڻو)

(27)

تو ڪيئن دلڙي مَتائي، هن پاڙيچي پرينءَ ڪان.
سائو پوڪيم ميگهه ۾، ڏسو پريِنِ پوڪ پچائي.
هڪ ساجن ٻيو سهڻو، تي چنڊ جي روشنائي.
سهڻي گهڙي سير ۾، ڏسي لهرن جي تہ لڙائي.
سرتيون ”شاهه لطيف“ چئي، شاديون ٿيندم سدائي.

(روپ پهاڙي)

(28)

مون کي آڻ تي آ آٽانگي، دل دست چڙهي ويئي دلبر جي.
سِڪَ سَتيءَ جو سيل وڃايو نينهن ڪئي آهيان نانگي.
ماڻهن ليکي عشق سهانگو پر محبت چيز مهانگي.
الله اوني آڻ هُتائون، وطن سندو ڪو وانگي.
اديون ”شاهه لطيف“ چئي، جهنگ چرن ٿا جهانگي.

(روپ آسا)

(29)

ڪنهن پر لَڳڙا لَنگهِيندي هيءَ نماڻي،
تنهنجا ڏونگر ڏاڍا، اَلا!
پٿر پاهڻن جا پيچرا، ڪاف ڏسي ڪوماڻِي.
ٿڪيءَ ڪي تہ ترن ۾، پنهون پيارج پاڻِي.
سرتيون ”شاهه لطيف“ چوي، وندر هيءَ وڪاڻي.

(روپ جوڳ)

(30)

هيءَ لَڏَ ويندي لوءِ، جتي منهنجا ماروڙا.
پکا پکن سامُهون، اوري آڻي اڏيوءِ.
مارن ماڻهو موڪليو ڪالهہ نہ آيو ڪوءِ.
وطن جن وساريو حيف تنين کي هوءِ.
مِٺِي مُون ملير جي، مَر مَٿي ۾ هوءِ.

ڪانهه ٻڌي سون ڪاٺين، زنجيرن ۾ جوءِ.
راڄ تہ پرتو رب ڪي، سونهارن سندوءِ.
بنديخانو ٻڇڙو، قيد نہ پوي شل ڪوءِ.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، سدا سانوڻ هوءِ.

(روپ جوڳ)

(31)

منهنجو نالو نماڻي، آهيان ٻانهي ٻاروچي ڄام جي.
ڪيچن ڪين قبوليو هن پورهيت جو پاڻي.
ٿڪيءَ ڪي ٿرن ۾، اڇي پهچايو پاڻي.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چوي، مون سان سيد ٿيندو ساٿي.

(روپ ڪوهياري)

(32)

هن راتي بنا ڏکيا ڏينهن گذرندا.
سڄڻ سارو ڏينهن سيرندا.
نئِي ڏريندءِ ڏوڙ ۾، نئِي ڏرتيءَ داخل ڪندا.
مَلَڪَ ايندءِ موت جا، تنهنجي جنت جاءِ جوڙيندا.
سيڻ هليا ٿَئِي سنيري، واريان تان نہ ورندا.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، مون کي مِنا محب ملندا.

(روپ جوڳ)

(33)

جوڳي ٻيا ٻہ گهٽان، منهنجو لکيو لاهوتين سان.
ڪينَ ڪنيائون پاڻ سان، تنبيءَ ۾ منجهہ ڪٺان.
سينَ هنيائون سڄ ۾، چڙي گهرڙا گهٽان.
جوڳي هليا جُوءِ تي، جن جي منهن ۾ مٽيان.
وندين ورچين پاڻ ۾، ڪشتي منجهہ ڪٺان.
ڪڪا وار ڪنهن تي، ڳچيءَ ڳل مٽيان.
اديون ”شاهہ لطيف“ چوي، اڳيان شال وٺان.

(روپ جوڳ)

(34)

اِنهي تڙ اُتان، ڪيچي ڪالهہ لنگهي ويا.
وينئي آهيان وات تي، آڻيندن بہ الله،
ماءُ جهليندي ڪيترو جنهن کي ناهہ سڌ سماءِ،
اجل ايندءِ اوچتو موت جي مهل نہ ڪاءِ،
سرتيون "لعل لطيف" چوي، ساري تو تن کي ساهہ.

(روپ جوڳ)

(35)

ڪئن پليان پنهجو پاڻ، هتي منهنجي ڪانہ هلي تي.
چڙهي جبل چوٽ تي، پرزا ڪنديس پاڻ،
ڦڪين فرق ڪونہ ڪيو، درد لڳل دل ساڻ
سرتيون "شاهہ لطيف" چوي، جئڻ جوڳين ساڻ.

(روپ جوڳ)

(36)

جيڪس هيڙس ڏاري، جو ماروئڙن مون کي وساريو.
اُنا مينهن ملير تي، گاهن ڪئي گلزاري،
ڪڍ بنديائي بند مان، نيرن مان هڪواري،
وينديس ويڙيچن ڏي، توڙي رات انڌاري،
سرتيون "شاهہ لطيف" چئي، پنهنجي وس نہ ويچاري،

(روپ جوڳ)

(37)

جيڪي ڏنو هو مون، آرياڻي اوهان نہ ڏنو هوا
اول نانءُ الله جو محمد نام منو هو
سج چنڊ تارا ڪتيون، تنهن کان تاب تکو هو،
سرتيون "لعل لطيف" چوي، مون سو محب ڏنو هوا

(روپ جوڳ)

(38)

جيسين آءُ جِيئندس، الا!
در نہ مَٽينديَس دوست جو الا!
چڙهي جبل چوٽ تي، پرزا پاڻ ڪنديس، الا!
ڏيئي باهہ ڀنڀور کي، هيڪاندي ٿي هلنديس، الا!
مُئي پڇاڻا مامرو ڪنهہ سان ڪين ڪنديس، الا!
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، محبن کي ملنديس، الا!

(روپ تلنگ)

(39)

ڏيئي ويا اٿم ڏير، الا! اوجاڳو اکڙين کي.
ساجهر سات لنگهي ويو، پرهہ نهاريم پير.
هيڏيءَ ويل وٽن ۾، هي ڇپر ڇڙيلي ڪير.
وندر جي وٽن ۾، گهٽ نهاريم گهيڙ.
ڪنگوءَ رتا ڪپڙا، ميندي‌ءَ رتڙن پير.
جُتيون جَتن هٿ ۾، ڪلر پرين پير.
نالي سُجهي پئي سسئي، ذات نہ جاڻان ڪير.
سرتيون شاهہ ”لطيف“ چئي، سڀ نهاريم سير.

(روپ ڪوهياري)

(40)

ادا ڙي عمر هِي حال چوان تي،
وڃي پِرَ کي پهچايو.
ڪيڏ بندياڻي بند مان، مارن ريءَ مران تي.
ساريو وڻ وطن جا، راتيان ڏينهن رڙان تي.
ڏي موڪل مارن ملان، سرتين ريءَ سڙان تي.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، تارَ مرشد جي تران تي.

(روپ پيروي)

(41)

ڪامل ويا ڪنبدا، الاجي ڪيئن ڪندا.
مون تہ ويهي عمر وڃائي ساري
هٿ ڪتيم ڪِينڪي، هٿ توري ونندا.
سَنها سٽ صراف، الا! ڦورا ڦولهي ونندا.
روزي ۽ نماز جي، پڇ ڏاڍي پڇندا.
سرتيون "شاهہ لطيف" چئي، محب اُتي ملندا.

(42)

ڇپر ۾ هِيءَ ڇوري، هوت ڇڏي ويا هيڪلي.
مٿي راهہ رڙيون ڪري، ناحق ندوري
پلئہ چام پنهونءَ جو جهَليئي نا ٻوڙي
لنگهائيندو لطف سان، ترن مون هيءَ توري
سرتيون "شاهہ لطيف" چوي، ڏئي ويا ڏُکن جي ڏوري
(روپ ڪوهياري)

(43)

سچو نينهن لڳو، ڪنديس ڪونہ بيو.
جيجان تن جتن ري
اهڙو سات پنيور ۾، ايندو ڪونہ بيو.
اُت تہ آريءَ چام جا، ڏاگهن ڏَس ڏيو.
ماءُ پليندي‌م ڪيترو منهنجو وس ويو.
سرتيون "شاهہ لطيف" چئي، منهنجو پرتئون پيچ پيو.
(روپ ڪوهياري)

(44)

ڏوراپا ڏينديس، وو يار، حجائتا هوتن کي،
پٽ پٽيهر بافتا، ڦاڙي ليڙ ڪنديس، وو يار.
تڪر مٿي باهڙي، ٻاري ٻاروچن، وو يار.
ڪڍ بندياٺي بند مؤن، مارن ري مرنديس، وو يار.
سرتيون "شاهہ لطيف" چوي، محبن کي ملنديس، وو يار.
(روپ ڪوهياري)

(45)

اديون آريچن سان سڳ چو ڪيائون،
مُئي جو ماڳ نہ لڌائون.
ميهڻا ڏينم ماءُ تي، مديون ميڻائون.
دل اٿم جن سان، آءُ وينديس اوڏانهون.
سورن جا ساٿ ڪري، سڪ جون سڳيون ٻڌائون.
وٿا پري وهہ جا، ڏک جا ڏاج ڏنائون.
ٻڌي هٿيالو هٿ ۾، چوري چپر چڏيائون.
پرين منهنجا پنڌ ۾، شل ايندم اوڏانهون.
اديون "شاهہ لطيف" چئي، منهنجي دل ڪري دانهون.

(46)

گهوري ننڊ نماڻي، ويندي رات وهاڻي،
جاڳو جاڳو يارو!
ٻن درياهن وچ ۾، ٻيڙي آهي پراڻي.
اوکو پنڌ پهاڙ جو، اڳيون آن نہ پاڻي.
ترهو ڪڇجو پاڻ سان، اڳيون ٻُرهين ٻجهي پاڻي.
رات جهليندي ڪيترو جنهن جي پرهہ پڇاڻي.
سرتيون "شاهہ لطيف" چوي، سيد ٿيندم اچي ساڻي.

(47)

تازو پيرر پنهل جو لڳو منجهہ لڪن، وو يار.
نہ ڪنهن واءُ وجايو، جهوريو نہ جهَڪُن، وو يار.
ڪِهہ ڪٿوري آڳري، هاري جا هوتن، وو يار.
بورائو بَرن جو رَڙهو منجهہ رندن، وو يار.
لطف سان "لطيف" چئي، ڪندو واهر ولهن، وو يار.
(روپ ڪوهياري)

(48)

واڳ ڏٽيءَ جي وس، وو يار، آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي!

هلايو تہ هلي وڃان، بيهاريو تان بس، وو يار.

گلن گلزاريون ڪيون، گاهن لايا گس، وو يار.

انڙا مينهن ملير تي، آيون ٽيڙا سرس، وو يار.

ويندي رهنديس ڪينڪي منهنجي ڀنڀور ڪان بس، وو يار.

اديون "شاهہ لطيف" چئي، دل جو دشمن دس، وو يار.

(روپ جوڳ)

(49)

ڀينر ڀڄو ڙي ڀڄو منهنجو ڀهہ تہ پرين سان.

سِڪ تہ سهڻل يار جي، سارو ڏينهن سَڄو ڙي سَڄو.

رنجايل جي روح کي، ڀڳڙن جان نہ ڀُڄو ڙي ڀُڄو.

آءٌ نہ ورنديس ور ري، اوهان سڀ وَڃوڙي وَڃو.

ڀيڙم ڀيچ پريت جا، ڇيني‍ن سان نہ ڇنو ري ڇنو.

اديون "شاهہ لطيف" چوي، اندر اتم اُجو ڙي اُجو.

(روپ ڪوهياري)

(50)

ڪُهڻ جون ڪاتيون، وو يار،

لائي ويو جانب جيءَ سان.

ڏکي ڏونگر وچ ۾، وو يار،

رڙي ساريون راتيون، وو يار.

اسر ويل اُتي ڪري، وو يار،

ڀائي تي جهاتيون، وو يار.

سرتيون "شاهہ لطيف" چوي، وو يار،

ڏاتر ڏيندو ڏاتيون، وو يار.

(روپ ڪوهياري)

(51)

راڻل تو بن رات، ميان،
مون کي ويئي وَرهيه لنگهي ويا.
آءُ اوهان جي آهيان، آلا،
ڪهڙي پڇو ٿا ذات، ميان.
ڪَنوَر چوندي بنديس ڪاڪ جا، آلا،
پِرهه ڦُٽيءَ پريات، ميان.
سُتي هيڏيس سيج تي، آلا،
تارن پري هئي رات، ميان.
سرتيون "شاهه لطيف" چئي، آلا،
ڏاتر ڏيندم ڏات، ميان.

(روپ راڻو)

(52)

ترس نه پيين تِر جيترو، ڏاڍي ذات جتن جي.
ويندِيس، رهنديس ڪينڪي، ماءُ جهليندیوم ڪيترو.
سرتين سمجهايو گهڻو، ويو ڪوهيار ڪري ڪيترو.
اديون "شاهه لطيف" چوي، رند نه ڏسيائون پيچرو.

(53)

مان ملان شل سڄڻين، وسائيندَڙي مينهن.
آءُ ملنديس پرينءَ کي، راتيون ڏوري ڏينهن.
مون کي پرين ميڙئين، صاحب رب سميع.
ماءُ مٿي نه وهان، مون پرين سين نينهن.
سرتيون "شاهه لطيف" چئي، ويندس ساجن سيئن.

(روپ ڪرهياري)

(54)

لَڙهه لڳِي جنهن جِي لارَ،
سو ڳول بارو چِل پاڙي پاڙي
جيتر ڏسان پنهنجي دوست کي،
تيتر شل موت نه ماري ماري

تِکي سير سمونڊ جي،
تار مَنجهون ٿل تاري تاري،
واهڙ واڪا ڪُنن ڪڙڪا،
دم اهو ٿو ماري ماري،
سرتيون "لعل لطيف" چئي،
چڪڻ منجهان سو چاڙهي چاڙهي.

(روپ ڪوهياري)

(55)

ٿل ڪا پوي پچار، ڪميٽيءَ جي ڪيچ ۾،
اُٺ چاريندیس اُن جا، مَيَن جهلي مهار،
اڙيا آهن انگ ۾، هن ويچاريءَ جا وار،
سسئي ميڙين ساٿ سين، شرم ساڻ ستار،
سرتيون "شاهه لطيف" چوي، ڪاڏي وَئي قطار.

(روپ جوڳ)

(56)

پسي ٻاڙها گل، متان ڪا چانگي ڪي چاري،
نيئي ڏريندءِ ڏوڙ ۾، متئون پڙهندءِ قل،
ولَڙيون وِهَ وِهاتيون، ڦِڪا سندن ڦل،
ڪوٽ مٿاهون ڪُنگرا، متان مومل جهل،
تيندي ڏينهن قيام جي، ڏاڍي هيبت هل،
باؤلي ڏئي ويا باز جان، متان ڀانيو ڪاهِل،
اديون "شاهه لطيف" چئي، ٿل لهندي پيڙ ۾ ٻُل.

(روپ سورٺ)

(57)

اٿم ارمان عجيبن جو،
مون کي نال نہ نياٿون،
ٻنيا وار ڪلهن تي، چوڙي چڏياٿون،
هو جو ملڪ ملير ۾، رت تي رنائون،
نازڪ ڏاڍا نينهن جا، ويني وٺياٿون،
اديون "شاهه لطيف" چئي، وچڙيا گڏياٿون.

(58)

آءُ پنهون تون پيهي، تہ وڃنم سور سپيئي.
ڳالهيون ڪنديس ڳُجهہ جون، منهَن مقابل ويهي.
ڪثوري بارَ پري، آيا ڏونگر ڏيهي.
سرڪشي سردار سان، مون ڪميڻيءَ ڪيهي.
اديون ”شاهہ لطيف“ چئي، آيا پرين پرڏيهي.

(59)

ڪهڙو لقب مان ڏيرن کي لايان،
پنهنجي ڪرم لڪئي ڏانهن پانيان.
ڳجهہ اندر جون ڳالهيون، ڪنهن کي يار سڻايان.
اُٺ تہ آريءَ ڄام جا، ويني يار ورايان.
بيني هيڙس وات تي، ويني يار لاءِ واجهايان.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، آءُ برهہ بوندَ وسايان.

(60)

دل ڪر درخت جي دستور.
چاڙپ لڳي چڳا چڻن، ميوا ۽ بيو بور.
ڪهاڙو لڳي ڪوڪ نہ ڪري، درد نہ رکي سور.
ويندڙ سان وير نہ رکي، توڙي پيچي ڪري چور.
پاڻ جلائي ۽ چانو ڪري، نِتُ انهيءَ تي نُور.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، حاصل تن حضور.

(61)

ڪيچي قول ڪري ويا، هيءَ نہ ويل وڃڻ جي.
اتي آڌيءَ رات جو لاهوتي بہ لڏي ويا.
پکا پکن سامهون، آڏاٽا بہ اڏي ويا.
ٿيڙن سڏ سرڪار جو، ماڙيون محل ڇڏي ويا.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، گوندر مئي کي گڏي ويا.

(62)

مان ساريان سانگيئڙن کي منهنجا مارو وسن ملير.
پٽ پهرينديس ڪينڪي، لوئي اباڻي ليڙ.
ڪڍ بندياڻي بند مان، جنڙي، لاهہ زنجير.
وسيا مينهن ملير ۾، لڳي ڌڪڻ هير.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چوي، پيڪا ميلج پير.

(63)

آءُ ٻاروچل اچ ميان، پنهل جام پرچ،
موت وڇوڙو تو ماري، اچ...
آءُ تہ پرچون پاڻ ۾، ڳالهيون ڳرهيون ڳچ،
سور اندر جا ساري، اچ...
قولن ڪوڙي آهيان، سائين ڪندو سچ،
پيس جنهن جي پناري، اچ...
ايڏي شهر ڀنڀور ۾، ڪنهن نہ ڇيو مون کي سچ،
مرم اِهو ئي تو ماري، اچ....
ڀڻ پٽڙٽيون پانيان، ڪنيم ڪونہ خرچ،
ٿمر ڪٽديس ساري، اچ...
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، من منهنجي ۾ مچ،
ويو تہ ٻاروچل ٻاري، اچ...

(64)

لائي تہ ويا مئيءَ کي لوري، هيءَ گهوري،
منهنجي جندڙي جتن سان.
اُٿي آڌيءَ رات جو منهنجو پنهل ونئي ويا جت زوري،
ماڻهو شهر ڀنڀور جا، آءُ تنهي ۾ هيس ڀوري،
ڪونهي ڏوهہ ڏيرن جو مون کي ننڊڙي اچي ويئي ندوري،
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چوي مون کي سڪڙي لڳي آهہ سدوري،

(65)

نند نا ڪر تون نماڻي، مٺان ويلڙي وهاڻي.
اوڪا پنڌ پهار جا، تون سمر ڪٽجان ساڻي.
ٻن درياهن وچ ۾، ٻيڙي وهي پراڻي.
هتان هلنديءَ هيڪلي، توکي اَنُ نہ ملندو پاڻي.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، سائين تيندم ساڻي.

(66)

ڏني ڪا ماءُ سورن جي پينگهي ۾ لولي.
پٽر ياڻيان پالڪي، ڏونگر ياڻيان ڏولي.
روئي پريندس رت سين، چاڪن پري چولي.
اهڙي ڪانہ ڪئي هئي، ٻاروچل ٻولي.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، صاحب ڪندو سولي.

(67)

ٻيرين ٻونديسانِ، رهي وڃو رات ڀنڀور ۾.
اُٿ تہ آريءَ چام جا، واڳون ونديسانِ.
چڙهي جبل چوٽ تي، سڏڙا ڪنديسانِ.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، لوچي لهنديسانِ.

(68)

آءُ جي جاڻان، ساڻ نہ نيندا، چو تي سيج وڇايان.
نڪري شهر ڀنڀور مان، وَڻِ وَڻِ تي واجهايان.
مون سان هلو سڀ ميڙ ڪري، تہ پنهل کي پرچايان.
پائي پاند ڳچيءَ ڳل ڪپڙو بديون سڀ بخشايان.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چوي، آس اميد نہ لاهيان.

(69)

مان ڪِيئن جيئنديس جڳ ۾،
پنهنجي پنهل پڇاڻان پڇاڻان.
اُٺ تہ آريءَ جام جا، سيپئي سجاڻا،
ڪارا، ڪڪا، ڪمرا، ٻيا نيلا نماڻان نماڻان.
پائر هوت پنهل جا، سورهہ ساماڻا،
ور وٺي سي واٺ ٿيا، ساجهر سِڌاڻان سِڌاڻان.
پيڪن پينگهي ۾ ڏنا، آيل اولاڻا،
مادر مستيءَ ۾ ڏنا، مون کي ٻنڌڻ ٻاراڻا ٻاراڻان.
ڪرڙا ڏونگر ڪيچ جا، وڪڙ وراڻا،
لڪن منجهہ ”لطيف“ چئي ڪيا مينهن مانباڻان مانباڻان.

(70)

محبت جي ماري، ويچاري، پنهل لاءِ رڙندي وتي.
اوکا پنڌ پهاڙ جا، بر سُجهن باري،
ڪوسا لڳن ڪڪرا، واٽن تي واري،
هيڏي شهر ڀنڀور ۾، چور بينا چاري،
ڏيرن مئيءَ سان ڏاڍ ڪيو، ڏار ڪيائون ڏاري،
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چوي، گهوٽ نہ وڃهہ گهاري.

(71)

پيچ پنهل ويو پائي، هل ڪاهي، هٿ چاهي.
ڏينديس باهہ ڀنڀور کي، لاڳاپا سڀ لاهي.
ٿرن برن ۾ منهنجو اَجهو آرياڻي آهي.
ڳهنديس ڪيچ پنهل ڏي، لڙن ٻاروچل ويو لائي.
ٻانهي ٻاروچن جي، سنگتڙو ڪهڙو ساهي.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، حجت هوت سان ناهي.

(72)

هن ڪي خيال جو ٻيا گهڻا، مان ليکي ۾ ناهيان.
سورن ۾ آهيان.
ويٺي آهيان واٽ تي، آءُ ڪانگ تي اُڏاريان.
آءُ اچي مل، توکي سپرين، سور ڪي سٽايان.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چوي، محب نہ ڪر ماٽا.

(73)

سجڻ هجن شال سنوان، سچ تي چوان،
ڇا هِي ڪنديون، ڏيهہ جون ڏنگايون؟
پيرون چونڊينديس پاند ۾، لام ونيو ٻيئي تي لُڏان.
پٽ پهرينديس ڪينَڪي، پلنگن تي مان نہ سمهان.
اباڻن جي اُڪير ڪان، راتيان ڏينهان روئان.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، پيش صاحب جي پوان.

(74)

اُتي تون چرخي کي چور، مون سُتي سور پرايا.
تند ڪيڄ تڪڙي، ڏاڍي ڏَئِي ڏور.
سنهون ڪتڻ نا سکينءَ، اُتي تون رنڊائي روڙ.
جيسين رتو راس ٿئي، تيسين پڳي سان پير.
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چوي، آڏيءَ اٽي تون اور.

(75)

تُنهنجي پلئي لڳي آهيان، مون کي پلئي لائڻ ڏيو.
ڇوري ڇني آهيان، هن ڇوريءَ نا ڇڏجو.
مون تہ وڙ وڃائيو، ڪو مون سان وڙ ڪجو.
اديون ”شاهہ لطيف“ چئي، هن ٻانهيءَ سان گڏجو.

(76)

بوند برھہ جي بهار لڳي، درد ونديءَ جو ديس وسي.
تڪڙي سير سمونڊ جي، لهرن جي للڪار لڳي.
اتر ڪڪر ڪڪوريا، ڏِيئن جي ڌهڪار لڳي.
وُٺڙا مينهن ملير تي، گاهن جي گلزار لڳي.
ڏڻ ڏنارن چوڙيا، چڙن جي چونگار لڳي.
پٽن پاسي ڪرڙ ڪڪوريا، لامن جي للڪار لڳي.
سرتيون ”شاھہ لطيف“ چوي، سِڪ سجڻ جي سار لڳي.

(77)

عمر ميار تي مون ڪي ماري، ڳٽتي اباڻن جي ڳاري.
ھڪر باباڻن جا، ولر ڪري پيئي واري.
تڪر متي باھڙي الا، ويو تہ پاروچل پاري.
سرتيون ”شاھہ لطيف“ چوي، واڳ وطن تي شل واري.

(روپ رپ)

(78)

ڪيئن وساريان ورُ اديون، منهنجو حال محرم يار ھو.
ھو تہ منهن موڙي ويو، مون ۾ ڏنائين ڪي مديون.
جي ڪاٽياريون ڪانڌ جون، سي محب اڳيان ڪيئن مرڪنديون.
ھوت جنين جي ھنج ۾، سرما سينگار سي ڪنديون.
سور سانڍڻ ڪم جن جو، سي ئي محب اڳيان مرڪنديون.
پينر ”شاھہ لطيف“ چئي، ھوت ڏي سڀ ھلنديون.

(79)

ڪيچين سان پوندو ڪم، ڙي اديون،
ھاٽي ھلبو، ھاٽي ھلبو، چپر چڙھبو.
سُنگ پريندي سيڪا پنهنجو
ليکو پڇندءِ جم، ڙي اديون.
ھيڏي شھر پنيور ۾،
منهنجو سرتيون ناهي سنگہ ڙي اديون.
اديون ”شاھہ لطيف“ چئي،
مرشد لاھيندو غم، ڙي اديون.

(80)

گهڙي تہ پلڪ هتي رهنداسون،
آخر ديس وطن تي وينداسون.
ڏاڍو سڏ سرڪار جو، ڏوھہ ثواب هلي ڏينداسون.
چائنٺ پنهنجي پِرَ جي، چشمن سان هلي چمنداسون.
سرتيون "شاھہ لطيف" چئي، مني محب سان هلي ملنداسون.

(81)

نچ ناچوئڙا آتئي ويل نچڻ جي،
پوءِ نہ ملندءِ وار، يار!
پائر پائتيا ڪتنب قبيلو، ويري ٿيندءِ وار، يار!
ايندءِ مَلڪَ الله جا، ڪندءِ ڏڙ تہ سسيءَ ڪان ڏار، يار!
سرتيون "شاھہ لطيف" چئي، سائين لهندو سار، يار!

(82)

اکيان وجي رانجهن نال لڳيان.
ان اکيان دا ڍيپ نہ ڪوئي، پٽيان ٻڌ ٻڌ ٿڪيان.
ان اکيان دا ملھ مهانگا، تول وڪامن وجي رتيان.
پار درياھہ جهوڪ رانجهن دا، پانهون هڻ هڻ ٿڪيان.
سرتيون "شاھہ لطيف" چئي، لوڪ ڏي ٿو مان کي بديان.

(83)

ساري رات وڃايم، ستي، ستي، حيف منهنجي حال کي.
ڪرمن منهنجي ڪين ڪمايو
کهڙو ڏوھہ ڏيان مان تن کي.
هرڪا هلندي هوت ڏي،
کهڙو جواب ڏيندي اتي اتي.
سرتيون "شاھہ لطيف" چئي،
مون تي مهر ڪئي مرشد سچي سچي.

(84)

اکيان دا ڏوھہ نہ ڪوئي، دليان دا مالڪ موليٰ.
آپ تو ناهي آپ، تو ڊاهي، هادي دي هٿ وهولا.
سسئي ويچاري جبل ڍونڍيندي، رو رو پسايس چولا.
سهڻي ويچاري سيرن ٻوڙي، ڀني پيڙس پيلا.
اديون "شاھہ لطيف" چئي، محب مليا ٿم آڪيلا.

(روپ تلنگ)

(85)

رات ڏٺو هئم خواب ۾، عمرا سکيا سانگيڙا ويني ساريان.
ترن پاسي چڙا چونگارن، چڙهي ماڙيءَ تي ڳوڙها ڳاڙيان.
ڪڍ بندياڻي بند مان، قيدن ۾ مان ڪين گذاريان.
عمر اباڻي پار ڏي، چيلا وجي شل چاريان.
اديون "شاھہ لطيف" چوي، اميدوار عربيءَ ۾ آهيان.

(روپ تلنگ)

(86)

ڪاڪيون قريبن جي اڳيان،
ڪتيم ڪين ڪي، چا ٻڌايان!
چرخو چندن عاج جو، چرخي چِٽُ نہ لائيان.
تَڪ ڏِنگي، وَرَ گهڻيرا، ڪيئن مان تند هلايان.
سڀ سهيليون آتڻ وچ ۾، آتڻ آءُ نہ آڏايان.
سرتيون "شاھہ لطيف" چئي، پاند ڳچيءَ ڳل پايان.

(روپ پيروڻي)

(87)

گورن جا گوڏا، ونگينديس وارن سان.
تک سير سمونڊ جي، لهرن جا لوڏا.
اُٿ تہ آريءَ جام جا، تکا هلن توڏا.
سرتيون "شاھہ لطيف" چئي، رڻ چڙهيا روڏا.

(88)

لائي تندُ تنوارِ، سُتي مون سور پرايا.
سنهون ڪتڻ گهوريو روڙا ويني روڙ.
لڳي باهه ڀنڀور کي، ڏونگر ويني ڏور.
ويني آهيان واٽ تي، محب ايندم ضرور.
اديون ”شاهه لطيف“ چئي، ويني الله سان اور.

(89)

پرهه نهاري تي پيرَ، پنهنجي هوت پنهل جا.
آمر کي آڏو ڦري، هيءَ ڪميني ڪيرَ.
اسر ويل اٿي ڪري، صبح ويندي سوير.
سرتيون ”شاهه لطيف“ چئي، ڏاگها ڇڏي ويس ڏير.

(90)

هيءِ هيءِ هوت مياس، دوست مياس،
لڳي يار لڪن ۾.
عشق اُٺاريس جيڏيون، اهڙي آءٌ نه هياس.
ستر سڪ وڃائيو پڌر پوءِ پياس.
اديون ”شاهه لطيف“ چئي، محب وڃي ملندياس.

(91)

آيل مون کي امارڻ، هل مون سارڻ،
پونديس پيش پرينءَ جي.
جيڪر جوڳياڻي ٿيان، ڪوهيارل جي ڪارڻ.
وڃي انهن سان ڪريان، رائي منجهه رهاڻ.
اديون ”شاهه لطيف“ چئي، پنهل ملندم پارڻ.

(روپ سسئي)

(92)

هلو هلو توهان هوتا.
وريتيون وجو نہ هلو نال نماڻي.
اٺ تہ آريءَ چام جا. بدن قرڪي بودا.
ڏوڀڻ ڏوئندي ڪپڙا. پنهل سندا پوچا.
اديون "عبداللطيف" چئي، چپر وجو توهين چو ٽا.

(روپ ڪوهياري)

(93)

حق حيدر حيدر هو الا. اسان جو مير محمد مرسلا.
پيجرو پاڪ رسول جو روز ازل کان آهي بسم الله.
حسن مير حسين جا. جيءَ اندر اٿم جرجلا.
آخر ڏينهن قيام جي. واهر ٿئين تون رسول الله.
اديون "شاهہ لطيف" چوي پڙهہ ڪلمون ڪر الحمد الله.

(روپ ڪوهياري)

(94)

جن لکيو انگ. ڙي اديون. قلم کان ڪاڏي وڃان.
اڃي ويهہ اکين ۾
هنڙي ڏيانءِ هنڌ. ڙي اديون.
ڏاڍو عشق اڙانگو
جيئن ڏينيو وارو ڏنگ. ڙي اديون.
اديون "شاهہ لطيف" چئي.
منهنجو ننگيءَ تي آهي ننگ. ڙي اديون.

(روپ تلنگ)

(95)

ڏاڍي بلوچن جي ذات. اديون.
منهنجو پنهل وٺي ويا رات. اديون.
ڪيپندس ڪاتيءَ سان، آءُ تہ پنهنجو ماس. اديون.
ووڙيندس وڻڪار ۾ پرهہ ڦٽيءَ پرڀات. اديون.
اديون "شاهہ لطيف" چوي. مرشد ميلي پاڪ. اديون.

(روپ ڪوهياري)

(96)

منهنجو جيڙو جياريو جن، الله تن کي آڻي وريا
چرخو چندن عاج جو ڪيوڙن هيٺ ڪتين.
ڳاڙهو پاٽي ڪاڪ جو اڪڙيون رت رُئن،
اديون ”شاهہ لطيف“ چوي، ڪُنَڙيون تيون ڪُسن.

(روپ ديسي)

(97)

هت اسان جو هيٺو حال، توکي پنهنجا سانگ سيباٽا،
آءُ تہ اوريون پاڻ ۾، دل جا حال احوال،
چڙهي جبل چوٽئين، پاڻ ڪنديس پائمال،
روئي رگنديس رت ۾، لِڱ ڪنديس سڀ لال،
اديون ”شاهہ لطيف“ چئي، ڪر ڪي يلايون يال.

(روپ ڪوهياري)

(98)

چو تيون ڏيو مون کي متيون، وس پنهنجي ۾ ناهيان.
ڪنديس عرض الله کي،
روهہ تيندو شل رتيون.
سامين وانگي سنبت ڪيان مان،
لڪ لنگهي وجان لڪيون.
ويندس رهنديس ڪينڪي،
چيٽ هجي توڙي ڪتيون.
چو تيون ڏيو مون کي طعنا ميهٽا،
اوهين تہ آهيو سڀ متيون.
الله ”عبداللطيف“ چئي،
منهنجون پنهل ۾ پتيون.

(99)

لائي تہ نماڻيءَ سان نينهن، دوست ائين دل نہ متجي،
مون ڪان پاليو نہ پڄي، شوق تنهنجي جو شينهن،
ماس هڏن تؤن ڪتجي.
چوپڙ بازي عشق جي، ڪيڏ تہ راتيان ڏينهن،
ڪل تڏهن جڏهن ڪتجي.
اڄ تون اوري اسان جي، پرت پيالو پيءُ،
گهمرو پرين ڏهون نہ گهتجي.
لائق "لعل لطيف" چئي، گهوريو وڇوڙي وارو ڏينهن،
موتي مارن ساڻ ملجي.

(100)

هوت نہ ڪندڙا هيئن، چوري نہ چڏيندا چپرين، الاميان.
لُڪون لڳن ڪوسيون، ڏاڍا تپن ڏينهن،
اوهان جا چڏي چپرين، ڪيچ سا رسندي ڪيئن،
جهونگاريندين جهنگ ۾، ڏوئن ڏني تيم ڏينهن.
ولهيءَ هت وسائيا، سندا محبت مينهن،
اديون "عبداللطيف" ڪي، ساجن ميل سميع.

(روپ ڪوهياري)

(101)

هتان هليو ويندين، وري نہ ايندين،
شوق دنيا جا سڀ چڏ لاهي.
چا تو ڏنو چا تو ورتو اُتي وري چا هلي ڏيندين،
وري نہ ايندين.
جوين جواني ڪنهن نہ ماڻي، خاڪ متيءَ سان ٿيندين،
وري نہ ايندين.
اديون "شاهہ لطيف" چئي، پوءِ پرائي وس ٿيندين،
وري نہ ايندين.

(102)

راڻا پنهنجو پاڻ سجاڻ، لڪ لنگهي ويا قافلا.

وڃي ٿيا مومل جا مهمان.

پرٽي رات رسول جي، حورن پاتا هار،
چونڊڪ ٻڌي چيلهہ سان، وريا ڪين جوان.
ڪوئر چونڊيندي ڪاڪ جا، سهڻا آهن سانولا،
سهڻو "شاهہ لطيف" چوي، سونهن ٻريو سردار.

(103)

ڪالهہ قطارون ڪاهي ويا، جت پنهل ونئي ويا پاڻ سان،
ستي پيئي هيس سيج تي، آڏي ڏئي اٿاري ويا.
ويني آهيان واٽ تي، ڪيچي قول ڪري ويا.
پڪا پڪن سامهان، آڏاٽا ٻہ اڏي ويا.
سرتيون "شاهہ لطيف" چئي، وڇڙيا محب ملائي ويا.

(104)

لايو ٿيو سجايو هوت پنيور ۾ آيو

پرٽي رات رسول جي، حورن هنڌ وڇايو
مر وِهسو ڏاڏي پوٽيون، ڳيچ پنهل جا اوهين ڳايو.
اديون "شاهہ لطيف" چئي، مولا محب ملايو.

(105)

توهين آهين تون، بيو ور نہ ڪنديس ڪونہ ڪو.

انن جي اوڳار جي، بر ۾ آيم بون.
وندر جي وٽن ۾، پونئرن لائي پون،
اديون "شاهہ لطيف" چئي، مارُن ميڙئين مون.

(106)

عمر چو منهنجو روح رنجايو اٿئي، سانگين ڪاڻ سڪايو اٿئي،

موڪل ڏي تہ ملير وڃان.

بينڙي هيڙس ڪوهہ تي، چست چنبن ۾ چايو اٿئي،
نڪڙي سير سمونڊ جي، لهرين ۾ لڙهايو اٿئي،
اديون "شاهہ لطيف" چئي، ڪلمون پاڪ پڙهايو اٿئي.

(107)

سڪ مارن جي سمهڻ نٿي ڏئي. آءُ شل ويڙهيچن وڃان،
مارن سان وڃي ملان.
اڃا اوڏيندس ڪين ڪي، ميرا مارن جا مڃان،
ٻڪر ٻاٻاٽن جا، ڇيلا چاريندس اڃان،
اديون "شاهه لطيف" چئي، اتم اميدون اڃان.

(108)

عشق الاجي آهي ڇا؟ برهه الاجي آهي ڇا؟
ڪين ٿو ڄاڻان، ڪين سڃاڻان.
ڪير ٿو ڳالهائي؟ ڪير ٿو ٻولي؟ اندر الاجي آهي ڇا؟
خاڪ مٽيءَ مان بت بنايئي، دم الاجي آهي ڇا؟
اديون "شاهه لطيف" چئي، روح الاجي آهي ڇا؟

(109)

مُلان مار مَ مون، سڄڻ ڏسان ڪي سبق پڙهان،
الف اسان کي يار پڙهايو ب جي باس نه بون،
اسان آدم کان اڳي هئاسون، آدم ذات نه هون،
سرتيون "شاهه لطيف" چئي، من جو محرم تون.

(110)

منهنجو پاڙو پنوهارن سان، ڏٺي ڪر مَ ڏارا
اچي وينم اوڏڙا، ڪاهي ڏرڻ ڏراڙ
پڪا پکن سامُهان، دونهيون دُکن ڏار،
وَٿا مينهن ملير تي، سرها ٿيا سنگهار،
اتي "عبداللطيف" چئي، ستر ڪر ستار.

(111)

لاالہ الا اللہ ھو اللہ

مِٺ منهنجا ملير ۾، لتون ڏيئي لَتيندا هُو الا.
ويني آهيان واٽ تي، هتان منهنجا هوت لنگهيندا، هُو الا.
پکا پکن سامُهان، اوري مانَ اڏيندا، هُو الا.
اديون ”عبداللطيف“ چئي، چني مون نہ ڇڏيندا، هُو الا.

(112)

اييو تي عرض ڪري، ليلا جام چنيسر کي،
چرخو چندن عاج جو ڪونئروءَ ڪاڻ ڪتي،
ڪئين باغ بهاريا، ليمن پاسي لمي،
صحي اکر قران جا، سبق سور پڙهي،
اتي ”عبداللطيف“ چئي، مولو مهر ڪري

(113)

ڏوتي ويڙا ڏُور، مارو منهنجا ملڪ متي و يا.
وَنڙا مينهن ملير تي، ڇيڙن ڪئي دل ڇُور،
مون جيڏيون ملير ۾، سنگهارن جا مون کي سُور،
ٻڪر ٻاباڻن جا، ٻڏا چرن ٻُور،
اديون ”عبداللطيف“ چئي، پنوهارن جا مون کي پُور

(114)

ماروءَ جو مذڪور، راتو ڏينهان روح ۾،
اُلڪو عمر جو مَن تان لهي نہ مُور،
ويني آهيان ورونهن ۾
ساٽيهہ نہ آيم سَجهَہ ۾، ڏيهُہ پريان جو ڏُور،
آهيم آس اندر ۾
چونديم چوڙيلن سان، سندو ٻيرن ٻُور،
سرتين ساڻ سڳر ۾
اتي ”عبداللطيف“ چئي، سندو نبيءَ نُور،
آهي مديني جي شهر ۾

(115)

آخر هلبو گهر، دنيا درگذر،
ڪر ڪو نظر، سدا يار ساٿيهہ جو.
وُڻڙا مينهن ملير تي، ڦوڳ ڦلهاريا ڦر،
تر ملڪ مهر، آهي ماڳ مارئي جو.
ليلان پنهنجي لڇڻين، مٽئي تي نہ مر،
تون پڪڙ عشق اپر، تہ ٿئي ڪانڌ ڪوئنرو جو.
راڻو رات رسي ويو ڏسي عيب اپر،
تڙتڪڙ ۾ سنير، اڳيان اٿئي ملڪ مومل جو.
اُتي ”عبداللطيف“ چئي، نرمل ڪج ڪو نظر،
پوريل پيچ در، منهنجو ڪُلف قلب جو.

(116)

پل پل پور پون، مون کي وسري تان نہ وڃن،
سي گُن منن مارن جا.
وڻڙا مينهن ملير تي، ساوا گاهہ پٽن،
مون جيڏيون ملير ۾، ويس ڪيو ورسن،
ٻڪر ٻاٻاڻن جا، چيلا چيڪ چرن،
اديون ”عبداللطيف“ چئي، سرها سانگ سندن.

(117)

مون ڪنهن سان ڪين ڪيون، سي ڳالهيون مارن جون، ميان عمر،
دل جون دل ۾ رهيون.
وڻڙا مينهن ملير تي، وهن نيش نَيون،
وڍين ويڙهيچا ويڙهہ مان، چيلن ڪاڻ ڇَهيون،
مون جيڏيون ملير ۾، پيين موڪ مَهيون،
اديون ”عبداللطيف“ چئي، تنهنجي ڏيل ڏهيون.

(118)

ماروءَ جي ملڪن، چڱي طرح چمڪن، ڏيو وراڪا وسن.
وڄڙيون ويڙهہ وطن ۾، مولا ميل مٿن.
وٺڙا مينهن ملير تي، ساوا گاهہ پٽن،
مون جيڏيون ملير ۾، پين ڪيروئَن،
ٻڪر ٻاٻاڻن جا، پيرا ڏين پٽُنِ،
اديون ”شاهہ لطيف“ چئي، مارئي ميل مِٽن.

(119)

ڪوٽن ۾ ويني قيد گذاريان، هاجو ڪير نہ همير!
مون جيڏيون ملير ۾، پين پاڪ پنير،
وٺڙا مينهن ملير تي، ڦٽا ڳم ڳنڊير،
ڪيِ بنديائي بند مان، جيئري لاهہ زنجير،
اديون ”شاهہ لطيف“ چئي، ثابت رکجيم سير.

(120)

ادا پيهي وارا يار، پنهنجي پوک سنيار،
متان جهتي نہ وڃنئي جهار.
ڏاند تہ تنهنجا ڏُٻرا، ڏيندُن سگهہ ستار،
مارج ڪين مُٺن کي، جوڙي جهلج مهار،
ٻنا ٻڌج ٻاجهہ سين، واهج هر ڪِرار،
سَلا تنهن جا ساوا، تن جي نِرتون ڪج نهار،
سَگهو وٺائج ست جو تون خاصي ڪانياٺي ڏار،
پوچڙ وٺائج پٽ جو جاڳي هڪل جهار،
اديون ”عبداللطيف“ چئي، ستر رک ستار،
لڏيان داربقا ڏي، ڪلمي ساڻ قرار.

(120)

ميليندو مانَ خدا، مارن جي ملڻ جي اميد مون کي آهہ.
وسندا مينهن ملير تي، سانوڻ ٿيندا ساوا گاهہ،
ڪيِ بنديائي بند مان، نيرَ نماڻيءَ تان لاهہ،
چڙ سَٻرائيون سومرا، زورا تو مَ جڳاءِ،
اديون ”عبداللطيف“ چئي، رعيت ڪيم رنجاءِ.

(122)

رهجي اچي شال رس، منهنجو ماروئڙن سان،
ونڙا مينهن ملير تي، گلن چاڙيا گس،
مون جيڏيون ملير ۾، ڪن رهاڻيون رس،
عمر اسان جي ڏيهه ۾، وڃڻ نه اٿم وَسِ،
اديون "عبداللطيف" چئي، قلبئون لاهيو ڪس.

(123)

ڏاڙو هٽي جت، ڙي اديون، منهنجو پنهل ونئي ويا پاڻ سان،
پاند اڙايم پرديسيءَ سان، ڪانه آيم مت، ڙي اديون!
هلان ته هلي نه سگهان، لڱن چڏيو ست، ڙي اديون!
پري شال پنهونءَ سان، پورهيت جي پت، ڙي اديون!
اديون "عبداللطيف" چئي، سور وڃائي سُرت، ڙي اديون.

(124)

هلي پڇو ڪو پنڌ، ري اديون، آيل آديسين جو،
نڪو ڏوتئون ڏوتيا، نڪو لاٿئون لُنگ، ڙي اديون،
نڪو ڳولين ڳوٺ ۾، نڪو نهارين جهنگ، ڙي اديون،
نڪو وڄائين واڄا، نڪو چورين چنگ، ڙي اديون،
اديون "عبداللطيف" چئي، ننگي سُڃاڻج ننگ، ڙي اديون.

(125)

سورن منجهه ساماڻي آهيان، مان ڏکن ڪاڻ ڄائي آهيان،
بحري باز هٿن تي، گهوري يار گهمائي آهيان،
هٿين پيرين گهنگهرو ناچو يار نچائي آهيان،
درد سوز فراق ۾ جانب يار جلائي آهيان،
عشق مون استاد ٿيو پني تي يار پڙهائي آهيان،
اديون "عبداللطيف" چئي، لِکئي اَمُرَ اڙائي آهيان.

(126)

آهيڙي ڪا ساهيڙي، جا منهنجو پنهل پرچائي، ڙي!
ويندس رهنديس ڪينڪي، لاڳاپا سڀ لاهي، ڙي!
ڏينديس باهہ پنيور کي، چئن ڪندبن کان ناهي، ڙي!
گهوريا گهر پنهل تان، ونديس سڀ ڏاهي، ڙي!
ڏينديس ماهہ مرن کي، لحم لڱن تان لاهي، ڙي!
اديون "شاهہ لطيف" چئي، پرور آس پڄائي، ڙي!

(127)

ماڙيون پانيان ماتام، ملڪ اباڻو ڪيئن وساريان.
ڪاج مارُن جو آهن ڪنيبون، بيو لُلُر لوٺَڪ جام.
پيرون چونديم پاند ۾، لاڙيو چارن لام.
وٺن ڪين وجود کي، عمر تنهنجا طرحين طرح طعام.
اديون "شاهہ لطيف" چئي، آهيان سيد جي سام.

(128)

ڏونگر ڏي ڪو ڏس، ڙي يار، مون کي جام پنهل جو.
هتان ڪو لنگهيو ساٿ سڄڻ جو، گورا وني ڪو گس، ڙي يار.
وڃايم پير پنهونءَ جو ويٺڙو منهنجو وس، ڙي يار.
هئي هئي ڪريو هنجون هاريان، سيني سور سرس، ڙي يار.
لَڪن منجهہ "لطيف" چئي، اچي لالن رس، ڙي يار.

(129)

مون کي مرم مارن جو تو ماري،
اهي مارو ڪيئن رهان مان وساري!
مارن مون ڏهون منهڙو متايو
شايد ڏوهہ ڪيو مون واڏاري.
ملڪ مارن جو ملير تيڙو
شال قادر قسمت ڪاري.
اديون "شاهہ لطيف" چئي،
ساهہ سيد کي تو ساري.

(130)

آءٌ پنهنجا ڪرڙ ڪڪوريا، ڪيئن مَٽيان!
ماروئڙا منهنجا اَنَ نه مٽائين سارڻ پَٽَ،
پکا پکن سامُهان، پيهيون پيهَن وٽ،
پيرون چوندڻيس پاند ۾، ڪانبو ڪانبي وٽ،
اديون "شاهه لطيف" چئي، هي سرڙو سڄڻ جي سٽ.

(131)

منهنجا ويڙهيچا ولهار، ساريو روز سڪان ٿي،
ڌڻ ڌنارن چوڙيا، ٿي تڙ تڙ منجهه تنوار،
انڙا مينهن ملير تي، ٿي گاهن جي گلزار،
اديون "شاهه لطيف" چئي، منهنجي سيد لهندو سار.

(132)

منهنجا سومرا سائين آءٌ بنڌياڻي آهيان،
اتم اباڻن جي اڪير.
پيچ ڪڙو هن ڪوٽ جو، جيئري لاهه زنجير،
چيلا ڪنهن نه چوڙيا، ٻڌڙا ٻاڪارين منجهه ملير،
اديون "شاهه لطيف" چئي، پردو رکيم پير.

(133)

شل نه نينهن نبيري، ٻانهي آهيان مان گولي،
حشر ڪري هتئون هليا، ڪري ويران پنيور،
دانهن لڳي وچي ديري،
ساهه ڪريان مان صدقي، جان جسو ۽ جيءُ،
سرتيون مان سو سو پيري،
اوکي "عبداللطيف" چئي، آهي جتن جي ياراني،
جيئڙو جلي ويو اتم جيئري.

(134)

ووڙيندي وُج ميان، ڪارڻ ڪانڌ ڪوهيارل جي،
وسنءَ ڪي وبجها تيا، سامي جهاڳي سُج،
اوڪا پنڌ پهاڙ جا، محبت ماري ڪيا مُج،
اديون "شاهه لطيف" چئي، جوڳين چاڙهيا جُج.

(135)

سجڻ تو لاءِ ويني سڪان، تنهنجي محبت ماري آهيان،
رکيو عشق تنهنجو اندر ۾، سبق پيئي سڪان،
ڪٽنديس پيهر پنهل جو وحدت واري وڪان،
اديون "عبداللطيف" چئي، لِڪَ ڪهڙي مان لڪان.

(136)

سورڙا ڏئي نہ ساڄ ماري چڏ تہ مري وڃان،
ڦاهو ڏئِي وئين ڦُريءَ ڪي،
تنهن ڪان سوريءَ تي نيئي چاڙهہ،
وڍي تڪي ڳترا ڪري،
تنهن ڪان ڪڙهيءَ ۾ وجي ڪاڙهہ
اديون "عبداللطيف" چئي،
پرت پيرين سين پار.

(137)

جيئن تا ڏينهن لنگهن، تيئن تا پور پون،
هينئڙو منهنجو جهوريءَ منجهہ جهجي تو،
وينڙي آهيان وات تي، هتان مان لنگهن،
انن ڳانا پٽ جا، جڙيا لعل جتن،
اديون "شاهه لطيف" چئي، وچڙيا محب ملن.

(138)

برو ڦازا سنڌن ٻولي، هن گوليءَ ڪي نال نہ نيائون،
ڀهڻ ڀانيان پالڪي، ڏونگر ڀانيان ڏولي،
روئي رڱيندي رت سين، چونڪن پريم چولي،
ادين "شاهہ لطيف" چئي، گس جهلي بيٺي گولي.

(139)

تنهنجا ڪهڙا ڪيان آءٌ بيان، الا،
دلڙي حيرت ۾ حيران، الا.
اَول خلقيائين نُور نبيءَ جو پوءِ خلقيائين سارو جهان، الا،
اڏر پکي وڄ پار پريںءَ جي، ساري ڏيج سلام، الا،
ادين "شاهہ لطيف" چئي، شل سکن جا ٿين سامان، الا.

(140)

عمر ڪين وڻن تنهنجيون ماڙيون،
اسين ماروڙا مال چاريون.
ڪاڄ اسان جا للر ۾ لاٿو اسين ٽڪرن ۾ رب ٺاريون،
ونڙا مينهن ملير تي، اسين ڦوڳن ۾ ڦر چاريون،
ادين "شاهہ لطيف" چئي، واليءَ واڳون واريون.

(141)

پنوهارن جا پير، مون تہ ڏٺا اڄ ڏيهہ ۾،
اُنا مينهن ملير تي، گاهن لايا گهيڙ،
گهيٽا پاس گهرن جي، ڦريو ڏين ڦير،
سون جيڏيون ملير ۾، ڪليو پين ڪير،
ادين "شاهہ لطيف" چئي، سانگي ميل سوير.

(142)

ٻاٻاڻن جون ٻيريون، ڪاهڙ جون ڪيريون،
سي مان ساريان سومرا.
ڪين سٽان تي ڪوٽ ۾، چانگن جون چيريون،
ڀنگا ڀڙ ڀتار جا، ڀر ڀتن جون ڀيريون،
ان لاءِ "عبداللطيف" چئي، هينئڙو اٿم هيرئون.

(143)

هاڙهي جي هوت ڪي، منهنجي دل ساري!
ان ڪي وهان ڪيئن وساري،
ماڻڪ محمد مير جي، ڏاتر مون ڪي ڏيڪاري،
وليون وڻ قلاريا، چانگي ڪي سڀ چاري،
اديون "عبداللطيف" چئي، نيئي مديني ماري.

(144)

آيل ڙي، منهنجي دل جو دوست وني ويا،
مون سان ڏاڍي ڪئي ڏيرن.
اتي آڏيءَ رات جو سنبت ڪئي سيڻن،
هيڏي شهر ڀنڀور ۾ سسئي ساڙيو وڃن،
ڏينديس ٻاهه ڀنڀور ڪي ٻچاڻان ٻرين،
لوڪ ستو ننڊون ڪري، مئيءَ تي مڇ ٻرن،
اديون "عبداللطيف" چئي، اوجاڳو اکڙين.

(145)

اڄ نہ ڀڪي آئيا، واهيري جي اٿن وير،
سُڌ نہ مئيءَ ڪي پئي، صبوح ويا سوير،
ڪنهن ماريءَ ماريا، ڏيين هيٺان ڏير،
سڄ لهي سانجهي ٿيو ٿيڙي منهڙي مير،
ڪينجهر ڀڪي ڏنڍ تي، چڱا سندن ڀير،
ڪنگ چيا چاڻن ڪار انهي سان، هوريان ڪڻن ڀير،
ڏاٽي ڀاٽي قوت لاءِ، اٿن لاتي اوير،
اديون "عبداللطيف" چئي، سُرها سندن سير.

(146)

اِجهو سج لٿو ڪر ڪا ڪار ڪتڻ جي،
پٽ پٽيهر بافتا، چڙي ڪفن ڏيندءِ ڪٿو
نيئي ڏريندءِ ڏوڙ ۾ پوءِ ڪُتيندين مٿو
اديون ”عبداللطيف“ چئي، چڏ تون ميلو مٿو.

(147)

سومرا مان توکي، ڳالهيون چونديس دل جون،
ڪٽي آئين کوهه تان، ري گناهه روڪي،
عمر اسان جي ڏيهه ڏي، پوک نئو پوکي،
اديون ”عبداللطيف“ چئي، جيءُ وڏو ٿئي جوکي.

(148)

ٻانهي آهيان ٻاروچل جي، آهي مون ۾ آل وو! الو ميان!
چڙهي جبل چوٽ تي، ڪيان هوند هڪل،
ايڏو شهر ڀنڀور جو آءٌ تہ وڪاٽس مُل،
وينديس رهنديس ڪينڪي، ڪامَ ڪيو مون جهل،
اديون ”عبداللطيف“ چئي، ڪامل لهجانءِ ڪل.

(149)

نڪري هوند نهاريان، هاڙهي هوتن لاءِ، بلوچن لاءِ،
سسئي جي تہ سِريءَ تي، مولا مينهڙو وساءِ،
پنهل جي پيغام تي، مئي جو سرڙو مباح،
اديون ”عبداللطيف“ چئي، ريلي رت وهاءِ.

(150)

هنجهڙا نہ پسان پنهنجا، سي اڏامي ويا واهيرن تي!
موتي جن جي منهن ۾، ڏاڻ لهندا سي،
ماڳ نهاري موٽيا، پهه پيين پوئتي،
اديون ”عبداللطيف“ چئي، ساڳئي ويا سَرَ تي.

(151)

محبت وڏي آهيان مامري، نہ تہ ڪير ڪشالا ڪري،
پنهل نياڻون پاڻ سان، جتن زور ڪري،
پنهل بنا پرديس ۾، ساعت ڪين سري،
اديون "عبداللطيف" چئي، پنهون نہ ويندو پري،

(152)

رويو ويني رو، پنهل ڪان پوءِ،
ڏيندس ٻاهہ ڀنڀور کي.
ايڏي شهر ڀنڀور ۾، مئيءَ جو مِٽ نہ ڪو،
وينڙي آهيان واٽ تي، هتان هوت ويو،
اديون "عبداللطيف" چئي، سُرهو ساٿ سُئو.

(153)

تون ويهہ مَ، وير نہ لاءِ، توکي ساٿي سڏيندا ويا ساٿ جا،
ڀائر ڀاڻتيا، ساڻ نہ هلندئي، ڪم نہ ايندءِ ٻيءُ ماءُ،
ڀڪي ماني جيئن پچي، تيئن پچي پيو ساهہ،
ويهہ مَ هاري ويسلو تي، جهار ڏئي جهلڪا،
اجل ايندءِ اوچتو موت جي مهل نہ ڪا،
هڪ ٽپيءَ ۾ هيڪلو ٻندا جوڙيندءِ جاءِ،
اديون "عبداللطيف" چئي، جنت جُڙيئي جاءِ.

(154)

هت هئا جي هنجهڙا، مئي کي ويا ماري،
پکيئڙا پرڏيهہ جا، ولر ويا واري،
ويا اڏامي اوڏهين، اڱوٽي آري،
اديون "عبداللطيف" چئي، منهنجو ساهہ تنين کي ساري،

(155)

هو ويا موں هٽي، تن جي جاڙَ جڏي ڪٽي،
ساموندين سڙهہ سنباهيا، ڪوها ويام ڪٽي،
حسن مير حسين جي، پيرن آءُ پٽي،
اديون ”عبداللطيف“ چئي، ميليندو موں ڏٽي.

(156)

مان هلان تو ساڻ ميان، مان گولي تي گذاريان،
تورا توريندين ڪيترا، محبت وارا ماڻ،
جاٽي واٽي موں ڪيو، سگ پنهل تو ساڻ،
اديون ”شاهہ لطيف“ چوي، پنهل سڃاڻندو پاڻ.

(157)

ملندم شال موتي، آءُ پنهل لاءِ آهيان اداسڻ،
صدقي ڪريان يار پنهنجي تان، چوٽن پري چوٽي،
جهڙي تهڙي يار پنهنجي جي، ڪري ڪِي ڪوتي،
اديون ”شاهہ لطيف“ چئي، ملندو يار موتي.

(158)

هوت پنهون تو لاءِ، جوڳڻ ٿينديس جڳ ۾،
جيڪا منهنجي جيءُ سين، سرتين سڌ نہ ڪاءِ،
سور تہ منهنجي ساهہ جا، سانڍي تان نہ سگهاءِ،
چڙهي جبل چوٽ تي، پسڻ هوت پياءِ،
پائر هوت پنهل جا، ڪيچي ڪالهہ وياءِ،
رات رهنديس ڪينڪي، موں کي پل نہ ماءِ،
ڳجهڙي اٿم ڳالهڙي، ڪوهياري سان ڪاءِ،
ڪيڏي ڪات ڪُهي ويا، هيٺي حال هِئاءِ،
سرتيون ”شاهہ لطيف“ چئي، ٻاروچل نہ ٻئاءِ.

(159)

پنهنجا عمر اباڻا، وسئون مون ويڙهيچا نہ ڇڏيا،
پُسيون ٻڌي پاند ۾، ڪريون چوئنرن جان چاڻا،
ماڪيءَ ڪان منا پانيان، اهي ڏوئنرا ڏاڏاڻا،
هٿ ڪهاڙيون، وڍن تاريون، اڏن آڏاڻا،
ڏٿ اباڻي ڏيهہ جو اهو سگُر سچاڻا،
جڙن هن جهان ۾، منهنجا پڪا پيڪاڻا،
اديون "عبداللطيف" چئي، لتا وڪر وراڻا.

(160)

آهيان خان پنهل جي گولي،
گولي مانَ چون، ٻانهي مانَ چون.
ٻاروچاڻيون ٻاجهڙيون، ڪهڙي چال چلن،
جن ڪي پوتا پَٽ جا، گهگها ساڻ گلن،
چَتونئڙا باغن ۾ ڪهڙي لات لنون،
ڏينهان ڏورن ڏتڙا، راتيان رب گهرن،
ڪالهہ قاصائين آڻي، ٻڪر ڪوس ڪهن،
جن تي ڪاتي نہ وهي، هٿئون حبيبن،
هو جي واصل حق جا، ڪوني تان ڪُهن،
اديون "عبداللطيف" چئي، هيڏيون تا هو ڪن.

(161)

ساهڙ لهہ سنيار، آءُ مل يار، منهنجا الا،
مون ڪميڻيءَ ڪين ڪمائيو
ڪچو گهڙو ڪو ڪرم ۾، ڪونهي ڏوهہ ڪنيار،
پتڻ هوس پاند ۾، تہ پيهي منجهہ پاتار،
اديون "شاهہ لطيف" چئي، شل ملنديس ساڻ ميهار.

(162)

سر پنهل تان صدقي، شل رهجي اچي رس،
ڇُلان پيئي ڇپر ۾، ڪونهي مُئي جو وس،
آريءَ جي انن کي، چاريان چندن چس،
وندر جي وٽن ۾، ووڙي ڪيڙم وس،
الا ”عبداللطيف“ جو، اچي حال هڙو پس.

(163)

ڳهه ڪانگل ڪڏهين ايندا، ايندا جوڳيئڙا، الا!
مون وٽساميئڙا.
گيڙوءَ رتن گودڙيون، وو الا! راول رنگڙا رنگيندا،
لعل لانگوٽيا، وي ميان، لِنگ لاهوتي، درد ڦيرا ڏيندا،
مرليون سرليون، وي ميان، ناد تفيلان، وحدت سان وڄائيندا،
اديون ”شاهه لطيف“ چئي، نيئي گولي هيءَ گڏيندا.

(164)

توکي راڻا رُسڻ نہ گهرجي، نہ تہ مري ويندي سانءِ مينڌرا!
ڳاڙهو پاٽي ڪاڪِ جو، توکي پيارل پيڻ گهرجي،
پڪو پکن سامهون، توکي اوري اڏڻ گهرجي،
اديون ”شاهه لطيف“ چئي، هي گولي نيئي گڏڻ گهرجي.

(165)

آءُ وڪاڻل مُلهه، وو يار آهيان اصل خريدَ انهن جي،
سيئي دوست رسول سچي جا، پنجن مٿان جهلَ،
ڪير نچائيندو ڪير ڪڏائيندو عليءَ سندي دُل دُل،
اديون ”شاهه لطيف“ چئي، آڏو ٻجهي تي پُل.

(166)

ڪهڙي سَليان پنهنجي وائي، وو الا!
مون کي ماروئڙن جي سڪ سدائي.
قضا آنديس ڪوٽ ۾، ڪيئن ڪوهن تان چائي،
سُتڙي آهيان سيج تي، ننڊ نيڻن کي نہ آئي،
ميندي ملڪ ملير جي، مون لڳن کي لائي،
اديون "شاھ لطيف" چئي، آهيان مارن سان سائي.

(167)

اوڏڙ اوري آءُ، توکي لاکي ڪونيو
مٺيءَ پري هٽڙا، تو ڪيئن ريجهايو راءُ،
مٺي تو تان معاف ٿي، پير پلنگ تي پاءِ،
راٽيون گهٽيون پيون راج ۾، تو جهڙي نہ ڪاءِ،
اديون "عبداللطيف" چئي، سچي ساک سڻاءِ.

(168)

اڳ نہ هيم ڄاڻ، تہ کهي ڪوهيارل ويندم،
مون کي هٽي سو ويو، پري باروچل پاڻ،
چڙهي جبل چوٽ تي، پرزا ڪنديس پاڻ،
ڏاڍي ذات جتن جي، پنهل وٺي ويا ساڻ،
ناحق جِيئَڙو اڙايم، سانگين ماڻهن ساڻ،
لهي ڪين "لطيف" چئي، سڪ سلامن ساڻ.

(169)

ڏونگر ڏورڻ آئيو، ڪيچي تا ڪيچ وڃن،
وٺيو نال نہ نين.
جبل متي باهڙي، ٻاري باروچن،
جوڳين ۾ جوڳي سهڻو جنهن منهن ۾ مشعل ٻرن،
ويني آهيان، وات نهاريان، اڳڻ شال اچن،
اديون "شاھ لطيف" چئي، وچڙيا محب ملن.

(170)

اديون پينر اڄ وو يار، جادو لائي ويا جيءَ ۾
اپريو ڏينهن ڏهاڳ جو پيلو منهنجا يار، سورن سندو سڄ وو يار
پڪا پڪن سامهان، اوري آٽي اڏ، وو يار
اديون ”شاهه لطيف“ چوي، گولي پرين گڏ، وو يار

(171)

سرتيون ڏيو ڪا صلاح، باب بنديءَ جي بٽي آ بٽي،
ڪير لڪئي مان لِڪ لاهي، منهنجو نانگن سان نڪاح،
عصر اٿڻ جي جن کي گهٽي آ گهٽي،
ڪالهه ڏٺا هئم ڪاڪ ۾، گيڙن ڪيڙن ساڻ،
هئي نُوري جن جي نگاهه، وندر جن وٽي آ وٽي،
اديون ”شاهه لطيف“ چئي، موليٰ ملائج شاهه،
ملڪ ساري جو ڏٽي آ ڏٽي.

(172)

جوڳي جوان جبل جي پاسي، جادو لائي ويا، سمجهائي ويا.
تن ۾ تنبيون، من ۾ مرليون، بين بيراڳي وڄائي ويا.
گيڙو رتيون گودڙيون، ڪالهه ڪلهن ۾ پائي ويا.
اديون ”شاهه لطيف“ چئي، وڇڙيا محب ملائي ويا.

(173)

ڏنڊا دنيا جا سڀ توڙي، هٿ جوڙي،
آيو عشق ميدان ۾
ليلي خاطر مجنون ديوانو، وليون ويس وڪوڙي،
عشق اصل کان ارڏو آهي، ماس لڱن تان روڙي،
اديون ”شاهه لطيف“ چئي، هر ڪو لڪيو وينو لوڙي

(174)

جتن لاءِ ڙي ڀينر، جبل پٽي تي ووڙي،
ڏونگر پٽي تي ووڙي
ڪِلا ڪنواٽن جا، خوب خوشيءَ مان ڪوڙي،
ڏينديس باهہ ڀنڀور کي، چٽني ڪندبن ڪان چوري،
ڏينديس ماس مرن کي، ڪنڌ ڪلهن تان ڪوري،
اديون "عبداللطيف" چئي، محب ملندم توڙي.

(175)

ٻڌ ڪُوڪون قبر جون ڪَنَ سان،
دوستيءَ واري دم سان، وو يار.
پائر پائتيا ڪڙم قبيلو
نال نہ هلندءِ تو سان، ووءِ يار،
قبر انڌاري، سامي سوڙهي،
لوڙهہ لتيندءِ لتن سان، ووءِ يار،
اديون "شاهہ لطيف" چئي،
موليٰ ڍڪيندم ڍڪ سان، ووءِ يار.

(176)

ڏونگر ڏي ڪو ڏس، اوهان ڪو ڏٺو منهنجو جانب جتن سان،
ويٺي آهيان واٽ تي، گورن جهليو گس،
چڙهنديس جبل چوٽ تي، وجھ منهنجو وس،
اديون "عبداللطيف" چئي، محب ملندو آوس.

(177)

مون کي درشن يار ڪرائيندو، واڳ وطن تي واريندو،
اوکي سير سمونڊ جي، مون کي موليٰ پار اڪاريندو،
پيرو پاڪ رسول جو چشمن ساڻ چمائيندو،
اديون "شاهہ لطيف" چوي، وڇڙيا محب ملائيندو.

(178)

عشق عقل جو لڳو آهي جهيڙو ڪير نبيري ڪير، ميان،
عقل چوي ڏاريون گهوڙا هاٿي،
جن تي چڙهي ڪريون سير،
عشق چوي هلون پيرين پيادو
دم نہ ڪريون دير، ميان.
عقل چوي رکون هنڌ پٽراٽيون،
تن تي سمهي ڪيون سير،
عشق چوي هلي مڪان وسايون،
خاڪ مٿيءَ جا ڍير، ميان،
عقل چوي ٿيون حاڪم ڪرڙا،
وجهي تہ وهون وڏا وير،
عشق چوي ٿيون فقير هادي،
گهر، گهر، گهرون خير، ميان.
اديون "عبداللطيف" چوي،
سارِ انهن ڪي سَنجهِ سوير،
مرد ايندا ميدان ۾،
ان ۾ قند نہ آهي قير، ميان.

(179)

لونيءَ ڪي مَ لڄايو ڪري هوت هلڻ جي،
وسيلو ولهيءَ جو آڳانڊيو آهيو
سائين ڪارڻ سپرين، صورت ڪي مَ سِڪايو،
پرٽائي پنهونءَ ڪي، نيڪيتي نکڙايو
اديون "عبداللطيف" چئي، سجڻ ڪي ساراهيو.

(180)

وڃان پير پري، جهڙي تهڙي حال سين،
قضا جا ڪريم جي، ڪنهن تان ڪين ٽري،
جيڪي لکيو لوح قلم ۾، پاڙيان سو پڙي،
اديون "عبداللطيف" چئي، شل قادر ڪرم ڪري

(181)

آءُ آهيان جن سندي، مون کي سي نہ ڇڏيندا،
ويٺي آهيان واٽ تي، آهيان آسروندي،
پِريَنِ پڇاڻان هِتهِين،آءُ رتي تان نہ رهندي،
لطف سان ”لطيف“ جي، آءُ پرينءَ سان ملندي

(182)

رسج تون رحمان، تُرهو ڇنم تار ۾،
هن منهنجي حال تي، هَيءِ هَيءِ ڪن حيوان،
متان مون کي ڇڏئين، ٻيلي سندان ٻان،
اُتي ”عبداللطيف“ جي، سُڄڻ ڪا سلطان.

(183)

جت نہ زوراور ذات اديون،
منهنجو پنهل ونئي ويا رات، اديون.
ڇڙهنديس جبل چوٽ تي، لڳي تہ پنهل جي لات، اديون،
اُٺ تہ آريءَ جام جا، تن ۾ تنين جي تات، اديون،
جتن ملي پاڻ ۾، ڪئي تہ بلوچي ٻات، اديون،
اديون ”عبداللطيف“ چئي، پرين تہ مليا پرڀات، اديون.

سائين
جي ايم سيد
جون
تحريرون

ڀاڱو 8

پيغام لطيف

شاهه جون وايون ۽ ڪافيون

جي
ايم
سيد



جي ايم سيد اڪيڊمي
سن ضلعو ڄامشورو، سنڌ

Rs.500/-

جي ايم سيد اڪيڊمي
سن ضلعو ڄامشورو، سنڌ